# سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت

ڊاڪٽر غلام قادر سومرو

# سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت

مصنف ۽ محقق:

## ڊاڪٽر غلام قادر سومرو

ثقافت ۽ سياحت کاتو،

حڪومت سنڌ،

ڪراچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ ڪتاب حڪومت سنڌ جي هلندڙ ترقياتي رٿا تحت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٢٥٢ هين عرس جي موقعي تي شايع ڪيو ويو.

پهريون ڇاپو : ١٩٩٦ع
تعداد : هڪ هزار

ملهه : =/500 روپيا

ISBN: 969-81015-14-X

هيءُ ڪتاب عبدالحميد آخوند، سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت کاتي حڪومت سنڌ، ڪراچي، علمي پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ وٽان ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| پيش لفظ | ۵ |
| مهاڳ | ۹ |
| مقدمو | ۱۳ |
| الف | ۷۵ |
| ب | ۱۱۸ |
| ٻ | ۱۳۱ |
| ڀ | ۱۳۹ |
| ت | ۱۵۵ |
| ٿ | ۱۷۴ |
| ٽ | ۱۸۵ |
| ٺ | ۱۹۷ |
| پ | ۲۰۴ |
| ج | ۲۲۷ |
| ڄ | ۲۴۵ |
| جهہ | ۲۵۱ |
| چ | ۲٦۵ |
| ڇ | ۲۸۲ |
| ح | ۲۹۹ |
| خ | ۳۰۳ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| د | ٣٠٩ |
| ڌ | ٣٢٢ |
| ڏ | ٣٣١ |
| ڊ | ٣٥٣ |
| ڍ | ٣٥٩ |
| ذ | ٣٦٥ |
| ر | ٣٦٧ |
| ز | ٣٩٣ |
| س | ٣٩٧ |
| ش | ۴٥٩ |
| ص | ۴٦٦ |
| ض | ۴٦٩ |
| ط | ۴٧٠ |
| ظ | ۴٧٢ |
| ع | ۴٧۴ |
| غ | ۴٧٩ |
| ف | ۴٨٢ |
| ڦ | ۴٨٥ |
| ق | ٥٠٣ |
| ڪ | ٥١٠ |
| ک | ٥٧٥ |
| گ | ٥٩٩ |
| ڳ | ٦٢٦ |
| گھ | ٦۴٠ |
| ل | ٦٥۴ |
| م | ٧٠۴ |
| ن | ٧٦٦ |
| و | ٧٩٨ |
| ه | ٨۴٧ |
| ي | ٨٨٩ |
| ببليو گرافي | ٨٩٣ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

پنهنجي منٺڙيءَ امڙ
سائڻ نورُان
جي نالي
جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ لولي ڏني

ڊاڪٽر غلام قادر سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

سنڌي زبان ۾ لغت جي تياري جي تاريخ جو سلسلو اٽڪل هڪ سو ٽيهه سال اڳ، انگريزن جي دور ۾ شروع ٿيو. انگريزن سنڌي زبان جي قدامت ۽ اهميت کي محسوس ڪندي لغت نويسيءَ جهڙي مشڪل پر نهايت ضروري ڪم ۾ هٿ وڌو، ۽ حڪومت قائم ڪرڻ (١٨٤٣ع) کان تقريبا نو (٩) سال پوءِ ڪيپٽن جارج اسٽئڪ، سنه ١٨٤٩ع ۾ پهرين انگريزي، سنڌي لغات شايع ڪرائي. ساڳئي صاحب وري ١٨٥٥ع ۾، سنڌي انگريزي لغات شايع ڪرائي، جنهن ۾ سنڌيءَ جا لفظ ديو ناگري صورتخطيءَ ۾ ڏنا. سنڌ جي نامور عالم آخوند عبدالرحيم عباسي "جواهر اللغات" ترتيب ڏني، جنهن ۾ سنڌي لفظن جون معنائون فارسي زبان ۾ ڏنائين. ١٨٧٩ ۾ پادري شرٽ، مرزا صادق ۽ ديوان اُڌارام ٿنهي گڏجي سنڌي انگريزي ڊڪشنري تيار ڪري شايع ڪرائي. پرمانند ميوارام هن صديءَ جي شروعات ۾ پهرين "سنڌي - انگريزي ڊڪشنري" (١٩١٠ع) ۽ ٻي "انگريزي - سنڌي ڊڪشنري" (١٩٣٣) ۾ شايع ڪئي. سنه ١٨٨٦ع ۾ جهمٽ مل "وٿپتي ڪوش" نالي لغت ڇپارائي شايع، جنهن ۾ هن فقط اهڙن لفظن جون معنائون ڏنيون، جيڪي سڌو سنئون سنسڪرت مان نڪتل هئا. سنه ١٩٠٧ع ۾ ڀيرو مل مهرچند آڏوائيءَ "غريب اللغات" شايع ڪرائي، جيڪا "شاهه جي رسالي" جي پهرين ٽن سرن ۾ آيل ڏکين لفظن بابت هئي. شاهه جي رسالي ۾ آيل سمورن سُرن جي انوکن لفظن جون معنائون وري شمس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

العلماء مرزا قليچ بيگ ”لغات لطيفي“ ۾ سهيڙيون ۽ اِها لغات سنه ١٩١٤ع ۾ شايع ٿي. مرزا صاحب هڪ ٻي لغات ”لغات قديمي“ جي نالي سان ترتيب ڏني، جا ١٩٢٤ع ۾ پڌري ٿي.

اهي مختلف لغات ته وقتي وقتي سان شايع ٿينديون رهيون، جن جي پنهنجي افاديت ۽ اهميت آهي، پر ڪنهن به لغت جو مڪمل طور تي سنڌي زبان جي شاهوڪاريءَ تي احاطو نه آهي. ان کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ ١٩٤٠ع ۾ سنڌي ساهتيه صلاحڪار بورڊ هڪ جامع لغات مرتب ڪرائڻ جي تجويز منظور ڪئي، جيڪا به مڪمل نه ٿي سگهي. فقط سنڌي زبان جي پهرين ڇڙن اکرن تي مشتمل مسودي جي صورت ۾ ٿي رهي.

سنه ١٩٤٧ع جي ورهاڱي کان پوءِ، سنڌ ۾ علمي ادبي ۽ تحقيق تي ڪنهن حد تائين مانار رهي، تان جو سنه ١٩٥١ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي نئين سر قائم ڪئي وئي، ۽ سنڌي ادبي بورڊ ”جامع سنڌي لغات“ تيار ڪرڻ جو ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي حوالي ڪيو. جامع سنڌي لغات جو پهريون جلد سنه ١٩٦٠ع، ٻيو ١٩٨١ع ۾ ٽيون ١٩٨٤ع ۾ چوٿون ١٩٨٥ع ۽ آخري پنجون جلد ١٩٨٨ع ۾، شايع ٿيو. ان کان سواءِ ڊاڪٽر بلوچ سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان سنه ١٩٥٩ع ۾ ”سنڌي اردو لغت“ ۽ سنه ١٩٦٠ع ۾ ”اردو سنڌي لغت“ ترتيب ڏنيون، جيڪي سنڌيالاجي طرفان شايع ٿيون.

انهن کان سواءِ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي مرحوم ”تحقيق لغات سنڌي“ شايع ڪرائي. بعد ۾ هن عالم ١٩٧٨ع ۾ ساميءَ جي سلوڪن جي لغات ”سامي ڌاتو ڪوش“ ۽ ١٩٨٤ع ۾ ”سچل“ ترتيب ڏئي شايع ڪرايون. تازو سنه ١٩٩٥ع ۾ ڊاڪٽر شمس الدين تنبي ”نيو سائينٽيفڪ ڊڪشنري، انگلش ٽو سنڌي“ شايع ڪرائي آهي، جيڪو هڪ مثالي ڪارنامو آهي.

موجوده لغت، جيڪا اوهان جي هٿن ۾ آهي، اُها پنهنجي لحاظ کان منفرد آهي، جنهن ۾ سنڌي زبان ۾ رائج ”ٻٽن لفظن“ کي يڪجا

ڪيو ويو آهي. سنڌي زبان ۾ هيءَ انداز دنيا جي ٻولين جي مقابلي ۾ انوکو ۽ نرالو آهي ۽ سنڌي پنهنجي ڳالهائڻ ۾ استعمال ڪن ٿا. گفتگو جي ان نموني سان ڪنهن ڳالهه کي ادا ڪرڻ وقت ان ۾ وڌيڪ زور پيدا ٿئي ٿو.

هن لغت جو تيار ڪندڙ فاضل محقق ڊاڪٽر غلام قادر سومرو بنيادي طرح سان درس تدريس سان وابسته رهيو آهي ۽ هن لغات تي هن صاحب سالن جا سال محنت ڪئي آهي. هيءَ محنت نهايت تحسين لائق آهي، جو فاضل محقق سنڌي زبان جي هن ٽڙيل پکڙيل ذخيري کي گڏ ڪري، وڏيءَ ڏاهپ سان ترتيب ڏنو آهي. جنهن لاءِ هو صاحب جس لهڻي.

سنڌي ٻوليءَ جي بقاءِ ۽ تحفظ سنڌ سرڪار جي ترجيحات ۾ آهي. ان سلسلي ۾ ثقافت کاتو ڪيترين اهڙين تجويزن تي ڪم ڪري رهيو آهي. جنهن ۾ سنڌي زبان، ادب، تاريخ ۽ ثقافت بابت معياري ڪتاب ڇپيا پيا وڃن. سنڌي علم ۽ ادب جي ماضي، حال ۽ مستقبل بابت تحقيق جو ڪم هلندڙ آهي ۽ اِن ڏس ۾ اسان جي عوامي حڪومت علمي ۽ ادبي ادارن جي پوري طرح پرگهور لهي رهي آهي. ثقافت کاتي ٿوري عرصي ۾ نمايان ڪتاب شايع ڪيا آهن. جن کي بين الاقوامي شهرت حاصل آهي، مثال طور، شاهه جو گنج، ايڊوَرڊس جا سنڌ بابت اسڪيچ، سنڌ ٿائيل ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. منهنجي خواهش آهي ته سنڌ جا سڄاڻ اديب ۽ عالم اسان سان هن ڏس ۾ تعاون ڪن ۽ پنهنجون علمي، ادبي ۽ ثقافتي ڪاوشون اسان جي سپرد ڪن ته انهن جي اشاعت لاءِ اهتمام ڪيو وڃي. هيءَ "ٻٽن لفظن واري لغات" پڻ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جيڪا اُميد ته سنڌي ادب جي پڙهندڙن لاءِ مفيد ۽ سودمند ثابت ٿيندي.

ڪراچي

(سيد عبدالله شاهه)
وزيراعليٰ سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

سنڌي ٻڻن لفظن کي "ڀِريون" پيرو ڳنڍ ڪري، الف ـ ب وار ترتيب ڏيئي پيش ڪرڻ جي سعادت ٻانده کي اڳ ۾ ئي حاصل آهي. 1973ع ۾، ٻڻن لفظن جي "وچور"، ماهوار "رهبر ڊائجسٽ" حيدرآباد جي مختلف پرچن ۾، ڊيمي سائيز جي 30 صفحن تي مشتمل، سلسليوار 10 ڏهن قسطن ۾ شايع ٿي ۽ سنڌي ٻولي جي ڪهڻگهرن ۽ پارکن کي بيحد پسند آئي.

1973ع کان 1993ع تائين، يعني ويهارو کن سالن دوران ڪيل پورهئي کان پوءِ مٿي ذڪر ڪيل، ڀرين پيش ڪيل، الف ـ ب وار لسٽ کي، سڌاري، وڌائي، مثالن ۽ سمجهاڻين سان سنواري، وس آهر جامع بنائي، لغت جي صورت ۾ آئي پارکن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي جرئت ڪري رهيو آهيان. شل ڪائو ڪچ اڳهامجي وڃي ته پورهيو سجايو سمجهندس!

سرچشما (Sources):

هن ڪتاب ۾ وڌ ۾ وڌ سنڌي لفظن سان گڏ، سنڌيءَ ۾ مروج، ٻين ٻولين جهڙوڪ عربي، فارسي، هندي وغيره جي لفظن کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي. هن لغت جي تياري ۾ سنڌي ادبي رڪارڊ (Citation Files)، پرمانند ميوارام، انند رام، ٽي. شاهاڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، عبدالڪريم سنڌيلي جي لغات سميت، لغت جي مختلف ڪتابن، پراڻن شايع ٿيل ڪتابن، قلمي نسخن، شاهه لطيف، سچل سرمست، سامي سميت مختلف شاعرن جي شاعري تي مشتمل ڪتابن، اڪيچار رسالن، پراڻين ۽ نين اخبارن ۾ آيل مواد مان مثال چونڊي ڪنيا ويا آهن. جن جي وچور (ببليو گرافي)، ڪتاب جي پڇاڙي ۾ ڏني وئي آهي. سنڌي ٻولي جي مختلف لهجن/محاورن جهڙوڪ: اتر/ سري، وچولي، لاڙ، ڪاڇي ۽ ٿر جي محاورن ۾ ٻهاريل لوڪ ادب جي مختلف صنفن تي ٻڌل/آڌاريل، نثر توڙي نظم مان، مثالن سميت لفظن جي چونڊ ڪئي وئي آهي. اهڙي طرح لغت جي جامعيت/وسعت (Compactness) کي قائم رکڻ لاءِ علمي ڪتابن، ادب پارن، توڙي عام رواجي (Colloquial) ڳالهه ٻولهه ۾ ڪم ايندڙ لفظن، محاورن، اصطلاحن تان گهربل مثال ورتا ويا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لفظي جوڙن جي ترتيب:

هن لغات ۾، ٻٽن لفظن جي جوڙن کي، استاد محترم، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي جامع سنڌي لغات ۾ ڏنل الف بي واري تختي مطابق ترتيب ڏنو ويو آهي. جڏهن تہ ث، ڄ، ڳ، ڻ، ء تي لفظ ملي ناهن سگهيا:

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جھ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ و ھ ء ي

الف هيٺ آيل جوڙن کي الف مد آ سان شروع ڪيو ويو آهي. پهرين الف سان الف ۽ پوءِ ب ۽ ان بعد ٻين اکرن کي تختي مطابق رکيو ويو آهي.

لفظن جي اچارن کي واضح/ پڙهڻ جوڳو بنائڻ لاءِ زبر زير ۽ پيش جي نشانين سان گڏ، بيهڪ جون نشانيون ڪم آنديون ويون آهن.

هي ڪتاب پنهنجي نوعيت جو پهريون ۽ انوکو لڳي رهيو آهي جيڪو، سوين مثالن تي مبني آهي. لفظن جي جوڙن کي جدا ڪري، چنڊي ڇاڻي (Separated and Discriminated) ترتيب ڏنو ويو آهي. موضوع جي لحاظ سان، وڌ ۾ وڌ ڇاڻ ڇيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. وس آهر ڪتاب کي لغت جي اصولن مطابق، لغت جي شڪل Dictionary Format ۾ رکيو ويو آهي.

لفظن جي جوڙن جي بيهڪ (Structure) ڪجهہ هن ريت آهي. مکيہ لفظن (Head words) يعني جوڙن (Entry Pairings) کي وڏن/ صاف اکرن (Bold Type) ۾ شايع ڪيو ويو آهي. ضرورت مطابق، لفظن جي اچارن کي واضح رکڻ لاءِ اعرابن (زبر- زير- پيش) کي مناسب طرح استعمال ڪيو ويو آهي ۽ بيهڪ جي نشانين جي مدد ورتي ويئي آهي.

موضوع ۽ مضمونن (Contexts) جي مناسبت سان ٻٽن لفظن ۽ انهن جي ترتيب (Synonyms and their Collocations) تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي. گڏجي ڪم ايندڙ هم معنيٰ لفظن جي جوڙن جي مڪمل ترتيب ۽ تاليف (Exhaustive Compiling) ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي ويئي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب کي جامع بنائڻ لاءِ، انتهائي ڪارائتن اوچن ۽ چيدن (High Frequency) لفظن جو هڪ جهجهو (Adequate) تعداد ڏنل آهي جن کي مختلف مضمونن مطابق، مختلف نمونن ۾ ڪر ايندڙ مثالن ۾ سمجهايو ويو آهي تہ جيئن انهن جي صحيح استعمال جي ڄاڻ سولائي سان پئجي وڃي.

هن لغت جي استعمال جو طريقو آسان بنايو ويو آهي. هر معنيٰ لفظن جي ذخيري ۾، اسم کان علاوه فعل، صفت، ظرف وغيره کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي.

هن لغت جو مقصد، سنڌي زبان ۾ لفظن جي صحيح استعمال (Correct word usage) کي باقاعده بنائي، پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ آهي.

ڪوشش ڪري، عمدن لفظن ۽ انهن جي استعمال ۽ اظهار جي انوکن اندازن (Forms of Expression) کي مختصر ۽ جامع انداز ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

ناموزون خيالات تي آڌاريل (Ill-Informed Ideas) لفظن کان پاسو ڪيو ويو آهي، ناقص، گهٽ درجي وارن، غير معياري چٽڪن (Vulgar) ۽ ڪچن ڦڪن/ بازاري/ معيار کان ڪريل (Slang) لفظن کي شامل ناهي ڪيو ويو.

ڪتاب کي مختصر ۽ جامع بنائڻ لاءِ وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

لفظن جي جوڙن کي الف- ب وار رکيو ويو آهي.

لفظن جي جوڙن (Groupings/Couples) ۾ ڪم ايندڙ مناسب، هوبهو، بنهه ڦبندڙ ۽ ٺهڪي ايندڙ (Exactly Appropriate) لفظن/ فقرن کي هڪ ٻئي سان ملائي رکيو ويو آهي.

وڪر وارون وار ۽ ونڌيو پيو آهي. پوءِ بہ وس آهر، پنهنجي هن ميڙ چونڊ کي سوڌي سنواري پنهنجي پر ۾، لفظن جو خزانو (The Thesaurus: Treasure of Words) سمجهي، بنا ڪنهن آڏي ابتي دعويٰ جي، پارکن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي جرئت ڪري رهيو آهيان. اميد تہ ڪئين سالن دوران ڪيل منهنجي هن محبت ڀري محنت کي، پنهنجائپ واري، پياري ڀري نگاهہ سان ڏٺو ۽ پرکيو ويندو.

## سمجهاڻيون:

ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ 'لفظ' بنيادي حيثيت رکن ٿا. انهيءَ ڪري، ہٿن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظن/ نقطي جوڙن ۾ سمايل هڪجهڙائي ۽ معنيٰ ۽ مفهوم ۾ رکيل باريڪ فرق کي واضح ڪرڻ لاءِ، گرامر جي اصولن کي ذهن ۾ رکي، مثالي جملن، پهاڪن، چوڻين، پهڪڻ جي پولن، عاقلن جي قولن، برک شاعرن جي شعرن، شعر جي مصراعن، بيتن، نثر جي چونڊ ٽڪرن سميت، لوڪ ادب، اسڪير هيٺ شايع ٿيل ڪتابن ۾ آيل مواد مان مثالي جملن/ ضرب المثل (Idiomatic Phrases and Expressions) ڏنا ويا آهن. پنهنجي نوعيت جي هي پهرين ڪوشش آهي. هن لغت ۾ اٽڪل لفظي جوڙن کي شامل ڪيو ويو آهي. اڪثر لفظن جو بنياد، انهن جي فعلي صورتن جي مصدرن مان ورتو ويو آهي جيڪو هڪ آسان ۽ ڪامياب طريقو آهي.

منجهائيندڙ/ غير واضح لفظن/ فقرن (Ambiguous Terms) کي سمجهائي ڇڏڻ لاءِ ٻين ڪتابن مان حوالا (Cross- References) ورتا ويا آهن.

شال پريت جو هي پورهيو، سنڌي زبان جي ڳهٽگهرن کي پسند اچي!

**ڊاڪٽر غلام قادر سومرو**
ماڇي ڳوٺ، لطيف آباد 3، حيدرآباد
15 فيبروري 1993ع حيدرآباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مقدمو

سنڌي زبان دنيا جي قديم ترين ۽ شاهوڪار زبانن مان هڪ آهي.
سنڌي هڪ زنده ۽ ترقي ڪندڙ (Living and Growing) زبان آهي جنهن ڪي مهل ۽ موقعي جي مناسبت سان لفظن جا اڪيچار نمونا مُيسر آهن. سنڌي زبان ڪي لفظن جو وسيع ذخيرو موجود آهي. باونجاهه اکرن تي مشتمل هي زبان ايتري وسيع آهي جو ڪوبه ڏکئي ۾ ڏکيو اچار نباهي سگهي ٿي. ان ڪانسواءِ منجهس ڪيترائي ٺيٺ سنڌي اکرن تي جڙيل لفظ موجود آهن جن جو اچار (تلفظ Pronunciation) ڪابه زبان يا بلڪل ٿوريون زبانون، رڳو ڪي لفظ، مشڪل سان اچاري سگهن ٿيون. انيڪ خوبين جي حامل هي زبان پنهنجي انفراديت ۽ وسعت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

سنڌي زبان جي وسعت، لفظن جي گهڻائي ۽ انهن جي صرفي ۽ نحوي، لغوي ۽ معنوي، گهڻ پاساين اندازن تي منحصر آهي، مثال طور هڪ لفظ جون مختلف معنائون، هڪ لفظ لاءِ گهڻا سارا لفظ، "ٻتا" يعني گڏجي ڪم ايندڙ لفظ، پهاڪا، چوڻيون، ڏاهن جا قول، ڀڳتن جا ٻول انمول، عاقلاڻا نُڪتا، لفظن جون تصغيري ۽ تڪبيري صورتون وغيره. سنڌي زبان ڪي اظهار جا مختلف نمونا ۽ انوکا انداز موجود آهن جيڪي عبارت کي رسيلو، ٻوليءَ کي سَٻنڌڙو ۽ سگهندڙو (جنهن مان صدين جي ثقافت جي سگهند/ سرهاڻ اچي)، سلوڻو ۽ سپڪ بڻائين ٿا. اهي ٿي خوبيون آهن جيڪي سنڌي ٻولي کي، انگريزي زبان سميت، دنيا جي سڌريل ٻولين سان ڪُلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهڻ جو حوصلو بخشين ٿيون. سچ ته سنڌي ڀڀوڳٽي ٻولي آهي، جنهن جو ٻول ٻول، پاجهه سپاجهه سان پريل، هينئن سان هنڌائڻ ۽ ساهه سان سانڍڻ جهڙو هوندو آهي.
انهيءَ ڪري ئي اسان، سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي قديم ترين ۽ انتهائي ترقي يافته زبانن سان ڀيٽي سگهون ٿا.

## اصليت:

**ٻتا لفظ:** ٻتا معني ٻٽ (گڏ) تي ڪم ايندڙ. ٻتا لفظ هڪٻئي سان "ٻٽ" (Two together) ۾ لاڳاپيل هوندا آهن. لفظن جا اهڙا جوڙا هڪٻئي جا "جوڙيوال" هوندا آهن ۽ گڏجي ڪم ايندا آهن. اهڙا لفظ پاڻ ۾ پيچي/


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلهاڙيل/ لاڳاپيل/ ٻيل (ٻيلهه) ٻڌل، ٻيلهي (جنهن تان "ٻيل/ ٻيلهه ٻڌڻ" ۽ "ٻيل/ ٻيلهه هجڻ" جا اصطلاح مشهور آهن) هوندا آهن.

انگريزي وانگر سنڌي، دنيا جي زنده، سڌريل ۽ ترقي ڪندڙ زبان آهي جنهن کي پنهنجي وسيع ۽ جامع لغت (Lexis) آهي. سنڌي زبان کي، گوناگون مضمونن، اکيچار موضوعن ۽ اڻڳڻ عنوانن تي مشتمل اڻڳڻت الفاظن ۽ اصطلاحن، جهجهن محاورن جو بي بها خزانو موجود آهي. سنڌي زبان پنهنجي لساني (Linguistic)، نحوي بناوتن، معنوي خوبين، فصاحت ۽ بلاغت جي رعنائين سبب بنهه شاهوڪار (Rich) زبان آهي، جنهن کي الف- ب جي 52 اکرن تي مشتمل انسانن توڙي حيوانن، دنيا جي ڏيک ويک، انساني هلت چلت جي انوکن اندازن، احساسن ۽ جذبن سان لاڳاپيل لفظ، اصطلاح ۽ محاورا موجود آهن. انهن سنڌي زبان ۾، اظهار خيال جي ڀرپور رنگ ڍنگ واريون صلاحيتون پيدا ڪري ڇڏيون آهن.

انهن بي شمار لفظن/اصطلاحن مان ڪيترائي سنسڪرت (پراڪرت)، هندي، عربي، فارسي تان ورتل آهن. عربي فارسي جي ڪن اکرن کي ڪڍهوڪو سنڌي الف- ب جي تختي ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ان جو لازمي نتيجو اهو نڪتو آهي تہ عربي فارسي جا ڪيترائي لفظ، روزمره ڳالهه ٻولهه ۽ علمي ادبي تحريرن ۾ ڪم ايندا رهن ٿا ۽ استعمال ٿيندي ٿيندي، سنڌي زبان جو حصو بڻجي ويا آهن.

سنڌي زبان ۾ ساڳي معنيٰ وارا ڪيترائي لفظ معمولي معنوي فرق سميت، مختلف موضوعن مطابق، محل ۽ موقعي جي نسبت سان، مفهوم تي اثر انداز ٿيڻ ڪانسواءِ، ڪم ايندا رهن ٿا. مثال: ڳولا (ڳولڻ)- تاڪوڙ (تاڪوڙڻ)- جاڪوڙ (جاڪوڙڻ)- تپاس (تپاسڻ)- چڪاس (چڪاسڻ/ نظر ڪرڻ)- پرک (پرکڻ: سوجهڻ) وغيره.

ٻيا مثال:

ٺلهو، ڀانڊيو، سکڻو، پورو، ڪرڪٽو؛ سرس، سلالو، سنوالو، سجيهہ، وڌ، وڌيڪ.

ٻٽا لفظ: ڏلڻ رلڻ (ڏول/ ڏولو/ رولو):

ڏلي رلي وريا، ڏکيا ڪاتي ڏينهن،
نوان اچي نينهن، مارن ڪيا ملير ۾.
(شاهہ لطيف)



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## اهميت:

ﭘڙا لفظ ٻوليءَ کي رسيلو، سجيلو، سهڻو، سپڪ ۽ سوادي بنائين ٿا. ﭘڙن لفظن جي استعمال سان عبارت کي چست، دلچسپ ۽ وڻندڙ بنائي، ان ۾ رواني ۽ محاوره جي وسعت پيدا ڪري سگهجي ٿي. ﭘڙي نسبت وارن لفظن جي ڪر آڻڻ سان، اسان تقرير توڙي تحرير ۾، پنهنجي نقطہ نظر کي واضح ۽ اثرائتو بنائي سگهون ٿا.

ﭘڙا لفظ پاڻ ۾ جوڙ سجوڙ بنجي، عبارت کي روان، سوادي، سلوڻو، زوردار ۽ ٻولي کي سهڻو ۽ سپڪ بنائين ٿا. ﭘڙن لفظن جو مناسب استعمال، تقرير کي دلپذير (ساهہ سيباڻو)، ۽ تحرير کي وزندار، بامحاوره، معنيٰ خيز بنائي ٿو. اهڙن لفظن کي خيالات جي اظهار لاءِ، مهل ۽ موقعي مطابق استعمال ڪرڻو پوندو آهي. ﭘڙن لفظن جو وقتائتو ۽ مناسب استعمال ٻولي جي ڏج مَج (Glamour) کي وڌائي ٿو.

ﭘڙن لفظن جا اهڙا جوڙا، صدين کان موجوده دور تائين، تقرير ۽ تحرير ۾، استعمال ٿيندي ٿيندي، پنهنجي اهميت سبب، اصطلاحن (Idioms) جو درجو حاصل ڪري چڪا آهن.

## ڪارج:

ﭘڙا لفظ جيڪي جدا نہ ٿيندڙ جوڙا هوندا آهن سي هڪ ٻئي کي پَرُ/ ٽيڪ وٺائڻ ۽ مفهوم کي ڀرپور ۽ واضح بنائڻ ۽ عبارت کي سهڻو سجيلو بنائڻ لاءِ ڪم آندا ويندا آهن. جوڙيدار لفظن مان، ٻيون لفظ (مثال ڏک ڏوجهرا يا ڏوجهرا ڏک) ڀرين لفظ کي پر جهلائيندڙ (Supporting) هوندو آهي. ٻنهي لفظن جي ميلاپ سبب اسلوب اظهار (Mode of Expression) موثر، مفهوم واضح ۽ نقطہ نظر زوردار بنجي وڃي ٿو.

## قسم (Classification):

ﭘڙن لفظن کي مجموعي طرح ٽن قسمن/ حصن/ درجن/ نمونن ۾ هن ريت ورهائي سگهجي ٿو:

1- هم معنيٰ يا ساڳي معنيٰ وارا لفظ (Synonyms)

2- متضاد لفظ يا ورودي شبد (Antonyms)

3- زائد يا مهمل (Redundant/ Excessive)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي هم معنيٰ لفظن جا جوڙا
# SINDHI SYNONYMIC PAIRINGS

انسيڪلوپيڊيا آمريڪانا ۾ ڇاپايل آهي:

"هم معنيٰ اهڙو لفظ جنهن جي معنيٰ ٻئي لفظ جهڙي يا لڳ ڀڳ ان جي معنيٰ جهڙي هجي"(1)

اهڙا لفظ يا تہ هڪجهڙا (Analogus) هوندا آهن يا نسبت رکندڙ (Related) هوندا آهن.

انگريزي زبان جي هم معنيٰ ٻٽن لفظن جي استعمال بابت سندرا راجن لکي ٿو:

"انگريزي زبان ۾ اڪيچار ساڳي معنيٰ وارا لفظ (جي گهٽ ۾ گهٽ هڪجهڙي معنيٰ ۾ سنواريل هوندا آهن) موجود آهن. انهيءَ هوندي بہ اڪثر مترادفات (مترادف لفظن) جي معنيٰ ۾ يا تہ باريڪ فرق هوندو آهي يا تہ اهي مختلف مضمون/ عبارتن (Contexts) ۾ ڪم ايندا آهن." (2)

هم معنيٰ لفظ "مفهوم ۽ استعمال جي لحاظ سان بلڪل هڪجهڙا ۽ هم وسعت (هڪجهڙا وسيع)"(3) (Identical and Co-Extensive in Sense and Usage) هوندا آهن ۽ پاڻ ۾ ٻنهي لاڳاپيل هوندا آهن.

## بِرائن بٿمبر جي راءِ:

"انهيءَ هوندي بہ هم معنيٰ لفظن جي جوڙن کي ڪڏهن ڪڏهن (Chiming Pairs) پڻ سڏيو ويندو آهي ڇاڪاڻ تہ اهي ٻہ لفظ جيڪي پاڻ ۾ ملي جُوڙو، ٻنجن ٿا. تن ۾، گهٽ ۾ گهٽ هڪ اچار/ آواز هڪجهڙو هوندو آهي... ان جو تاثير اهو آهي تہ گڏ ڪم ايندڙ لفظن ۾ سمايل معنيٰ مستحڪم ٿي وڃي ٿي جن مان پويون لفظ، پهرئين لفظ کي پراءِ ڏيئي زوردار بڻائي ٿو. انهيءَ ڪري جوڙو پوي ٿو تہ ٻيو لفظ زائد/ وڌيڪ آهي جڏهن تہ لفظن جي زائد هجڻ وارو انداز (Redundancy) زبان جي اهم خصوصيت آهي. ان مان لفظن جي معنيٰ کي بيان ڪرڻ ۽ چٽي طرح سمجهائڻ ۾ مدد ملي ٿي ۽ زائد لفظن جو استعمال، لفظن ۾ سمايل فهم (Compre hension) جي ٻيٽي چڪاس ڪري ٿو." (4)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهوئي سبب آهي جو عوامي ميڙن (Public Meetings) ۾، تقرير ڪندڙ، پنهنجي لفظن ۾ سنواريل ڪليدي فقرن (Key Phrases) کي بار بار دهرائيندا آهن.

## تضاديات Antonomy

### مُتضاد لفظ:

اينيڪلوپيڊيا آمريڪانا مطابق: "متضاد لفظ اهڙي لفظ کي چئبو آهي جيڪو معنيٰ جي لحاظ کان ٻئي ڪنهن لفظ جي مڪمل طرح ضد ۾ هجي، اهڙي طرح جو انهن مان هڪ جيڪڏهن ڪ سان چيل (Asserted) هجي تہ ٻيو ناڪاري (Negated) مفهوم رکندو هجي."(5)

هڪ ٻي وصف موجب: "اهڙا لفظ جيڪي معنيٰ ۾ هڪٻئي جي ابتڙ هجن تن کي متضاد لفظ چئبو آهي."(6)

متضاد لفظ يا ورود پد، معنيٰ ۽ مفهوم ۾ هڪٻئي جي بنهہ ابتڙ هوندا آهن پر مختلف اندازن ۾ گڏجي ڪم ايندا آهن.

وڪٽوريا فرام ڪن/ رابر راڊ مين لکن ٿا:

"انهن لفظن کي، جيڪي معنيٰ ۾ اُبتڙ هجن، گهڻو ڪري مُتضاد لفظ چئبو آهي."(7)

برائن بٽمبر جي راءِ آهي:

"متضاد لفظ، هم معنيٰ لفظن کان وڌيڪ ڪارائتا آهن ڇاڪاڻ تہ اهي مختلف خيالن (Concepts) کي واضح ڪن ٿا يعني تہ اها ڳالهہ ڪليءَ طرح اهم آهي تہ ڪنهن لفظ کي ٻئي لفظ سان ڀيٽي سگهجي، مثال طور "گڻ" (Merit) کي ان جي ابتڙ لفظ "اوگڻ"، (Demerit) سان ڀيٽ ڏئي سگهجي ٿي."(8)

اهڙي طرح ٻنهي لفظن جي فرق کي واضح طرح سمجهي سگهجي ٿو ۽ ان مان ٻنهي متضاد لفظن جي معنيٰ/ مفهوم جي ڄاڻ جو احساس ٿي وڃي ٿو.

لفظن جي تضاديات (Oppositeness) جي مختلف صورتن (Forms) ۾ آيل لفظي جوڙن لاءِ ڪيترائي نمونا، موجود آهن. مثال طور:

1- اهڙا امدادي لفظ جن ۾ لفظن جو ڀراءُ (Complementarity) هجي يعني تضاد کي مڪمل ڪندڙ جوڙا (Complementary Pairs) مثال:

نَر (Male): مادي (Female)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ۾ مروج، انگريزي لفظن جو مثال کڻي ونجي، مثال طور چيو ويندو آهي ”ريل ڊيل“، گلاس ٻلاس“ وغيره. هنن لفظي جوڙن ۾ ڊيل ۽ ٻلاس ڪا معنيٰ نہ ٿا رکن پر پهرين لفظ کي پڙاءُ ڏيڻ لاءِ ڪم آندا وڃن ٿا. اهوئي سبب آهي جو لفظن سان ڪم ايندڙ اهڙا لفظ، چڙو پڙاء طور ڪم آيل بي معنيٰ لفظ، ٻولي کي سطحي ۽ بي مقصد بنائين ٿا. اهڙا زايد لفظ صرف ”ڪرڪٽا“ هوندا آهن جن جي ڪا معنيٰ ناهي هوندي. اها ڳالهہ پڻ آهي تہ سنڌيءَ ۾ اهڙا بي معنيٰ لفظ تمام ٿورا استعمال ٿين ٿا.

انگريزي مقبول ترين عالمي زبان World Language آهي جنهن کي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڳانڍاپي طور ڪم آندو وڃي ٿو. ڇا سنڌي زبان، انگريزي زبان وانگر عالمي بنجي نہ ٿي سگهي؟ اهو ۽ اهڙا ٻيا سوال اسان کي انهيءَ ڳالهہ تي مجبور ڪن ٿا تہ اسان، انهي حوالي سان، سنڌي زبان جي قدامت، وسعت کي پرکي ڏسون. انگريزي زبان کي اظهار جا ڪيترائي انداز آهن، مثال طور، ٻٽن لفظن جو استعمال جيڪو ٻولي کي سهڻو، ڀرپور ۽ معنيٰ خيز بنائي ٿو. انگريزي ۾ اهڙا ٻٽا لفظ لڳ ڀڳ ساڳي معنيٰ وارا هوندا آهن، جن جي وچ ۾ And (۽) ڪم آندل هوندي آهي.

سنڌي زبان کي پڻ انگريزي زبان وانگر، اظهار جا ڪيترائي انوکا انداز آهن ۽ ان کي عالمي زبان/ رابطي جي زبان Lingua Franca ٿيڻ جي اهليت موجود آهي.

سنڌي زبان ۾، مختلف اندازن سان، ٻٽن لفظن جو استعمال، انگريزي زبان جهڙو ڀرپور ۽ دنيا جي ڪيترن ئي سڌريل زبانن کان بنهہ گهڻو آهي، جنهن جو تفصيلي ذڪر ايندڙن صفحن ۾ ڪيو ويو آهي. هيٺ اسان انگريزي جا ڪي ٻٽا لفظ، نموني طور، سنڌي معنيٰ وارن لفظن سان ملائي پيش ڪري رهيا آهيون تہ جيئن اها حقيقت واضح ٿي وڃي تہ سنڌي زبان ڪيڏي نہ وسيع آهي. مثال:

| | |
|---|---|
| All And Sundry | ڏاڍِ ڏوڍ/ ڏاگ ڏوگ/ ٽٽي ٽامٽي/ ڏاڍرڏوڍر |
| Bene volent And Merciful | الله: رحمان رحيم |
| Customs And Conventions | ريتون رسمون/ رسم رواج/ چال چلت |
| Decency And Decorum | مان شان/ مان مرجات/ شرافت شائستگي |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغت ايندڙ صحفن ۾ ڏني ويئي آهي.

## مثالي ٽڪرا:

### غلام حسين قريشي

"انهي سنڌي تي اوباوڙي جي ٻي ٻني کيڙيل پوکيل ڪانہ هئي. ان سنڌي تي ٻن ڳوٺن جو ڏنگ ڏڏيل هو... نيٺ سيني مڙي سڙي ٻنيءَ تي وڃي اوپائي کي ماري ڪٽي پڇايو... ان مهل ٻنيي زميندار ڏيان ڪيو تہ هي ماڻهو ڪام ڪان ڏمرجي وڙهڻ ڪاڻ سنڌي تي تا وڃن؛ متان وڏ ويڙهہ تي پوي."(9)

### آخوند لطف الله محمد اسحاق:

"هر طرف هَل گوڙ اٿيو، رڙڻ پٽڻ جو شور متو... جانعالم سڏ ڪيو، جواب مليو تہ ڏسڻ جو وقت تمام ٿيو، هت قبر ۾ مقام ٿيو... اکين ۾ ضعف جوغبار، منهن ۾ گهنج اپار، پوڙهي کو ڪناري، ڏيک ويک ۾ بلاڪاري... هو جتان آيا هئا، اوڏانهن ماتم ڪندا، رئندا پٽيندا، منهن ۾ خاڪ دل غمناڪ، اڳيان سنڀاليندا، پنتي نهاريندا، ٻيگا اچي گهر پهتا."(10)

### پرمانند ميوارام:

"ٻنيءَ تي جڏهن آياسين، تڏهن ٻهرن هيٺان ڪتولا پئجي ويا؛ ويهي ٿڪ ڀڳاسين. پوکي چرچا تيڻ لڳا ۽ مزيدار آکاڻيون ۽ ٽوٽڪا از خود منهن ڏيئي اچي بيٺا، جن سان پاڻ وندرايوسين. چوڪرن مِتيرا پٽي چنا؛ اسان کي بہ چپو چورو ڪرايائون. پوءِ ٻاجهر جا ڏوڏا ۽ ڇهڻ اچي ويٺي، سي ڪائي خوب ڏءُ ڪياسين."(11)

### ديوان ڪوڙومل چندنمل ڪلٽاڻي:

"پٽس ٻچومل آسودو ۽ ڏن وارو واپاري ماڻهو هو، پر چٽنراءِ دنيا جي سُکن هوندي بہ نندي وهي ۾ ئي وديا ابياس ڪرڻ ۽ ساڌ سنگت جو رس چکڻ لڳو... هن جيءَ کي اکيان ڀلايو آهي جو هو اَستَ سنسارُ سَتَ ڄاڻي وينو آهي؛ ۽ ڪام ڪرود آدڪ پنجن ويرين جي وَل ڇَل ۾ ڦاسي، ٻيائي ۾ گر ئي ويو آهي.(12)



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## خانبهادر محمد صديق ميمڻ:

"جڏهن سرڪس ڪري، موتي درگاهه جي ويجهو ايندا آهن، تڏهن ٺوٺين جو وسڪارو ٿي ويندو آهي، ٺوٺنو هڪ آتشبازي جو نمونو آهي، جو جيڪڏهن ڪنهن ماٺهو ڏانهن اڇلجي ته گديون ڪپڙا سڀ ساڙي وجي پيرن ۾ وچڙي." (26)

## سيد عطا حسين شاهه موسوي:

"انساني خيالات جي سوچ جو اعليٰ نتيجو، پوليس جو واهر وسيلو، وڪيلن جو روزگار، ڪامورن ۽ نوڪرن نواز، شاگردن جو مار موچڙي کان ماسترن وٽ مددگار، گنهگارن جو ڍڪڻهار، عاشقن جو پُشت پناهه ۽ آخر ۾ هر ڪنهن جو هر بچاءُ آهي ڪوڙ!... سڀ کان ڪامياب شاعر اهو آهي جو خيالات کي سڀ کان زياده خوبصورتي ۾ مرچ مصالح ڳنڍي، ڪوڙ چوڻ سيکاري سگهي. يعني، جيسين هڪ جا ڏهه ۽ ڏهن جا ويهه نه وڌائي، تيسين نه انعام، نه اڪرام، نه ڪل، نه چرچو ۽ نه داد، نه واهه واهه .. يا الله! تون منهنجي دل کي ’ڪوڙ‘ جي دغابازيءَ کان بچاءِ! (27)

## الهه بچايو يار محمد سمون:

"ڪوهستاني: ڪنهن گهر نياٽي جائي ته نند ڦٽي. تيسين چورا ڪورا لڳي پئي هوندن، جيسين وجي نياٽي شينهن ڪلهي چڙهي" (28)

## پير علي محمد راشدي:

"مُرڪي سرڪي، تيل ڦليل ڪري، ريشمي رومال پڳن ۾ ٽنگي، وجي ڪورٽن اڳيان حاضر ٿيندا ۽ الله تعاليٰ کي حاظر ناظر ڄاڻي جو اکر پيا چوندا، سو ڪوڙ هوندو" (29)

## نجم عباسي:

"سارو ڏينهن گهر جي چوديواري اندر چند ٺوڪ، رڌ پچاءُ، ٻارن جي پَٽ ڪوهه، ۽ مڙس جي خدمت چاڪري ۾ گذريو وڃي، متي ڪنهڻ جي به فرصت ڪانه" (30)

(ب) ساڳي معنيٰ وارا لفظ جيڪي ۽/ ائين/ آئين يا آئون ("۽" جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آترادي لهجو) وغيره جي مدد سان ڳنڍي، ڪم آڻيا آهن. مثال طور: آهون ۽ دانهون، اوٽ ۽ آڊر، رنگ ۽ روپ، ڏيان ۽ گيان وغيره.

سنڌي نثر نگارن پنهنجي لکڻين ۾، "۽" وسيلي ملايل ساڳي معنيٰ/ مفهوم وارن ٻڻن لفظن جو استعمال ڪيو آهي. ڪي مثال هن ريت آهن:

## ديوان ڏيارام گدومل:

"اهي آهن دشمن جن کي مات ڪرڻ لاءِ **شريتون ۽ سمرتيون، قرآن ۽ انجيل**، سڀ ۾ گهٽ ٿيا. (31)

"راسيلاس" جو سنڌي ترجمو: ديوان نولراءِ ۽ منشي آڌارام:

"نهراءِ ڪير ته جڏهين دنيا **ڦندن ۽ ڦاهين**، ٻي **اتفاقين ۽ ناسازين، ڏکن ۽ سورن** سان پري پيئي آهي، تڏهين باقي حياتيءَ جا ڏينهڙا **صبر ۽ سانت** ۾ گذارجن." (32)

## ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي:

"جي ناز هوس ته نياز جي ٻه منجهس ڪمي ڪانه هئي. **گيرب ۽ گاءِ** جي ته بوءِ ٻه ڪانه هيس." (33)

## پيرومل مهرچند آڏواڻي:

"صبح جو سسئي ننڊ مان اٿي جان ڏسي ته نه پنهون، نه ڏير! **اوطاقون ۽ اوتارا** سڀ سُڃا ڏسي گهوڙا گهوڙا ڪري گهران نڪتي. ساهيڙين جهليس پر هيءَ قسم کنيو پيئي چئي ته:

دوست پڄاڻا دم، جا رهي سارَنَ ٿئي! (34)

## شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو:

(1) "اسان جي قسمت جي ڪوتاهي آهي جو اهڙن الماسن کان مُنهن موڙي، **فراق ۽ فوڙائي** جي ڳالهين ۾ ڦاسجي ويا آهيون ۽، **وصل ۽ ميڙائي** جي وائي وسري ويئي اٿئون" (35)

(2)"**سبزي ۽ ساوڪ، گل ۽ نزاڪت** پنهنجو مُنهن پرده خمول ۾ لڪائي رهيا هئا.... آخر اي پروردگار تنهنجي ڪرمن جا ڀنڊار ڀرپور آهن. تنهنجا خزانا **اکٽ ۽ اپار** ۽ تنهنجون مهربانيون **بيحد ۽ بي شمار** آهن." (36)


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**محمد صديق ميمڻ:**

(1) "خدا آباد جون منڊيون ۽ منڊيڻڙا تہ ڏسڻ جهڙا آهن. هالن جون گنديون ۽ نصرپور جا کيس بہ وکامندا آهن." (37)

(2) "سڄي سنسار جا سياح، سنڌ جي **سونهن ۽ سوڀيا** جي ساراهہ، نهايت **سک ۽ صداقت** سان بيان ڪندي، ايتري قدر تہ مدهوش ٿي ويندا آهن جو گويا سندن وجود جيئري ئي جنت جا جشن ملهائي رهيو آهي. تنهن هوندي بہ، هو سنڌ جي **ڪمال ۽ ڪاريگري، حرفت ۽ هنر، تهذيب ۽ تمدن، آسائش ۽ آسودگي** جي اظهار ۾ بلڪل قاصر رهجي ويندا آهن."(38)

سنڌي شاعرن مختلف اندازن ۾ پٽن لفظن جو استعمال ڪيو آهي جنهن مطابق ٻن هم معنيٰ لفظن کي "۽" سان ڳنڍي ڪم آندو ويو آهي. مثال:

**آهون ۽ داهون/ دانهون:**

چئي "منٺار" تہ سنديم صدائون،
اگهنديون الله در، آهون ۽ داهون،
مُحب جي ملڻ لاءِ مون ڪارون لک ڪيڙيون. (منٺار فقير راڄڙ)

**اوت ۽ آڏار:**

تون اڇهو اوت ۽ آڏار جو آهين سائين،
آءُ ڪنهن ڪان ڊڄان ڪوهُ؟ ذرا ويجهو اَچُ. (هري دلگير)

**پيٽيون ۽ ياڻُ (وٿاڻ/ ماڳ مڪان):**

وهيان ٿين وٿاڻ، ڏوکاهي هئان جي!
اوءِ پٽيون ۽ ياڻ، موٽي مارن اڏيا. (شاهہ)

**تڪڙ ۽ پڪڙ (تڪڙڻ ۽ پڪڙڻ):**

تڪڙ ۽ پڪڙ ۾ ڪڏهن ڪين ڪاءِ،
اهو پول دل تي لکي ڇڏ تون ياءِ. (هاسانند جادوگر : هاسل)

**توڏ ۽ تڪرار:**

تڏهن تنهن جو رهيو آهي توڏ ۽ تڪرار طالب سان،
جڏهن مِنت سَماجت ڪئي انهي ڀيٽي ڀڳي توڪي. (ميرو خان "موج")



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### سُورَ ۽ پورَ:

پورَ: خيال- سور جي شدت سبب "پور" پوندو ئي رهندو آهي، مثال:

سُورَ ۽ پورَ پٽي ائين سلهاڙيل،
پاڻ ۾ جهڙا پائر جاڙا. (عاشق هالائي)

### سياڪا ۽ سانگا: منٿون مائٽيون/ لڳ لاڳاپا، مثال:

چنا سگَ سامين، سياڪا ۽ سانگا (سيد عالم شاهه "عالم" تڪڙائي)

### سينڌ ۽ سينگار:

بادشاهن مال مستي، سان غريبن حال مست،
سونهن وارن سونهن مستي، سينڌ ۽ سينگار مست.
(پيرومل مهر چند آڏواڻي "غريب")

### شڪر ۽ شاديون:

اڄ سهسين شڪر ۽ شاديون،
ڪٿي الله ڪيون آباديون،
وڻ واهڻ وٽن ٿيون واديون،
هت پيرُ پرين اچي پايو آهه. (منٺار فقير راڄڙ)

### ۽ شرمندو:

هر ڪلمه گو، جي ڪامل - قرآن تي پوي،
ڏاڍو شڪي ۽ شرمندو شيطان تي پوي. (گل حسن گرياڻگ "شاد")

### شهد ۽ شڪر:

شهد ۽ شڪر کان شيرين ٿنهنجو هر نقطو نجيب
قنڊ ۾ آهي ڪٿي تنهنجي مقالن جهڙو ميٺ (حافظ حاجي حامد تڪڙائي)

### صبر ۽ برداشت:

حد هڪ طويل صبر ۽ برداشت جي ٽِپي،
پنهنجي اندر جي اونهي علامت جي ڳالهه ڪئي. (نجم نور قلپوٽو)

### صبر ۽ شڪر:

صبر ۽ شڪر ڪي، هٿ ڪيو مون هاڻ،
پريم! اچي هاڻ، پٽيءَ ڪي پچيج تون. (شاهه: سرسنئي آبري)


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**عيش ۽ عشرت:**

عيش ۽ عشرت ۾ اجائي عمر تنهنجي وئي عبث،
حال تي حسرت ڪري تون هاڻ پڻ هوشيار ٿي.
(سيد ميران محمد شاهه مير/ مهجور)

**فطرت ۽ طبيعت:**

هر باغ جي فطرت ۽ طبيعت تي سجاڳا
گل ڪِئين پٽيان، زخم سَجهن، خار سَجهن ٿا. (وفا" ناٿن شاهي)

**قرب ۽ قرار:**

وطن کي هِمت، خوشي مبارڪ،
نئين جنم تي هي تارَ ڏيندس،
چمن چمن کي بهار ڏيندس،
وطن کي قرب ۽ قرار ڏيندس. (رئيس ضياء الدين"ضياء" ايس- بلبل)

**ڪارڙا ۽ ڪوجهڙا (ڪارا ۽ ڪوجها):**

ڪوڙ منزل تي رسي ويا ڪارڙا ۽ ڪوجهڙا،
ڪين پرواهه تن ڪئي ڪا، عشق ٿيو تن جو امام. (عزيز جوکيو)

**ڪپي ۽ ڪوري:** کُهي ۽ چيري، مثال:

سِڪ تنهنجي سپرين، ڪپي ۽ ڪوري (شاهه : سر سهڻي)

**ڪوڙ ۽ ڪلفت:**

ڪوڙ ۽ ڪلفت جا آخرڪار ٿيندا دربدر
سچ اچي پنهنجو سنڀاليندو قلم دان عنقريب (مخدوم محمد امين فهيم)

**گاجيون ۽ گوڙيون:**

هڪ طرف گاجيون ۽ گوڙيون، ٻئي طرف ڪنوٽيون ڪنون،
مينهن ٿاٽا ڪيو ٿمن، ٻاهيون پرن چوڌس هزار.
(خليفو گل محمد "گل")

**گوڙ ۽ گهمسان:**

انسان جي اصول ڪان، انسان تي پوي
دنيا مان ختم گوڙ ۽ گهمسان تي پوي (گل حسن گرياڻگ "شاد")



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

لوف ۽ لُچا (لچ ۽ بدمعاش)، مثال:

هر معاشري ۾ لوف ۽ لُچا هوندائي آهن.

لوساٽ ۽ لُکَ: لوساٽ: لوساٽيندڙ/ ساڙيندڙ هوا - لک/ لڪَ: گرم/ ساڙيندڙ هوا/ جهولو، مثال:

هڪڙو ڪاڙهو هو ٿهر جو، ٻيو لوساٽ ۽ لکَ. (سگهڙ امید علي)

مان ۽ شان (عزت/ وڏائي)، مثال:

مدايون خطائون، مارو ڪندا معافي،
چڱايون ڀلايون ڪندا جي هؤ شافي،
منهنجو مان ۽ شان، اڳيان انهن ٿيندو. (منٺار فقير راڄڙ)

مٽ ۽ ماڻ:

پڳو مٽ ۽ ماڻ، روحل! رنگ ڏسي ڪري. (روحل فقير)

محبت ۽ اخوت:

سبق "مجذوب" تون ڀي پڙهہ محبت ۽ اخوت جو
محبت سان ٿي قائم هي جهانِ شش جهَتِ آهي.
(سيد گل حسن شاهہ "مجذوب")

محل ۽ ماڙيون: محلاتون، مثال:

جو اڏين تو محل ۽ ماڙيون،
هي جهان پنهنجو يار آهي ڪٿي. (شمس الدين بلبل)

مڏيون ۽ ماج: مال ۽ مڏيون/ گهر ۽ ملڪيت، مثال:

مڏيون مال، مڏيون ماج،
گهوريان گهوٽ اوهان تان،
سڀ مڏيون ۽ ماج. (سچل سرمست)

مستي ۽ خُمار:

زمانو خوشنما ۽ خوشگوار آيو
گلن ۾ مهڪ مستي ۽ خمار آيو
دلين ۾ عندليبن جو پيار آيو
بهار آيو بهار آيو بهار آيو. (علي محمد خالدي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نخري جو نعرو، ملن جو مونجهارو، اٽپڙهيلن جو ادارو، مرشدن جو مارو، پيرن جو پارو، ڏاڍن ۽ تعويذن جو سهارو، دغا باز دڪاندارن جو ڌاڙو، جنهنڪري بي انتها بديون ۽ بڇڙايون بہ اسان مان بيزار ٿي ڀڄنديون رهن ٿيون" (39)

گفتا لک جا، نُڪتا ڪروڙ جا، پر هھڙي عبارت لاءِ چا چئجي جنهن جو نہ منهن، نہ سر! ٺلهي لفظن جي پورت!!

"ڏيک ۽ ڏيکاءَ جو ڏارو"، "جهالت جو جهاڙو"، "بندش جو بارو"، "رسمن رواجن جو راڙو" وغيره جو استعمال، متي ڏنل تحرير ۾ آيل عبارت جي رواني ختم ڪري ڇڏي ٿو. انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ لفظن جي اهڙي استعمال کان پاسو ڪيو وڃي ڇاڪاڻ تہ لکڻ جو اهو انداز، 'تحرير' جي معيار کي بيحد متاثر ڪري ٿو ڇڏي.

ڪن سُڄاڻن جو چوڻ آهي تہ ساڳيو لفظ جيڪڏهن ٻہ دفعا گڏجي استعمال ٿئي تہ ڪم ايندڙ ٻيڻي لفظ، 'ٻنا لفظ' ٿي وڃن ٿا". بنده جو متين راءِ سان شديد اختلاف آهي. انهيءَ راءِ کي هرگز هرگز "مستند" نہ ٿو چئي سگهجي. ويچار ڪريو تہ جيڪڏهن ڪو لفظ/ فقرو، ضرورت مطابق، ٻن کان وڌيڪ يعني "ٽي" دفعا يا ڪڏهن ڪڏهن تہ چار دفعا گڏجي ڪم اچي تہ اهڙي لفظ/ فقري کي ڇا سڏڻ گهرجي. هڪ لفظ يا فقرو ٻہ دفعا يا ٻن کان وڌيڪ ڀيرا استعمال ٿئي تہ اهڙن لفظي جوڙن يا لفظن جي ميڙن (Phrases) کي کهڙو نالو ڏنو وڃي، مثال طور:

صادق آهي سڪ سچي جن، تن جا ٻيڙا پار هئا،

تن جا ٻيڙا پار هئا! (محمد صادق ٿهيم)

سنڌي شاعرن لفظن جي اهڙي ورجاڻ ۽ واڌو/ ڀرپور/ زائد انداز (REDUNDANCY) کي برقرار رکندي، ساڳئي لفظ / لفظن/ فقري/ فقرن کي مصرعن جي شروع ۾ يا وچ ۾ يا رديف طور ڪم آندو آهي. ڪي مثال پيش ڪجن ٿا:

(۱) سيٽي ۽ سِگريٽ سدائي، ڳِٽمِٽ ڳِٽمِٽ وات ۾ وائي،

يو- سي، يو-سي، مِستر مِستر، تاڪ ڏنان ڏن، تاڪ ڏنان. (شمس الدين بلبل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) ايا نڪتي تنهن جي سيلي
جاڳي سائين، ٻانهو ٻيلي
هَٿي هَٿي تي ويٺي، عيلي عيلي!
اٿو اٿو، جاڳو جاڳو،
ڊوڙو ڊوڙو، ڀاڳو ڀاڳو! ( ’سج‘ کي خطاب: شمس الدين بلبل)

(٣) دشمن ڦري تيا ڏاڙهي ڏاڙهي،
ڪڏڻ واري تاڙي تاڙي،
ڀيڙو ڀڳو هڪ ڇاڙي ڇاڙي،
آڏي واري جي ماڙي ماڙي،
سينديون ڇِپَتيون هٿ جاتار،
هاري هر تي ڳڏي زميندار. (ڀانڊي آريسر)

## الف - ب وار مثال:

### آب آب:

سنگدل آب آب ٿئي هڪدم،
آهه اهڙي ٻه ڪاڪري ڏسبي، (مخدوم محمد امين "فهيم")

### اجهي آيا اجهي آيا:

هٿا ٻانهن اصل ٻاڳي، اجهي آيا اجهي آيا (خاڪي)

### آهستہ آهستہ:

(1) محرر مان وري ٿيا پيشڪار آهسته آهسته
سيڪاريو آهي عهده ڪاربار آهسته آهسته (محمد هاشم مخلص)

(2) رقيبن تي وڏا رولا مگر بيسود سب تي ويا
”امين“جو عشق تي ويو ڪامياب آهسته آهسته (مخدوم محمد امين فهيم)

### آهي عبث آهي عبث:

ووڙڻ وفا ڪوڙن ڪنا، آهي عبث، آهي عبث. (خليفو گل محمد ”گل“)

**اک اک:** سرمو تہ سيڪا ساڳيو ٻائي پر اک اک جو ڦير آهي. (ٻهاڪو)

**الو الو:** مونکي نيندا ساڻ، ٻاروچا ٻاجهہ پئي، الو! الو. (شاهہ: سُر کوهياري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### تان تان:

(۱) تان تان جيءُ جليس، ملي جان نہ ميهار کي(شاهہ: سُر سهڻي)

(۲) تان تان تاڻج توَ ڏي، جان آگ نہ اجهاڻي (شاهہ: سُريمن ڪليان)

### تڙ تڙ:

(۱) اُنا ميہَ ملير ۾، تڙ تڙ پوءِ تنوار (شاهہ: سُر مارئي)

(۲) هوءِ هُنگارون پُونِ پُڪارون تڙ تڙ دوس تواري (شاهہ: سُر سهڻي)

### توبهہ توبهہ:

(۱) ڇڏ ٺلهو جو ٺاهيئي ٺاهہ،
"توبهہ توبهہ" ڪر تڪرار،
احمق! پڙهہ تون استغفار!. (مولوي شفيع محمد "هاتف")

(۲) تنهنجي ڪائي ريت ڦهاري آ،
منهنجي توبهہ توبهہ زاري آ. (منٺار فقير راڄڙ)

### ٿر ٿر:

ٿر ٿر اندر ٿاڪَ، عمر! ماروئڙن جا (شاهہ: سُر مارئي)

### ٿهہ ٿهہ:

(1) وڄون وسڻ آئيون، ٿهہ ٿهہ مينهن ٿمن. (شاهہ: سر سارنگ)

(2) اڪڙيون پرين لئہ، ٿهہ ٿهہ ڪيو ٿمن،
آوان اوڃاڳو نہ ڪئو. (شاهہ: سر ڪاموڏ)

(3) ٿهہ ٿهہ ڪيو نيڻ ٿمن، ٺاهيم ڳوڙهن جا لک هزار.
(مولوي نبي بخش "نحيف")

### پيچ پيچ :

دوا آهين دل جي، پيچ پيچ رهيس طبيب (شاهہ: سر سسئي آبري)

### پل پل:

(۱) پرين ! ناهہ پروا ڪيئي ڪا بہ منهنجي،
مگر سڪ سندم چاڪ پل پل ٿي چوري. (محمد صديق مسافر)

(۲) پَون پور پل پل، اندر ۾ اپر. (عبدالله لاڪو)

(۳) در اڪيان داور! سندئي، پل پل رهان پينارڙو (مير محمد عنصري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پورو پورو:

ڪنهن ۾ قيمتي موتي ۽ ڪنهن ۾ ڪوڙيون ڪوڏيون،
پورو پورو پيش سڀ سو ڪري اظهار وات. (محمدصديق مسافر)

پهه پهه:

پٽ پٽيهر پدمٽيون ڪيا پاپيهن پهه پهه. (فقير محمد ملوڪ عباسي)

پِي پِي (پريتم):

مٽيءَ موت ٿيو، پِي پِي ڪندي پنڌ ۾ (شاهه: سر معذوري)

جان جان:

(١) جان جان ناهه ضرور، تان تان طبيب ناهه ڪو (شاهه: سر يمن ڪلياڻ)
(٢) جِه ڪارڻ جوڳي ٿيا، جان جان سو نه پسن،
تان تان سنياسِن، وِرهَ وهامي راتڙي. (شاهه: سر رامڪلي)

جڳ جڳ:

جيٽا اڳي جي جيا، جَڳَ جَڳَ، سي جيين (شاهه: سر معذوري)

جنهن جنهن:

جنهن جنهن تي ڏٺو، تنهن تنهن تي چيو،
محبوبِ خدا، وه واهه بنو! (شمس الدين بلبل)

جيئن جيئن:

جيئن جيئن "مسافر" آهي پيدو توڙي جوان،
ڪي هِن ڪلام قُرب منجهان پَندگير ٿي. (محمد صديق مسافر)

چا چا:

چا ڪري چا چا ڪريان، تعريف تنهنجي اي حبيب!
جڳ اندر هوندو نه ڪوئي تنهنجو ثاني دلربا. (محمد صديق مسافر)

چلڙا چلڙا:

واڙيون ولڙا، چلڙا چلڙا، چٽڪيو پيا چٽڪن (سگهڙ لونگ)

حيف حيف:

تي وفادار سچي انسانيت،
بي وفا جي شان کي صد حيف حيف. (محمد صديق مسافر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خدا خدا:

نہ رھ رڳو پيٽ جو ٿي چاڪر، ڏيان دل جو ڪو تون ادا ڏر،
اھوجھ ايرن تي ڪا نظر ڪر، خدا جا بندا، خدا خدا ڪر. (محمد صديق مسافر)

## خوشبو خوشبو:

توجي مُرڪي نيڻ ڪنيا پوءِ،
خوشبو خوشبو رات ٿي ويندي. (ايوب کوسو)

## در در:

سي چِلوِلا چنجن جي در در لائن دوستي (شاھ: سُر بروو سنڌي)

## دم دم:

(١) ذال ذاتي ذڪر ۾، فنا ٿي في الحال،
دم دم دوس ڏمال، قائم ڪيائون قلب ۾. (مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ)
(٢) مڱي "مسافر" تو مان صداقت،
ڪجو منجھ حشر ڪا حمايت،
پڙھون سيئي دل سچيءَ سان دم دم،
صلوات توتي سلام توتي! (محمد صديق مسافر)
(٣) سبب صاد صحبت سنڌي سانگين،
دونهان درد جا دل تي دم دم دکن... (محمد عثمان ميمڻ)
(٤) دور هن دنيا جو آهي، دم دم ٻيءَ ٻيءَ طرح (علي محمد قادري)

## ڏوريان ڏوريان:

ڏوريان ڏوريان نہ لهان، تن ٻيراڳن ٻهير (شاھ: سُر رامڪلي)

## ڏھ ڏھ:

(١) ڏھ ڏھ پيرا ڏينهن ۾ پاڻ متائن گھور (شاھ: سُر رامڪلي)
(٢) ڏھ ڏھ پيرا ڏينهن ۾، ڏي ڏوراپا ڏم (شاھ: سُر سهڻي)

## رڙي رڙي:

راتيون ويهي وهايم، روئي رڙي رڙي. (سيد حاجي محمد حافظ شاھ تکڙائي)

## رولي رولي:

ريت رسم تن رولي رولي،
چٽنگ ٻري منجھ چولي چولي. (پانڌي آريسر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سَنڌ سَنڌ:**

اڃا سِر جيس تہ سورن ساڻ مُنهنجي سينڌ ٿي سرتيون،
سندم سَنڌ سَنڌ کي ساڙيندا ساماٽي، ڪٿي قسمت! (محمدخان غني)

**سهٽو سهٽو:**

صبح ويلو آ اربيلو،
سهٽو سهٽو، سهج سويلو. (شمس الدين بلبل)

**سيٽين سيٽين:**

هوءِ نہ نينم پاڻ سين، آءُ جا ويندڙي سيٽين سيٽين،
ڪالهانڪون لڪن ۾ (شاهہ: سر ڏهر)

**شاد شاد:**

درد و غم، رنج و الم ٿين دور، دل ٿئي شاد شاد (علي محمد قادري)

**صدقي صدقي:**

(1) معراج هليو، سرتاج نبي، ڪري ويس وِڳا، وه واهہ بنو!
جِبريل تو صدقي صدقي ٿِئي، اڄ صلي عليٰ، وه واهہ بنو! (شمس الدين بلبل)
(2) ڪندا پاڻ پتنگ جيئن، سي صدقي صدقي ساهہ (جلال ڪٽي)

**طرحين طرحين:**

ڪروڙين خلق خلقيئي سڀ نباتي، معدني ذي روح،
جوڙيئي طرحين طرحين شهر سامان يا الله. (محمد صديق مسافر)

**عجب عجب:**

گونگو جي ڳڙ چٽي تہ ڏسي ڪينيڪي ذرو،
عاشق تي بار اِن پرَ باري عجب عجب. (محمد صديق مسافر)

**فَر فَر:**

تو اُڏاميو تون رهين هر هنڌ بي پر پٽسا!
ري ڪنبين ڪيئن وجين تڪڙو ڪري فر فر پٽسا. (محمد صديق مسافر)

**ڪاڪا:**

هلندي ڳولڻ هوت کي، ڪوڙين ۾ ڪاڪا (ڪرم شاهہ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪٽيون ڪٽيون:**

ڏاڙهي مُڇون ڪٽيون ڪٽيون،
واڍٿيون تن ويهي وٽيون وٽيون. (پانڌي آريسر)

**ڪَڏه ڪڏه: (ڪڏهن ڪڏهن):**

ڪڏه ڪڏه جيڏيون! ڪو پَهه اچيو پوءِ،
سَڻُ پڻ ساڙو هوءِ، هيءَ جو ساهه سرير ۾. (شاهه: سُر حسيني)

**ڪهڙا ڪهڙا:**

(١) ڪيا ڪارناما اسان ڪهڙا ڪهڙا،
ڪيا تن جا يارو بيان ڪهڙا ڪهڙا. (مير عبدالحسين خان سانگي)
(٢) چيم تي لکان حال سڀ دل جي رت سان،
چيم دل ڪي تہ وهندا قلم ڪهڙا ڪهڙا. (محمد صديق مسافر)

**ڪهڙو ڪهڙو:**

ڪري تپاس تون ڏس تن ۾ جڳ چڏڻ ڪان پوءِ،
وڪر وهايل ڪم ڪهڙو ڪهڙو ايندو نيٺ. (محمد صديق مسافر)

**ڪِٽ ڪِٽ:**

نہ دنيا جي ڪِٽ ڪِٽ نہ عقبيٰ جو ڏَرُ،
سڌوئي سڌو ڪول دوزخ جو دَرُ. (شمس الدين بلبل)

**ڪوڙي ڪوڙي:**

ڪجليون ڪٽاريون ڪيفن واريون،
ڪيئي لڳيم ڪوڙي ڪوڙي. (منٺار فقير راجڙ)

**ڪيڙي ڪيڙي:**

ڪيڙي ڪيڙي ڪندَ، ماءِ! ساموندي آئيا. (شاهه: سُر ساموندي)

**گل گل:**

(١) گَل گَل پسي گودڙيا! گهٽا مَ پانئِيج،
سوئي سُجاڻيج، هيُ هو آهي هيڪڙو. (شاهه: سر رامڪلي)
(٢) بهار آيو ٿيو گلزار گل گل،
ٿيو هر گل جي ڪان هيڪار هل هل. (هدايت علي نجفي "تارڪ")



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ٻيپ ٻيپ:**

ٿو مسافر ڪري دلئون ٿوٿان،
جان قربان جسم کي ٻيپ ٻيپ. (محمد صديق مسافر)

**گهر گهر:**

گهر گهر ڳِلا جا وهي، پاڙي پنڌ پچار (شاهه: سُر سهڻي)

**گهڙي گهڙي:**

سؤ سؤ سالن کان ٻه سرس ٿي گذري گهڙي گهڙي (محمد حافظ شاه تکڙائي)

**لَـنو لَـنو:**

لام لڳي لَـنو لَـنو لوري،
جهانگين جي آجيءَ ٻر جهوري... (نوح پنوهر)

**لئن لئن:**

(1) لئن لئن منجهه لطيف چئي،
ڪر تـنـيـن جـي تـات. (شاهه: سُر رامڪلي)
(2) لئن لئن اندر منجهه لغار،
ڏاڍي مولي جي سرڪار. (محمد علي "طالب")

**لهي لهي:**

ڪل يار بنا ڪير لهي لهي (حاجي خاڻ چنجڻي)

**مُٺ مُٺ:**

مُٺ مُٺ سورن سيڪنهين، مون سان ورهه جو واڙو (حسين بخش خادم)

**وار وار:**

منهن جو تہ وار وار ٿو هر هر دعا ڪري،
ڪوسو لڳي نہ واءُ سڄڻ کي خدا ڪري. (مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ)

**واڪيو واڪيو:**

واڪيو واڪيو وِڪ، پاٻوهيو پير ڪٽي (شاهه: سُر حسيني)

**واويلا واويلا:**

واويلا! واويلا! ملڪن ڪئو رڻ ماتام،
هيءُ! هيءُ! شـاهه حسين سِڏاريو. (شاهه: سُر ڪيڏارو)



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

### توڙي/ توڻي:

1- "ڪمي توڙي ڪاسبي، محرر توڙي مُنيب، جج توڙي وڪيل، ماستر توڙي شاگرد، سڀني کي ڪجهه نـه ڪجهه وقت فرصت جو ملي ٿي ملي ٿـو... مطلب تـه فرصت جو وقت هڪ نـه ٻئي وندر ۾ گذارڻ ۾ ئي سچو پچو آرام سمايل آهي" (41) (جمناداس - و- سڏاڻي: واندڪائي جو وقت)

2- توڻي ڏُکي توڻي ڏوڙي.

### ۾:

هيڙا! ڪپُ ۾َ ڪجَ سگها ملندءِ سپرين! (شاهه: سر سارنگ)

### نـه:

### پوربو نـه ڪارهيو:

نـه پوربو نـه ڪارهيو، ٿا ڪن بيخبر،
پنن ءِ سِنڌ تي ڪشن ٿا ڪمـر. (شمس الدين بلبل)

### پيرُ نـه پايو:

وو آءُ اٿسونهي، پنڌ اٿانگو الو الو،
جتي پير لڳي نـه پايو، ڏاڍهن ڏيرن جو ڏونگر ۾. (منٺار فقير راڄڙ)

### جوڙ نـه جيس:

حُسين رضہ جو شان ڪَيئہ ڪيڏو،
جنهنجو جوڙ نـه جيس پيو جيڏو،
وري حڪم ڪرايئہ متس هيڏو،
ڪربلا ۾ قيامت ڪاري آ. (منٺار فقير راڄڙ)

### درمان نـه دارون:

ويا درد ڪنهن جي ۾ هي حال ٿي پر،
ڪيو درد جو ڪو درمان نـه دارون. (اڪبر ساگر)

### ڌن نـه دولت:

سون چاندي ڌن نـه دولت ٿي کپي،
چا جوان تنهنجي عنايت ٿي کپي. (ارباب علي "عادل" چوهاڻ)



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڊپ نہ ڏاءُ:

(۱) اوني جو عنات چئي توکي ڊپ نہ ڏاءُ. (ميون شاهہ عنات رضوي)

(۲) ڪَرهو سَرهو ڏيهہ ۾، تهين ڊپ نہ ڏاءُ

ڪي جو ڪاڪ تـڙاءُ. (ميون شاهہ عنات رضوي:سُرمومل راڻو)

ڦندُ نہ ڦير:

(۱) الانسان سري وا انا سره جنهن منجهہ ڦند نہ ڦير. (مختار فقير راڄڙ)

(۲) تہ رب مڙيوئي هيڪڙو، جنهن ۾ ڦند نہ ڦير . (روحل فقير)

گيرب نہ گاءُ:

اِت آهي عِجز سيڪنهن کي،

نہ ڪو گيرب نہ گاءُ. (شاهہ لطف الله قادري)

وس نہ واهہ:

نفريءَ وَس نہ واهہ ڪا، هر قبلي، هر بار. (نانڪ يوسف)

وهم نہ ويچار:

دنيا جي دهشت جو وهم نہ ڪر ويچار. (نانڪ يوسف)

نہ- نہ:

نہ جهار نہ جهرڪي:

نہ پرائي جهار نہ پرائي جهرڪي. (ڪو واسطو نہ هَجڻ)

نہ سُڌ نہ سار:

نہ مون سڌ نہ سار، اچي عشق اُتاريم اوچتو. (روحل فقير)

نہ ٻڳائي نہ وائي :(ٻڳائڻ: سُر سان ٻڌائڻ/ وائڻ: چوڻ/ ٻڌائڻ):

نہ ٻڳائي نہ وائي، اديون آريجن جي. (شاهہ: سُرڪوهياري)

نہ ڪڙ نہ تيل: (ڪوبہ نتيجو نہ نڪرڻ):

”هڪ ڏاهي جو چوڻ آهي تہ سڄيءَ دنيا ۾ جيڪي گفتار هلي ٿي، تنهن جي وڏي پتي پرائي پچر ۾ ضايع ٿئي ٿي، جنهن مان نہ نڪري ڪڙ نہ تيل، نہ هڙ نہ حاصل“ (ليلارام پريمچند واڌواڻي: پرائي پچر) (42)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) متضاد لفظن جا جوڙا جن ۾، ابتڙ معنيٰ وارا لفظ گڏجي ڪم اچن ٿا، مثال:
اڱيـاڙي پـڇاڙي، جرتـر، ذات ڪذات، ڏک سک، ڳڻ ونـت ڳـڻ چور، سُپرين ڪُپرين، ويري واهرو وغيره. متضاد گڏجي ڪم ايندڙ لفظ نثر توڙي نظم ۾ ڪم آندا ويندا آهن.

## آشنا- ناآشنا/ آشنائي- ناآشنائي:

(١) واقف نـه آهي" فـيض" جي رتبي ڪـان فـيض خود،
افـسوس آشـنا رهـي نـاآشـنا رهـيو. (فيض بخشاپوري)
(٢) طريقا طور دنيا جا بدلبا رهن ٿا اڪثر،
گهـٽـن وٽ تـو ڏسـان نـاآشنائي آشـنائي ۾. (طالب المولیٰ)

## آهي - ناهي:

"گوهر" هتِ جو آهي آهي
نيٺ سو ٿيندو ناهي ناهي. (گوهر حسين آبادي)

## اُبتا - سُبتا:

اُبتا سُبتا آهن ماڻهو،
کهڙا کهڙا آهن ماڻهو. (نثار بزمي)

## ادل - بـدل:

سکن سورن پاڻ ۾ ڪيو عيوض ادل بدل سين (منٺار فقير راڄڙ)

## اهنجون - سهنجون/ اهنجيون- سهنجيون:

معاف مدايون ميريون منهنجون،
سچوءَ ڪيون اُهي اهنجيون سنهنجيون. (نانڪ يوسف)
پير نـہ ڏين پٽ تي، هو ريشم تي ٻہ رکن،
ٻوڙ پلاءُ ۽ ٻڪرا، هو ڪاڄ سندو خاصن. (سگهڙ رستم رند)
جان جيئن تان جَل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تـتي ٿڌي هل، ڪانهي ويل وهـڻ جي. (شـاهه)

## جر- ٿـر :

(جر: جل: پاڻي- ٿر: ٿل: واري، ريگستان)
جر ٿر ٽک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي (شاهه: سُر سهڻي)


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## ڪوڙا - سچا :

قيامت ۾ ڪوڙا سچا ڪُل عيان،
خدا جي اڳيان نيٺ ٿيندا عيان. (مولانا ثناءالله ثنائي)

## ڪوڙو - ڪرو / ڪوڙي - ڪري :

١- جيڪس هُيس ميري مندي، ويڙا ڇڏي بيڪس بندي
ڪوڙي ڪري سائين سندي (آخوند صاحب ڏنو)

٢- تنهنجي باب جي بيشڪ بندي، آهيان توڙي ميري مندي
ڪوڙي ڪري سائڻ سندي، ٻانهي ٻڌل، ٻَڌن ٻَڌيل (پيرِرشدالله شاھ)

## ٻجهي - ٻڌري:

ٻجهي ٻڌري ٻالهڙي ، مولِيٰ معلوما (مخدوم غلام محمد ٻگائي)

## نفعو - نقصان :

هن جهان منجھ هميشه دل جو ڏيان سُجاڻجي،
پنهنجي زبان جو ذرو، نفعو نقصان سُجاڻجي. (منٺارفقير راڄڙ)

## ننڍا - وڏا:

ننڍا وڏا هلندا، راڻا رتيءَ ريھ. (صديق فقير "صادق" سومرو)

## نيڪ - بد :

ڪا ڪمائي ڪر هِتي، هُت آهي عملن جي پڇا،
نيڪ بد آهي اصل روز- جزا جي واسطي. (شمس العلماءمرزا قليچ بيگ)

## وحدت - ڪثرت: ڪثرت - وحدت:

وحد تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو ٻوليءَ ٻئي م ڀل. (شاھ)

(ت) اهڙا متضاد ۽ هم معنيٰ لفظ جيڪي "۽" / "آئون" / "ايئن" / "آئين" وغيره جي ڳانڍاپي سان ڪم اچن ٿا. مثال:

(الف) اڳياڙي ۽ پڇاڙي، پنهنجو ۽ پرائو، ننڍو ۽ وڏو وغيره.

(ب) سک ۽ سهنج، روج ۽ راڙو، مان ۽ شان وغيره.

سنڌي نثر نگارن، مٿي ذڪر ڪيل انداز ۾ ٻنا لفظ استعمال ڪيا آهن.

مثال:

## ڳوليان ۽ ڳنڊيان:

ڳوليان ۽ ڳنڊيان، ڏيا ويراڳي نڪري (شاهه: سُر رامڪلي)

(ت) عربي ۽ فارسي زبانن جا ڪيترائي ٻـنا هـر معنيٰ ۽ متضـاد لفظ هوبهو، پنهنجي اصلي معنيٰ ۽ مفهوم ۾، جوڙن جي صورت ۾ ڪم آڻن ٿا جن جي وچ ۾ واو عطف (و) استعمال ٿيل هوندو آهي، مثال:

(1) آبا واجداد (آبا – و– اجداد: اُچارُ: آباو اجداد)، امن و امـان: اُچار: (امنـو امان)؛ باد و باران (اُچار: بادو باران)؛ دل و دماغ: (اُچار دلو دماغ) وغيره. ٻنهي لفظن مان پهرين لفظ جي پوئين اکر کي ٻئي لفظ سان ملائي پڙهبو/ اچاربو، جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي.

(2) امـير و غريـب (اُچار: امـيرو غريـب)؛ بهـار و خزان (اُچار: بهـارو خزان)؛ نشيب و فراز (اُچار: نشيبوفراز) وغيره. اهڙن جوڙيوال لفظن جو استعمال سنڌي نثر ۾ تمام گهٽ ٿيندو آهي. البت عروضي شاعرن (علم عروض مطابق شاعري ڪندڙ شاعرن) تہ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

## صنايع ۽ بدايع :

سنڌ ۾ مغلن، ترخانن، ارغونن کـان وٺي ڪلهـوڙن ۽ ميـرن جي دور حڪومت ۾، سنڌي زبان فارسي جو وڏ ۾ وڏ اثر قبول ڪري ورتو. حاڪمن طرفان، فارسي زبان جي سرپرستي سبب، فارسي زبان "فارسي گهورِ چاڙهسي" جو رتبو ماڻي ورتو. مڪتبن ۽ مدرسن ۾، عربي سان گڏ فارسي پڻ پڙهائي ويندي هئي. انهي ڪري فارسي جو گهڻو ئي اثر سنڌي ٻوليءَ تي پيو. سنڌي اديبن ان مان پورو پورو فائدو ورتو. سنڌي نثر ۾ رنگين عبارت جو رواج پيو ۽ سنڌي شاعري ۾ عربي سان گڏ، فارسي زبان جا لفظ، مرڪب لفظ، اصطلاح ۽ محاورا ۽ ضايع بدايع لازمي طرح استعمال ٿيڻ لڳا.

گرامر مطابق، "صنايع" جمع آهي لفظ صنعت جو جڏهن تہ "بدايع" لفظ بديعت جو جمع آهي. انهن کي انگريزي ۾ FIGURES OF SPEECH چيـو ويجي ٿو. "نئون فارسي گرامر" مطابق "صنايع، صنعت جو جمع. صنعت: هنر. بديعت: نئون؛ عجيب: اڻلڀ ۽ عجيب هنر جون لڪيون." (46)

صنايع (FIGURES) ٻن قسمن ۾ ورهايل آهن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1- صنايع لفظي: FIGURES OF WORDS

2- صنايع معنوي: FIGURES OF THOUGHT

لفظي صنعتن مان هڪ صنعت، مراعات النظير (ANALOGY) آهي جنهن کي، مختلف صنعتن سان گڏ، عربي ۽ فارسي وانگر، سنڌي زبان ۾ پڻ وڏ ۾ وڏ استعمال ڪيو ويو آهي. هي اها صنعت آهي جنهن کي شاعر، پنهنجي شاعري ۾ ڪم آڻيندي، لفظن کي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل رکي ٿو ۽ انهن کي لاڳاپو ڏيکاريندڙ لفظن طور ڪم آڻي ٿو. اهڙن لفظن کي واو ("و") عطف (لفظن کي گنڍيندڙ واو: و) جي مدد سان استعمال ڪيو ويندو آهي. سنڌي شاعرن خاص ڪري، "و" عطف جو، ڀرپور استعمال ڪيو آهي.

انهيء کان علاوه، مرڪب اسمن (COMPOUND NOUNS) جو استعمال پڻ ملي ٿو جنهن ۾ لفظن کي هن طرح جوڙيو ويندو:

(الف) ساڳي معنيٰ وارن ٻن اسمن جي وچ ۾ "و" ملائڻ سان، مثال:

زيب و زينت؛ جدوجهد؛ قد و قامت وغيره.

(ب) جدا جدا معنيٰ وارن ٻن اسمن کي"و"سان گڏي ٺاهڻ سان، مثال:

آب و هوا؛ رد و عمل؛ علم و فن وغيره. مرڪب ترڪيبي اسم (COMPOUND VERBAL NOUNS) ٺاهڻ لاءِ:

(الف) ٻن فعلن جي "امر" کي "و" ذريعي ڳنڍيو ويندو آهي. مثال:

خورد و پوش: کاڌو پيتو ۽ پهر پوشاڪ / لٽو ڪپڙو. خورد و خواب: کاڌو ۽ ننڊ/ آرام.

(ب) مصدر جي زمان ماضي واحد غائب کي ساڳي مصدر جي "امر" ملائڻ سان. مثال:

جست و جُو: (جستجو: ڳولا)

گفت و گو: (گفتگو: ڳالهه ٻولهه)

واو عطف جي مدد سان ملايل لفظن مان هڪ کي "معطوف" يعني حرف عطف، کان پوءِ ايندڙ لفظ ۽ "معطوف عليه" يعني حرف عطف کان اڳ ۾ ايندڙ لفظ چئبو آهي.

(ٿ) عربي فارسي شاعرن وانگر، سنڌي ۾ عروضي شاعري تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**پند و نصيحت:**

پيري و شيخي، بزرگي جو رڪن سامان ڪونہ،
برسر - مِنبر وٽن پند و نصيحت ڪين آهہ. (هدايت علي نجفي تارڪ)

**جان و مال:**

نہ آهي وقت هي غافل سمهڻ جو،
أتي قربان جان و مال زر ڪر. (غلام احمد نظامي)

**جور و جفا:**

اسان ڪان پُڇ تہ أهي لطف ڪهڙو يار هٿ ڪُسجڻ،
اگر هو مائل - جورو جفا ٿي پيو تہ ڄا ٿي پيو. (سرشار عقيلي)

**جوش و خروش:**

تيز تر رفتار تنهن جي، مستقل جوش و خروش
تنهنجي ميدان - عمل ۾ آهہ سبقت نوجوان (حافظ محمد "احسن")

**حرص و هوا:**

جي گهَرين آرام جڳ ۾ وهم دل جا سڀ وسار
دوست دشمن ڄاڻ هڪ حرص و هوا کان من کي مار
تا رڪئي صاحب ستاري.(شمس العلماء، مرزا قليچ بيگ)

**حرص و هوس:**

خرمن جلي وڃي سڄي حرص و هوس سندي،
جا آهہ نڪري ان کي تون برق و شرار ڏي. (محمد بخش "واصف)

**حسرت و ارمان:**

روءِ تابان کي ڏسي، زلفِ پريشان کي ڏسي،
حسرت و ارمان ۾ هيجان پيدا ٿو ٿئي. (سليم ڳاڙهوي)

**خار و خس:**

تا قيامت شل رهي آباد هي پنهنجو چمن،
خار و خس کي راهہ مان هڪدم هٽائيندا هلو. (برڪت علي آزاد)

**خندان و خوش خرم:**

دعا "انجم" ڪري توکي تو هردم صدق دل جي سان
هُجين خندان و خوش خرم، سدا خوشتر، خدا حافظ. (انجم هالائي)



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

دارو رسن:

برباد ڪيو دل کي قد و زلف جي سودا،
نادان جو ڪم نيٺ پيو دارو رسن ۾. (محمد خان غني)

دين و دنيا:

ڀلا دين و دنيا جي عزت ڪمائن،
ڏِلا دهر عقبيٰ جي ذلت ڪمائن. (مولانا الهه بخش ابوجهو)

ذڪر و بيان:

اي هر زبان، زبان تي ذڪر و بيان رهي،
قائم هميشه سنڌ ۾ سنڌي زبان رهي. (فيض بخشا پوري)

ذليل و خوار:

ڪري عملن جي شامت آ، اُجڙ ٿي ويو وطن سارو،
ذليل و خوار ٿيو آهي، جو ٿيو آهي عمل ڪارو. (قاضي عبدالحئي "قائل" ابڙ سنڌي)

راز و نياز:

هيءَ مهانگائي مصيبت هر طرف،
زهر جا خوراڪ سان راز و نياز،
ڪيئن چئون ڪاڏي وڃون ڪنهن کي چئون،
موت ڪيو آ زندگي سان ساز باز. (زيب عاقلي)

رحمان و رحيم:

هميشه جنهن جي رحمت جو سهارو آهه ٻانهي کي،
گنهگارن تي ٻاجهارو رحمان و رحيم آهي. (عبدالڪريم گدائي)

رسم و رواج:

"سيوهڻ ۾ تعزين جي رسم و راج، محرم الحرام جي ڏينهن عام آهي"
(محبوب علي چنه: " فردوس" جنوري - 1957ع)

رنج و محن:

(١) مونکي پنهنجو نه ڪڏهن رنج و محن ياد آيو،
چو ته دلدار سدا خنده دهن ياد آيو. (نواز علي "نياز" جعفري)



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(۲) هڪ طرف گرمي جي موسم ۾ نہ ڪجھ رنج و محن،
ٻي طرف جھولا، لڪون ۽ ٿيو سڄو ننگو بدن. (حافظ محمد "احسن")

زاغ و زغن:

زاغ و زغن جي نذر ٿيو آستان - گل،
اي هر نفس نہ ڇيڙ وري داستان - گل. (اسحاق راهي)

زهد و عبادت:

رڳو ڏيکاء جي ايندي نہ ڪا زهد و عبادت ڪم
موالي ويا رَسي منزل تي مولانا وري آيا. (ايوب عادل)

سرفراز و ڪامياب:

سر زمين مسرور سراسر سرفراز و ڪامياب
سونهن ڀريا ساهہ سَپر، سامان سڀ ويا خاڪ ٿي. (حاجي احمد ملاح)

سيم و زر:

نئون ڪو بتڪده دل ۾ سَجهي ٿو،
خيال ترڪ - سيم و زر نہ آيو. (شاهنواز شاد سومرو)

شور و شر:

(1) انهيءَ مان سڀ فساد آهن انهيءَ مان شور و شر آهہ
چون ٿا جنهن کي ماڻهو زر، ساڃهيڙي جو سدا گهر آهہ (شمس العلماء مرزا قليچ بيگ)

(2) عمل جو وقت آهي اُٿ عمل ڪر،
اجايو ڪين خالي شور و شر ڪر. (غلام احمد نظامي)

شهد و شڪر:

شهد و شڪر کان مِٺو ذڪر رسول عربي،
خود خدا جي ٻہ زبان تي ٿو رهي نام نبي. (حافظ خير محمد اوحدي)

شريڪ و مثل:

تنهن جو شريڪ و مِثل ڪٿي يا خدا نہ آهہ،
ڪونين جو خدا ڪوئي توکان سوا نہ آهہ. (حافظ محمد عبدالله "بسمل")



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبر و رضا:

گهر لٽائيءِ سِر ڏيئي زور ظلمت جو ڇنئي،
ڪينڪي هرگز ڇڏيئي، صبر و رضا - مرحبا، صد مرحبا (احمد خان مدهوش)

صدق و صفا:

ڪيئن ٿئي ادا زبان سان رسول خدا جو شان
ڪيڏو چوان مان صاحب - صدق و صفا جو شان (شعبان بخت)

ضعيف و زار:

ڪر تنزل مان ترقي اوج تي رب تون رساءِ،
تو سِوا ناهي ڪنڌي، مسلم ضعيف و زار جي. (محمد هاشم مخلص)

ظلم و ستم:

ڏاڍ وارن جا ٿئي پيا ڏاڍ سڀ،
دور ٿي ويو مُلڪ مان ظلم و ستم،
شانَ مرسل مير جو سڀ کان اُتم، (حافظ "بلال" بروهي)

عزت و عظمت:

ڪيڏي تہ اعليٰ آهہ لياقت لطيف جي،
هر دل ۾ آهہ عزت و عظمت لطيف جي. (حنيف نسيم ڪشموري)

عشق و محبت:

مخدومي ۽ پيريءَ ڪي مون ترڪ ڪيو تهدل،
هي عشق و محبت ۾ ٻئي بار نظر آيا. (مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ)

عقل و خرد:

خاڪ ۾ ساري تڪبر ڪي ملائي ٿو ڇڏي،
موت ٿي عقل و خرد سڀ جو ڀلائي ٿو ڇڏي، (پر سرام ضياء)

عيش و عشرت:

پيرسن پنهنجي پراڻي رسم تي قائم رهيا.
نوجوانن فرض سمجهيو عيش و عشرت جو نباهہ (غلام احمد نظامي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**غم و اوندھ:**

جوش همدردي عجب ھڪ گوھر ناياب آھ،
دستگيري بيڪسان مردانگي جو باب آھ،
جو غريبن جي غم و اوندھ ۾ بي تاب آھ،
درد ۾ پائن سندي چڻ ماهي بي آب آھ،
سو زماني ۾ دلاور، با مروت مرد آھ (شيخ محمد ابراهيم خليل)

**غم و حرمان:**

روئي گذاريم عيد جي هاءِ تمام رات،
ڪاڏو مون اي خدا غم و حرمان بروز عيد. (فيض بخشاپوري)

**غيض و غضب:**

هي يار جو گهر آ دل او سائين،
هت غيض و غضب کي دور رکو،
اُن دل جي گهر ۾ ڪوڙ ڪپت کي،
آئي رهائڻ جا معني؟ (علي اڪبر "اسير" قريشي)

**فتنہ و شرر:**

هي چند روز جو چٽڪو ٿيو، ٿيو نہ ٿيو،
غرض جي ياري فقط، فتنہ و شرر اخلاص (شمس الدين "بلبل")

**فخر و ناز:**

اُت تون ميدان عمل ۾ سر بَڪف تيار ٿي،
خنجر و تلوار تي ٿي تنهن جو فخر و ناز آھ. (الھ بچايو "وفا" هالائي)

**فضل و ڪرم:**

بيشڪ ڀلارو ماه آ آيو وري رمضان جو،
تنهنجي مٿان آهي ٿيو فضل و ڪرم رحمان جو. (حاجي عبدالله واقف ٺارو شاهي)

**قلب و جگر:**

ٽڪرا ٽڪرا هِن ڪري مان پيو ڪريان قلب و جگر،
زلف جي جو آھ هر حلقي ڪي ٿي دل جي تلاش (ليکراج ڪشنچند عزيز)


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## مال و دولت:

اي وطن! اي جان - من! اي غيرت - هفت آسمان
تو تان صدقي مال و دولت، تو تان قربان جسم و جان. (مخدوم محمد امين "فهيم")

## مدح و ثنا:

جنهن کي سينگاريو خدا ۽ جنهن کي ساراهيو خدا
بعد خالق، لائق - مدح و ثنا جي ڳالهه آ. (عزيز ڳاڙهوي)

## منصور و سرمد:

اي آقائو! هر دور ۾ زنده آهن،
اسان کان ئي منصور و سرمد جا نالا. (امداد حسيني)

## مه و انجم:

هي غنچه و گل، هي مه و انجم، هي مئي و جام
بس آهه گهڙيون چار، اڙي آءُ اکيون ٺار. (شيخ اياز)

## مهر و عطا:

پيڪر - مهر و عطا دلبند سنڌ،
تا قيامت شل رهين خور سند سنڌ! (ولي محمد "وفا")

## ناز و ادا:

بهاريون ختم ٿي وينديون، خزان اِجها آئي اِجها آئي
خزان ۾ بُلبلا گل تي ڪندين ناز و ادا ڪهڙي؟ (سعيد شاهه "سعيد" ٽکڙائي)

## نور و نڪهت/ نگهت:

نور و نِڪهت جو جهان پيدا ٿئي،
هن جي آمد جو سمان پيدا ٿئي. (مسرور ڪيفي)

## وحشت و جنون:

هي وحشت و جنون سڄڻ تنهن جي عشق ۾،
شهرت جي لاءِ تنهنجي هي سامان ڪيو اٿم. (قطب الدين "تاب")

## وصف و ثنا:

برتر آ ڪائنات ۾ ٿيو، مصطفيٰ ﷺ جو شان
طاقت نه آجو ٿي سگهي وصف و ثنا جو شان. (تاج سومرو لقماني)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**وهم و گمان:**

زماني کي ڏسي "ذاڪر" زمين جي زرنگاري جو
يقين ۾ ٿي ويو تبديل هر وهم و گمان منهنجو (سيد سردار علي شاهه "ذاڪر")

**همدم و هم باش:**

اسان سان همدم وهم باش "تارڪ"
رهي تو عشق جو آزار جِتِ ڪِتِ (هدايت علي نجفي تارڪ)

**هوش و حواس:**

شام غم ۾ ويا ڇڏي هوش و حواس
صبح دم ٿي ويندو ڏسجئين دم جو ڪوچ (ليکراج ڪشنچند عزيز)

**ياس و حرمان:**

ياس و حرمان، رنج و غم، آه و فغان ٿيا همسفر،
سوءِ منزل تو وڃي هي ڪاروان - آرزو. (عبداللطيف "راز" بلڙائي)

**يتيم و بي وطن:**

ڪيو آ ظلم ڪيڏو تو، اهو تون پنهنجي مَن کان پڇ،
وڏيرا قوم جي خدمت، يتيم و بي وطن کان پڇ. (حاجي عبدالله "واف" نارو شاهي)

**(ث)** عربي - فارسي متضادات (متضاد / اُبتڙ معنيٰ وارا لفظ):

ادنيٰ و اعليٰ؛ روز و شب؛ صبح و شام؛ ظاهر و باطن وغيره.

سنڌي شاعرن عربي - فارسي متضاد لفظن کي پنهنجي شاعري ۾ ڀرپور انداز ۾ استعمال ڪيو آهي. سوين مثالن مان ڪي / چوند مثال هن طرح آهن:

**ارض و سما** (زمين ۽ آسمان):

چمڪي ٿو نور تنهنجو، ارض و سما ۾ يارب
پاڇو رهي "قليچ" تي، خداوند شال تنهنجو (شمس العلماء مرزا قليچ بيگ)

**اول و آخر:**

مانَ اهڙو مرتبو لاهي خوديءَ جو خرخسو،
اول و آخر ۾ ايندو ڪم "عزيز" انڪسار. (ليکراج ڪشنچند عزيز)



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**بر و بازار:**

مان ووڙيو آ وجي هر هر، برو بازار هر گهر،
پتو جو نہ هٿ آيو ڪٿي ڪوئي اڃا مون کي. (فيض بخشاپوري)

**تهہ و بالا:**

هڪ اشاري سان تهہ و بالا ٿي طالع کي ڪري
گردش چشم ٿي يا ڪنهن جو مقدر آهي. (ليکراج ڪشنچند عزيز)

**ثواب و گناه:**

تفريح واسطي تو اچي هر خيال اڄ،
نالي رهي تميز ثواب و گناهہ ۾. (عبدالڪريم شاد)

**پير و جوان:**

ڪهڙي تبديلي ڪهڙو دور آيو،
مضطرب پير و جوان چو آ. (حافظ شاهہ حسيني "حافظ" ٽکڙائي)

**جن و بشر:**

جن و بشر مڙيئي تا گڏجي پڙهن صلواة،
برتر ٿيو سڀن کان، مٺي مصطفيٰ جو شان. (قاضي جان محمد اضعف هالائي)

**حيات و موت:**

عزيز آهي حيات و موت جي احساس جو طالب
وچايل هي وري موتي، اسان جي رب دنيا کر (ليکراج ڪشنچند عزيز)

**خير و شر:**

"ولي" کي اها ڪا ڏجان ساقيا،
ڏسي چا. هئو خير و شر کان اڳي. ("ولي" سروري)

**د شت و دريا:**

المدد اي جَنون جو ڪرٽو آهہ،
دشت ودريا ۾ رهگذر پيدا. (شيخ عبدالله "عبد")

**روز و شب:**

رڳو ياد زلف - دراز ۾،
مون کي روز و شب پيچ و تاب هو. (فيض بخشاپوري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمين و آسمان:

زمين و آسمان، شمس و بدر ڇو گول ٿيا آهن،
محمد "مير" تنهن جي جو اکر ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟ (سليم ڳاڙهوي)

زير و زبر:

قالو بلىٰ جو قول يقين آهي سرڪيو،
هر عهد بد جي آر کي زير و زبر ڪيو. (پروفيسر محبوب علي چنہ)

سُود و زيان (نفعو ۽ نقصان):

تنهنجو ڪهڙو واسطو سُود و زيان سان اوچريا
دل جي عيوض دل ملي آ بدگمان، خاموش رهہ (اسحاق راهي)

شام و سحر:

حيات و موت ۽ شام وسحر تي غور ڪر نادان
اهو ئي فلسفو آهي جو ٿيندو داستان ڪڏهين (محمد شفيع انور)

شب و روز:

درويش خلوتن ۾ شب و روز مست رو
صورت ڏسي سي صاحب ويا ٿي نہ حال سان (ديوان ليلارام وطڻ مل خاڪي)

صبح و شام:

سوين پيرا هي صبح و شام آيو،
نہ اڄ وانگر ڪڏهن ناڪام آيو. (محمد عمر "اختر" هالائي)

صبح و مسا:

منو نالو محمد صہ جو، جيان "مسرور" دم جيسين،
اهو ورد زبان پنهنجو سدا صبح و مساڪريان (فقير غلام علي "مسرور")

ظاهر و باطن:

(١) جنهن ۾ هي وصفون اي "اظهر"، ظاهر و باطن هجن
آ اهو "شاعر مڪمل" ۽ اهو "فوق البشر". (سيد اظهر گيلاني)
(٢) نِهان جنهن کان نہ ڪجھ آهي تو ڄاڻي ظاهر و باطن،
اهو رب جَليل آهي، اهو عالم عليم آهي. (عبدالڪريم گدائي)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ليل و نِهار:

اکين جو ڪسي ويو ڪو ظالم قرار،
جو بيخواب آهن هي ليل و نهار. (ولي محمد "وفا")

### نيڪ و بد:

نيڪ و بد جيڪي ڪو چوي سو چوي،
تنهن تي هرگز نہ ڪن ڪرڻ واجب. (مير عبدالحسين خان "سانگي")

### وهم و يقين:

قسم آ تہ پنهنجي وهم و يقين ڪان،
تون ئي شر آهين، تون ئي خير آهين. (فقير غلام علي "مسرور")

### هجر ووصال:

هجر و وصال مِثل - قيامت رهيا گِران،
آيو نہ ڪو قرار دل - بيقرار ۾. (فيض بخشاپوري)

سنڌي ٻولي جي اها پڻ وڏي خوبي آهي تہ ان جي، جملن/ شعرن/ شعرن جي مصرعن/ بيتن ۾ ٻن ڪان وڌيڪ پاڻ ۾ لاڳاپيل ساڳي معنيٰ وارا يعني ٽي يا ٽن ڪان وڌيڪ (5/4) لفظ، لاڳيتا/ گڏ ڪم آندا وڃن ٿا. مثال:

### (١) اِجهو آسرو آڌر (٣):

جُز مرتضيٰ ميدانِ قيامت ڪو اصحاب
عاصين جو اجهو آسرو آڌر ڪونہ هوندو. (ميرزا قنبر علي بيگ حيدري)

### (٢) انڌي منڌي ڪاٺي:

هلي ريل آئي، انهيءَ لنؤ بہ لائي،
سڳهي ڏي واڏائي، انڌي منڌي ڪاٺي. (حاجي خانڻ چنجڻي)

### (٣) جيرا جگر بُڪيون:

جيرا جگر بڪيون، سيخن ۾ ٽيئي! (شاهہ: سر يمن ڪليان)

### (۴) ڪاريون ڪوجهيون ڪُوَڙيون:

ڪاريون ڪوجهيون ڪُوَڙيون مور نہ موچاريون. (شاهہ: سر ڪاموڏ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥) مَڏ مياٽيون مڪڙا:

مَڏَ مياٽيون مڪڙا، مڙئي معاف ٿئاس. (شاهه: سر ڪاموڏ)

مياٽيون: مير بحرن/ مهاڻن جون مڇي مياٽيون. مڪڙا: ٻيڙا/ ٻيڙيون.

(٦) ميها، ڇيڙ ڦُنگيون:

ميها ڇيڙ ڦنگيون، جت ٿين سَپ ٿي ٿوڪ (شاهه: سر سارنگ)

مينهن تي پيدا ٿيندڙ ٻاجيون: ڇيڙ (متيرا)، ڦـنگيون: پينديون ۽ ميها. ٿوڪ: جام/ جهجهيون.

(1) ادلي گدلي بدڪار بدلي (4):

ادلي گـدلي بـدڪـار بـدلـي،
پريم پرينءَ جي سا ڪيهڙي آهيان؟ (نانڪ يوسف)

(٢) لُڙَ لهرون لس ليٽ:

لڙ لهرون لس ليٽ، جِت آتَ نه آب جو (شاهه: سر سريراڳ)

لڙ: لڙاٽيل/ ميرو پاڻي - لَسَ: پاڻي جي اَڇَ.

ليٽ: پاڻيءَ جو لاهوندي ڏانهن ليٽڻ/ اُٿلَ.

(١) اڌر نڌر اَيري اوڳي اَوائي (٥):

اِڌِرنڌر ايري اوڳي اوائي. (شاهه: سر سسئي آبري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حوالا ۽ واڌارا:

(1) THE ENCYCLOPEDIA AMERICANA: INTERNATIONAL EDITION COMPILED. IN THIRTY VOLUMES, FIRST PUBLISHED IN 1829. GROLIER INCORPORATED INTERNATIONL HEAD QUARTERS, DANBURY CONNETICUT 06816, P. 182.

(2) SUNDARA RAJAN: ENGLISH THE BASICS...A VOCABULARY HAND BOOK. PAN PACIFIC PUBLICATIONS LTD. 488 TAN- P. 30.GLIN HALTROAD SINGAPORE 0314. ISBN 9971 - 63-852-

(3) THE CONCISE OXFORD DICTIONARY OF CURRENT ENG- CLAREN- LISH. EDITED BY J.S. SYKES. OXFORD. AT THE DON PRESS. SEVENTH EDITION, 1982. P 1084.

(4) BRIN BAMBER: DIRECTOR MEHRAN UNIVERSITY ENGLISH LANGUAGE TEACHING CENTRE: TWO- PAGE TYPED REPLY DATED 21-11-92 TO THE QUERY MADE BY THE COMPILER OF THIS DICTIONARY.

(5) THE ENCYCLOPEDIA AMERICANA: INTERNATIONAL EDITION, FIRST PUBLISHED IN 1829. P.182.

(6) THE NEW BOOK OF KNOWLEDGE. VOLUME 17. GROLIER INCORPORATED, DANBURY, CONNECTICUT. P 504.

(7) VICTORIA FROM KIN/ ROBERT ROMAN: AN INTRODUCTION TO LANGUAGE HOLT- SAUNDERS INTERNATIONAL EDITIONS, THIRD EDITION . PRINTED IN JAPAN, 1983. P 176.

(8) BRIN BAMBER: DIRECTOR, MEHRAN UNIVERSITY ENGLISH LANGUAGE TEACHING CENTRE: TWO- PAGE TYPED REPLY DATED 21-11-92 TO THE QUERY OF THE COMPILER OF THIS DICTIONARY.

(9) قريشي غلام حسين: "ٻنيي زميندار جي ڳالهه" "چونڊ سنڌي نثر" (جهونو ۽ نئون). تيار ڪندڙ: مير چندائي، ڏيارام وسڻ مل ۽ سڏائي، جمناداس وليداس. ڪوه نور پرنٽنگ ورڪس، بندر روڊ، ڪراچي 1935ع - ص ص 16، 17، 18.

(10) آخوند، لطف الله محمد اسحاق: "گل خندان" " ادبي گلشن" (ياڳو ٽيون) تان ورتل: گڏ ڪندڙ: چنناڻي، نهالچند ريوا چند ۽ پمياڻي، نارائڻداس ميوارام. ايل - دوارڪا داس ۽ بردرس، بڪ سيلرس ۽ پبلشرس، بندر روڊ، ڪراچي. ڇاپو پهرين 1945ع ص ص 18،13،8.

آخوند لطف الله (1842ع- 1902ع) جو "گل خندان" سنڌي نثري ادب ۾، امتيازي حيثيت رکي ٿو. آڪاڻي تمثيلي آهي جيڪا مسجع ۽ مقفيٰ نثر ۾ بهاريل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شمس العلماء عمر بن محمد دائود پوٽي کي علمي ادبي حلقن ۾ مانواري شخصيت، طور اچ به ياد ڪيو وڃي ٿو. علامه دائود پوٽو (1896ع- 1958) هڪ عظيم استاد، محقق، اديب ٿي گذريو آهي. عربي، فارسي، سنڌي، انگريزي ٻولين ۾ ڪمال حاصل هوس. سندس ترتيب ڏنل ڪتابن مان "شاهه ڪريم بلڙي واري جو ڪلام"، "ابيات سنڌي"، "منهاج العاشقين"، "سرها گل" وغيره مشهور آهن. باڪمال نثر نگار هو. سندس عبارت چيده لفظن ۾ ٻهاريل آهي.

(24) سڏائي، جمناداس - و: مضمون "واندڪائي جو وقت" - "چونڊ سنڌي نثر" (جهونو ۽ نئون) تيار ڪيل ميرچندائي، ڏيارام وسڻ مل ۽ سڏائي، جمناداس وليداس. ص ص 207، 211،208. ڪوهه نور پرنٽنگ ورڪس، بندر روڊ ڪراچي. 1935ع.

(25) ملڪاڻي، نارائڻ داس رتنمل، پروفيسر: "هيٺاهر ڪنهن وهيٺا" (اصل مصنف جي ڪتاب "ڳوناٽي چهر" تان ورتل آهي). "چونڊ سنڌي نثر" ايضاً ص ص 190، 192، 193.

(26) ميمڻ محمد صديق: مضمون "قلندر لعل شهباز جو ميلو"- "گلزار نثر"- ايضاً ص 15.

خانبهادر محمد صديق ميمڻ (1890ع- 1958ع) سنڌي ٻولي جو سٺو ليکڪ هو. تعليم کاتي ۾ آفيسر ٿي رهيو. هو هڪ علم دوست ۽ اديب هو. سندس نثر معياري آهي. سندس ڪتابن مان "تاريخ طاهري جو انتخاب"، "مضمون نويسي"، "حياتي جو دور"، "سنڌ جي ادبي تاريخ" قابلِ ذڪر آهن.

(27 موسوي، عطا حسين شاهه سيد: مضمون "ڪوڙ" (اصل سندس ڪتاب "ڪچ ڪوڏيون" تان ورتل) : "سنڌي نصاب" (مئٽرڪيوليشن لاءِ) گڏ ڪيل: خانصاحب آغا تاج محمد. ڇپائيندڙ: آر- ايچ - احمد اينڊ برادرس، بوڪ سيلرس، شاهي بازار حيدرآباد . ص ص 50 - 53.

سيد عطا حسين شاهه تعليمي ماهر، اديب، محقق ۽ پهرئين جوڙ جو نثرنگار هو. سندس تحرير رسيلي، محاوري ۾ رچيل آهي جنهن ۾ مزاحيه طنز جو عنصرنمايان آهي. سندس "ڪچ ڪوڏيون" (مضمون) مشهور آهي.

(28) سمون، الهه بچايو، يار محمد: "سير ڪوهستان" ص 17.

(29) راشدي، علي محمد، پير : "اُهي ڏينهن، اهي شينهن" (جلد پهريون). سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ. ڇاپو ٻيو، 1974ع - ص 4.

(30) عباسي، نجم: "جڏهن منزل ويجهو آئي" (تفريحي افسانو). رسالو "مارئي": آزادي نمبر 1957ع - ص 20.

نجم عباسي، پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر آهي. سنڌي ادب کي "ڪهاڻي" سان مالا مال ڪيو. سندس ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن.

(31) ڏيارام گدومل، ديوان: "سچي وديا" - مهاڳ : "ساميءَ جا سلوڪ" - "چونڊ سنڌي نثر" تان ورتل / تيار ڪيل: مير چندائي ڏيارام وسڻ مل ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**اڇھو آڌر:** آسرو/ پروسو/ پناھ/ آڙ/ اوٽ. مثال:

١- توهَ تاري تو سندي، اڙين اڇھا آڌر مڻا! (مل محمود پَلي)

٢- ڏٺي شل پاندَ پنھنجي لطف سان، ڍولڻ ڍڪين مونکي
آھين تون ئي اڇھو آڌر، انھيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناھي.
(مخدوم محمد امين "فهيم")

**اڇھو آسرو:** پروسو/ پردو/ پناھ/ ڍَڪ/ سھارو/ گھر. مثال:

١- تون اڇھو تون آسرو، صلوات توي سيدا! (علي محمد قادري)

٢- جُز مرتضيٰ ميدانِ قيامت ۾ ڪو اصحاب
عاصين جو اڇھو آسرو آڌر ڪونہ هوندو. (ميرزا قنبرعلي بيگ حيدري قنبر)

٣- ٻنو ناهي اڇھو آسرو، آءٌ آهيان عيبدار
ڪلمي جي آڌار، ڇٽندا سڀ ڇيھن ڪان. (محمد صديق ٻنگلاڻي)

**اڇھو آڇھڪو:** پناھ/ پردو/ آسرو/ پروسو/ پاند/ اڙ/ اوٽ.

تون اڇھو آڇھڪو، فرياد رس يا مصطفيٰ! (مخدوم عبدالله واعظ)

**اڇھو آڙ:** اڙاوٽ/ جھل/ متي لڪائڻ جي جاءِ/ ڍڪ/ پردو/ پناھ.

**اڇھو اَگُ:** آسرو/ ڍڪ/ پردو/ پناھ. Shelter

تواَوڍر، تون اَڍڪو، تون اڇھو، تون اَگِ (شاھ: سر بلاول)

**اڇھو اوٽ:** لڪڻ جي جاءِ/ پناھ گاھ/ ڍڪ/ گھر/ پروسو/ متي لڪائڻ جي جاءِ. مثال:

١- ري رانـول! اڇـھـو اوٽ،
ڪو ولھيءَ تي وارث! موٽ (حافظ محمد بخش)

٢- تنھن جون محل ماڙيون مونکي نہ سيباڻيون،
هو جو پکو اڏيل پَنِ جو، سو اڇھو اوٽ منھنجو. (منٺار فقير راڄڙ)

**اڇھو اولو:** پردو/ پناھ/ ڍڪ/ بچاءُ/ گھر/ متي لڪائڻ جي جاءِ.

**اَڃ اُسَٽ/ اُسات/ اوسات:** سخت اَڃ/ پياس/ تاس/ تـؤنس/ ڏوگھو/ اڪير/ اڪنڊ/ سِڪ. مثال:

١- سنگھارنَ سڪَ ٿيو، لٿي اَڃ اُسات. (شاھ: سر سارنگ)

٢- لاٿي اڃ اسات، سارنگ سنگھارن جي (سچل سرمست)



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**اڙينگو اڙٻنگ:** اڙينگو: بي ڍنگو/ ڪڍنگو/ ڪلڇڻو/ نالائق- اڙٻنگ: ڪرڙو/ لاپرواهه/ ضدي/ کهرو.

**اڙينگو اٽونڊڙ:** جنهن کي هلت چلت جو ڪو ڍنگ نه هجي/ جنهن کي ڪو پسند نه ڪري.

**اربيلو اڙٻنگ:** البيلو/ شوخ.

**ارٽ ائٽ:** چرخو/ آرٽ/ پيرم.

**اڍ گرد:** چوڌاري/ چوڦير/ چوطرف.

**اَرڏو اڙٻنگ:** ڏکيو/ ڏنگو/ ارڏو/ ڏاڍو/ اهنڊ.

**ارڏو اٽگهڙيو:** ڏنگو/ اڙٻنگ/ ڏکيو/ اهنڊ/ کهرو.

**ارڏائي/ انگل/ ارڏايون:** البيلايون انگل/ ناز نخرا.

**ارڙ اٽڪل:** ارڙي/ اڙي/ اٽڪل سٽڪل/ رنڊڪ.

**اَرڙو اٽڪل:** (ارڙڻ: ارڙو پڌڻ: اٽڪل ڪرڻ/ ڦڏو ڪرڻ، اٽڪل ڪري جهيڙو ڪرڻ) : اٽڪل سٽڪل/ حرفت.

**اُرڙ مُرڙ:** مروڙ سروڙ/ وٽ سٽ/ ور وڪڙ.

**ارڙو ڪڙور:** ڏنگو ارڏو/ ڦڏئي/ ڦڏيباز/ زوراور/ ڏاڍو/ اڙٻنگ/ اهنڊ/ اٽائو/ ڏکيو/ کهرو/ لاپرواهه.

**اُرڪ سُرڪ:** ارڪڻ: ڳرڪائڻ/ ڳيت ڏيڻ/ ڳيت ڏيئي پيڻ/ پاڻي/ کير جو ڍُڪ/ سُرڪي سرڪ (پِرڻ) سُرڪ: سُرڪي/ سُرڪڻ/ سرڪيون پرڻ/ ڳيت سان پيڻ، مثال:

اُرڪ سُرڪ سيد چي، لڳيس ڏوٽ ڏهي. (شاه: سُر سهڻي)

**ارڪو ترڪو:** الهو تلهو/ الهه تلهه/ تپڙ تاڙي/ ميڙي چونڊي/ سموري ملڪيت/ سڀ ڪجهه/ ورثو.

**اڙ اٽڪل:** هٿ چالاڪي/ حرفت/ لٽڪو/ ڪيل/ رمز/ ڍنگ. A Trick/Tact

**اَڙ بَڙ:** بڙ بڙ/ بڪ شڪ/ بڪوات/ بڪواس.

**اڙٻنگ اڙانگو/ اٽانگو:** ڏکيو/ اهنڊ/ ارڏو/ اهنجو/ اٽائو، A Hard Nut To Crack،

مثال: اڙٻنگ اڙانگا، اصلئون پار پروچڪا. (حمل فقير)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**اڪري ڪاڳري:** اڪري: اڪر ڄاڻندڙ/ پڙهيل/ هوشيار- ڪاڳري: ڪاڳر/ حساب جا ڪتاب/ ليکي جي ڪتاب رکڻ جو ڄاڻو/ ليکي چوکي جو ماهر.

**اڪو ڦـُلو:** هندن جي رسم/ نذر نياز جي هندواڻي ريت:
اڪو ڦلو (اصطلاحي) معنيٰ "ڪجهه" يا "ٿورو". هندو پاڻيءَ کي ديوتا ڪري مڃيندا آهن، جنهن کي "جَل ديوتا" سڏيندا آهن. جل ديوتا کي خوش ڪرڻ لاءِ اتي جا ڏيئا ٻاري، انهن کي تيل سان ٻاري، نذراني طور پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا آهن ته جل ديوتا يعني درياءِ شاهه دادلو راضي ٿئي، اڪن سان گڏ اَنَ جا داڻا/ ڦـُلا پڻ پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا آهن. دراصل اهو نذرانو بلڪل ٿوري ۽ معمولي هوندو آهي. اڪو ڦـُلو جي اصطلاحي معنيٰ آهي: ٿورڙي ٻيٽا يعني مختصر نذرانو؛ انهيءَ جي ٻي معنيٰ آهي مختصر، يا ڪجهه يا ٿورو. مثال طور چوندا آهن "شادي پري ته ڪونه ٿو ڪيان، مڙوئي اڪو ڦلو!

**اڪين ٻوٽ اڻاسو:** (جنهن جون اکيون ٻوٽيل هجن/ جنهن کي ڪا ساڃاهه نه هجي): بي حيا/ بي شرم/ بي ساڃاهو.

**اڳر تڳر:** سڀ ڪجهه/ سمورو سامان/ الهه تلهه/ هـڙَ.

**اُڳرو اڻوڻندڙ/ اڻ سوادي:** اڻوڻندڙ سواد وارو/ بد ذائقہ، بي سوادي.

**اڳلايون ڳڏلايون:** ميرايون/ عيب/ ڪوجهايون/ خاميون.

**اڳلو ڳدلو:** ميرو/ ڪنو ڪوجهو/ ادلو گدلو.

**اڳوندرو البيلو:** بي پرواهه/ بي غم/ بي فڪر/ بي اَلڪو.

**اڳانهو اڳيرو:** اڳيان/ اڳتي/ ڪجهه اڳتي/ پريرو/ ٿورو پري.

**اڳ اڳرائي:** جهيڙي جو مُنڍ/ شروعات. مثال:
اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو ڪائي. (شاهه)

**اڳُ چيت اڳ چيتار:** (اڳواٽ چيتائڻ/ چيتارڻ/ پاڻ کي خبردار ڪرڻ): ڳڻ ڳوت (ڳڻن ڳوتڻ)/ دور انديشي/ ڏِکي نظر.


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**اگهرَ پگهر:** رت ست/ سربستي محنت/ پورهيو. مثال:

اگهر پگهر ڏيئي، چار پئسا گڏ ڪيائين؛ سي بہ چوري ٿي ويس!

**اگهڙ/ اگهاڙ اوگهڙ:** (اُگهاڙِڻ: ستر پجڻ): مثال:

اُگـهـاڙا وڏا ڪاپـڙي، ستَر تان نـہ سَهن (شاهہ): ستَر/ شـرم/ اوگهڙ/ اگهڙ/ اگهاڙپ/ بي پردگي.

**اگهو اڻ چاق:** بيمار/ ناچاق.

**اگهو ڏبرو:** ضعيف/ بيمار/ هلڻ پر هلاڪ.

**اگهور گهرو:** اگهور: جنهن کي گهوَري/ جاچي نہ سگهجي/ اونهو/ عميق. گهرو: اونهو/ اٿاهہ.

**اَل ڪانوَ:** (ال: ڪانوَ جو ٻچو. ڪانوَ: ڪانگل/ ڪانگلڙو/ ڪانگڙو): چريو/ ٻوڪ/ بيوقوف/ اڻوجهہ/ اڻ آزمودگار/ سيکڙاٽ.

**الا اُلانيون:** ٻاهہ جا الا/ ٻاهہ جا پڙڪا/ ٻاهہ جون چيڀون.

**اَلا بَلا:** (الائون بلائون): مصيبت / ايڙا پيڙا.

**الا گلا/ الائون گلائون:** تهمت/ الزام/ بدنيڪي.

**اَلبيلو اليڪرو:** چڇلو/ چلولو.

**اُلراچَل:** (الرڻ اچلائڻ/ اُچلڻ): اِگرائي/ حملو/ جَلهہ.

**اُلڙبل اُکڙبل:** ڍروڍلو/ ٿلهڙو/ پرزو پرزي کان جدا/ عضوو عضوي کان ڌار.

**الوالانبو:** چوچڙي/ ٻريل ڪاٺي/ جيرو/ جري/ جراٺ/ ٻَجَر/ ٻجرڻ/ ٻاهہ پر سڙڻ.

**اُلڪو اُڊِڪو:** ڳڻتي/ ڳاراٽو/ فڪر/ چنتا.

**اُلڪو اوسيڙو:** انتظار/ چنتا

**اُلڪو اُڻ تُڻ:** ڳڻتي/ فڪر/ چنتا/ هُرڪُر.

**الڪو اولاڪو:** ڳڻتي/ فڪر.

**البيلو اربيلو/ انگلي:** دادلو/لاڏلو/ چنچل/ نخريلو.

**الڳ ٿلڳ:** ڌار ڌار/ جدا.

**الو ٻلو:** نالي ماتر ڪم (متاچرو ڪم/ الله ٻلو. ٻيو مڙيئي خير!).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اونداهه تي ويندي آهي.

**اوٽ آڌر:** اجهو/ آسرو/ پناهه. مثال:

وسيلو وڃهن جو، اڙين جي اوٽ آڌر،
ڏڏنِ ڏيَ سدا آهي ڏاتار احمد! (احسن ڪربلائي)

**اوٽ آسرو:** آڌار/ ڀروسو/ پناهه.

**اوٽ اجهو:** پردو/ پناهه/ آڙ/ آڌار/ اولو/ آڙ/ بچاءُ.

**اوٽ اُدَ:** ڏڪو/ اندازو (اوٽ: ٽ سان ر جو ملايل اُچار) مثال:

اوٽ اد تي پيو ڳالهائي يعني ڏڪا پيو هڻي.

**اوٽ اَڙَ:** بچاءُ/ پردو/ آسرو/ پناهه. مثال:

والي، ڪيا تو ساڻ وڙ سردار سنگهه وارا سگهڙ
عـاصين سندي تون اوٽ اڙ، آڌار عـالـم آسـرا. (محمد فاضل)

**اوٽا سوٽا:** پارپٽا/ طعنا تنڪا.

**اوٽ اڙ:** (اوٽ: اوٽ): بچاءُ/ آڌار/ پناهه.

**اوٺي اوٺار:** اٺ وهائيندڙ/ جت/ اوٺيڙو/ اٺ- سوار/ اٺ تي چڙهيل/ قاصد/ ريبارو/ نياپو آڻيندڙ.

**اوپرو اوڦتو:** ڌاريو/ غير محرم/ اڻ واقف.

**اوڦتو اسونهون:** ڌاريو/ ٻاهريون/ بيگانو/ اڻ ڏٺل/ نئون/ پرديسي.

**اوج اقبال:** رتبو/ مان شان/ شان شوڪت.

**اوجهرائيون اوجهراڪيون:** ننڊ جا جهوٽا/ ننڊ جون پنڪيون/ ننڊ جو غلبو.

**اوجهڪو اُڌڪو:** الڪو/ فڪر/ ڳڻتي/ جولان.

**اوچاپو ايچپو:** تورو/ احسان عنايت/ نوازش.

**اوچار اوڳرائي:** چار اوڳرائي/ ڪٿي اوڳرائي/ اِدڪارو/ ڪَيَ/ الَٽي/ قئي.

**اوچار اُچل:** ٽپو/ ٻَل/ ڇلانگ/ پاڻ کي اچلائي وجهڻ.

**اوچلو اٽاس:** ڪميڻو/ ذليل/ ٽرڙو/ بي شرم/ نڪ نرجو.

**اوڇڻ آجڪو:** آجڪو: ڍڪ/ پردو/ پناهه/ آڌر/ آٿت. مثال:



www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

نال پنهون ٿانئين، اسونهين جو آجڪو (شاهه)
اوڇڻ گهرجي آجڪو، جهوپو سهي نه سيءُ (شاهه)

**اوڇڻ بوڇڻ:** لٽو ڪپڙو/ ويس وڳو.

**اوڇو پُڇَ چڙبو:** خسيس/ ڪميڻو/ هلڪڙو/ ترڙو/ گهٽ ذات/ چڙواڳ.

**اوڏ واڏ:** اوڏڻ/ اوڏ هٺڻ/ پيوند (اوڏڻ وڏڻ)؛ پوٽي جي اوڏيل لاهر، زمين بر پاڙهٽي، هڪ جدا پوتو تي پوندي آهي ۽ وڏندي وڏي تي "چڪيءَ" طور ڪم آندي ويندي آهي)؛ واڏ

**اوڌر پاڌر:** قرض/ ڪٽت/ قرض/ قرض پڪي تي ڏنل سامان جي رقم. مثال: دڪاندار مهيني جي پهرين تاريخ، پڱهاردارن ڪان اوڌر پار وٺندو آهي.

**اوڌر سوڌر:** قرض تي ورتل سامان جو ملهه/ رقم. مثال:
پڱهار ملي ته پهريائين اوڌر سوڌر لاهڻ ڪپي!

**اوڏيل لوڏيل:** ڌڪاريل/ هڪاليل/ تڙيل.

**اوڏ چڪَ:** اوڏ؛ اوڏو پاسو/ چڪ؛ ويجهو چڪ/ اوسو پاسو)؛ ويجهڙائي وارو علائقو/ تَرَ پاسو.

**اوڏو اڳرو:** اڳيان/ پرسان/ ويجهو/ قريب.

**اوڏو اوڏڙو:** ويجهڙو/ پر ۾/ پرپاسي وارو.

**اوڏي/ اوڏڙي چڪَ:** اوسو پاسو/ ويجهو علائقو/ ترَ پاسو.

**اوڍر اجهو:** جهل/ اڙ/ ڍڪ/ پناهه/ پردو.

**اوڍر پهر:** (اوڍڻ پهرڻ) پوشاڪ/ لٽو ڪپڙو.

**اوڍر اوڇڻ:** (اوڍڻ: ڪپڙا ڍڪڻ)؛ اوڍر/ پوشاڪ/ ستر پوشي/ پردو/ پهر (پهرڻ).

**اوڍر اُڍڪو:** (اوڍڻ/ اڍڪڻ: ڍڪڻ) ڍَڪَ/ پردو پناهه/ اوٽ آڌر. مثال:
تون اوڍر تون اُڍڪو، تون اجهو تون اڳ (شاهه: سُر بلاول)-

**اوڍ ڪو اولو:** ڍڪ/ پناهه/ پردو/ جهَلَ/ ڇانوَ.

**اوڍڻي پوتڻي:** مٿي تي اوڍڻ جو ڪپڙو/ رئو/ چُني.
اڳ: (اڳيان/ قيامت)؛ پردو/ پوش/ پناهه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**اوڙڪ اوريڪ:** گهاٽو مينهن/ سخت بارش/ مينهن واچ/ ڇو هو مينهن/ طوفاني برسات.

**اوڙو پاڙو:** ڪٽنب/ قبيلو/ مائٽي/ اوسي پاسي وارا/ گهر/ پسگردائي/ ويجهو چَڪ، مثال: ويل شئي لاءِ پهريائين اوڙو پاڙو ڏسجي.

**اوس اَڄ:** اوساڻ/ اَساڻ/ تاس/ اُڃ/ ڏوکهو، مثال:

بِرهه جي بَر ۾ هلڻ وارن کي کهڙي اوس اَڄ
من ۾ جن محبوب، سبز مثل چاٽن سي ٿا سَڄَ. (محمد صديق "مسافر")

**اوس پاس:** اوسو پاسو/ پاڙو/ ويجهڙائي وارا گهر.

**اوسات اَڄ:** اڃ/ تاس/ ڏوکهو/ پياس.

**اوساري اڏاوت:** اوسارڻ اڏڻ (MASONARY).

**اوساڻ اوسان:** خوبيون/ مُهاندا/ ڳڻ.

**اوسو پاسو:** ير پاسو/ اوڙو پاڙو/ پسگردائي.

**اوسي گوُسي:** ٺهل ٽڪور/ ٽاندو ٽوپي/ خدمت چاڪري.

**اوسيڙو اولاڪو/ اوسيڙا اولاڪا:** انتظار / ڳڻتي/ فڪر، مثال:

"قاسم" ڏک جا ڏاڪا، اوسيڙا اولاڪا
پئي واءِ واڪا، ڪريان بيشمار (آخوندمحمدقاسم سانوڻي: سر ڪيڏارو)

**اوسيڙو اونو:** اڏڪو/ انتظار/ ڳڻتي/ چنتا.

**اوطاقون اوتارا:** وٿاڻ/ ماڳ مڪان/ هنڌ ماڳ، مثال:

سسئي پيچي سات جا، اوطاقون اوتارا
مون نہ وهيٽا، پنهونءَ سڳيٽا (شاهہ: سر سسئي آبري)

**اوڦٽو اوپرو:** پرائو/ ڌاريو/ اجنبي/ بيگانو/ غير ماڻهو/ غير محرم.

**اوڪ اوڪار:** (اوڪڻ/اوڪارڻ/ الٽي ڪرڻ): اوڪار/اوڪارو/ الٽي/ قئي/ ڪيُ/ اٻڙڪ.

**اوڪ اوڪراڙ:** (اوڪڻ اوڪراڙڻ/ الٽي ڪرڻ/ قئي ڪرڻ/ ڪيَ ڪرڻ: الٽي): ڪيَ/ قئي / نفرت/ ڪراهت.


www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**اولو اويڙو:** ڏکيو/ اڻانگو/ اهنجو.

**اولو اجهو:** پردو/ پناهہ/ ڍڪ مثال:

آڏر اڙين، اولو اجهو، ٽوٽي ٽڪن، مرسَل منيرُ (شاهہ محمد ديدڙ)

**اولو اهنجو/ اولي اهنجي:** ڏکيو / ڏکي/ مشڪل/ مشڪل، مثال:

سپ ڪجڻين سولي سخي! اولي هجي اهنجي ڪٽي (عبدالحڪيم واصف)

**اولورولو:** رولڙو (رلي پنڪي وڃڻ)

**اولي رولي:** اوليل روليل/ رلايل/ پنڪيل، مثال:

قاف ڪرين تون قرب ڪريم! اولي رولي ڪان تون رکيم
(مولوي نبي بخش نحيف)

**اويلو اوکو:** بي وقتو/ خراب ويلو/ ڏکيو/ اوائڙو.

**اويلو اويڙو:** ڏکيو/ بيگاهہ.

**اونَ اُڻتُڻ:** الڪو/ اڌڪو/ ڳڻتي/ فڪر/ اوسيڙو/ انتظار.

**اوندهہ انڌارو:** انڌوڪار/ گهگهہ اونداهي، مثال:

قبر ۾ ڪاڙهو ٻجهي ٿو، اونده انڌارو.
ڪلمو ڪرارو، پڙهہ تہ ڇٽين پاپ ڪي (شاهہ محمد ديدڙ)

**اِوندهہ انڌوڪار:** تمام گهٽي اوندهہ/ گهگهہ اونداهي/ ڪاري ٻاڏ/ ڏوڙئي يا واچ سبب اوندهہ پيدا ٿي وڃڻ وارو ماحول. مثال:

سچ نہ ڏسي سوجهرو، هيس اوندرهہ انڌوڪار (ڪرم شاهہ)

**اونڌو انڌو:** مجبور/ لاچار/ بيوس.

**اونڌو اهڏ:** اُبتو اڻانگو، (اهڏ: اهنڊ: ڏکيو) ڏنگو ڦڏو/ ور وڪڙ مثال:

واٽ وٽڪارين نڪو رائي نہ رند:
پيچرو پَبَ جو آيو اونڌو آهي. (حافظ حامد تڪڙائي)

**اونگهہ آرس:** ننڊ جي سُستي/ خمار/ نيستي/ اگهور ننڊ.

**اونگهہَ اوجهراٽي:** ننڊ جي پنڪي/ غشي/ مستي/ خمار/ گوڪ ننڊ/ گهري ننڊ.

**اونو اُلڪو:** انتظار/ فڪر/ ڳڻتي/ ڊپ/ انديشو.



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

**اوهري أسري:** (اوهرڻ اسرڻ: روانو ٿيڻ/ ٻيڙي جو ڀڪ ڇوڙڻ. مثال:

ڀڪ پاسي ڳهار، آيل! ساموڊين جي
وجهي جيءَ جنجار، جم ويڃني اوهري (شاهه: سر ساموندي)

**اوهي واهي:** واهرو/ واهر ڪندڙ/ مددگار.

**اوي سَوي:** (عام ماڻهو) مثال: ڳوٺ پرسان ڳس آهي جتان اوي سوي پيو اچي وڃي:

**اهالي موالي:** لوڪ/ عام ماڻهو/ اهڙا تهڙا/ ههڙا تهڙا/ معمولي ماڻهو.

**اُهڃاڻ اشارا:** پار پتا/ نشانيون. مثال:

اهڙن اُهڃاڻن اشارن مارو اٿئي ملير جا (شير محمد چغدو).

**اُهڃ اُهڃاڻ:** نشان/ پتو/ پار پتو. مثال:

ويل شئي جو ڪو اهڃ اُهڃاڻ نہ ٿو ملي.

**اهڙا تهڙا:** ههڙا تهڙا/ معمولي/ خسيس ماڻهو. مثال:

١- هل ڙي اهڙا تهڙا، هتان ڀڄي وڃ!
٢- ”بردي“ جهڙا اهڙا تهڙا،
سهندا سور، نہ مَڙندا مور،
وتن ويڳاڻا، يار سياڻا. (بردو سنڌي)

**اُهڪ آزار:** اوُن / ڏک/ ڏجهو/ تڪليف. مثال:

ڪرڪو علاج تون، سندو اهڪ آزار (رمضان واڍو)

**اهڪَ ارڏايون:** تڪليفون/ آزار. مثال:

اهڙا اهڪ ارڏايون، غريب ويچارا تہ سهندا ئي رهندا آهن.

**اُهڪ اڙنگ:** ڏِنگائي/ ڏکيائي/ اهنج. مثال:

نڪو مِرون جهنگل ۾ نڪو اهڪ اڙنگ. (مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي)

**اهنج آزار:** تڪليف/ ڏک.

ٿوري گهٽي ڏينهن ويندو لهي هي اهنج آزار (رمضان واڍو)

**اهنج اراتو:** (اراتو: دک/ درد): ايذاءَ ڏک/ عقاب.



www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

**ايرو گهيرو:** چوڌاري/ چوڦير/ چوطرف/ اوسي پاسي.

**ايرو غيرو:** عام رواجي/معمولي حيثيت وارو ماڻهو/ نِٽي تامٽي ....RIF RAF، مثالَ:

١- ايرو غيرو، ٿهڙو تهڙو (اُستاد بخاري)

٢- ڇڏي ايرو غيرو ۽ نٿو خيرو،

رهج تي عليءَ جو گدا ياد رکجانءِ (ميرزا قنبرعلي بيگ حيدري)

**ايڙ پيڙ/ ايڙا پيڙا:** بدن ۾ پيڙا (سور کان پيڙجڻ جي ڪيفيت)/ سور ڀرو/ لڳن مروڙ.

**ايڙهيون پيڙهيون:** ڀائي/ خاندان.

**ايزد عليم:** خدا پاڪ.

**ايڪڙ ٻيڪڙ:** هيڪڙ ٻيڪڙ/ هڪ ٻه / ٿورڙا/ ورلي/ ڪو يا ڪي/ رڳو ڳڻائڻ خاطر/ ٿورو انگ.

**ايڪو ٻڌي:** (ايڪ: هڪ ٿيڻ - ٻڌي: پاڻ ۾ ٻڌجڻ/ ملڻ/ گڏجڻ هڪ ٿيڻ): ايڪتا/ اتفاق.

**ايڪلائي نويڪلائي:** هيڪلائي/ ڇڙائي/ اڪيلائي/ اڪيلائپ/ تنهائي/ خلاصائي PRIVACY.

**ايلاري پيلاري:** ڳاٽاٽو/ڪٽ/ ڳاٽيٽو/ ليڪو. مثال: هو ڪنهن ايلاري پيلاري ۾ ناهي هوندو.

**ايلاز اِلاهون:** آزيون نيازيون/ ميڙون منٿون.

**ايلاز منٿون:** آزيون نيازيون/ ميڙون منٿون.

**ايلاز مواز:** ميڙ منٿ/ آزيون نيزاريون/ ليلڙاٽ (ليلائڻ/ منٿون ڪرڻ).

**ايلازي پيلازي:** منٿائو/ خسيس/ ڪين جهڙو ماڻهو/ ڳيجهوَ.

**ايلازيون آزيون:** منٿون ميڙيون/ آزيون نيازيون.

**ايلاهون آهون:** رڙيون/ ڪارون ڀُڪارون/ دانهون/ ڪوُڪون.

**اينگهه پتاڙ:** (اينگهائڻ/ پتاڙڻ: وڌائڻ): ڊيگهه/ واڌ.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ب

(لفظن جا جوڙا: 176- ڪل لفظ 352)

**بابلو بابلڙو:** بابلو: پار (پٽ) لاءِ پيار جو لفظ. اسم تصغير: بابلڙو):
پٽڙو / پچڙو. مثال: بابلا! بابلڙا! هيڏانهن تہ اچ!.

**بابوُ بيڪاري:** (بابو: سيلاني فقير: (بيک/ خيرات/ دان وٺندڙ/ پينو/ پينار/
پينڙيات): جوڳي فقير/ سامي/ سيلاني. مثال:
ڪالهہ گڏيوسين ڪاپڙي بابو بيڪاري. (شاهہ)

**بات بيان:** (بات: ڳالهہ/ ڪٿا/ ٻولي/ حال): ذڪر/ احوال. مثال:
باري تنهنجو بات بيان،
ڪين ڪري سگهندو انسان،
"آصف" لکيا چند اشعار. (احمد خان "آصف" مصراڻي)

**باٺو سؤنٽو:** (باٺو: باٺو): ڏکو/ سؤنٽو/ لٺ.
باٺو سؤنٽو ڪٺو تہ پاڻهي دشمن جي خبر پئجي ويندي!

**باجر بوُجر:** تيلين جهڙيون سنهڙيون سڪل ڪاٺيون. مثال:
ڪاٺ جا ٻَنڊ ٻنڊيون ختم تي ويا هاڻي رڳو باجر بوجر وڃي
بچي آهي.

**باچا باچاهہ:** بادشاهہ/ حاڪم/ پاتشاهہ.

**بادروُ بدر ڪٽندڙ:** (بادرو: بدر/ طرف ڪندڙ/ پاسو وٺندڙ): حمايتي/ طرفدار.

**بادلو بودلو:** ڪريل ٻار/ ڇچلو/ چلولو. ٻوڪ. مثال: بادلو بودلو آهي؛ ننڍي
هوندي ڪان ئي ڪيس اک ۾ رکيو وڃي ها تہ بهتر!

**باد مخولي مسخري:** (باد مخول/ باد مخولي: ٺٺول مسخري): ٺٺول/ ڪل
مسخري. مثال: ڇڏ انهيءَ باد مخولي مسخري کي!

**بادڻ پنگ:** (بادڻ: پنگ جهڙو گاهہ/ پنگ: اهڙو گاهہ جنهن کي گهوٽي پيڻ
سان، دماغ تي نشو چڙهي ويندو آهي): نشيدار ٻوٽا/ گاهہ.


www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

**ٻارِ ٻنو:** ٻارِ ("ر" ھيٺ زير): ان جي ٻار ۽ چوڌاري ڏنل ٻنا.

**ٻارين ٻچين:** ڪٽنب/ ٻاتين سميت، مثال:

ٻَڌ! توکي ٻڌايان، آھيان قنبر آءٌ عليءَ جو
۽ ٻارين ٻچين آھيان نوڪر آءٌ عليءَ جو (ميرزا قنبر علي بيگ حيدري)

**ٻالو ڀولو:** (ٻالو: ٻال = ٻار- ٻار وانگر معصوم/ سادو- ڀولو: سولائي سان ڀلجي/ مُنجھي پوندڙ): معصوم/ سادو، مثال:

ڏسڻ ۾ تہ ڪھڙو نہ ٻالو ڀولو پيو لڳي!

**ٻالي ڀولي:** معصوم/سادڙي، مثال:

ڪير ٻالي ڀولي صورت تي مري ھُنَ جي نہ ٿو،
حسن کي ناھي لڙائي لاءِ ڪَپُ تلوار جو. (اليڪراج ڪشنچند عزيز")

**ٻانڀ ٻُڍي:** (ٻانڀ: ڀوتڻ/ جنڙي/ ڀوڙھي مائي • وانگر بدشڪل): ٻُڍي/ ڀوڙھي/ مڙھي. A Satyr.

**ٻانڌ ٻَل:** (ٻانڌ: ڪاٺ جو سَڪل ٻَنڌ جنھن تي تري درياھ پار ڪري سگھجي ٿو - ٻل: طاقت سھارو) آسرو/ آٿت، مثال:

لکين لڙھي ھليون سھٽيون ڏيئي ساھ
نہ ڪو ٻانڌ نہ ٻل ڪو، نہ ڪو سنڌ سٿاھ (عارف المولىٰ)

**ٻانڌ ٻلاٽيون:** (ٻانڌ/ ٻانڌيو: ٻَنڌ/ سڪل ٻَنڌ- ٻَنڌَ تي چڙھي، ٻڏندڙ ڪناري تي سلامت پھچي سگھي. آسرو: ٻلاٽي: ٻاٽيءَ جي وچ ۾ سُڪي يعني ٻيٽاري: اجھو): اجھو آسرو، مثال:

ڪارا ٻانڌبلاٽيون، ٻيو ڪپرن جا ڪڙڪا (حمل فقير)

(ڪپرن جا ڪڙڪا: درياءَ جي ٻاوت سبب ڪپرن جون ڀيريون، ڪڙڪيدار آواز ڪري ڪرنديون آھن).

**ٻانگون صلواتون:** عبادتون/ صوم صلواتون، مثال:

ڪر وجي ٻانگون صلواتون ھيءُ سنڌ ڪم ڪار نام
عشق و الفت ۽ محبت ۾ وجي بدنام ٿيو.
(ميرزا قنبر علي بيگ حيدري)

**ٻانھو ٻيلي:** نوڪر/ غلام/ گولو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ٻانهو غلام:** نوڪر/ ٻيلي.

**ٻانهو گولو:** نوڪر چاڪر/ ٻيلي. مثال:

آءُ اوهان جو ٻنهه ٻانهو گولو آهيان.

**ٻانهي ٻانهوٽي/ ٻانهيون ٻانهوٽيون:** نوڪرياڻي/ نوڪرياڻيون/ ٻيلياڻيون. مثال:

ڪنيزڪ ڪيچين جي، ٻانهي ٻانهوٽي (شاهه: سر ڪوهياري)

**ٻانهي ساٽي/ ٻانهيون ساٽيون:** (ساٽي/ ساٽيون: ساڻ يا گڏ هوندڙ):

ساهيڙيون/ ٻيلياڻيون. مثال:

سڻايو سهيلين مون سَڏڪا ٻري، ميان،

سندم حال ابتر، اصل ڪان ڪري، ميان.

تہ ڪيئن قيد ۾ ٿيون سندم ٻانهيون ساٽيون. (ميران محمد شاهه "مير/ مهجور")

**ٻانهي گولي:** نوڪر ياڻي/ ٻيلياڻي. مثال:

ٻانهي گولي يار جي آهيان، ناهي" فريد "خلاف

انهن ڪي ٻائيندس، خواهہ نہ ٻائيندس! (خواجہ غلام فريد)

**ٻاڻُ ٻنگُ:** (ٻاڻ: تير/ ڪان. مثال:

لڳو ٻاڻ ٻروچ جو، وسان تي وياس (شاهه)- ٻنگ: ڪان/ تير): تير ڪان. مثال:

برهہ ڪيو ٻيران ٻت، دل کي لڳو ڪو ٻاڻ ٻنگ (خليفو گل محمد "گل")

**ٻاهرِ تي ٻاهر ٻَرو:** ٻريرو/ ٿورو ٻري/ ڏور. مثال: ڏاڍو مڙس آهي: سندس اڪيلو گهر ڳوٺ ڪان ٻاهر تي ٻاهر ٻرو آهي!

**ٻائي ٻاگهي:** سانئڻ/ سيٺياڻي/ مالڪياڻي/ وڏيري.

**ٻائي ٻُٽي:** عورت جنهن کي ڪو زيور پاتل نہ هجي.

**ٻبر ٻيريون:** ڪنڊن وارا وڻ. مثال:

جتي جايس اهي جاريون، اتر اڄ سومرا ساريون

ٻبر ٻيريون، ڪبڙ ڪيريون، نہ وڻ ويڙهيون وساريندس. (حافظ حامد)

**ٻہ ٻيرا ٻِهار:** مثال: ٿورو مڃان ٿو: ٻہ ٻيرا ٻهار مڃان ٿو.

**ٻِٽ ٻيل:** ٻيل/ ٻيلهہ: گڏ. مثال:

ٻيئي دوست پاڻ ۾ ٻٽ ٻيل ٿيو گهمندا پيا وڃن.



www.sindhsalamat.com                                                    books.sindhsalamat.com

**پاڙي پاڙيو:** [پاڙي: پاڙ / پڙ وت کائيندڙ. مثال:
(١) پاڙي، پاڙين جا يار!
(٢) پاڙين متان پت، ڪانون ڪيرائي وڏي.
(٣) وڏو ڪو پاڙي آهي]: بي غيرت / ڪميڻو / پڙوو.

**پاڙيت پاڙيتو:** پاڙي ڪيل يا پاڙي تي ورتل.

**پاڳو پاڳوان:** پاڳ وارو/ مال متاع وارو/ دولتمند جيڪو وڏو خوش نصيب سمجهيو ويندو آهي.

**پاڳو پريل:** (پاڳو: پاڳ وارو / مال دولت وارو / ڏ نوان - پريل: ڏن دولت سان مالا مال : دولتمند / ڏنوان (جيڪو وڏو خوش نصيب سمجهيو ويندو آهي.)

**پاڳو پاڳ وارو:** پلي پاڳ وارو / خوش نصيب / دولتمند.

**پاڳيو پريو:** (پاڳيو: پاڳ وارو / پاڳ پريو: دولت سان مالا مال): خوش نصيب / وڏي نصيب وارو.

**پاڳي پاڳل/ پاڳڙي:** (پاڳي: پاڳ واري. پاڳل ۽ پاڳڙي ان جون تصغيري صورتون آهن): خوش نصيب/ پاڳوان.

**پاڳي پاڳ وارو:** (پاڳي: پاڳ وارو - مثال:
هٿان ٻانيڻ اصل پاڳي، اجهي آيا، اجهي آيا - خاڪي): خوش نصيب / پاڳوان / پاڳوند.

**پاڱا پورا:** (پورا: پورڻ: ورهائڻ / حصا ڪرڻ): ٽڪرا ٽڪرا/ حصا / پتيون / واٽا (واٽڻ: حصا ڪرڻ).

**پاڱا پتيون:** حصا / ٽڪر / واٽا / ٻوٽاريل گوشت جا حصا. مثال:
گوشت جا پاڱا واٽا ڪري، غريبن ۾ ورهائي ڇڏيائون.

**پاڱا واٽا:** حصا / پتيون / ٽڪرا/ ٽڪر.

**پال پالڙيون:** پلايون / تورا / احسان / مهربانيون. مثال:
مان ٻاروچل سڱ سڄاڻي.
اڇي لڪن ۾ ٽيندو ساٿي؛
پال ڪندو مون پالڙيون. (نواب ولي محمد)



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**ڀَنيلجي ڀُلجي:** گمراهه ٿي / ٿڳجي / دوکو کائي. مثال:
اسان ٻاهرين ڏيک ويک تي ڀنيلي ڀلجي ويندا آهيون.

**ڀنيورجڻ ڀلجڻ:** اجائي ڳالهه تي سيٽ ڪرڻ / اجايو سيٽجڻ / ٻتال ٿيڻ / گمراهه ٿيڻ.

**ڀنيولجڻ ڀلجڻ:** اجائي ڳالهه تي سيٽجڻ / گمراهه ٿيڻ.

**ڀنڻ ٽمجهڻ:** رودن پٽڪو (رڙڻ پٽڻ)/ روچ راڙو / گهپي / ڪِلڪِل.

**ڀنڊا ڇنڊا:** (ڀنڊ: ڀنڊا: مٿي جا ننڍا وار -ڇنڊا: وار): مٿي جا وار / وڪريل وار / اٿسنواريل وار.

**ڀنڊڻ ڀنڊٽي:** ڀنڊڻ ڀنڊڻ لاڳيتو گهرندو رهڻ / ڳڪ تي لڳڻ / مڇڙو ٿيڻ / ڏرٽو مارڻ. مثال:
فقير ڪي ڦڪڙي؟ ڀنڊي ڀنڊٽي ڪٽي ڀڏي اٿس (يعني گيدوڙي جي ڳگ وانگر چنبڙيو پيو آهي ۽ پڇر ٿي نہ ٿو ڇڏي).

**ڀنڊڻ ڀنڻ:** (رڙڻ پٽڻ/ روچ راڙو ڪرڻ): مانڊاڻ/ ڀنڊڻ ڀنڻ (روئڻ پٽڻ / روچ راڙو ڪرڻ / ڏمچر مچائڻ): روچ راڙو / مانڊاڻ / ڏمچر.

**ڀِنڊا ڇِتا:** (ڀ هيٺ زير - ڇ مٿي زبر): مٿي جا وار.

**ڀَنگ ڀڳڙو:** (ڀنگ: گاهه جو قسم جنهن ۾ نشو هوندو آهي ۽ چوپائي مال کي چاربو ناهي ويندو. ڀنگ جو ٻج ڀڳڙي وانگر هوندو آهي. موالي ڀنگ جي گاهه ۽ ٻج کي، ڏنڊي ڪونڊي ۾ گهوٽي، پاڻي ۾ مٺاڻ ملائي، ٿاڌل / شربت ڪري پيئندا آهن ۽ پوءِ نشي جي حالت ۾ هوندا آهن.
"ڀنگ ڀڳڙو ڪرڻ" اصطلاح آهي جنهن جي معني آهي "اجايو خرچ ڪرڻ"): اڏنگو / اجايو خرچ / هٿ ڦاڙائي (هٿ ڦاڙي خرچ ڪرڻ). مثال: عياشيءَ ۾، پنهنجي پيءُ جي ڇڏيل ملڪيت، ڀنگ ڀڳڙو ڪري ڇڏيائين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**پيٺي پر:** (پيٺي: جاءِ / جڳهه / ٺاڪ / پناهه / واهر / مدد): آڌر/ آسرو/ سهارو/ اجهو. مثال:

١- ويچارن کي سواءِ الله جي، ٻي ڪا پيٺي پر ناهي.

٢- پيٺي ناهم پر، اکيون اوهان جي آسري. (شاهه: سرڪنيات)

٣- محمد مير مرسل سار لهه ساجهر اچي سائين،

مڙن جي آهين پيٺي پر، انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي.

(مخدوم محمد امين فهيم)

**پيٺي پرجهل:** آڌر / آسرو / سهارو. مثال:

دور ڏنارن ڏک درو پيٺي پرجهل ناهه پرو (طالب المولي)

**پيٺي پڪ:** سهارو / آڌار / ٽيڪ. مثال:

١- برهه پيٺي پڪ، وائي تنهن جي هڪ (رضا محمد)

٢- "اڪبر، سائين! ڪانهي ٻي ڪا آزادي ريءَ پيٺي پڪ (سيد اڪبر).

**پيٺي پون:** پون: زمين، هتي ان جي معني آهي، ڪنارو / سهارو. مثال:

پر ڏني، پيلو پڳو، ٻچڻ جي ٻي نه پون (لطف بدينوي):

آڌار / بچاءُ / پناهه

**پٺ / پاءُ پايو:** پاءُ پرائي / مٺ مائٽ. مثال:

١- ڪين وهنديس ڪنڌ ۾، نه مون پٺ نه پايو. (شاهه: سر سسئي آبري)

٢- ڏٿيءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪو پٺ پايو / پاءُ ڪونهي!



www.sindhsalamat.com                                                    books.sindhsalamat.com

**تار طلب:** تارڻ طلبڻ: سارڻ سڏڻ): يادگيري / سڪ / تات تاري / ڇڪ / لڱڻ / محبت / سار / اڪير.

**تارَ گر:** تار مڪان / ڳائڻ وڄائڻ جو اصطلاح / ڳائڻ جي آواز (سر آلاپ) سان سازن جو ميل / وڄت ۾ پريي ۾ خالي جو پورو ماڻ / وڄت جو هنر / سُر تار، مثال:

آواز سنو اتس پر تار گر جي خبر نه اتس!

**تار مڪان:** (ساز ۽ آواز جو ميل/ سنگم): وڄت جو هنر / ڳائڻ وڄائڻ جو اصطلاح، مثال:

ڳائي ٿو پر تار مڪان کان ٻاهر پيو وڃي!

**تارا ڪتيون:** آسماني گرهه. مثال:

١-تارا ڪتيون تاٻ ٿيا ڏيکيندي دلبر. (شاهه: سر ڪنيات)

٢- ڇاهي سج چنڊ، تارا ڪتيون ساجن جي سينگار.

(ڪبير شاهه ڀيلائي)

**تارڻ ٻجائڻ:** ٻڏندڙ کي تاري ٻجائڻ/ تاري ڪناري تي آڻڻ.

**تارڻ ٻني لائڻ:** (ٻنو: ڪنارو / ڪنڌ / ڪپ - ٻني لائڻ: تاري ٻجائڻ، مثال: دعائيه جملو: صبح جا سائين، ٻيڙا ٻني لائين!): تاري ٻچائڻ / ڪناري تي رسائڻ.

**تاري تڳا:** (تڳا: تڳاءُ- تڳڻ: زنده رهڻ / جٽرو هجڻ): ٻچاءُ / آسرو/ اجهو، مثال:

تن بنا ڪشتي نه ترهو ۽ نه ڪا تاري تڳا. (علي محمد قادري)

**تاري توهه:** آڌر / آسرو / اجهو / پناهه.

**تاري طلب:** گهرج / اڪير / چاهنا / سڪ / ڇڪ / محبت، مثال.

جن راتو ڏينهان تنهن جي، تاري طلب تات،

تن هِيون اڪيون هيڪڙو، وائي ٻي نه وات (شاهه لطيف الله قادري)

**تاڙ توڙ:** (تاڙڻ توڙڻ: جاچڻ جوچڻ / ڳولڻ): خبر چار / جاچ / نظرداري / ڳولا ڦولها / جاچ جوچ.



www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

**تازو توانو:** سگهو / مضبوط / ڦرنو / چاق / چڱو ڀلو /Refreshed
Hale and hearty مثال: -

١- صحت سٺي اٿس، هر وقت تازو توانو پيو لڳي!
٢- مريض عشق وٽ جيڪر اچين رشڪ مسيحا
اٿي تازو توانو ٿي پڙهان بسيار بسم الله!. (حافظ احمد احسن)

**تازو نوبنو:** چاق / چڱو ڀلو / سگهو Healthy

**تاسَ تؤنس:** اُڃ / خشڪي / هلڪو تپ.

**تاسيارو اُجارو:** تاسيارو: تاس اُڃ وارو): اڃايل / ڏوکهيل / ڏوکهي (سخت اُڃ ۾ ورتل) / اُڃو

**تاسيل اڃايل:** پياسو / اڃو / ڏوکهي.

**تاسي پياسي:** تاسي: تاس وارو / اڃايل/ پياسي: پياس وارو: پياسو/ اڃايل. مثال:
تن تاسي پياسي، پسان کي پرين. (منٺار فقير راڄڙ)

**تاسيرو پاسيرو:** پاسائتو / لاڙيو / ترڇو / ابتو ڏڪ.

**تاڦڙو واڇرو:** (تاڦڙو: ويڪرو - واڇرو: وڏين واڇن وارو يعني موڪرو): موڪري منهن وارو / ويڪرو / تراڪڙو.

**تاڪ تاڙيون:** در جا تاڪ (طاق) ۽ تاڙيون. مثال:
ڏيئي تاڪ تاڙيون ڪڙا ڪلن ڪير (محمد عثمان ميمڻ)

**تاڪائو تڪيندڙ:** (تڪڻ / هوسڻ / ريســـارڻ / ريس ڪرڻ): تاڪو (ٻئي جو مال تڪيندڙ): حريص / ريسارو / ساڙيلو/ هوسيندڙ / نوسيندڙ /طمعي. Covertous / Envious

**تاڪر لاڪر / تاڪُرون لاڪرون:** تنهن ڪان وٺي / ان وقت ڪان وٺي / تنهن ڏينهن ڪان وٺي Since that time، مثال:
مهيني تاڪر لاڪر، ٻڌندا پيا اچون تہ هتان لڏيو ٿو وڃي.

**تاڪون لاڪون:** تنهن ڪان وٺي / انهي وقت يا زماني ڪان.

**تاڪ تاڪڙ/تاڪوڙ:** (تاڪڻ تاڪوڙڻ: جفاڪشيءَ سان ڳولڻ / ولاڙڻ / ڪوشش ڪرڻ / جدوجهد ڪرڻ. "تاڪ" جو اسم تڪبير آهي، تاڪڙ / تاڪوڙ): ووڙ /ولاڙ / ڪوشش/ جفاڪشي / جدوجهد.



www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

**تانگھہ تاڻ:** (تاڻ: سِک لڳڻ) اکير / اُڪنڊ / طلب/ ضرورت.

**تانگھہ تتڙي:** (تتڙي: تتي: (اسم تصغير: تتڙي): تتل (گرم) شيء وانگر): سِک / اکير / اُڪنڊ. مثال:

غم گوندر ۾ پئي گھاريان، ڪنھن تتڙي تانگھہ تپايو آ
(سڪندر خان ڪوسو)

**تانگھہ تنوار:** (تانگھہ: سِک ۾ سڏڻ / ياد ڪرڻ / اکير لڳڻ): سِک / اکير / اُڪنڊ. مثال:

سچا صحابي جيءَ جيار، تن ۾ تن جي تانگھہ تنوار. (شاھہ محمد ديدڙ)

**تانگھہ ٽُڪ:** [تانگھڻ ٽُڪڻ: ياد ڪرڻ / سِک لڳڻ. مثال:

جتي عجبين جو آستانو، پئي دل ٽڪيو تا ڏي (منٺار فقير راڄڙ)]:

تات تنوار / سِک / اکير.

**تانگھہ طلب:** تانگھڻ طلبڻ /گھرڻ / سِڪڻ / ياد ڪرڻ): سِک / يادگيري/ اکير. مثال:

تانگھہ طلب ۾ تاس پريِنءَ جي

ماريس قرب قلوب، ميان! (منٺار فقير راڄڙ)

**تانگھو پيرن- ٻوڙ:** (تانگھو: ننڍو پاڻي- پيرن ٻوڙ: ايترو پاڻي جنھن ۾ پير مس ٻڏي سگھن. ”تانگھو“ ضد - ”تار“): تورو پاڻي.

**تاڻ توڻ:** (تاڻن توڻن: ڇڪڻ تاڻڻ / ياد ڪرڻ / يادگيريون يا ساروڻيون اچڻ): سِک / ڇڪ / ڪشش / تانگھہ / ساروڻي.

**تاوڙي تاول:** (تاوڙجڻ تاولجڻ: تپڻ / گرم ٿيڻ): سج جي تاول/ سج جي گرمي/ اس / ڪاڙھو / گرمي / تپت / تپش.

**تاوڙي تکڙ:** گرمي / جوش / اُٻھرائي / جلدي / جلد بازي.

**تاوڙيون تڪرار:** ڦڏا/ فساد / معاملا / جھيڙا.

**تاھوت تکڙ:** (تھوتڻ تاھوتڻ تکڙڻ: جلدي ڪرڻ /سيگھہ ڪرڻ - تھوت / تاھوت ٻارڻ: حد کان وڌيڪ تکڙ ڪرڻ): اُٻھرائي / تکڙ / سِگھائي / سيگھہ / جلدي / تاڪيد.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**تاءِ تائي:** سج جو تاءُ / اس جي تکائي / تپت / ڪاڙهو / گرمي / تپش.
**تاءِ تِڙڪو:** (تڙڪو: ايرندي سج جي اُس. مثال:
ٻارڙا، سيءَ ڪان تڙِڪي ۾ ويٺا آهن. Children are sitting under the sun
تڙڪو: اسم تصغير "تڙڪڙو" : هلڪي اس.
**تاءِ تائڙو:** (تاءُ: تپت / اس- اسم تصغير تائڙو: هلڪو تاءُ / هلڪي اس- تائڻ: گرمي ڪرڻ / تپڻ / گرم ٿيڻ): اس / سج جي تپش / گرمي / ڪاڙهو / سج جي تپت.
**تاءِ تائڙي:** (تائي: اسم تصغير "تائڙي"): سج جي تپت / اس / گرمي / ڪاڙهو.
**تاءِ تپ:** ٻرو / بخار. مثال:

سو تہ سو ٻيرا وڃوڙو سَهٽو جنهن پٺيان وصال
قدر صحت جو نہ تنهن کي، جنهن نہ ڀوڳيا تاءَ تپ.

(محمد صديق مسافر)

**تاءِ تپاءُ:** اس / گرمي / سج جي تيزي / تکائي. مثال:
سياري جي اس ۾ گهٽو تاءُ تپاءُ ناهي هوندو.
**تاءِ تپت:** اس / گرمي / سج جي تپش.
**تاءِ تڙي:** (تائڻ: تاءُ ڪرڻ / تپڻ - تائجڻ: گرم ٿيڻ)- تڙي: چينب ڪيڏي لوڏڻ): چينب / تنبيهه.
**تاءِ تکڙ:** اٻهرائي / جلد بازي. مثال: هي تاءُ تکڙ ڇا لاءِ؟!
**تائڻ تپائڻ:** بيزار ڪرڻ / تکڙ ڪرڻ / ورچائڻ / کک ڪرڻ (تائي تپائي: بيزار ڪري). مثال:
وڏو ظالم آهي: غريبن کي تائي تپائي ڪنيو اٿس.
**تايل تپايل:** ظلم ڪيل / بيزار ڪيل / ڏاڍ ڏمر جو ماريل / هنيل / ماريل / سورن جو ستايل. Oppressed
**تائي توائي:** تکڙو / اٻهرو. مثال: تورو چيومانس تہ تائي توائي ٿي ويو.
**تباهہ برباد:** اجڙيل / هنيل ماريل / هجيل.
**تِتر بِتر:** ٽڙيل پکڙيل / ڇڙوڇڙ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**تجلا تجلار:** چمڪاٽ / تجلا. مثال:

١- اڏامي عرش هليو تڪا ڪري تجلار. (فقير علي بخش جمالي).

٢- نڪي هو نڪٽ، نڪي هيون ڪتيون، هو هڪ تاري جو تجلار
(فقير علي بخش جمالي): چلڪاٽ / چمڪاٽ / روشني / شعاع.

**تجمل تومان:** ٺٽ ٺانگر / دٻدٻو / شان شوڪت.

**تخت تاج:** اقتدار اعليٰ / بادشاهي / حڪومت جي واڳ/ راڄ جي پڳ.

**تڏ تڏر:** آڪڙ / سڪتو جوش / وڏائي / هَٺُ.

**تڏ توڏ:** جهِپ / چِڪ / سَٽَ.

**تڏا تڏيون:** ننڍا وڏا تڏا / وڇاڻا / تو نريون / پٿارٽيون / پٿريٽيون (پٿيرڻ / پٿارڻ): وڇائڻ لاءِ تڏيون يا وڇاڻا.

**تڏا تونريون:** هيٺ وڇائڻ جون تڏيون، مثال:

بينچ ڪرسين جو ڪ ميزن جو منجهن هو نہ ضرور
تي تڏا تونريون ڪڪ پن بہ وڇايا مڪتب. (محمد صديق مسافر)

**تڏهوٽو تڏهوٽڪو:** انهيءَ وقت جو / ماضي سان لاڳاپيل / گذريل وقت سان واسطو رکندڙ. Of that time

**تَرَ بچاءُ:** ترڻ بچائڻ: تاري بچائڻ / ٻڏڻ کان بچائڻ / تاري، ڪناري تي آڻڻ/ خبر چار لهڻ / سڌ لهڻ: سُڌ سار/ خبر چار.

**تر پاءُ:** (اوسي پاسي جون خبرون لهڻ / راز يا منجهس لهڻ / مام پروڙڻ): اگهہ پار / خبر چار / واءُ سواءُ / سڌ سماءُ، مثال:

ڪامڻ ڪي هو ڪو نہ پيو ان تارن جو ترپاءُ.

**تر تروڪٽيون:** ڪارا تر / ڪارن ترن جا نشان / موهيڙا، مثال:

ڪارا تر تروڪٽيون، مٿن ڦلهڙيون.

ڪوءِ سي راتڙيون، جي مون پريءَ پڇاڻا پيئون. (شاهہ: سرڪنيات)

**ترِتريو تڪڙو:** اجائي تڪڙ ڪندڙ / جلد باز / اُبهرو.

**ترُ پٽ:** اوسو پاسو / جوءِ / ويجهو چڪ / ميداني علائقو / ويجهڙائي وارو علائقو، مثال: ترپٽ ۾ تہ اهڙو ماٺهو ڪو نہ سُجهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**تَرُ قَرُ:** تر: باغ جو ترو- قر: ميويدار وڻ جو قر (قل / ميوو)؛ باغ جي تري ۾ گاهه ۽ ٻاڇيون پوکيون وينديون آهن. انهيءَ کري مقاطعيدار. باغ جو مقاطعو کڻڻ وقت "تر" ۽ "قر" جي ٻولي ڪري پوءِ واڪ ڏيندا آهن ۽ مقاطعو ڪندا آهن.

**تِر مڱ:** تِر: تيلي ٻج جو سنهڙو ۽ ٻتڪڙو داڻو / ٻج جو داڻو جنهن مان تيل نڪرندو آهي. مڱ: ذرڙي جيڏو / ننڍڙو داڻو. مڱن جي دال مريضن لاءِ مفيد ڪاڏو آهي.

**ترار تراڙ:** تلوار A sword

**تراڙ پٽ:** تراڪڙو پٽ / پٽ پڌر / ميدان.

**تراس تاس:** (تراسڻ تاسڻ: اُڃائجڻ / اڃ ۾ مرڻ / سخت اڃ لڳڻ)؛ سخت اڃ / پياس / ڏوکهو.

**تُرازو / تُرازي تاراجي:** (تاراجي: تارازي)؛ ساهمي / تور ڪرڻ جو ڪانٽو A pair of scales

**تراءِ / تراهه تلاءِ:** ڍنڍون ڍورا / چشما / ڇڄ / ڪڏون کاهيون.

**تَرايون تَل:** هيٺاهيون / لاهونديون / ڪڏون / ڪامان / ڍنڍون ڍورا. مثال:

هڏا ڪتان تي هليو پري تل ترايون (شاهه: سر سارنگ)

**تِر تِر تڪڙ:** (تر تر: آنڌ مانڌ / ڦتڪو / بي آرامي / لوڇ پوڇ)؛ اٻهرائي / چوهائي / ڪورڪي تڪڙ.

**تَر پَچاءُ:** (ترڻ پچائڻ)؛ رڌ پچاءُ / سانجڻ (کاڌو تيار ڪرڻ).

**تُرت ڦُرت:** اتي جو اتي / جلدي / هڪدم / تهه پهه.

**ترِچو تِچو:** (ترچڻ تچڻ: چلڻ / ڪل لاهڻ)؛ چليل / ڪل لاٿل.

**ترڪ تال:** (ترڪڻ تالڻ)؛ اجايا نٽ نخرا / ڪوڙا بهانا. Feigning

**ترڪو توشو:** ورثو / ورثي ۾ مليل ملڪيت ۽ مال.

**تڙينگ اڙينگ:** اهنڊ / وڏو پهلوان. مثال:

هن ڏِگران مڙس سان ڪو تڙينگ اڙينگ منهن ڏئي!

**تڙ پيڙ:** (تڙڻ: پيڙڻ: تڙڻ ٿيلهڻ / ڌِڪڻ / ملڪڻ / مڪالڻ - پيڙڻ: سوڙهو جهلڻ / گهٽڻ): سوڙهه / تنگي / تڙتڪڙ / دٻاءُ pressure، مثال:

مان فرمائين ٻڌا ڪاڻ ٻڌڻ
لهر جي تڙ پيڙ ۾ تک تار وٽ.

**تڙ تلاءُ:** (تڙ: پاڻيءَ جو حوض جنهن مان تڙڪجي / وهنججي Swimming pool جتان پاڻي ڀرجي / تلاءُ / ڪَڏ): ڪوهه / ڪوهر.

**تڙ تڪڙ:** (تڙڻ تڪڙڻ): ڇوهائي / سگهائي / اُبهرائي / جلدائي Hot/ Fiendish Haste مثال:

١- تڙ تڪڙ ۾ ڪو ڪم سولو نه ٿو ٿئي!
٢- تڙ تڪڙ تار گهڙڻ، اي ڪاٺيارن ڪم (شاهه)
٣- رهه بردبار سرس ٻين ڪان شباب ۾
ڇڏ ڇوهه تڙ تڪڙ ڪي ٿري ٻارگير ٿي. (محمد صديق مسافر)

**تڙڪو تؤ:** تڙڪو: سج جا ڦهريان ترورا- تؤ: ٻاهه جو سيڪ / اس جو تيک: گرمي / ڪاڙهو، مثال:

پرت پنهل جي پڙي جيڏيون جن ڪي،
تڙڪو تؤ نه لڳي ڪو تن کي (منٺار فقير راڄڙ)

**تڙ قُل:** (تڙ ڪرڻ، وهنجڻ - قُلڻ: سينگار ڪرڻ / هار سينگار ڪرڻ / گُل قُل ٿيڻ): هار سينگار / تيل ڦليل / سنڌ سرمو / ٿٽي ڦوڪارو، مثال:

تڙ قل تير تلاءَ تي پورب ڪري پور (محمد سومر سومرو)

**تڙي تَقِري:** (تڙڻ تقڙڻ: جاڪوڙڻ / جيئن تيئن ڪري ڪم راس ڪرڻ): جيئن تيئن ڪري / وڏي مشڪل سان.

**تَڙي ڪَڙي:** اتي جو اتي / بيٺي پير / تڏي تي / جهٽ پٽ / ٿهه پهه / جلدي / بنا ڪنهن دير جي.

**تعويذ قُل:** (لکيل دعا تعويذ ۾ مڙهائي، گل / هار ڪري پائڻ / دعا لاءِ سگهو پڙهائي پائڻ / لکيل دعائون ڪنيلو (هار) ڪري پائڻ يا ڌوري ۾ ٻڌڻ): ڦيٿو ڄندو / دعا تعويذ.



www.sindhsalamat.com     books.sindhsalamat.com

**تنبو طولان:** خيما TENTS/ PAVILIONS

**تنتر منتر:** انترِ منتر / جادو جو منتر / نانگ بلا جي ڏنگ ڪان جهاڙ / ڦيڻ / ڦيٽو / ڇوُ منتر.

**تند تار:** ساز (دنبورو / سارنگي / يڪتارو) جي تار جنهن کي ڇيڙي، ساز وڄايو ويندو آهي. مثال:

تخت يا تختي متي، طرفان ملي بي تند تار. (حاجي احمد ملاح)

**تَند تنوار:** (تند تي تنوارڻ): ذڪر / تات تاري / يادگيري.

**تُند تِکو:** ڇوهو / تيز / جوشيلو.

**تندون تارا:** ڇيهون ڇيهون. مثال:

سڙي هي دم ويو دم ۾، ٿيو آ تندون تارا (مولابخش مولائي)

**تندون تارون:** ساز جون تندون/ انساني جسم جون تنتون/ رڳون/ نسون.

**تنڪا طعنا:** ٽوڪون / ٽنولون / مهڻا. مثال:

هڪ هلڻ جوهاوان ۾ تولئي، ٻيو پچڻ جو پروان ۾ تولئي.
ٽيو محشر ۾ ميزان ۾ تولئي، جت ڏيندءِ تنڪا طعنا وي!
(منٺار فقير راڄڙ)

**تڻ مڻ:** تڻ مڻ تپائڻ: بيزار ڪرڻ/ عذاب ۾ وجهڻ.

**ٽُڪ تات:** (ٽٽڪ: ٽٽڪڻ: ياد ڪرڻ/ آواز ڪڍڻ/ ذڪر ڪرڻ) تار طلب / تات تنوار / ذڪر.

**ٽُڪ طلب:** تات تاري. مثال:

رکي "منٺار" سڀ ڄمار، ٽڪ طلب جي ٽي
سڪ سرير، منجهه اکير، گهٽ پوي نه، ٽئي گهٽي (منٺار فقير راڄڙ)

**توبهہ تائب:** پڇتاءُ مثال:

بند تائب لئي نہ توبهہ، ترت تعبيدار ٿي" (حاجي احمد ملاح)- مثال:

اڇانڪ زندگي ۾ اهڙي ڪا هلچل اچي ويس جو گناهن کان توبهہ تائب ٿي ويو.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**توبہ زاري:** پڇتاءُ / گناھ نہ ڪرڻ جو وچن.

١- تنهن جي ڪائي ڪائي ريت ٿهاري آ،
منهنجي توبهہ توبهہ زاري آ. (منٺار فقير راڄڙ)

٢- آءٌ تہ ويچاري، دردن ماري توبهہ زاري، سڻ پڪار (منٺار فقير راڄڙ)

٣- منهنجي منڙي نازڪ نِنڍڙي،
ويتر آهي. ڳتين ڳاري، دل ويچاري توبهہ زاري. (عطاءُالله سرهندي)

٤- توبهہ زاري ٿي ڪاري اتي قيام. (سليمان ملاح)

**توتڙ ٿهہ:** (ٿهہ / توهہ: سنگ ۾ داٿڻ مٿان آيل ٿهہ / سنگ جا چلڪا چوٿا - ان جا ڪڏا / پوڪ جا ڪس سنگ جن ۾ ان جو داٿو مارجي ويندو آهي، مثال.

اڇو ڪنڌءِ ان جان، تاري توتڙ توهہ (جلال ڪٽي)

**تور تل:** (تور، تورڻ: برابر ڪرڻ - تل (ت تي پيش ۽ ل هيٺ زير): برابر. مثال: مندون مڙيئي پليون، ڪانهي تل بهار!): برابر/ ثاني / مٽ ثاني / شاني شريڪ / جهڙو / هڪجهڙو. مثال:

مون نہ پانيان محبوب جا ڪي تور برابر تل (عبدالرحمان مهيسر)

**تورزن طاقتور:** جاٺو جبرو/ هڏ ڪاٺ وارو (تورزن Tarzan: جنگي تير / جنگي ڪهاڙو) اصطلاح ۾ معنيٰ: پهلوان / دلير / جنگي جوڌو / بهادر / سورهيہ.

**تور تڪ:** (تورڻ تڪڻ: سوچڻ ويچارڻ / ڳڻ مَو ڪرڻ / سوچ ويچار ڪرڻ): سوچ ويچار / ڳڻ ڳوت / غور فڪر. مثال:
گهڻي تڪ تور ڪان پوءِ وڃي فيصلو ڪيائين تہ ڇا ڪرڻ کپي.

**توڙ ڇيهہ:** انتهائي حد / پڇاڙي / منزل مقصود Destination مثال:
سو ڪندو همراهي توڙ ڇيهہ تائين.
آهن اميدون مون کي اهڙيون. (منٺار فقير راڄڙ)

**تو شڪ تڪيو:** (توشو: توشڪ (اسم تصغير) ڳاهلو / وهاڻو - تڪيو: وهاڻو): آسرو / سهارو / آٿت / آڌر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**تيل قليل:** هار سينگار / ڦٽي ڦوڪارو / سرهاڻ / ميڪ اپ. مثال:

١- چوٽا تيل قليل سين واسينگ ويڙهيائون

(مين شاهہ عنات: سرود: مومل راڻو)

٢- ڏيا تيل قليل جا، پاريم تائين پانگ. (شاهہ: سرمومل راڻو)

٣- تن سي تيل قليل، عطر گاڌڻ اوتيا (سچل سرمست)

٤- سي تاتيل ڦيں سان، سيون ملائين ميٺ (سچل سرمست)

٥- ڪر نہ اچي ڪانڌ ريءَ، ڦڪا تيل قليل جي مون لڳين لايا

(نانڪ يوسف)

٦- تيل قليل، ڦٽيون ڦوڪارا.

ڏوپيل واسيل ڪيس هي ڪاار. (مخدوم محمد زمان طالب المولى)

٧- تيل قليل تازا ڪري، نڪري جڏهن نار.

"فئشن" عجب "فقير" چڙي، مشڪ "ميڪ اپ" مارا (ورڀل شيخ فقير)

**تيل سرمو:** هار سينگار / ٺاهہ ٺوهہ. مثال:

حسينن سوا سونهن گهرجي نڪي

ڦٽي تيل سرمو، مِسي ۽ مُساگ. (سيد فاضل شاهہ)



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

# ٽ

(لفظن جا جوڙا : 126 ـ ڪل لفظ: 252 )

**ٽاپ ٽوپ،** (ٽاپجڻ ٽوپجڻ: ڏکو ڪائڻ): ڏِکَ ڏوپ.

**ٽاپا ٽوٽ،** (ٽاپجڻ: ٽوٽجڻ: ڏڪا ڏوما ڪائڻ / وچڙي ڪرڻ): ڏڪا ٽاپا/ ڏک ڏاڪڙا / اٽڪ / جهل / ٽاپو ڏڪو / رنڊڪ روڪ.

**ٽاپا ٽيڙ،** ٽاپڙجڻ ٽيڙجڻ: ٽيلهجڻ / ٽڪرائجي ڪرڻ / ٽڏجڻ): ڏما ڏوما / رولاڪا ٽولاڪا.

**ٽاپا ٽڪر،** (ٽاپجڻ ٽڪرجڻ): ڏڪا ٽاپا / رنڊڪون روڪون.

**ٽاپا ٽولاڪا،** ڏولاڪ ڏک / ڏڪا ڏوما / تڪليفون.

**ٽاپا ڏڪا،** آڏيڙا / ٽڏا / ڏڪا ڏوما / رولاڪا ڏولاڪا. مثال:

علم ري ٽاپا ڏڪا محتاجي آ، اونداهي آهه،
ري اکين انسان جو، دنيا ۾ آهي ڪهڙو حال؟ (حڪيم فتح محمد سيوهاڻي)

**ٽاپار ٽاپاڙ،** (ٽاپارجڻ ٽاپاڙجڻ: ٽاپڙجڻ: ٽاپو ڪائي ڪرڻ / ڏڪو ڪائڻ): ڏڪا ڏوما / ٽاپا ڏڪا.

**ٽاپڙ ٽوپڙ،** (ٽاپڙجڻ ٽوپڙجڻ: ڏڪو / ٽاپو ڪائڻ): To Tumble Down ڪڙ پڙ/ اوجهڙ / هيٺاهين زمين / ڪڏون ڪپا Rough / Uneven Ground

**ٽاپڙجڻ باهُڙجڻ،** (آڏيڙجڻ / ڏڪو ڏومو ڪائڻ / ٽاپو ڏڪو ڪائڻ): آڏيڙو / ٽاپو / ڏڪو ڏومو.

**ٽاپو / ٽوپ ٽوپو،** آڏيڙو / ڏڪو ڏومو / ٽڏو / تڪليف.

**ٽاپو ٽوپ،** (ٽاپجڻ ٽوپجڻ: وچڙي ڪرڻ / ڏڪو ڪائڻ) ڏڪو.

**ٽاپو ٽيڙ،** (ٽاپجڻ ٽيڙجڻ: ٽيلهجڻ / ڏڪو ٽاپو ڪائڻ): ٽيلهو / ڏڪو ٽاپو.

**ٽاپو ٽيلهو،** ٽاپجڻ ٽيلهجڻ: ٽاپڙجڻ / ڏڪو ڪائڻ): ڏوڪو ڏومو / ٽاپو ڏڪو.

**ٽاٽرائڻ ٽٽرائڻ / ٽٽرڻ،** (دير ڪرائڻ / ضايع ڪرڻ / زيان ڪرڻ / سيڙائڻ رنڊائڻ / لنوائڻ / لهرائڻ): دير / رنڊڪ / سيڙائو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**تر ٽاهر / ٽانهر:** ٻيهڪ / اٽڪاءُ / ٽڏائي / ٻقاء / جٽاءُ / ڌيرج / صبر.

**ٽرڙ ٽرڙيون:** ٽرڙ: ڊنل شهر / وڏي ايراضي ۾ پکڙيل ڦٽل شهر / جهونو دڙو- ٽرڙي: آڳاٽو ڦٽل ننڍو ڳوٺ / ڦٽل ڳوٺ جو دڙو / پراڻو پـڙو/قـديم دور جو دڙو. "ٽـرڙي" جي نالي سان ڪيترائي ڳوٺ آهن. مثال طور: ٽرڙي محبت ۽ ٽرڙي جادو (ضلعو دادو) جيڪي ڦٽي وري آباد ٿيا آهن.

**ٽرڪٽي ڦرڪٽي:** (ٽـرڪڻ ڦـرڪڻ: ٽـڙڪڻ / ڏڪڻ / ڪنبڻ - ڦڙڪڻ: رڦڻ / ڏڪڻ / ڪنبڻ): رڦٽي / ڦر ڪٽي / ڏڪٽي.

**ٽرو ٽرڙو:** (ٽـرو: ٽ هيٺ زير - ٽـرڙو: ٽ هيٺ زير (: ٽيـڏين اکين وارو. چوندا آهن: ٽيـڏو پسي ٽي! ٽيـڏين اکين واري کي هڪ بدران ٽي شيون نظر ايندريون آهن): اکين ڦريل / اکين ٽرڙيل.

**ٽرڪي ٽاٻڙجي:** ٽرڪڻ ٽاٻڙجڻ: ٽاٻو/ ڇيتڪ کائي ڪرڻ To Tumble down، مثال:

ٽرڪي ٽاٻڙجي ڪريو، نيئي ڪوبي ڪوڙيو ڪنڌ (شاهه محمد ديدڙ)

**ٽريلو ٽري:** سنڌ جي ٽر يعني ريگستاني علائقي جو رهاڪو.

**ٽڙ ٽانو / ٽانءُ:** (ٽڙجڻ ٽانئجڻ: هنڌائتو / جائيتو ٿيڻ): رهڻ جي جاءِ / ٽڪاءُ آرام جي جاءِ / مستقل هنڌ Fixd Abode مثال:

١- ٽڙ ٽانءُ نہ اٿس، ڳوليونس وري ڪٿي؟

٢- ٽر ڪڄاڙو تو بنان!

مون کهڙو ٽڙ ٽانءُ،

مون کان مور نہ وسري. (شيخ اياز)

**ٽَڙَ ٽَڙ ٽِر ٽِر:** اٻهرائي / تکڙ / جلدائي / سيگهہ.

**ٽِڙ ڦِڙ:** ٽڙ تکڙ / سيگهہ / جلدي / وٽ پکڙ / چوهائي / اٻهرائي.

**ٽڙڪو ٽڙڪٽي:** ڏڪٽي / رڦٽي (رڦڻ ڏڪڻ) ڏکو ڏومو / ڏڪٽي.



www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

**ٽڙڪي ٽاپڙجي،** (ٽـڙڪڻ ٽـاپڙجڻ: ٽـاپو چيـتڪ ڪـائي ڪرڻ / وچڙي ڪرڻ). مثال: ٽڙڪي ٽاپڙجي وڃي ڪريو!

**ٽڙڪٽي ٽرٽر،** (ٽـڙڪڻ ٽـرٽـرڻ: ٽـڙڪڻ / ڏڪڻ / ڪنبڻ / ڦـر ڪڻ): ڏڪٽي / ٽڙڪو / ڦرڪٽي.

**ٽڙم ٽڙا،** ڦٽ لعنت / ڦٽ بجو / ملامت / لعن طعن.

**ٽڙي ٽڦڙي،** (ٽڙڻ ٽڦڙڻ: ڏکيائي سان هلي سگهڻ / مسين مسين هلي چلي سگهڻ): مشڪل سان / مسين مسين / مس مس.

**ٽڙيو ٽاپڙيو / ٽڙيل ٽاپڙيل،** (ٽڙڻ ٽاپڙجڻ: تيز ڪائڻ / پـٽڪڻ / رلڻ / رلي وڃڻ): پليل / گمراهه / روليل / اوچتو نازل ٿيندڙ مهمان جيڪو ٽڙندو ٽاپڙجندو، رلندو پنندو اچي نڪري / صحيح رستي تان هٽيل پٽڪيل.

**ٽڙيل ٽڙڪيل،** (ٽڙيل: ڪل ٽڙيل / جنهن جي دماغ جي ڪل پنهنجي جاءِ تان ٽڙيل هجي- ٽڙڪيل: جنهن جو دماغ پنهنجي اصل جاءِ تان هٽيل هجي / جنهن جو دماغي توازن بگڙيل هجي / ڏهه آنا - ڇهه آنا): چريو / پاڳل / يوڪ Mad/ Imbalanced

**ٽَڦا ٽڦي،** ٽـڦڙن جي مار / ٽڦڙون مڪـون / هلڪـو مار موچڙو / ڏڪ چنبـو. مـثـال: ٻاڻ ۾ اٽڪـيـاتـ، هـڪ ٻئي کي ٽـڦـا ٽـڦـي ڪيائون، پر ماٺهن وچ ۾ پيئي جهيڙو ڇڏائي وڌو.

**ٽڦ ٽڦ ٽڦڪو / ٽڦڪي،** ٽـڦـڪڻ: ٽپرڻ/ همٿائڻ / دعا ڪرڻ لاءِ پُٺيءَ تي ٽـڦـڪي هڻڻ / ملاڪـڙي ۾، ملهـ وڙهندي، دسيل ملهـ، اٿندي، دسيندڙ ملهـ (پهلوان) کي پٺيءَ تي ٽـڦـڪي هڻي، سندس سرسيءَ بهادري جو داد / شاباس ڏيندو آهي.

**ٽڦ ٽڦڙ،** ٽڦ: اسم تڪبير: ٽڦڙ (زوردار ٽڦ): زوردار چماٽ

**ٽڦاڙون ٽڦڙون،** ڏڪ چنبا / هٿن جا ڏڪ.

**ٽڪ بجو،** ٽڪ لعنت / ڦٽڪار / ڦٽ بجو / ڄٽ ڦٽ / مارڪٽ / مار موچڙو / لعنت ملامت. مثال:

ملي ملحد کي هر مجلس ۾ ٽڙڪو ٽڪ بجو ٽيلهو. (حافظ حامد ٽڪڙائي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ٽڪن هاب ٽوڪو:** (ٽڪن هاب: جنهن کي ٽڪون وسنديون رهن/ ٽڪاريل / بي مانو- ٽوڪو: جنهن کي ٽڪون بجا لڳندا رهن/ ڦٽ لعنت تي هريل): ذليل / خوار / بي مانو / رسوا / بي عزتو / اٽاسو / ساٽوڪڙ (جنهن تي ڦٽ لعنت ۽ پادرن جا ستڪارا ٿيندا هجن).

**ٽلهو ٽنيرو:** (ٽلهو: ٽولهه وارو- ٽنيرو: ٽنب جهڙو): سبرو / پڙ / متارو / موٽو / سڪيو آسودو. مثال:

١- پلو کهڙو نہ ٽلهو ٽنيرو آهي! ڏني تي بڪ لهي!

٢- ڏسڻ ۾ ٽلهو ٽنيرو، پر ڪم ڪان ٻرو چڙهيل اٿس.

٣- ڪنهن کي لپ سرمو اکين ۾، سينڌ سرمو ٽو ڪري.

سو ٽلهو ٽنيرو متارو بودلو بهرام ٿيو. (مرزا قنبر علي بيگ حيدري)

**ٽلهو ٽوب/ ٽلهي ٽوب:** حد کان وڌيڪ ٽلهو مرد / ٽلهي عورت.

**ٽلهو ٽو ٽانگ:** (ٽوٽانگ: ٻي ڊولو ٽلهو): ٻب (ٻ هيٺ زير + ب تي زبر) جهڙو ٽلهو.

**ٽلهو ٽوٽڙو:** (ٽوٽرو: ٽوٽ وارو / ٽوٽر چڙهيل / سوڄ چڙهيل بدن وارو جنهن ۾ طاقت ناهي هوندي ۽ اهڙو ماڻهو صرف ڏسڻ ۾ ٽلهو متارو هوندو آهي): بي ڊولو/ ٽلهو / اجايو ٽلهو.

**ٽلهو ٽيٽريل:** (ٽيٽريل: بي ڊولو / اڻ گهڙيل ڪاٺ وانگر): ٽلهو: ٽلهو سيرو / ٽلهي سيري: طاقتور / سگهارو / سگهاري / مضبوط / سبرو / سبري.

**ٽلهو متارو / ٽلهي متاري:** سگهارو - سگهاري / طاقت وارو- طاقت واري: چڱو ڀلو / چڱي ڀلي / پڙ / صحتمند / ٻلوان.

**ٽلهي ٽوب:** حد کان وڌيڪ ٽلهي عورت / بد زيبي عورت.

**ٽر ٽاٽا:** (ٽمائڻ: چوري / ڌاڙي جو سامان لڪائڻ / لڪائي رکڻ / چيٽ ڪرڻ. ٽر ٽاٽو: لڪڻ جي جاءِ / ٽمجي وهڻ وارو هنڌ / جهنگ ۾ مرون سوئر جي لڪڻ جي جاءِ): جايون / ٽڪاڻا (ٽڪڻ / رهڻ جون جايون) گهر / اٽانگا لڪل هنڌ/ چورن جا ٽاڪ / چورن ڌاڙيلن جي لڪڻ جون جايون / ماڳ مڪان / گهر.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**ٽوڪو ٽيلهيل:** (ٽوڪو: جنهن تي ٽڪ بجو / ڦٽ لعنت وسندي رهي ۽ هو سهندو ساڻاٽيندو رهي. ٽيلهيل: جنهن کي ٽيلها ڏيئي ڪڍجي):
لوڏيل / هڪاليل / ڌڪاريل / ٽو ڪاريل / ڦٽڪاريل Rejeted

**ٽوٽي ٽاڪ:** اجهو / آڌار / آسرو / ٽيڪ. مثال:

ٽوٽي ٽاڪ ٽڪن جو. ٽون آن پرور پال (جلال ووگهڙ)

**ٽوٽي ٽنب/ ٽوٽيون ٽنب:** ٽيڪون / آسرا / اجها / سهارا.

**ٽوٽيون ٽنيا:** ٽيڪون / آڌار / آسرا / اجها / سهارا. مثال:

ٽوٽيون ٽنيا لڏي پون.
سارا جذبا پڏي پون،
چپبا آهن رڪ - چٽا،
موتي، موتي ان - ڪٽا. (مير محمد پيرزادو)

**ٽوٽا ٽما:** آڌار / ٽيڪون / جهلون.

**ٽوهر پوهر:** ٽوهر Cactus پوهر: ٽوهر جهڙو پوٽو.

**ٽهر ٽوپ:** آرام سڪون / قرار / ٽانهرائپ / ٽانهرائي. مثال:

ڏوريندي ير ڏونگرن، ٽهر ٽوپ ٽيام. (شاهه: سر معذوري)

**ٽيلهه ٽيلهار:** ٽيلهڻ ٽيلهارڻ: ڌڪڻ.

**ٽهيون ٽها:** ڍڳ / ڍڳڙي A small pile

**ٽيل ٽايل / ٽيو ٽايو:** مڪمل ٽيل ڪر Accomplished work مثال:

اوهان رڳو پهچو، بندوبست ٽيو ٽايو / ٽيل ٽايل ڏسندا.

**ٽيلهه ٽوڏ:** ٽيلهڻ ٽوڏڻ To Push ٽيلهو / ڌڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽ

(لفظن جا جوڙا: 154 - ڪل لفظ: 308)

**ٽاپَ ٽاپر:** ڪنواري / ساماڻل ڇوڪري / عاقل بالغ ڇوڪري / ٽڻين نندي.

**ٽاپڙ ٽاپڙ ٽاپ ٽاپ:** ڪهڻ گهوڙن جي پيچڻ جو آواز / ڊوڙندڙن گهوڙن جي سنبن جو آواز / تکي ياچ جو آواز.

**ٽاپڙ ٽاپڙڪو:** (ٽاپڙڪڻ: گهوڙن جو پيچڻ- ٽاپڙڻ: ڊوڙڻ): گهڻن گهوڙن جي ڊوڙڻ جو آواز / گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ.

**ٽاپلو ٽاپڙ:** (ٽاپلڻ ٽاپڙڻ): گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ / پيچندڙ گهوڙن جي سنبن جو آواز.

**ٽاپ ٽوپ:** چاپلوسي / خوشامد.

**ٽاٽائي ٽڙٽائي:** (ٽاٽائي: ٽاٽ وانگر ڪڙڪ هجڻ): ڪڙڪائي / ڪڙائي / ٽڙٽائي / ٽٺ / سينگار.

**ٽاٽ ٽوڪ:** (ٽاٽڻ: ٽاٽائي وٺڻ: ٺاهه ٺوهه / سينگار ڪرڻ - ٽوڪڻ: ٽوڪ): سينگار / لاڏ / مستي / آڪڙ / هٺ / وڏائي.

**ٽاٽور ٽاڪور:** (ٽاٽورڻ ٽاڪورڻ: ٽاڪور ڪرڻ / هيٺ تيل ملائي گرم ڪري، ڦٽن کي سيڪڻ): سيڪ / ٽاڪور.

**ٽاڏ ٽاڏيون:** (ٽاڏ - "ڏ" تي زبر - ٽاڏڻ: ٽپڻ / ڪڏڻ - ٽاڏيون ڏيڻ: ٽپڻ / ٽپ ڏيڻ، مثال:

بڪا پورا پلا وڏيار پوٺن تي هليا پهري،
ٽپا ڏيئي ٽاڏيون ڪن پٽارا، ماهه سانوڻ ۾ (مجذوب لاشاري):

ڪڏ / ڇلانگ / چال، مثال: پلا ڏاندا، پهرجي جڏهن پوٺن تي ٽاڏ ٽاڏيون ڏيندا آهن ته ڏاڍا سهڻا لڳندا آهن.

**ٽار ٽاريون:** وڻن جا ڏار / ڏاريون / شاخون.

**ٽارا ٽانبر:** (ٽارو: ٽار - ٽاري - ٽاريون - ٽانبر: ٽار ٽاريون): وڻن جا ٽار ۽ ٽاريون / لامون / شاخون / ڏار ڏاريون. مثال:

وڻن جا ٽارا ٽانبر چانگي ائن کي ڪارائي ڇڏيائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ٽالو ٽلو:** سنگهر / قطار / جوڙو / پيلهه / ست.

**ٽاليو ٽهليو:** ٽاليو: ٽهل ٽڪور ڪندڙ / خدمت چاڪري ڪندڙ - ٽهليو: ٽهل / خدمت چاڪري ڪندڙ): نوڪر / چاڪر / ٻانهو.

**ٽام ٽاٽو:** ٽام: ٽائم: ويلو / وقت - ٽاٽو: گهڙي / وقت / ويلو. مثال:

١- ٽاٽو ٽري ويو پر هو نہ آيو.

٢- سانجهي ٽائي: شام جو In the Evening

٣- ملي ڪو نہ مردار توکي ٽاٽي تي ٽڪر (سگهڙ غلام رسول رند)

اي بدنصيب شل توکي وقت تي ماني ٽڪر بہ نہ ملي!:

وقت / گهڙي.

**ٽام ٽڪاڻو:** (ٽڪاڻو: ٽڪڻ جي جاءِ): هنڌ / ماڳ مڪان / جاءِ Place/Abode

**ٽام ٽاري:** ٽامون ٽاريون: ٽام: وڻ جي ننڍي ٽاري / لام): وڻن جون لامون / شاخون. مثال:

مند تي، ميويدار وڻن جون ٽامون ٽاريون. ميون سان ڀرجي، لڙڪي پونديون آهن.

**ٽاڊو ٽوپي:** (چلم جي ٽوپي جنهن ۾ تماڪ وجهي ٽاڊو ڀري وزم تيار ڪندا آهن ۽ چلم حقي جا موالي، ٺوڪ ڀريندا آهن ۽ پوءِ هر وقت ڪنگهندا وتندا آهن. وڏن ماڻهن / اميرن کي نوڪر "چلم" (حقو) تيار ڪري ڏيندا آهن. اصطلاح ۾، "ٽاڊو ٽوپي ڪرڻ" جي معني آڳو پيڇو ڪرڻ / خدمت چاڪري ڪرڻ آهي): خدمت چاڪري / ٽهل ٽڪور / آڳو پيڇو / خدمت چاڪري.

ٻاراڻي راند: ٽاڊو ٽوپي ڊبڙڪ ڏس!

**ٽانءِ ٽاڻ:** هٺ / تڪبر / وڏائي / مغروري.

**ٽانءِ ٺوڪ:** (ٺوڪ: ٺوڪجڻ: هٺ ۾ ڀرجڻ): آڪڙ / اجائي وڏائي/ وڏ ماڻهپائي (هرون ڀرون پاڻ کي وڏو سمجهڻ).



www.sindhsalamat.com          books.sindhsalamat.com

**ٽَڙڪو ٽڙڪاٽ،** (ٽڙڪڻ ٽڙڪائڻ: ٽاڪئين شئي جي ڀڄڻ جو آواز / ٽڙڪاٽ ڪري ڀڄي پوڻ)، ڪنهن شئي جي ڀڄي پوڻ جو آواز.

**ٽِڙڻ پکڙڻ،** ڇڄي جدا ٿيڻ / ڇڙوڇڙ ٿيڻ.

**ٽِڙي پکڙي،** جدا ٿي / وکري / پکڙجي.

**ٽِڙيل پکڙيل،** وکريل / پکڙجي ويل Scattered

**ٽَسڪو ٽَهڪو،** (ٽسڪڻ ٽهڪڻ: ٽچڪڻ / ڀڙڪڻ / رجهڻ / ڪڙهڻ): ٽچڪو / ڀڙڪو / ڪاڙهو.

**ٽَشو ٽُتو،** (ٽشو: ٽش / پاڻي جهڙوڇڊو - ٽتو: پاڻي جهڙو پترو): پترو/ڇڊو / هلڪو.

**ٽڪار ٽاٽو،** (ٽڪار: سانجهيءَ مهل / نماشام / منهن اونداهي / شام جو وقت - ٽاٽو: ويلو / وقت): سج لٿو / غروب آفتاب / سج جو الهڻ.

**ٽڪ ٽڪي،** اڳئين زماني ۾ ڪاٺ جي گهوڙي (ٽڪ ٽڪي) تي بيهاري، ڏوهاري کي دُرا / ڪوڙا Lashes هنيا ويندا هئا. اصطلاح ۾ "ٽڪ ٽڪيءَ تي چاڙهڻ". سخت سزا ڏيڻ / جسماني ايذاءُ رسائڻ.

**ٽڪر پور،** ماني جو ڀڳيو / مانيءَ جو پور.

**ٽڪر ٽاپ،** حصو / ڀاڱو / پور / مانيءَ ڀڳيو / بچيل سچيل ماني، مثال: اويلي (جيڪو مانيءَ جي ويلي / وقت تي نه اچي) مهمان کي ٽڪر ٽاپ ۾ نصيب نه ٿيندو آهي. انهيءَ تان چوندا آهن: اويلو مهمان، پٽائي (ڳاريون جهلي)/ ڪُٽائي (مار کائي) پاڻ.

**ٽڪر ٽانيو،** ماني پور / ڀڳيو/ بچيل سچيل ماني / اوباريل يا جوٺو ڪاڌو.

**ٽڪر ٽپو،** ڀڳيو / حصو / پور.

**ٽڪر ٽنگڙا،** ٽڪر ٽوٽا. مثال:

ٽڪر ٽنگڙا ٽوپين جا، ڀڳا مٿي دربان. (پانڌي آريسر)

**ٽڪر ٽڙ،** پور / ڀاڱا / ڀڳيا / حصا / پرزا.

**ٽڪر ٽوٽ،** ٽڪرا ٽڪر.

**ٽڪر ٽوٽا،** پور / حصا / ڀاڱا / ننڍا ٽڪر، مثال:

سڀ سرون ۽ ٽڪر ٽوٽا اوساريءَ ۾ پورا ٿي ويا پر ڀت پوري ٿي نه سگهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ٽَڪر ٽوڙا:** (ٽڪر: ٽ تي زبر): پهاڙ / جبل / ٽڪريون. مثال: سنڌ جي ڪوهستاني علائقي ۾ هر طرف ٽڪر ٽوڙا ئي نظر ايندا آهن.

**ٽڪر ٽولاڪا:** جبل / پهاڙ / ٽڪريون. مثال:

ڏولاوا ڏيهه اندر ٽڪر ٽولاڪا پسان.

پرت جو پنڌڙو پچايان، دل ڳنڍڻ جي واسطي.

(خوش خير محمد هيسباڻي)

**ٽڪر ٽيرو:** ڳيو / ذرو / حصو / ڀاڱو / ٿورو مقدار. مثال:

علم جو هٿ ڪر ٽڪر ٽيرو ڪٿو داٽو رلي

ڪر ڪتي جان تون خوشامد، لڳ پڙهين جي پٺ ۾ يار.

(شمس العلماء مرزا قليچ بيگ)

**ٽڪر ڳيو:** مانيءَ جو ٽڪرو / ٽوٽو / ٿورو ڀاڱو / ننڍو حصو/ ونڊ.

**ٽڪسال هٿ ٽال:** هٿ جي صفائي / اٽڪل بازي / حرفت بازي / ڪوڙو ڏيک / هنرمندي.

**ٽڪلوُ ٽڪڙُو:** (ٽڪلو ٽڪلو - ٽڪـڙو ٽڪـڙو): بلبل جو آواز / پوري / بلبل جي پٽڪار.

**ٽڪو پنجو:** (ٽڪو: ٽ هيٺ زير: اچار "ٽِرڪو"):مثال:-

١- دهل / طبلي وڄائڻ وقت / سرتار ملائڻ لاءِ ٽڪو پنجو وٺبو آهي. اصطلاح ۾: مختصر ڪاچ ڪرڻ - وهانءُ وري ڪهڙو ڪيائين؟ مڙيئي ٽڪو بنجو ڪري جند ڇڏايائين.

٢- اٽڪل سٽڪل / لبو ٿبو / ڏکيو گذر / مشڪل جو گذران.

**ٽڪو پيسو:** انگريزن جي دور حڪومت ۾ "رپيو" (رپئي جو سڪو / نوٽ) جاري ٿيو جنهن ۾ سورنهن آنا / ٦۴ پيسا / ٣٢ ٽڪا هوندا هئا. اصطلاح ۾، "ٽڪو پيسو" معنيٰ ٿورو / معمولي.مثال:

علاج مان ٽڪو پيسو مڙيئي فائدو اٿس.



www.sindhsalamat.com      books.sindhsalamat.com

**ٽوڻو ڦيٽو / ٽوڻا ڦيٽا:** دعا تعويذ / دعا سڳو / دعا جو منتر. جهاڙ: (نانگ ڏنگ جي تڪليف کي جهاڙڻ جو منتر) / جادو / منتر. مثال:
مُلن وارا ٽوڻا ڦيٽا. سب ٺڳيءَ جو نالو آهن.

**ٽوٽو ٽونڪو / ٽوٽا ٽونڪا:** نڪتا / گفتگو جا انداز / وٺندڙ گفتا / ڳالهيون / نقل نظير / لطيفا / چرچا.

**ٽوهو ٽوهيو:** رولاڪ / رولو / گهومو / گهوماڪڙ / ڇڙو ڇانڊ / ٽولا ڪر / پينو / پيناڪ.

**ٽويا پاٽيون:** ٽويو پاٽي: ان مٽڻ جو پراڻو نمونو / ان جا ماڻ مايا، ماپا . اڳئين دور ۾ / هاڻي بہ ڪٿي ڪٿي ٻهراڙين ۾، فصل لٿي، هاري تيار ان کي ٽوين، پاٽين / پاٽوين ۽ چوٿاين سان مٽيندا ۽ ڪٽيندا آهن.

**ٽهڪو ٽچڪو:** (ٽهڪڻ ٽچڪڻ: پڙهڪڻ): اوپارو / پڙهڪو / ڏسڪو.

**ٽهل ٽڪور:** (ٽهلڻ ٽڪورڻ: خدمت ڪرڻ): ٻيلپو / خدمت چاڪري، مثال:
بيمار جي ٽهل ٽڪور ضروري آهي.

**ٽهل ٽينهن:** (ٽهلڻ ٽينهڻ: خدمت ڪرڻ / ٻيپلو ڏيڻ: خدمت چاڪري. مثال: مينهن تہ ٽينهن يعني چوپائي مال مان مينهن جي جيتري ٽينهن (خدمت) ڪبي / ڪارائبو پياريبو، اوترو گهڻو کير ڏيندي): سار سنڀار / خدمت چاڪري.

**ٽهنور ٽهل:** (ٽهنورڻ: خدمت ڪرڻ / سار سنڀال لهڻ): خدمت چاڪري.

**ٽهي وهي:** عمر سن / ٽوُر (نسل) / دور / ساڳي عمر / ساڳيو زمانو.

**ٽيير ٽينير:** ننڍڙا ٻار / ٻارڙا.

**ٽيتمائڻ ٽاتمائڻ:** لنوائڻ / گسائڻ / ڪم کان ٽٽائڻ / ڪترائڻ / گوهي ڪرڻ / پاسو ڪرڻ / لهرائڻ / لنوائڻ To avoid

**ٽيٽي ٻيٽو:** سامان سڙو / سامان سرڙو.

**ٽيپائي ٽيپر:** ٽيپ / جيل جي سزا ڪاڏل Convicted Criminal

**ٽيڏائي ٽيڏاڻ:** هڪ بدران ٽي ڏسڻ / ٽيڏي نظر / ٽرڙائي / ڦريل نظر.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**ٽيرو مٽيرو،** فلاڻو ڪي فلاڻو، Some one/ So and So

**ٽيڙي ٽاڻ،** آڪڙ / وڏائي / هٺ / تڪبر. مثال،

١- هلي ڪا نہ مون اڳيان ڪنهن جي ٽيڙي ٽاڻ　(سگهڙ علي بخش)

٢- ماٺ ڪر تہ ٽيڙي ٽاڻ نہ لاهي ڇڏيانءِ!

**ٽيش ٽاش،** آڪڙ / اجائي وڏائي.

**ٽيڪ ٽيڪو،** آڌر / آڌ / ٽوٽي / آهر / آڳانڊيو / مدد / واهر.

**ٽيڪا ٽپٽي،** (راءِ ڏيڻ / تبصرو ڪرڻ / تنقيد ڪرڻ): تنقيد / تبصرو / اظهار راءِ.

**ٽپڪو ٽيڪو،** لاڳ / چرچ / ٽپيرائي / چڙهاڪا / شاهوڪا.

**ٽيڪڙ ٻيڪڙ،** گهوڙي جو پنڌ / گهوڙي جو من (م تي پيش ن تي زبر) هلڻ.

**ٽيڪو ٽاڙي،** (ٽيڪو: ٽيڪڙو: زالن جوجهيڙي وقت گوڙ مچائڻ - ٽاڙي: زالون ٽاڙي، ٽاڙيءَ تي هٽي هيرا هُدرا ڏينديون آهن): زالن جو زباني جهيڙو/ زنانو ڪتراڪ.

**ٽيڳر ٽاڻ،** ٽيڳر ٽيڙي: آڪڙ. مثال: ونشا سمجھ مايا ڪي متس ڪر نہ ٽيڳر (ڪرپال ٻڳت): اجائي آڪڙ / وڏائي / هٺ.

**ٽيڳر ٽاڻ،** آڪڙ / هٺ / وڏائي / تڪڙ / ٽرڙائي. مثال:

ٺلهي ٽاڪر ٽينگر ٽاڻ،

اڳيان ٽيندو قاضي پاڻ.　(غلام رسول رند)

**ٽيڳر ٽرڙائي،** آڪڙ / وڏائي / ڦوڪ (ڦوڪجڻ) / ڦونڊ (ڦونڊجڻ) / سيٽ (سيٽجڻ) / تڪبر / مغروري / هلڪڙائي / شوڪر (شوڪجڻ).

**ٽيڳر ٽوٽپائي،** آڪڙ / سيٽ / ڦونڊ / وڏائي / هلڪڙائي / تڪبر مغروري / ڦوڪ / شوڪ.

**ٽينير ٽينڊڙا،** ننڍڙا ٻار / ڇوڪر ٻار / ٻارڙا.

**ٽينيڙو ٻونگڙو،** ننڍڙو ٻچو / ٻليءَ جو ٻچڙو.

**ٽينهن ٽڪور،** (ٽينهڻ ٽڪورڻ): خدمت چاڪري / چوپائي مال مان، مينهن جي "ٽينهن" مشهور آهي.

**ٽيون ٽياڪڙ،** ٻن ڌرين جي وچ ۾ پوندڙ ٽيون ماڻهو / فيصلو ڪندڙ/ امين / قاضي / وچ وچاءُ ڪندڙ / ڇڏ ڇڏاءُ ڪرائيندڙ. MEDIATOR.

**ٽيئون ٽوپڻ،** خسيس ماڻهو.



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

**ٽڙ ٽپ:** اتي جو اتي / ٿڏي تي / ٺهه پهه / هڪدم.

**ٽڙ ٽڪاءُ:** ڪـڙڪو سـڙڪو / ھاڙ ھوھڙ / زباني رعب تاب / دڙڪو داٻ / ڦهڪو / ٽڙڪو / ٺهڪو. مثال:

١- گهٽو ٿي ٽڙ ٽڪاءُ ڪيائين پر ان جو ڪو اثر نه ٿيو.

٢- ٽڙڪجي ٽڪاءُ ڪجي، ھو نه ڀڄي ته پاڻ ڀڄي وڃجي يا ٽڙڪجي، ٽڪاءُ ڪجي، اڳلو نه ڀڄي ته پاڻ ڀڄجي (پهاڪو).

**ٽڙ ٽڙڪ:** ڪڙڪو / ڦهڪو / ڏڪ جو آواز.

**ٽڙا ماشا:** ڊاڙون ٻٽاڪون / چرچا گهٻا / رهاٽيون / وندرون.

**ٽڙڪ ٽڳي:** ڏوڪو / دولاب / چالاڪي / اٽاچرو / متاچرو ڪر. مثال:

ٽڙڪ ٽڳيءَ تي ڪيترا ڏينهن هلي سگهبو؟!

**ٽرڪاٺو سڙڪاٺو:** جهڙو تهڙو / رواجي / هلڪو / عارضي / ٽڙڪو.

**ٽڙڪو ٽڙڪاٺو:** ڪاٺڙ وٺي / جهڙو تهڙو / وقتي ڪم ڪڍڻ لاءِ.

**ٽڙڪو سڙڪو / ڦڙڪو:** دڙڪو سـڙڪو / دڙڪو دهمـان / دڙڪو داٻ / رعب تاب.

**ٽش ٽاهه:** (ٽـشڻ ٽـاهڻ: ٽـاهڻ ٽـوهڻ: هار سـينگار ڪرڻ): آڪڙ / ٺاٺ / ٺاهه ٺوهه / هار سينگار / وڏائي.

**ٽشڪو مشڪو:** ڪل مسخري / چرچو گهٻو / ٻٽ شٽ / چرچيبازي / ڪل ٻوڳ / لاڙ لٻاڙ.

**ٽشٽي مشٽي:** ٻوڳائي / چرچائي / ڊاڙو ڊشو هٽندڙ / ڪل مسخري ڪندڙ.

**ٽَڪ ٽَڪِ:** ٺهه پهه / جهٽ پٽ / هڪدم.

**ٽِڪ وِڪ:** ٿورو پنڌ / سٽ پنڌ / ٿورو مفاصلو.

**ٽڪر ٽوٻ:** ٽڪر جا ٿانو / ٽڪر ٽوبر / ڀڳل ٽڪر / ٽڪراٺو.

**ٽڪر ٽوٻا:** ٽڪراٺو / ڀڳل ٽڪر / ٽڪر جا ٿانو.

**ٽڪر ٽوٻر:** ٽـڪرن جا ٽڪر / ٽـڪريون / ڀڳل ٽـڪر / مٽيءَ جا ڀڳل ٿانو / ٿانو ٽڪر / ٺانگر ٺونگر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ٺڪر ٺوري:** ٺڪر جو ٽانءُ / سامان / ٽانءُ ٽپو.

**ٺڪر ٺولهو:** ٺڪر جو ٽانءُ / ٺڪر ٺوبر.

**ٺڪر ٺولهي:** ٺولهو ٺڪر / ٺڪر جو ٽانءُ.

**ٺڪي ٺوڪي:** ٻولائي چولائي / تپاسي / جاچي جوچي / ڏسي وائسي. مثال:

ٺڪر وٺجي تہ ٻہ ٺڪي ٺوڪي وٺجي! (ڀهاڪو)

(نوٽ: ٺڪر جو ٽانو وٺبو آهي تہ ٺوڪي وڄائي وٺبو آهي، ڪٿي ڪو ڀڳل تہ نہ آهي).

**ٺڳي ٺوڙي / ٺڳيون ٺوڙيون:** دوکو / دولاب / فريب. مثال:

ٺڳيون ٺوڙيون ڪندو جيڪو، گذاريندو اهو خوشحال

سچائي سان جو هلندو ان جو بس مشڪل گذر ٿيندو. (شنيو خان)

**ٺلو / ٺلهو ٺڪر:** خالي ٺڪر جي ٽانو وانگر / سکڻو ٺڪر.

**ٺلهو پالهو:** خالي / سکڻو / ڏانديو.

**ٺلهو ڏانديو:** خالي / سکڻو / اڻ پريل.

**ٺلهو سکڻو:** خالي / ڏانديو / اٿيريل.

**ٺر ٺر ٿر ٿر:** آهستي آهستي / ڌيري ڌيري / هوريان هوريان.

**ٺمڪو ٻولو:** نڪ جا زنانا زيور.

**ٺن ٺن ٺڻ ٺڻ:** ٽانون جي ٺڙڪڻ جو آواز / وڄڻ / ٺڙڪڻ جو آواز.

**ٺنيجڻ ٺالهجڻ:** ٺالهجي پوڻ / سخت سرديءَ ۾ ٺرڻ/ ٺڏجي پوڻ.

**ٺٺڪار ٺٺڪو:** ڪنهن ڌاتو جي ٽانون جي وڄڻ جو آواز.

**ٺونا پوپا:** (ٺونا: ٺوٺ / سڪل ڪانا - پوپا: ڇپاڙيل ۽ چوسيل ڪانا): مال جا ڇپاڙيل چوسيل ڪانا / مال جو اولڙ.

**ٺونيوال ٺلهو:** (ٺونيوال:اڪيلو): ڇڙو / ڇڙو ڇانڊ / لونيو / هيڪلو.

**ٺوڙهو ٺومو:** روڏو / موڏو / جنهن جو متو ڪوڙيل هجي.

**ٺوڳي لڳ:** ٺڳيندڙ / ٺڳي ڪندڙ / ڌوکيباز / دولابي.



www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

**ٽِنگ ٽپ:** (ٽِنگڻ ٽپڻ: ڪُڏڻ / ٽپا ڏيڻ / ڇلانگ مارڻ): چال / ڪُڏ / ٽپو / ڇلانگ. مثال:

ويو جي وقت جواني جو ٽِنگ ٽپ ڏيندي،

ته پوء پنڻ ريءَ پيريءَ بر ڀيو نه رهندو باب. (محمد صديق مسافر)

**ٽِنگ ٽپا / ٽِنگ ٽپو:** چال / ڪُڏڻ / ڇلانگ. مثال:

لامن تي ٽِنگ ٽپا ڏئي،

آئي مند ملهار الا.

ڪوئل جي ڪوڪار الا! (نظير احمد نياز جويو)

**ٽِنگ ٽڙو:** چال / ڪُڏ / ٽپو. مثال:

بائليون ائس "براهم جي ڳوٺ ڪان، ڏيئي ٽِنگ ٽڙو. (جلال ووڳهڙ)

**ٽِنگمڙدي بهادري:** (ٽِنگ مڙدي: مڙدن / سورهين وانگر ٽِنگ / ڪُڏ ڏيئي مقابلي لاءِ اچڻ جو انداز): سورهيائي / جريت / جوان مردي / دليري.

**ٽِنگو ٽِنگٽو:** ٽِنگ ڏيندڙ / ناچو ٽاپو / مرد ناچو .Male Dancer



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**پاڙو جهاڙو:** پاڙو: ويڙهو / اوسي پاسي جا گهر / ويجهڙائيءَ وارو علائقو.

**پاڙو پٽي:** پاڙو: ڳوٺ / شهر جو هڪ حصو- پٽي: حصو / پاڳو / ڳوٺ جو حصو. پاڙيوارن جون هڪ ٻئي ۾ پٽيون هونديون آهن، جنڪ هڪ ٻئي جا حصا هجن. چوندا آهن ته پاڙو نبين کي به پيارو هوندو آهي. انهيءَ لاءِ پاڙي جي ساڃاهه ضروري آهي. مثال:

(١) پاڙو پٽي ڪڏهن به نه رنجائجي.

(٢) محمود فقير ڪتياڻ لاءِ چوندا آهن: "فقير پنهنجي گهرو زندگي تمام چڱي نموني گذاري. ڳوٺ راڄ، پاڙي پٽي، سيا شريڪ سان، ننگ پهت ۾پورو هوندو هو."

(٣) "خانڻ" پاڙي پٽي جي ڪا شناخت ڪا نه ٿي ڏسجي خلق کي ڪوٺ ويو ڪائي، صداقت ڪا نه ٿي ڏسجي. (خانڻ فقير چنجڻي)

**پاڙو پنبو:** اوسو پاسو / ويجهڙائي وارا گهر / ويڙهو.

**پاڙو پنڌ:** پاڙو ءِ پاڙي ڏانهن ويندڙ واٽ / ڏگ پنڌ / گس پنڌ.

**پاڙو پنڌ:** پنڌ (ڏ تي پيش، مثال: پنڌ دادن خان: ڳوٺ / وسندي / وستي / واهڻ.

**پاڙي پينار:** (پاڙي: پينو / پننڌڙ / گهرندڙ- پينار / پتندڙ): پينو / فقير / سوالي / گداگر. مثال:

پاڙي آئون پينار، ناهي دم دعويٰ جو. (طالب المولىٰ)

**پاسارو پاسو:** پاسارو: پاسي وارو / ڪنارو - مثال:

ميها موگر تائين، پيون پاساڙن (خليفو نبي بخش قاسم): ڪنارو ڪنڌي / ڪپر.

**پاسو پاڙو:** اوسو پاسو / ويجهي آبادي / اوسي پاسي وارا گهر / ويڙهو.

**پاڳو ُپاڳارو:** پڳ وارو / پڳدار / پڳ ڏٽي / پوتار / چڱو مڙس HEADMAN پريو مڙس CHIEFTAIN / سرواڻ LEADING PERSONALITY / وڏيرو / سرواڻ.


www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**پاڳو پڳدار**؛ (پاڳو: پڳ پهريل / جنهن تي راڄ جي پڳ رکيل هجي / گهر جو وڏو - پڳدار: جنهن تي پنهنجي گهر يا راڄ جي پڳ رکيل هجي / پڳ ڌڻي)؛ لٽ سردار / سرواڻ / وڏيرو / پوتار.

**پاڳو پڳ ڌڻي**؛ پڳ جو مالڪ / جنهن تي راڄ يا برادري يا نيات جي پڳ رکيل هجي / چڱو مڙس / سرواڻ / لٽ سردار/ پوتار/ پريو مڙس.

**پاڪر پڳر**؛ مرشد وٽان مليل يا پهرايل ويس وڳو.

**پالنا پرورش**؛ (پالڻ: نپائڻ: پالي وڏو ڪرڻ)؛ نيپاج.

**پاليندڙ پالڻهار**؛ روزي رزق ڏيندڙ / الله تعاليٰ/ روزي رسائيندڙ.

**پاليهر پاپيهان**؛ (پاليهر: پاريهر / پارير - پاپيهان: پاپيها)؛ پکين جا قسم. مثال: پپ پاليهر پاپيهان، چا ڏين پير پٽي، (عبدالعزيزچانڊيو)

**پاندپرو**؛ انت / چيهه / حد. مثال:

(١) جيڪي بي رنگيءِ بي چون آهي، بي مثلي بي نمون آهي،
تنهنجو پاندپرو پٽي ڪنهن کي پيندو (منٺار فقير راڄڙ)

**پاند پلاند**؛ [پاند: پلئو - پلاند: پلوءِ. مثال:

مالڪ مون سيڪار، ڪو پهه انهيءَ پاند جو: (شاهه: سر آسا)]؛
دامن / پلئو / ڍڪ / پردو / پناهه.

**پاند پلئو**؛ ڍڪ / پردو / پناهه. مثال:

آئون آري ڄام جي لڳيس پاند پلئي،
جيڏيون ڪارَ جهلي، مون کي تنهن محبوب ڪان. (محمد حسن لغاري)

**پاند پردو**؛ سيل / ست / ڍڪ / پناهه / پوش. مثال:

رب، پاندپردو رکيس!

**پاند پناهه**؛ ڍڪ / پردو / پوش / سيل/ ست / پت. مثال:

سائين رکندم سيل، ڏيئي پاند پناهه! (احمد خان اختر)

**پالڏي پهي**؛ (پانڌي: پنڌ ڪندڙ / پنڌ ڪري وڃي نياپو / پيغام پهچائيندڙ - پهي: پهه يا واٽ يا رستو ويندڙ )؛ ريپارو / قاصد.


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**پاءُ پلڪ:** پاءُ: ڪلاڪ جو چوٿون حصو / پهر ۲۴ ڪلاڪن (رات ڏينهن) ۾ ۸ پهر ٿيندا آهن جن مان هر" پهر" ۳ ڪلاڪن جو ٿيندو آهي. پهر جو چوٿون حصو: ٿوري گهڙي / ساعت / ٿورو وقت.

**پتا پار:** نشان پتا. مثال: مارن مسڪين، جا اٿئي پتاپار (صالح سنڌي)

**پتو پريان:** پار پتو / ڏس پتو / ڏس پنڌ.

**پتوڳرو:** (ڳرو: چوپائي جو ڳر / چوري ٿيل / وڃائجي ويل جانور جي ڳرن / پيرن جا نشان): نشان / پار پتو / ڏس پنڌ. مثال: پاڏو چوري ٿي ويو آهي پر ان جو ڪو پتو ڳرو نه پيو آهي.

**پٽر تڏو:** (پٽر: پٽيرڻ / وڇائڻ جو ڪپڙو / ڪتان / تئونرو - تڏو: وڇائڻ لاءِ ڪجيءَ جي ڦرهن مان ٺهيل وڇاڻو جنهن تي مري ويل جو تڏو ڪيو ويندو آهي. اصطلاح ۾ "تڏو ڪرڻ" جي معنيٰ "ماتم / روح راڙو ڪرڻ" آهي): ماتم ڪده - مري ويل جي ڏک ۾، زمين تي وڇاڻو / رلي گودڙي / تڏو تئونرو / ڪپڙو وڇائي هيٺ ويهبو آهي جتي، مٽ مائٽ يار دوست، اوڙي پاڙي وارا، وارثن سان عذر خواهي (پال پلائڻ) لاءِ ايندا آهن. مثال طور، مري ويل جو گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن پٽر تڏو ڪيو ويندو آهي.

**پٽر پال:** (پٽر: پٽرڻ / پٽيرڻ جو ڪپڙو / وڇاڻو - پال: پٽ تي وڇائڻ لاءِ ڪپڙو / وڇاڻو): وڇاڻو / گلم / تڏو / تئونرو. مثال:

سنياليان ٿي سيجن تي هئي هئي همير،
سندا ڏيهه ڏهاڻي پٽر پال پٽ (حافظ حامد)

**پٽرٽيون پوش:** (پٽرٽي: پٽيرڻ / وڇائڻ جو ڪپڙو / وڇاڻو - پوش: ڍڪ): وڇاڻو / پال / گلم / تڏا / تئونريون مثال:

ويندو دوريءَ وارو دنگ ڇڏي پٽرٽيون پوش پلنگ (طالب پلي)

**پِٽَ پاراتو:** (پٽڻ پاراتڻ) بددعا ILL WILL .

**پٽ پنچير:** پٽ ريشم / ريشمي ڪپڙا / اوچا ويس وڳا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**پٽ پٽولا:** پٽ ريشم جا ڪپڙا / اوچا ريشمي ويس. وڳا مثال:

(١) پٽ پٽولا پدمٽيءَ، سونهن گلبدن گينوار (جلال ڪٽي)

(٢) آچ م ڪپڙا، ڪين پهريندس پٽ پٽولا جيءَ نہ جڙينديس،
لوٽي اباڻي مورنہ مٽيندس، مون اوڏڻ ان ٻر گهاريو (پيرڪمال سائين: سرآسا)

**پٽ پٽيون:** پٽ: ننڍا پٽ. مثال: جهڙ ڦڙ ڏيئي جهات، پُسائيندو پٽيون (شاهہ: سرسارنگ): ڪليل ميدان / پڌرا پٽ / ميداني علائقا

**پٽ پٽيهر:** پٽ ريشم جا ڪپڙا / ريشمي ويس وڳا/ اوچا ڪپڙا. مثال:

(١) پن پٽ پٽيهر تنهنجا. لڳين لوٽي ڪنداسون (نانڪ يوسف)

(٢) پٽ پٽيهر ڏي تنهن کي، نار هجي جا نڪياري،
نڪياري: نڪ واري: اعلي خاندان جي (سيد علي گوهر شاهہ "اصغر": سرمارئي)

(٣) پٽ پٽيهر تي ويا مون لئہ ترڇاڪ-
موهن مون من موهيو: (شيخ اياز)

(۴) پٽ پٽيهر ڪين پهريندس، زيور زحمت پايان
(پير ڪمال سائين: سر جوڳ)

(۵) وٽج وهاڻ ڪاڻ، جو وڃين پئي هٽ؟
توکي پٽ پٽيهر پنهنجو، وٽج مڙيوئي وٽ (روحل فقير)

(٦) پٽ پٽيهر ڪين پهريندس ۽ لوٽي لڱن تان آئون نہ لاهينديس.
(منٺار فقير راڄڙ)

(٧) پٽ پٽيهر رزبفت، عطر ڪتوري هاٽا
ڏسو ڏيل ٻر تي ڏران، سي مون کي ڪين سيباٽا (منٺار فقير راڄڙ)

(٨) پٽ پٽيهر پدمٽيون، ڪيا پاپيهن پهہ پهہ (فقير محمد ملوڪ عباسي)

(٩) پٽ پٽيهر پوشاڪون، تي هيرن پائي هس (غلام حسين جهتيال)

(١٠) پٽ پٽيهر پائي پوشاڪون، پوشيدي پريات.
(فقير محمد ملوڪ عباسي)

(١١) ڇا ڪنديس تنهنجا پٽ پٽيهر
ڇا ڪنديس تنهنجون محل ماڙيون. (والي ڏنو)

(١٢) جئن هت پٽ پٽيهر پانڌٽيون ٻيا ٻي جوڙا ۽ جنسار
تئن هت لويون ڌويون سومرا تيون ڪن ڪٽن منجهہ خمار.
(ڪبير شاهہ پيلائي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**پَٽ پَچ:** (پٽڻ: ڪوهڻ / پچڻ: پٽڻ / ڪوهڻ /ڪِڪَ تي لڳڻ)
PESTERING / PRESSURE

**پٽ پڌر:** ڪليل ميدان / پڌرا پٽ / ڪشادا اڱڻ / ايوان. مثال:
پوڪون لهي پٽ ٿينديون، پالها ٿيندا پٽ پڌر (سگهڙ قاسم)

**پٽ سٽ:** (پٽڻ سٽڻ: زوري گهرڻ / گهري وٺڻ / وصول ڪرڻ): زبردستي وصولي / اوڳڙ.

**پٽ پوٺا:** پڊ / پڌر / ميدان.

**پٽ ڊٽ:** (ڊٽ: تر جو هڪ ميدان) ڪليل ميدان / پڌر / ماڳ / مڪان / پوٺا.

**پٽ ڪوهه:** (پٽڻ ڪوهڻ): بي آرامي / بي قراري / وٽ وٺان / ڇتڪتائي. مثال:
(١) گهر جي ساري هلٽ، ڪم ڪار ۽ ٻارن جي پٽ ڪوهه.
گهرڌياڻيءَ کي بيمار ڪري وڌو آهي.
(٢) ڪير آهه اڄ، خدا جي ڏسي ڪير معرفت.
سڀ ڪوئي پنهنجي پيٽ جي پٽ ڪوهه ۾ پيو (ابراهيم جان خليل)

**پٽڙو پاٽيءَجهڙو:** ڇڊو / پترو / ڊيڪڙو / ريڪڙو / ڊوڪڙو.

**پٽڙو پترو:** ڇڊو / پاٽيءَ جهڙو / ريڪڙو / روڪڙو.

**پٽڪو پڙو:** (پٽڻ پڙڻ: رڙڻ): روڄ راڙو / ماتم / ريهون ڪيهون / پِنڊ.

**پٽڪو سٽڪو:** (پٽڻ سٽڻ: پاڻ ڪٽڻ / پاڻ پيڇاڙڻ / گوڏن ۽ سٿرن تي هٿن جا سٽڪار ڪيڏائي رڙڻ): روڄ راڙو / ماتم / هاءِ گهوڙا.

**پٽڻ پارڪيڻ:** رڙڻ پٽڻ / پِنڊ ڪرڻ / اوسارڻ (مري ويل جا گڻ ڳڻائي دانهون ڪري رڙڻ) / ماتم ڪرڻ. مثال:
پٽن پار ڪين، رڻ ڳجيو راڻو ٿيو (شاهه: سرڪيڏارو)

**پٽڻ ڪٽڻ:** رڙڻ / روڄ راڙو ڪرڻ / پِنڊ ڪرڻ / ماتم ڪرڻ مثال:
پٽيان ڪٽيان پار ڪٽان، لٽي سترلَڄَ.
وڄهان وارن وڄ ۾، سندا ڇائي ڇڄ،
اياڳيءَ جو اڄ لالڻ لڏي هليو.

(خليفو نبي بخش لغاري "قاسم": سرسنئي)



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

**پٽولا پٽ چير:** پٽ ريشم / ريشمي ڪپڙا / قيمتي ويس وڳا / ارمق، مثال:
ارمق هڏ نہ اوڍيان، پٽولا پٽ چير (شاهہ: سر مارئي)

**پٽيلو پٽن جهڙو:** پٽن وانگر پاليل / پٽن جهڙو پيارو. Like a darling son.

**پٽيون پهاڙ:** پهاڙ: ٽڪر / ٽڪريون / پٽيون: ميدان / پهاڙن جي وچ
۾ ميدان / ماٿريون / ننڍا پٽ): جابلو ميدان / جبلن جا لڪ، مثال:
ڏاڪڙا ڏاڪن جا ور واٽون ونگيون، پٽيون پهاڙ،
برهہ مون ياڳي وڌا، ورنديس ڏسي واديون نہ اڄ (حافظ حامد ٽڪڙائي)

**پَٽ پناهہ:** ڍڪ / پوش / اوٽ / آسرو / آڌار / پنيرائي / جهل / جهلو
/ آڌرجاني / جانيڙو / منظور نظر.
A DARLING SWEET HEART/APPLE OF ONE'S EYES

**پِپون پُسيون:** ڪِرڙن / ڪرڙ جي وڻن جا گل.

**پڇان پڇران:** پڇڻ پڇرڻ (پڇ پڇر): ڪامڻ / سڙڻ، مثال:
(۱) ڪامان، پڇان پڇران، لڇان ۽ لوڇان،
تن ۾ تنس پرين جي، پيان نہ ڏاپان،
جي سمنڊ مہ ڪريان، توءِ سرڪيائي نہ ٿئي (شاهہ: سر سهڻي)
(۲) ڪورو ڪامي، پڇان پڇران، تن اندر ۾ تاءُ، هيڪر آءُ!
(ڪرم ٽالپر)

(۳) تنهن جي جدائي ۾ او جاني،
ڪامان پڇان پڇران سائين. (سجاد ميرائي)

**پُڄندا ڏڪندا:** پُڄڻ ڏڪڻ /ڏڪي ڏوڙي پڄڻ / ڏوڙي رسڻ/ ڇوهو
پڄي پهچڻ، مثال:
پنهنجي مطلب جي لئي "بزمي"،
پڄندا ڏڪندا آهن ماڻهو (نثار بزمي)

**پَڄ ڳَڄ:** (پڄڻ ڳڄڻ: پڇا ڪرڻ / جاچ ڪرڻ): جاڻ / پڇا ڳاڇا، مثال:
گستاخ ٿي نہ گولا، پڄ ڳڄ ڇڏي صبر ڪر،
آهي عيان تنهنجو، هٿ روز نامو ڪاتو. (ڀائي آسرداس "آسو")



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**پڙاڏو پڙلاءُ:** آواز جو ٽڪرجي واپس موٽڻ/ آواز جو ٽڪرائجڻ ۽ موٽ کائڻ ECHO

**پڙاءُ پڙلاءُ:** آواز جو ٽڪرائجي موٽڻ.

**پڙٻاٽ پڙٻاٽيون:** ٻٽاڪون سٽاڪون / لاڙون لباڙون / ڏاڙيون ٻٽاڪون / ٺلهيون ڳالهيون.

**پڙهو پڙلاءُ:** (پڙهو: پڙهو گهمائڻ / دهل جي ڏينگ - ڏينگ تي ڪو اعلان پڙهي ٻڌائڻ / دهل وڄائي ماڻهو ميڙي ڪو اعلان ڪرڻ - پڙلاءُ: آواز): اعلان / منادي.

**پڙهڻ پرجهڻ:** پرائڻ / سکڻ / سمجهڻ READ AND LEARN مثال: پڙهڻ پرجهڻ پاڻ ۾ وڏو فرق ٿيو (روحل فقير)

**پڙهڻ پروڙڻ:** پرائڻ / سکڻ STUDY AND LEARN

**پڙهيل پُرجهيل:** (پرجهڻ: سکڻ / سمجهڻ): اهو ماڻهو جنهن علم پرايو هجي ۽ ان ۾ ڪمال حاصل ڪيو هجي / اهل علم LEARNED

**پڙهيل پُريل:** تعليم يافته / پڙهيل ڪڙهيل.

**پڙهيل پهرايل:** پهرايل: جنهن کي علم جي تحصيل بعد سند / انعام / پاڪر سان سينگاريو ويو هجي / لاڳ ڏنو ويو هجي DECORATED WITH AWARD

**پڙهيل پيريل:** پيريل: جنهن کي پنهنجي پير / مرشد / استاد هدايت يا سبق ڏنو هجي / علم جي تحصيل ڪرائي هجي.

**پڙهڻ ڪڙهڻ:** پرائڻ / سکڻ STUDY AND LEAEN مثال: پڙهيو آهي پر اڃا ڪڙهيو نه آهي): پرائڻ / پڙهي پچائڻ / سکڻ. مثال:

پڙهيو ڪڙهيو (پڙهيل ڪڙهيل) آهي پر اڃا زماني جو پورو آزمود پرايو نه اٿائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**پَشمي ريشمي:** (پشم جهڙو / ريشم جهڙو): پٽ ريشم جهڙو نرم / ملائم (لسو)، مثال:

ڪپڙا ڏڪيو عمدا اوهين سونٽي ۽ پشمي ريشمي
نانگا وتون گهمندا اسين، قاڻ ٿڻن ناهي نظر.
(شمس العلماء مرزا قليچ بيگ)

**پکا پيرون:** (ڪنڊن ۾ پيرون ۽ ڪرڙن ۾ پکا ٿيندا آهن) جهنگلي ميوو "تر" ۾ ان کي "ذات" به چوندا آهن.

**پکڙ پچاڙ:** (پکڙڻ پچاڙڻ): جهلي سوگهو ڪرڻ/ سُک جهلڻ: وٺ وٺان/ پَڪَڙ پڪڙان.

**پکو پختو:** مضبوط / سگهارو.

**پکو پوڙهو:** پکو: پکي / وڏي عمر وارو: اسم تکبير "پکوڙو": پوڙهو پکوڙو.

**پکي پتکڻ:** پکي: پکن پرن وارو، مثال:

هي هزارين خرچ ڪائڻ، هي هوائي آرماڙ،
پوءِ به تورو ٿيو تہ، ڪرندي ڪين ڏسندا لاهہ چاڙهہ
پر پکي پتکڻ، پسون پيا اڏرندا آڳڙ پچار.... (حاجي احمد ملاح)

**پکي پرنيہ:** اڏامندڙ ساهوارا / پرن وسيلي اڏامندڙ ساهہ وارا / پرن وارا جانور.

**پکي پرند:** (پرند: پرن وارو / پکيرو): پرن وسيلي اڏامندڙ ساهوارا، مثال:
جيئن جانور، پکي پرند، سيکو تو ساراهي (حاصل فقير)

**پکي پکڻ:** (پکڻ: پکن / پرن وارا) اڏامندڙ ساهوارا / پکير، مثال:

(١) سارنگ جي هي سونهن سوييا ڏسي، پکي پکڻ مذر سر آلاپي رهيا هئا." ("اوڏو جام ۽ هوٽل پري" ماهنامہ "فردوس"، هالا فيبروري ١٩٥٨ع)



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

(٢) پکي پکڻ سپ گڏجي ڳائن، ماڻهو ملي تا خوشيون ملهائن
هڪ منهنجي هزارن ۾ توريءَ سري نہ سهٽا. (مخدوم محمد امين "فهيم")

**پکي پکير:** پکير: پکن / پرن وارا / اڏامندڙ جيو(ساهوارا) / پکڻ. مثال:
اتي پرين پڇيو پکيرن کان، ڪولي خبر چار (فقير علي بخش جمالي)؛
پکي پکڻ / پکي پرند.

**پڳَ پٽڪو:** متي تي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙو HEAD DRESS

**پڳدار پاڳارو:** پاڳارو: جنهن تي راڄ / مريدن طرفان "پڳ" رکيل هجي / پٽڪو ٻڌايل هجي يعني چڱو مڙس / پير مرشد.

**پڳدار پاڳوَ:** جنهن کي راڄ / مريدن پڳ پهرائي هجي / مرشد پير / پوتار /وڏيرو.

**پڳي پيري:** (پڳ : پير / قدم / قدم جو نشان): پيراڏو / يعني جيڪو پيرن جي نشانن تي ويندڙ چورن / پٽڪيل مال جو رخ معلوم ڪريءِ نيٺ وڃي ڳولي لهي FOOT TRACKER

**پل پارچو:** گهڙي پلڪ / ٿورڙو عرصو / ويلو وقت / ڪن پلڪ /ساعت.

**پل پهر:** (پهر: ٽن ڪلاڪن جو عرصو): گهڙي پلڪ / ڪجهہ وقت. مثال:
هي ٿون هتڙي حياتي آ زهر،
پنهوارن ري گذري نٿو پل پهر (عبدالمجيد "ماجد" افروي)

**پلٽ پالوٽ:** پلٽڻ پلتجڻ: اُٿلڻ / اُٿلي پوڻ / پالوٽڻ پالوٽجڻ / وسڻ وسائڻ. مثال:
پلر جي پالوٽ سين پٽن جهليا پاهہ (شاهہ: سرسارنگ)؛
مينهن جو پاڻي / مينهن جو وسڻ

**پلر پاڻي:** (پلر: مينهن جو پاڻي): بارش جوپاڻي. مثال:
پلر پاڻي پيئون، تيون شل باغ بهار (خواجہ غلام فريد)

**پلٽي پاتولي:** پلٽ ماري وهڻ TO SQUAT CROSS-LEGGED.

**پلڪ پارچو:** گهڙي پلڪ / ٿوري گهڙي / ساعت.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**پلڪ گهڙي:** توري گهڙي / ساعت / ويلو / ٿورڙو وقت.

**پلئو پاند:** دامن / واسطو / مائٽي. مثال:

اڙيو آري ڄام سان، منهنجو پلو پاند (ڏتل فقير لغاري)

**پلو، پلاند:** (پلو پائڻ / پلاند وجهڻ: رئي جو پلاند / پلؤ پيرن تي وجهڻ / واسطا وجهڻ / ليلائڻ / ٻاڏائڻ): عرض / ليلڙاٽ / گذارش.

**پلويڙو پلوڙو:** (پردو پلو، ڏيڻ: پردي خاطر گهر کي چوڌاري لوڙهو ڏيئي ڇڏڻ:) ڍڪ / پردو / پناهه.

**پن پردو:** ڍڪ / اوٽ / پناهه / آڏار / آڏر.

**پن پوشاڪون:** ڍڪ / ستر پوشي / لٽو ڪپڙو. مثال:

پن پوشاڪون گلبدن تي روءِ رنگين (وريام شيخ فقير)

**پنَ مڱ:** (پنڻ مڱڻ / ڳهڻ / ڳهري وٺڻ / خيرات وٺڻ): خيرات / صدقو.

**پنارو پناهه:** (پنارو: آڏار). مثال:

مان پيس تنهنجي پناري، تو پنان توکان پناهه (علي محمد قادري):

سهارو / ڍڪ / پردو.

**پنندڙ پينو:** پينار / فقير / مڱتو / مڱڻهار / مڱندڙ / لاڳ ڳهرندڙ / خيرات وٺندڙ. مثال:

آهي "منٺار" پڻ ٻانهو تنهن جوسوالي پنندڙ پينو تنهنجو

فضل ڳهري احسانئون تنهن جو آس پڄاءِ انشاء الله وي ميان!

(منٺارفقيرراڄڙ)

**پنڌ پاڌ:** واٽ / رستو / چارو. مثال:

جتي پنڌ نه پاڌ، اتي لاهوتي لعل ٿيا (راضي فقير)

**پنڌ پاڙي:** (پاڙي: جنهن کي پنڌ ڪري / هلي وڃي پاڙجي): مفاصلو

**پنڌ پيادو:** پيرين پنڌ / پيادو. مثال:

چين ڏي وڄ علم جي ڳولا ۾ پنڌ پيادو "قليچ"



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**پوئو پڌر / پوئا پڌر:** پٽ پڌر / کليل ميدان. مثال:

لاڳيتين برساتن، جهانگين جا جهوپا جهوري وڌا آهن ۽
اهي ويچارا پوئن پڌرن تي ٻچا وٺيو ويٺا آهن.

**پوچ پڙ:** (پوچڻ پڙڻ: وکوڙڻ وٺڻ): وٽ وکڙ. مثال:

ٻاڳ موجب ٻوڳيان، پيو ڏکن جي پوچ پڙ
ائين گڏيس گوندر ۾، جيئن گاذر کري کپڙي کي گهڙ.

(محمد صديق مسافر)

**پوڄا پاٺ:** (پوڄڻ/ سجدو ڪرڻ - پاٺ: ڌرمي ڪتابن جو پڙهڻ / سيکا / دور ڪرڻ): هندن جي عبادت جو طريقو / ڀٽ پوڄا / ڪريا ڪرم / مذهبي حڪم پورا ڪرڻ / ڌرمي ڏڻ وار جنهن تي خاص پوڄا ڪئي وڃي.

**پور پهه:** خيال / اوتارا / سارونيون / يادگيريون. مثال:

اڇي ڏينهن آچر، پيم پور پهه،
ٿمن نيڻ منهنجا، ڏئي تاڙهه تهه. (احمد خان "آصف" مصراڻي)

**پورو پُنو:** مناسب / دستور مطابق / ضرورت موجب / وچولو.

**پورو سُورو:** عام رواجي / معمولي.

**پوري پُني:** مناسب / معتدل / نه گرم نه سرد آبهوا.

**پورهيت پاڇاٽي:** نوڪرياٽي / ٻيلياٽي / گولي. مثال:

دوست اوهان جي در جي پورهيت پاڇاٽي (نانک يوسف)

**پورهيت پرٽياٽي:** پرٽياٽي: ڪتياٽي (سسئي ڏانهن اشارو آهي) / ڏوٻياٽي / نوڪرياٽي / ٻيلياٽي. مثال:

پنهل! ٿئو پاڻ سين پورهيت پرٽياٽي (شاهه: سر ديسي)

**پورهيو ڪارهيو:** ڪم ڪار / محنت مزدوري / ڪسب / ڪار / پيشو.

**پوڙهو پکو:** (پکو: پڪيءَ عمر وارو) ٻڍو / جهور / ڪُڪَ / مڙهو. AGED



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**پوڙهو پڪوڙو:** پڪو: پڪي عمر وارو - تڪبيري صورت پڪوڙو)؛ ٻُڍو / ڪکُ / مڙهو / ڪَراڙو / جهوَر.

**پوش پناهه:** پردو / ڍڪ / اوڍر اولو / آڏر. مثال:

”منٺار“ فقير ٻه منگتو، تو پني پوش پناهه (منٺار فقير راڄڙ)

**پوکي راهي:** (پوکيل راهيل؛ پوکڻ (فصل پوکڻ) ۽ فصل لٽي، ديري ٻران جي ”راهه“ ڪرڻ)؛ ڪيتي راهي، مثال:

پوکي ڪريون نه راهي، پنون نه ڪنهن جو پاڙو

(هادي بخش شاهه مسڪين)

**پوکون راهون:** (پوکي راهي؛ پوکيل فصل ۽ پڪل فصل جي راهه ٽيل)؛ ٻنيون ٻارا. مثال:

ڍنڍين ٻِهه، درياهين پَلا

پوکن راهن جا ٽين ٽلها،

پرجن ديري ديري گلا،

ڪَر ۽ ڪوٺيون، لوڙ پچن لاڙيون. (حاجي خانڻ جنجهي)

**پهه پاهت:** واسطو / لاڳاپو. مثال:

ماروئڙن سان، ٻڙي جيڏيون، منهن جو پهه پاهت. (نانڪ يوسف)

**پهه پور:** خيال / وِسوسو. مثال:

ويهي ويراڳين جو ڪو پهه پچايو پور (هادي بخش شاهه مسڪين)

**پُهائڻ پُچڻ:** (پهائڻ: پهو / رستو پُچائڻ. مثال:

پُهائيندي س پنهوءَ کي، آئون ڳچي پائي گندي،

منکي تان سي نه ڇڏيندا (شاهه: سرڪو هياري)؛ ڏس پتو پچائڻ / پنڌ پچائڻ.

**پهت پر:** انداز / ڍنگ / نمونو / دستور / ريت. مثال:

وڏڻ، چيرڻ چچرڻ، پهت انين جي پر (شاهه: سرڪلياڻ)



www.sindhsalamat.com                                                    books.sindhsalamat.com

پاند پر ناهي پئسو پائي،
هڻ هڻ پنهنجي پاڻ گنوائي،
عمر اجائي گاهہ بگاهہ،
لاالہ الاالله　　　　(سيد سردار علي شاهہ "ذاڪر")

**پيسو / پئسو پنجڙ:** رقم / دولت / ڏوڪڙ. مثال:

پيسو پنجڙ نہ اٿس جو ڪو ڏنڊو ڪري!

**پيسو ڏوڪڙ:** دولت / رقم مثال: پيسو ڏوڪڙ نالي لاءِ نہ اٿس!

**پيڪَ پيار:** محبت / چاهہ. مثال: پاٽيءَ سين پيڪ ڪيو تيلا وٽجارن (شاهہ: سُر سريراڳ): پيارا / اڪرنج / عشق / چاهت .

**پيناڪ پينو:** پنندڙ / فقير / گداگر / پينار.

**پينڙاٽ پيناڪ:** گداگر / فقير / سُوالي.

**پينو پينار / پينارو:** پنڻ وارو / فقير.

**پينو پنڻ وارو:** فقير / گداگر. مثال:

چا غريب گداگر پينو هجي پنڻ وارو　　　　(خان محمد)

**پينو منگت:** (پينو: پنندڙ / فقير - منگت: مڱڻو / مڱڻهار / ڪهُرندڙ): پينار / گداگر. پيناڪ / فقير / پينڙاٽ. مثال:

پينوءَ منگت پيناري ڪي، بخش عطا جو ڏٺي تون ڏج دان!

("منٺار" فقيرراڄڙ)

**پينڻ ڪائڻ:** ڪاڏو خوراڪ / ڪاچ. مثال:

ناپسند آهي پينڻ ڪائڻ سچو سينگار پڻ،
غمزده دل تي اڪين مان جاري آهن نار پڻ.　(حافظ محمد احسن)

**پيو لَيو:** (پوڻ / لوڻ: سُمهيو رهڻ / پيو رهڻ): بيماري سبب بستري داخل.

**پيھہ گيھہ:** (پيهجڻ گيهجڻ: ڳوهجڻ / ڀڪوڙجي پيڙجي وڃڻ): ڀڪوڙ / پيڙ RUSH



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

**پيهڻ پچائڻ:** (جنڊ تي اَنُ پيهڻ ۽ اٽو ڳوهي ماني پچائڻ): اصطلاح ۾ معنيٰ: پورهيو ڪرڻ / ٻيلياڻي / نوڪرياڻي تي بيهڻ / ٻانهي تي پورهيو ڪرڻ. مثال:

(١) پيهان پچايان، جي مانَ نِهو پاڻ سين! (شاهه: سر سسئي آبري)

(٢) جتي بهشت جنت ۾ پاڳين پاٽا،
اتي سدا سُٺائون، ڏهن ڏاڏاٽا،
پيو قوت سندن مڪيون ماندانا،
ان جو سِرُ هو پيهڻ پچائڻ ميان! ("منثار" فقير راڄڙ)

**پيءُ ڏاڏو:** بزرگ / خاندان جو وڏو. مثال:

تڏهن اُمت ان جي ڪي آ ڪهڙو حق،
جو پڏائي پنهنجو پيءُ ڏاڏو وري. (شمس العلماء مرزا قليچ بيگ)

**پيٽي ليٽي:** (بيماريءَ جي حالت ۾ پيو رهڻ / بيمار پئجي رهڻ): اگهائي / بيماري / ناچاقائي. مثال:

پيٽيءَ ليٽيءَ ڏيءَ ڪم اچي (بيمار ماڻهن جو وڏ ۾ وڏ خيال نياڻين کي ٿيندو آهي.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ج

(لفظن جا جوڙا: 186 - ڪل لفظ: 372)

**جابو جانار:** (جابو: جنهگلي جانور جو قسم "جابو، مر، سلهه" - جانار: جان وارو/ ساهه وارو): جانور/جهنگلي حيوان/مِرون.

**جابولَ جهڳي:** (جابولڻ جهڳي هڻڻ: اجايو ڳالهائڻ / بڪڻ / وقلڻ / بي تڪي ڳالهه ڪرڻ / هتوراڙيون هڻڻ): بڪ / بڪوات/ وِقل / بي تڪي ڳالهه / بڪواس.

**جات پات:** ذات/قبيلو/قوم/برادري/فرقو/نسل/عزيز/مت مائٽ/ذات پات.

**جات نيات:** ذات نيات / ذات پات / حسب نسب / برادري / قبيلو / فرقو / نسل / قوم.

**جانولو جانوڙو:** ڏنار ڪانسواءِ چيڪ (ڳور / آزاد) چرندڙ چوپايو مال / چڙواڳ ڍور.

**جانو / جانئو جوان:** هڏ ڪاٺ وارو / مضبوط جسم وارو / پهلوان/ سگهارو / طاقتور / ڪٽمست.

**جاپَ پوڇا:** (جاپڻ: جپڻ / پوڇڻ / نالو وٺڻ): پوڇا / ورد / وظيفو/ ذڪر / پراٿنا / بندگي / عبادت.

**جاچ / جانچ پڙتال:** (جاچڻ / جانچڻ - پڙتالڻ: جاچڻ جوچڻ / ڳولڻ ڦولهڻ): چڪاس / تپاس / پُڇا / تلاش / نظرداري/ پرک / آزمائش / سنڀال / ڳولا ڦولها.

**جاچ جوچ:** (جاچڻ جوچڻ: ڳولڻ ڦولهڻ / تلاش ڪرڻ / وِلاڙ ڏيڻ): ڳولا ڦولها / تلاش / وِلاڙ / پَرک / پُڇا ڳاڇا / چڪاس.



www.sindhsalamat.com     books.sindhsalamat.com

**جاچ چڪاس،** (جاچڻ چڪاسڻ، پرکڻ / ڳولڻ ڦولهڻ)، پرک / پڇا / تلاش / ڳولا.

**جاچنا جانچ،** ڳولا / تلاش / پُڇا / پرک / پرکا.

**جاچي جوچي،** ٽپاسي / ڏسي وائسي، مثال:

جاچي جوچي ليئو پايو، ڦرائي دل نہ ڦاسايو،
پُنهل سان پيچ تن پايو، ڏسي ڏونگر متان هٽڪن.
(پير ڪمال سائين: سُرڪليان)

**جادو جنتر،** انتر منتر / دعا تعويذ / سڳو ڦيڻو / جهاڙ ڦيڻو، مثال:

انتر منتر جادو جنتر!

**جادو ڪامڻ،** جادو منتر / سڳو ڦيڻو / جهاڙ ڦيڻو / دعا تعويذ.

**جاڏا جُنگ،** (جاڏو جُنگ، تمام وڏو / ٿلهو - جُنگ ۽ مضبوط / طاقتور)، تمام وڏا ۽ مضبوط، مثال:

ڪال وڏائين ڪن ير، جاڏا جنگ جهاز. (شاهہ: سرسريراڳ)

**جاڏو جاڏيلو،** جاڏوارو / ٿلهو متارو / پهلوان / جانٺو / بي ڊپو / اڻگهڙيو (UNPOLISHED) اڙدو / ڏنگو / اڙنگو / آهنڊ / سگهارو / همت پريو.

**جاڏو جهنگلي،** اڻگهڙيو / جَٽُ / کهرو UN CULTIVATED/ UNCULTURED

**جاڏي تاڏي،** جيڏانهن تيڏانهن / جتي تتي / هر هنڌ.

**جاڏي ڪاڏي،** جيڏانهن ڪيڏانهن / جتي ڪٿي / هر هنڌ. مثال:

جاڏي ڪاڏي پاڻ، چڏ تون غير گمان (قادر بخش بيدل)

**جاڏيلو جانٺو،** مضبوط بدن وارو/ ستر وٽر / سگهارو / طاقتور / ٿلهو متارو.

**جار آر،** ساڙ (سڙڻ) / جل (جلڻ) / ڪام (ڪامڻ) / پچ (پچڻ) مثال:

جوش ڪُهايس جار، لڳس ناوڪ نينهن جو (رمضان واڍو):

جوش/حسد / تيسو / سڪ / أڪرنج.



www.sindhsalamat.com 		books.sindhsalamat.com

جاءِ: زمين جاءِ ڏئيس ته شرم کان پيهي وڃي!)؛ گهر / رهڻ جي جاءِ. مثال:

(١) رهڻ لاءِ ڪا جاڳهه جاءِ ٿي نه اٿس!

(٢) وڏا سيءَ سازڙي سچي رات هاءِ

نه ماني نه ٽڪي، نه جاڳهه نه جاءِ. (شمس الدين "بلبل")

(٣) جوڳن جي آ جاڳهه جاتي،

جن ملائڪ جي جاءِ ناهي تاتي،

ڪٿي پنهنجو پاڻ لڪايون. (حاجي خاڻ چنجڻي)

**جالارو جهجهو:** جالار: گهڻو. مثال:

آيو ڪچهري ڪريم جي، جر وهائي جالار (فقير علي بخش جمالي)؛

گهڻوتڻو / جاستي / سَرس / سُنوالو / وڏيڪ.

**جان جُسو:** (جســـو: بدن)؛ جند جان / بت بدن / جسم / خاڪي بوتو / انسان جو بدن. مثال:

جان جسو، سر صدقو، گهوريان گهر تڙ. (مبين عيسلي)

**جان جگر:** تن بدن / جسم / رت ست. مثال:

تو جي ڏنم سيلهه َ، پيون سُيون،

سي منهنجي جان جگر منجهه پيون. (منثار فقير راجڙ)

**جان جند / جندڙي:** تن بدن / جسم. مثال:

(١)... سناسي ڏيئي سور گهٽائي ويا

منهن جي جان جندڙي جلائي ويا (محمد عثمان ميمڻ)

(٢) الف، ميم، يي، نون، جي بَدِ صدا،

مٺا جان جندڙي جلائي چُڪس. (مخدوم محمد امين "فهيم")

**جانار جانور:** جانار: جان وارو / جاندار. مثال:

دهشت دم درياهه ۾، جت جايون جانارن (شاهه: سر سهڻي)؛

حيوان / ساهه وارو.

**جانب جاني:** (جانــب: جان کان وڌيڪ پيارو - جاني: جنهن لاءِ جان قربان ڪئي وڃي)؛ پيارو / دوست / من گهُريو محبوب / دوست دلدار.



www.sindhsalamat.com                                                    books.sindhsalamat.com

**جالب جگر:** جگري دوست / دل گهريو دوست / من گهريو ماڻهو/ عزيز / پيارو / دلدار.

**جانيو جهمنيو:** (ڪنڌائن وٽن جو ڍنگهر / ڪنڌائون تارو): ڍنگهر / ٻارڻ جون ڪاٺيون.

**جانيوٽو جَهٽُ:** (جانيوٽجڻ / جهانيوٽجڻ: وچڙي وڃڻ / ڳنڍجي پوڻ / چنبڙي پوڻ / هٿين پوڻ): جهپو / چنبو / جهٽو.

**جانيورو جانويوٽو:** (جانيورجڻ جانيوٽجڻ: ڳنڍجي پوڻ / وچڙي پوڻ / جهاپو هڻڻ): جهپو / جهپ / جهٽ.

**جانٺوجوان:** دلير / پهلوان / مضبوط جسم وارو.

**جانٺو جوان / جُڳاڻ:** جوان مرد / سگهارو / مضبوط جسم وارو WELL - BUILT

**جانٺو جوانمرد:** سگهارو / هَڏَ ڪاٺ وارو / مضبوط بدن وارو / پهلوان.

**جانٺو جوپ:** هڏ ڪاٺ وارو / سگهارو / بهادر / مَلهه - ڪُلهيرو WELL - BUILT

**جانجهولڻ ڏانڏولڻ:** لوڏڻ / ڌوڏڻ / ولوڙڻ.

**جانکو جهرو:** جهَري (گهٽ) نظر وارو / چُنجهو / جَهِڪي نرت (نظر) وارو.

**جاڻ جاني:** جان ڪان وڌيڪ عزيز / جان جهڙو پيارو دوست / دلي دوست / دوست ڏلارو / ساٿي.

**جاه جلال:** دٻدٻو / شان شوڪت.

**جاء جڳهه:** اجهو / هنڌ / ماڳ / مڪان / گهر.

**جائي پائي:** (جائي: سچ پچ / يقيني، مثال: جائي تو چوين! You are right!)، پڪ پڪائي / يقيني / سچ پچ Exactly

**جائي جواري:** (جائي: جُون جي ماني - جُواري: جوئر / جوئار جي ماني): سادو کاڌو / غريباڻو کاڄ. مثال: مهمان کي صلاح ڪندي چئبو آهي: ٻلي ٻلي ڪري آئيو! جائي جواري حاضر آهي.

**جبل جهنگ:** (جبلن ۽ جهنگلن ۾ انساني آبادي تمام گهٽ هوندي آهي): اٽانگا هنڌ. مثال:

وسڻ سان جبل جهنگ ساوا ٿين،
جي اوسر سايا، سي تازا ٿين. (حافظ عبدالله "بسمل" ٽکڙائي)



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

**جتِ ڪٿِ:** جتي ڪٿي / هر جاءِ / هر هنڌ. مثال:
(۱) پوئي ڪل جي ڏسين پرده ڪٿي تون،
رکيل آهہ مخزن اسرار، جت ڪٿ. (هدايت علي نجفي "تارڪ")
(۲) اسان سان همدم وهمباش "تارڪ"
رهي تو عشق جو آار جت ڪٿ. (هدايت علي نجفي "تارڪ")

**جُتڻ جُنبڻ:** (جُتڻ: گڏيو وڃڻ / لڳو رهڻ. مثال:
جتو ونءِ جهازَ، گڏيو غوار بن سين (شاهہ): جُنبڻ: جُنبيو
رهڻ: ڳنڍيو وتڻ / لڳو رهڻ.

**جَتو سَتو:** معصوم / پرهيزگار / گناهن کان بچيل / حسن اخلاق وارو / پاڪدامن.

**جَتِي سِتي:** ست سيل واري / نيڪ سيرت / پاڪدامن / عورت جنهن
کو گناهہ نہ ڪيو هجي.

**جتي ڪٿي:** جاتي ڪاتي / هر جاءِ / هرهنڌ.

**جڏ / جُهٽ جوڙيوال:** جڏ: جيڏو / هڪ جيڏو / سائي /
مددگار / صلاحڪار / صلاحي / رفيق / ٻِٽ رهندڙ.

**جَتائوُ جهالوُ:** (جتائو: جتاءِ ڪندڙ - جهالو: گهڻو وقت هلندڙ):
جتادار / پائدار / جهالائو / مضبوط.

**جُٽ جاڙ:** تعدي / عقوبت / ڦٽڪار / لعنت ملامت.

**جُٽَ ڦٽ:** ڦٽ لعنت / تعدي / ڦٽڪار.

**جٽ جنبڙ:** ڦٽ لعنت / لعن طعن / ڦٽڪار / تعدي / ها هاڪار / تنبيهہ.

**جپ تار:** جهپ تال: پکواز جي وڄت جو هڪ نمونو.

**جپ تپ:** پوڄا پاٺ (هندن جي عبادت جو طريقو)/ ورد وظيفو /
ذڪر فڪر / الله جو نالو جپڻ / عبادت.

**جپ جاپ:** خلقيندڙ / مالڪ جو نالو جپڻ / هندن جي پوڄا پاٺ (عبادت) جو طريقو /
ويد پِران پڙهڻ / ايشور جو نانءُ وٺڻ، مالا ڦيرڻ/ هندن جي عبادت. مثال:
جپ جاپ ڪيم، پوڄا پاٺ ڪيم،
سوچي سمجهي ويو پران پڙهيم،
آهي ذات اها هڪ ساڳي پر،
ان ذات جا روپ هزار ڏٺم. (رام پنجوائي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**جِگر جيرا:** انساني جسم ۾ رت جي ٽنتي سرشتي جا ٻه اهم حصا. مثال:

سڙي ويو سوز کان سينو. جگر جيرا جلي ٿيا خاڪ.

نگاهِ آتشين رو کان لڳي وئي آڳ اندر ۾ (حافظ محمد احسن)

**جڳَ آڌار جڳ داتا:** ساري جهان جو آسرو / اوٽ / ساري جهان

کي رزق ڏيندڙ يعني خداوند تعاليٰ.

**جُڳائتو جُڳائيندڙ:** سُهائيندڙ / مُناسب / جوڳو / لائق.

**جُڳائتو جُڳائيندو:** جَسَ وارو / لائق / مناسب.

**جڳ جهان:** سنسار / دنيا / ڪائنات / جڳت. مثال:

(١) ساراهه ڪجي سبحان جي جنهن جوڙيو جڳ جهان (خان محمد)

(٢) فني فنا جو سيئي مڪان. ڪو نه ڪو رهندو جڳ جهان

(محمد يعقوب دائود پوٽو)

**جڳ سنسار:** جهانَ / دنيا / ڪائنات.

**جڳ مڳ:** (جڳمڳائڻ: چمڪڻ / چلڪڻ): چلڪو / چمڪو / چمڪ / جِهر مِر.

**جڳت سنسار:** جهان / دنيا / جڳ / ڪائنات.

**جل ساڙ:** (جلڻ / سڙڻ / ڪامڻ / پچڻ. مثال:

ڪارون وس وڏا ڪري اٿس جوش گهٽا جل (رمضان واڍو):

ڪامِ / پچ.

**جلڪو جلڪار:** جهلڪو / چمڪاٽ / تجلو / جهلڪ.

**جلوو جوت:** تاب / روشني / ڏچ مچ. مثال:

ڪريو قوب ڪمال. محمد!

پسي جلوو جوت جمال. محمد! (گمنام شاعر)

**جمال جوڀن:** (جمال: سونهن - جوڀن: جواني - سونهن هوندئي

جوانيءَ سان آهي. چوندا آهن ته جوانيءَ ۾ گند به ڦولاريو

آهي): سونهن سوڀيا / ڏچ مچ / حسن جواني.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**جند جان:** تن بدن / جسم جان، مثال:

(١) ڪيائين قرب "ڪمال" سان، منهنجي هي جند جان تين قربان لڳي
(پير ڪمال سائين: سر سورٺ)

(٢) وحدت ۾ جند جان وڃائي، "بيدل" هڻ منصوري هام
(قادر بخش بيدل)

(٣) پوڻ آئي ٿي گل جي سام يا آئي ٿي ڇا ڇنجي؟
ڪرڻ صدقي مرڻ جي مهل، پنهنجي جند جان بلبل (نواز علي "نياز" جعفري)

(۴) پِن پِنا اولاد جو ۽ عافيت جند جان جي،
خير "خير شاهه" تو گهري، پڻ ماڳ ہي احسان جي (سيد خير شاهه)

(۴) منهنجي جيجل ڙي جند جان امان،
منهن جي جيجل ڙي جند جان،
هن خان بلوچ هي پڙڪائي. (منٺار فقير راڄڙ)

(۵) آئون تنهن جي قدمن تان قربان.
گهوريان سموري جند جان (منٺار فقير راڄڙ)

**جند جيءُ:** تن / بدن / جان / جُسو / جسم.

**جنبڙو جنبالڙو:** (جَنبُ: اسم تصغير: جنبڙو - جنبال: اسم تصغير: جنبالڙو): جنبُ جهڙو رانديڪو

**جندو پاڙو:** جندو: گهر جي ٻاهرين پٽ جنهن تي شهتير رکيل هجي / ڇپر جو جندو /جندو پاڙو ڪرڻ / جندو پاڙو لکي ڏيڻ: شادي ڪان پوءِ ساهرن وٽ رهڻ / گڏجي رهڻ / ساهرن جي پاڙي ۾ / لڳو لڳ رهڻ، ساهرن سان گڏجي رهڻ لاءِ، ڪي ساهرا، گهوٽ ڪان. ساٺن گڏجي رهڻ جو شرط قبول ڪرائي، لکرائي وٺندا آهن جنهن کي "جندو پاڙو" سڏيندا آهن.

**جَنگِ جَدال:** جهيڙو جهٽو / لڙائي / ويڙهه / ويڙهاند / جَنگاهه.

**جنگ جدل:** جهيڙو / ويڙهه / لڙائي.

**جُنگ جوان:** جانٺو / بهادر / مضبوط / سگهارو / طاقتور / ٻلوان، مثال:
ڪامل ڪربلا ۾ آيا "جُنگ جوان. (شاهه: سر ڪيڏارو)



www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

**جَنگ جُوانُ:** جوان / مضبوط / دلير / سگهارا. مثال:
لهريون لڙ "لطيف" جي، جهلنا جنگ جوانُ (شاهه: سر سهڻي)

**جَنگ جَنگائي:** وڏي لڙائي / جنگ / ويڙهه/ ويڙهاندَ.

**جنگ جهيڙو:** ويڙهه / لڙائي / مَهاڏو / ويڙهاندَ / جهڳڙو / جهونجهارڪو
جهيڙو / ڪار زار. مثال:
(١) نہ تون تو مجين ۽ نہ مان تو مڃان.
وڏي تو پيو جنگ جهيڙو اجان (مولانا ثناءُ الله ثنائي)
(٢) ڇڪين ماس ڪاڻي تو ماڻهوءَ جو ماڻهو.
فقط جنگ جهيڙو ۽ ڇڪتاڻ آهي. (عبدالڪريم گدائي)
(٣) جهنگ جهيڙي مان ڇا ورندو، ڪر قرب ڪثرت
(نبي بخش ماڇي)

**جنگا جنگي:** [وڏي جنگ / وڏي ويڙهه / سخت جنگ. مثال:
ائين چئي اٿليو، مٿي جوان جنگاهه - (مولا بخش سومرو)]:
جنگ/ مهاڀاري لڙائي / ميدان جنگ.

**جَنَهرَ جُهور:** هيٺو / ڏاڍو ضعيف / ٻيدو / جُهريل.

**جُنَهرَ جوانيءَ ويو:** جوانيءَ ويل / جنهن جي جواني ختم ٿي
چڪي هجي / جُهريل / پوڙهو / ڪُراڙو / ڪَکَ / ٻُدو.

**جَڻِ ٻچو:** (جڻ: جڻ: ڄڻيل ٻار): سارو ڪٽنب / ڪهول / قبيلو/ آل عيال / ٻارٻچا.

**جَوان تَوان:** نئون نندو / تازوتوانو / تندرست/ ٻَرُ / چڱو ڀلو. مثال:
ٻچائي ٻار پيغمبر، حجازين سان ملان هيڪر،
جوان بنجي توان بنجي، روان بنجي، دوان بنجي. (شمس الدين بلبل)

**جوان جرار / جراڙ:** سورهيه / جوڌا / ڳوڌا / سورهيه / ڪونڌر / جهونجهار. مثال:
ڏونگڙو ڏيا ناٿ رهيو اڇي ننگر جي آڏار،
جيڪي جوان جراڙ، تن نوان اڏيا نِجُهرا. (شيخ الهه بچايو)

**جوان جري:** دلير / بهادر / سورهيه.

**جوان جوڙو:** ڳوڌو / سورهيه / جُهنجهار / ڪُونڌر / ڪنڌار / دلير.


www.sindhsalamat.com                books.sindhsalamat.com

**جوانيءَ ويو ڪين ٿيو:** پاراتي جا لفظ:"جوانيءَ ويو": جنهن جي جواني تباهہ ٿي وڃي ۽ "ڪين ٿيو" جنهن مان ڪا بہ اميد رکي نہ سگهجي!

**جُوانڻ جَمانڻ:** ڳڀرو / قوهہ جوان / قوهہ جوانيءَ کي پهتل / ڀورڀهانڻ / اَڌو ساماڻو / سگهو / نئيو نيتو / نوجوان / لاسِيار / لاسڙاٽ / نئون تازو /جوان سال. مثال:

جوانڻ جمانڻ پٽ آهي، ڪمائي ڪارائيندو!

**جوين جواني:** نئون رت / جواني واري عمر / شباب / زندگيءَ جي بهار / حياتيءَ جي ڦولار (چوندا آهن تہ جواني ۾ گند بہ ڦولاربو آهي)/ نئين جواني.

**جوين جنسار:** جوت جمال / سونهن سوڀيا / نئين جواني / جوانيءَ جو قوهہ.

**جوين جواڻي:** جواڻي: جواني: حياتي جي ڦولار. مثال:

(۱) پُٽ! شل جوين جواڻي ماڻين!

(۲) جڏهن ڪا جوين هيم جواڻي،

تي تڏهن ڏنگاپون ڪيم ڏينهاڻي. (منٺار فقير راڄڙ)

**جوينڪ جُوانڻ:** جوين واري / جوان / جوانڻ جمانڻ / سهڻي عورت/ موهڻي.

**جوت جمال:** سونهن سوڀيا / ڏج مج GLAMOUR روشني / نور / چمڪو / ڪلا. مثال:

(۱) ظاهر باطن ذات صفت ۾ جلوه آهي جوت جمال.

(هدايت علي نجفي "تارڪ")

(۲) صورت جوت جمال واهہ واهہ منهنجي يار جي پيشاني.

(منٺار فقير راڄڙ)

**جوپُ جوان:** تندرست / چڱو ڀلو / جوڌو پهلوان / بهادر / متارو / سگهارو. مثال:

ٻانهپ ٻيري ٻيڙيون، هليا جوپ جوان (شاهہ: سر سريراڳ)

**جوُڄڪي جوُڄني:** اَڏمو / اُڏمات / پُور / اوچتو خيال / جذبو / ريچڪ / لهر / مستي / جوش / ڪاوڙ / چرپائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**جوُجو ڄجو:** (ٻارن کي ڊپ ڏيارڻ لاءِ فرضي بلا / جانور جو نالو)، ڄجُو بلاڙو.

**جوڌ جوان:** (جوڌ: جوان / پهلوان / ڳوڌا / سورهيه مثال:

هو ديوانا درياهه جا، گڏيئي جوڌ جڌهن - (مل محمود پلي)،

دلير / ڪونڌر / ڪنڌار / سرويچ.

**جوڌا جوان:** سورهيه / دلير / پهلوان. مثال:

جوڌا جوان آهيون،
وتون سينو ساهيون،
جڌهن ڪنهن تي ڪاهيون،
ڪيون دل جون باهيون.
جيئي جيئي سنڌڙي، سدا جيئي سنڌڙي　(مرزا قنبر علي بيگ حيدري)

**جوڌا جَنگ:** پهلوان / سورهيه / هڏ ڪاٺ وارا. مثال:

جوڌا جنگ جوان ٿيو، پير نه پوءِ پايو. (حسين بخش خادم)

**جوڌا جوپ:** (جوپ: پڙ / متارو / جوڌو): طاقتور / ٻلوان / پهلوان / سورهيه / جانٺو.

**جوڌا ڳوڌا:** (جوڌو ڳوڌو: جَڌ / يَڌ (جنگ). مقابلو ڪندڙ / ڳوڌ: ڳوڌ وارو): سورهيه / دلير / ڪنڌار / ڪوپا / سرويچ / اڻ ڪس.

**جوڌو ڳوڌو:** بهادر / سورهيه / پهلوڻ / ڪوُنڌر / ڪنڌار.

**جورا پوتا:** جورو: (ڪپڙن جو وڳو، رئي ۽ چُني سميت - پوتو: پوتي يا چني يا رئو): جوڙو / پوشاڪ / عورت جو وڳو. وهانءَ شادي يا ٻئي ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي، ڪاج ڏٺي (وهانءَ وارا) نياٽين سياٽين / ويجهين مائٽاڻپن کي جورا پوتا لاڳ طور / انعام طور / سڪ پائي ڏيندا آهن.

**جوڙَ جَڪ:** (جوڙڻ جڪڻ: تيار ڪرڻ): ناهه نوهه / بناوت / انتظام / بندوبست / سناءُ.

**جوڙ خوش:** (جوڙ: جُڙيل / خوش): چڱو ڀلو / صحتمند. مثال:

هڪ ٻئي کي ڪيڪاري، حال احوال ونڻ کان اڳ ۾، خوش خير عافيت پڇڻ لاءِ چئبو آهي: جوڙ متارا آهيو / جوڙ خوش آهيو!



www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

**جوڙ سُجوڙ:** جوڙ A MATCH / جوڙو / جوڙي A COUPLE نرماد / زال مڙس، مثال: جوڙ سُجوڙ سدا جڙيو رهي!

**جوڙ متارو:** چڱو ڀلو / سگهارو / صحتمند.

**جوڙ جنسار:** ڳاهه ٽوهه / هار سينگار / زيب زينت.

**جوڙ جيسُ:** پورو / ٺهڪندڙ / ملي ايندڙ / هڪجهڙو / مَٽُ / شاني (ساڳئي شان وارو) / ثاني / جيڏو / جهڙو / ميل / برابر / جوسي / متابل / پيچي / همعمر

**جوڙاٽي ٺهراٽي:** جوڙائڻ ٺهرائڻ جو ملهه / مزوري، جوڙ جس.

**جوڙتو جڙتو:** ڪوڙو / نقلي / جعلي / هٿ جو ٺهيل.

**جوڙو ميڙو:** (جوڙڻ ميڙڻ: جوڙيل ميڙيل / گڏ ڪيل / ٻه گڏ / ٻه لاڳيتون ملهون / ٻه لاڳيتا ڪلام / ٻه شيون هڪ ٻئي پٺيان لاڳيتيون): ملهه (سنڌ جي روايتي پهلواني واري راند) جو جوڙو (لاڳيتيون ٻه ملهون) / جوڙو ڪلام (لاڳيتا ٻه ڪلام)، مثال: (۱) واهه استاد (ڳائڻا) جوڙو ميڙو ته ڪجاڻءِ (هڪ ڪافي يا ڪلام ڳاپو اٿيئي، هاڻي ٻيو به ڳائي ڏاءِ)!"
(۲) سبحان الله! واهه جي ڪافي ڏدائي اٿيئي! جوڙو ميڙو ٿي وڃي!
(۳) واه واهه! جوڙا ميڙا ڪجاڻءِ!

**جوڙي پوتي:** (وڳي / جوڙي تي "پوتي" / رئو / اوڍڻي / چُني): ڪپڙن جو وڳو.

**جوڙيوالُ جُهٽ:** پيچي / پائيوار / ساٿي / سنگتي.

**جوسي جيڏو:** هڪ جيڏو / جهڙو / همعمر / همعصر / سرتو.

**جوش جذبو:** سرگرمي / اُتساهه / جذبو.

**جوش خروش:** جذبو / اتساهه / سرگرمي.

**جوش جولان:** جذبو / جذبات جو چوهُ / طبيعت جو زور، مثال:

منگي دان "بيدل" برهه جو بيڪاري،
سدا جوش جولان، توحيد تاري،
الله لڳ پلا، پالَ تنهن کي پلايو. (قادر بخش "بيدل")



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**جوشيلو جوشائتو:** جوش وارو / ڪاوڙيل / جذباتي.
**جوکو جنجال :** (جوکو، جيهو / نقصان - جنجال، و بال)؛ / جهنجهٽ / ٽوٽو / ڪُفائدو / نقصان.
**جوکو سکٽو:** سَڃو / پينگيو / ڪنگال / ڪنگال / نادار / هٿين خالي / ڪنگلو.
**جُوهہ دُوهہ:** (جُوهڻ دُوهڻ، چتائي نهارڻ)؛ تڪ (تڪڻ) / گهور (گهورڻ) / لالچي نگاهہ / هڪ ٽڪ نظر.
**جُوهو جُهڳٽو:** (جُوهو: وٽن جو ننڍو جهڳٽو)؛ جُهڙ / ويڙهہ / ويڙهو.
**جُوهو ڇُوهو:** (ڇُوهو: جوهہ مان وسڻ)؛ اوهيرو / وسڪارو / انداري گذيل مينهن.
**جوءِ جاءِ:** جڳهہ / هنڌُ ماڳ / ماڳ مڪان. مثال:
لڏائين لطيف چي، جوءِ جتن جي جاءِ (شاهہ : سرديسي)
**جهڙو تهڙو:** معمولي / هالوَ چالوَ / خسيس / رواجي / اٽپورو. مثال:
(۱) جهڙي تهڙي حال سين، وڃان پير پري (شاهہ: سرڪو هياري)
(۲) جهڙو تهڙو، ميرو مندو، "باقر" آهي تنهنجو بندو
تار منجهان اچي تار! (مير محمد باقر خان)
**جهڙي تهڙي:** خسيس / معمولي / رواجي. مثال:
(۱) جهڙي تهڙي تن جي، ڪوٺي توڙي ڪري
(رئيس امام بخش خان جتوئي "صابر")
(۲) جهڙي تهڙي، تنهنجي آهيان،
پٺي ڪنهن جي مان، هرگز ناهيان،
ڪين سڙيءَ کي ساڙ - الا! (الحاج رحيم بخش "قمر")
**جٽاڻ جماڻ:** ننڍو نيٽو / جوانسال / نوجوان / جوان.
**جِئرو جاڳندو:** (جمع: جيئـراجاڳندا)؛ زندهہ / هوبهو / چُرندڙ پُرندڙ / هلندڙ ڦرندڙ.
**جِئري جاڳندي:** (جمع: جيئـريون جاڳنديون)؛ زندهہ / هوبهو / سُجاڳ / چُرندڙ پُرندڙ. مثال:
اديب جو ڪمال انهيءَ ۾ آهي تہ هو پنهنجي تحريرن / لکڻين ۾، لفظن جي مدد سان جيئريون جاڳنديون تصويررون ڪيي پيش ڪري.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**جيت جڙا:** جيتامڙا / ساهه وارا.

**جيت جتوڙا:** جيت جٽيا / ڪيڙا مڪوڙا. مثال:

جيت جتوڙا، پوپٽ پتنگ، ڏس پوئنرن جي پٽڪار.

(ملا الله وسايو ڪفش دوز)

**جيت جنتر:** جيتامڙا / ڪيئان / ڪيڙا.

**جيت جٽيا:** (جيت جٽيو): جيتامڙا / ساهوارا / ڪيئان / ڪيڙا مڪوڙا.

مثال: لهج سلن جو سڏ سماءُ

جيت جٽئي ڪان ڪج بچاءُ. (سنڌي درسي ڪتاب تان ورتل)

**جيجو جيجڙو:** جيءُ جان وارو / ابو / پيءُ / بابو.

**جيجي جيجڙي:** جيجل / ماءُ / جيجان / امڙ / آيل / امان.

**جيڏو تيڏو:** ڪيڏو ٻه / ڪيڏو سارو / هيڏو سارو.

**جيڏو سرتو:** (جمع: جيڏا سرتا): دوست / ساٿي / سنگتي / يار / هڪجيڏو / جهڙو.

**جيڏي تيڏي:** ڪيڏي ٻه / ايڏي ساري / هيڏي.

**جيڏي سرتي:** هڪ جيڏي / ساهيڙي / ساٿياڻي / جيڏال / ساٻي

عمر واري / هڪ جيتري.

**جيڏيون سرتيون:** ساهيڙيون / سنگتياڻيون / ساٿياڻيون. مثال:

(١) جيڏين سرتين سينڌين وچ ۾، متي تيڙم ڪنڌ

(سيد علي گوهر شاهه "اصغر": سَر بِلاول)

(٢) جيڏيون سرتيون دعا هي ڪيو،

رهجي اچي شل نباهه اديون. (مير علي نواز "ناز")

٣ جيڏيون سرتيون پاڻ ۾، ٻين پاڪ پنير.

(پير ڪمال سائين: سرڪوهياري)

(٤) جيڏيون سرتيون سُهمڻ واريون،

ويهي ويندريون توچوڏاريون،

پها ڪتي ڪيائون خالي ڪاريون

ڏاڍي چرخن ٻڌي ويون ڏور. (حاجي خانڻ چنجڻي)

(٥) ڏس ڏيو ڙي جيڏيون سرتيون،

پنهل منهنجو ڪيڏن وري وري. (حاجي عبدالله "واقف" ٿارو شاهي)



www.sindhsalamat.com                                                    books.sindhsalamat.com

**جيسُ مَنُ:** جهڙو / جوڙ / برابر / هڪجهڙو / شريڪ / مثل / جيڏو / ثاني، مثال:

تون اجهو آڌار آهين، جڳ سڄي جو اي ڌڻي
جيسُ مَنُ تنهن جو نه هرگز جوڙ پيو ڪو اي ڌڻي (محمد صديق مسافر)

**جيوَ جنتر:** ساهه وارا / جيت جنيا، مثال:

جيو جنتر تا تنهن جي ڳائن، برسات جا گيت
تنهن جي مخلوق پر ٿيا، تنهن جي عنايات جا گيت (ايڪراج ڪنسچند عزيز)

**جنگلا جيتُ:** جاندار / ساهه وارو / جيت جنيو.

**جيئو جڙيو:** (جيئل جڙيل) / سلامت، مثال:

شال جيئو جڙيو هوندين! (دعائي لفظ / دعا جا لفظ)

**جيرا جُسو:** بدن / تن / جان / جسم، مثال:

رمز جا ڪُٺا رهن رضا ۾،
جيرا جسو پنهنجو، وڃن جزا ۾
عاشق آهيون پايون پايون، (اخوند صاحب ڏنو سربروو)





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڄالکهڙيل ڄنگهر:** ڏکيين ڄنگهن وارو.

**ڄاڻ پڇاڻ:** (ڄاڻڻ پڇاڻڻ: سُڃاڻڻ): ڄاڻ سُڃاڻ / واقفيت.

**ڄاڻ سڃاڻ:** (ڄاڻڻ سڃاڻڻ: سڌ هڻڻ / خبر هڻڻ): سڌ / خبر / پروڙ / ڏيٺ ويٺ / واقفيت / تعارف ACQUINTANCE مثال:

(١) اتي ڪا ڄاڻ سڃاڻ اٿو؟

(٢) اڄو تہ اوهان کي هن جي ڄاڻ سڃاڻ INTRODUCTON ڪرايان.

(٣) پاڻ منجهائي ٿي پاڻ کي پوندءِ ڄاڻ سڃاڻ (سچل سرمست)

(۴) "مسڪين" ان ملڪ تي نہ ڪو ڄاڻ سڃاڻ ميان!

(هادي بخش شاهہ مسڪين)

(۵) وجود ويئي ماڻ، الا او،
نڪتي ڄاڻ سڃاڻ (شيخ اياز)

(٦) ظاهر باطن ڄاڻ آ توکي،
پرور پنهنجو پاڻ آ توکي،
ڏاتر سڀ جي ڄاڻ سڃاڻ آ توکي،
ڏاتر هر هڪ شيءِ جي ڏاهہ - لا اله الا الله (سيد سردارعلي شاهہ "ذاڪر")

**ڄاڻڻ سڃاڻڻ:** واقفيت رکڻ، مثال:

(١) ڪيس هرڪو ننڍو وڏو ڄاڻي سڃاڻي ٿو.

(٢) سانگيئن سنگهارن کي ڄاڻان سڃاڻان (سانوڻ فقير)

**ڄاڻهار ڄاڻندڙ:** سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ / الله جو هڪ صِفاتي نالو / عالم الغيب / دانا بينا / ڏسندڙ پسندڙ / عليم.

**ڄاڻو سڃاڻو:** ڄاڻندڙ / خبر رکندڙ / واقفڪار / سڃاڻڻ ڄاڻ وارو ڄاڻوئي: گهائل مائل / حال محرم / پارکوُ / خبردار (خبر رکندڙ) / هوشيار WELL - INFORMED

**ڄاڻي ٻُجهي:** (ڄاڻڻ ٻُجهڻ: سمجهڻ / پُرجهڻ / پروڙڻ): سوچي سمجهي / معلوم هوندي بہ / ڏسي وائسي / ستي سمجهي / سمجهي پرجهي / پُرجهي پروڙي / ڄاڻي واڻي / ارادةً / دانستہ/ ور ڪري، DELIBERATELY. مثال:

(١) ڄاڻي ٻجهي جن، توسين سور سَڄَ ڪي،



www.sindhsalamat.com          books.sindhsalamat.com

**جُهڙ ڦڙ:** (جهڙڻ، جُهڙ ٿيڻ / ڪڪر ٿيڻ - ڦڙڻ، مينهن جون ڦڙيون پوڻ)، مند ملهار / وسڪار جي مند / برسات جي موسم / مينهن جي مانداڻ / مينهوڳي. مثال:

(١) جهڙ ڦڙ نہ لاهين، وسن سانوڻ مينهن جان (شاهہ: سر آسا)

(٢) جهڙ ڦڙ ڏيئي جهاٽ، پسائيندو پٽيون (شاهہ: سر سارنگ)

(٣) جهڙ ڦڙ جت ٿيانِ ات اڏيائون پکڙا (شاهہ: سر مارئي)

(۴) جهڙ ڦڙ متي مارئين، جت چيها چلڙچڪ (شاهہ: سرمارئي)

- چلڙچڪ: گپ چڪ / چِڪدو / چِڪدو -

(۵) عيد ملهائي سيني ڏسندي،

جهڙ ڦڙ مينگهہ ملهاري وي! (سيد اسد الله شاهہ "اسد" ٽکڙائي)

(٦) موٽي آئي مند ملهاري، موسم آهي جهڙ ڦڙ واري (سائل آزاد)

**جهڙپ جهپ:** (جهڙپڻ جهپڻ: جهپ ڏيئي ڏنگ هڻڻ) ڏنگ)، مثال:

سيهہ زلف سهڻن جو ڪر سخت سپُ،

وهائي ٿو وسيهر، هٿيو جهڙپ جهپ. (حافظ حامد)

**جهڙپ جهپيٽ:** ( جهڙپڻ جهپيٽڻ: جهپ ڏئي ڏنگ هڻڻ: ڪڪڻ: ڏنگ هڻڻ. مثال:

(١) سنهان يانءِ مَ سپ، وياءِ واسينگن جا،

جنين جي جهڙپ، هاٿي هنذان ئي نہ چري (شاهہ: سرڪارايل)

(٢) سنهان يانءِ م سپ، وياءِ واسينگن جا،

جنين جي جهپيٽ جُنگن ڪي جوکو ٿئي (شاهہ: سرڪارايل):

ڏنگ / چپيٽ/ ڏنگ جو زهر.

**جهڙڪوپڙڪو:** (جهڙڪڻ پڙڪڻ: پڙڪا ڏيڻ / مچ ڪري ٻرڻ / پيڙ ڪري ٻرڻ): جهڙڳ / جيي / باهہ جو پنيٽ / پيڙ / پانيڙ.

**جُهڙي ڦڙي:** جهڙ ٿيڻ ۽ مٿان مينهن جون ڪٽيون وسڻ / برسات جي موسم / وسڪاري جي مند / مينهوڳي / جهڙڦڙ / مينهن جو مانداڻ / ڪڪرن ڪنوڻ ۽ گجگوڙ جو وايو منڊل / مينگهہ ملار / برسات.



www.sindhsalamat.com                                   books.sindhsalamat.com

**جهلڪو جرڪو،** (جهلڪڻ جرڪڻ، چِلڪڻ چمڪڻ)؛ چمڪو / تاب / چَمڪ / چِلڪو.

**جُهلڪِي جرڪِي،** چمڪي / چلڪي / روشني ڪري، مثال:

جهلڪي جرڪي سج چنڊ ڪي شرمايون،
پنهنجو ديس وسايون، ساجن! (رشيد احمد لاشاري)

**جهلي پلي،** روڪي / منع ڪري، مثال:

(١) جهلي پلي جيڏيون ڪنهن جي نہ رهنديس،
طعنا مهڻا سڀ سر تي سهنديس،
مون ڪي جُوءِ جانب جو ڪو ڏس ڏيو. (ڀائي دلپت رام "دلپت)

(٢) مون ڪي جهلي پلي ڪو بہ نہ،
مان پنهنجو پيڙو پاڻيهي پوڙيندس. (نورو مسخرو)

**جهليان پليان،** روڪيان / منع ڪريان، مثال:

ونڙيوهوت وڃن، ووا جهليان پليان، هينڙو نہ رهي!
(شاهہ: سريمن ڪلياڻ)

**جِهمتڙي جَل ڦناڪو،** تيز / چالاڪ / سگهڙ.

**جهمتو جهمٽ،** وڻن جو جهڳٽو / جُهنڊ / ويڙهہ.

**جهمڪا جهالا:** (جهمڪو جهالو) ڪنن ۾ پائڻ جا ڳهہ.

**جَهمڪو جَهلڪو،** چمڪ / چِلڪو / چمڪاٽ / تجلو / رونق / روشني.

**جهنبونجڻ جانيونجڻ،** وَڃڙي وڃڻ / هٿين پيرن ۾ جهڪجي وڃڻ / پکين يا پاڪرين ۾ ٻڌجي وڃڻ / جانيوتا وجهڻ / رانيوتا هڻڻ / ڏينيوءِ وانگر "يون يون" ڪري وٺي وڃڻ / اٽڪي پوڻ / ڳنڍجي پوڻ.

**جِهنڊ جُنڊا،** مٿي جا وار / ڀِنڊا / ڀِنڊ / چِتا.

**جهنگ جَهپال:** جهنگ / گهاٽو جهنگ، مثال:

نہ ڪا هئي وسئون ويجهڙ ۾ نہ ڪو جهنگ جهپال
(سگهڙ رستم رند)



www.sindhsalamat.com                                                    books.sindhsalamat.com

**جهوپُو جُهڪو:** (جهوپو: اسم تصغير: جهوپڙو / جهوپا: اسم تصغير: جهوپڙا، مثال: پاڻي اُتي جهوپڙا، مور ڪ اچ مرن (شاهه) - جهوپي: اسم تصغير: جهوپوڙي، مثال: الا! جهري م شال غريبن جي جهوپڙيءَ جهوپيون: اسم تصغير: جهوپڙيون - جهڪو: اسم تصغير- جهڪڙو- جهڪا: جهڪڙا / جهڪي / جهڪيون: جهڪڙي / جهڪڙيون): ڪکائون گهر / پونگو / چنو / ڇپر.

**جهوپا سوپا:** جُهڪا / پونگا / چن ڇپر / ڪکاوان گهرڙا، مثال:

سانگين ساري ساٿ سنباهيا،
جهوپا سوپا، مڏ مڻايا. (رئيس امام بخش خان جتوئي "صابر")

**جهورَ جهڪورَ:** برسات جو لاڳيتو وسڻ / وڏو وسڪارو / ٻاڙ ٻوڙ مينهن / لاڳيتي بارش.

**جهوري جِهجڻ:** آنڌ مانڌ / تانگهه / چنتا / سڪ / فڪر، مثال:

جهوري جهجڻ جهانءِ، مون جنين نہ لهي؛
آيل! اينءَ م ڀانءِ، ڪ آئون جڻندي ان ري. (شاهه: سر رپ)

**جهوري جِهٽڪ:** (جهرڻ جهٽڪڻ): ڳڻتي ڳاراٽو / تانگهه / چنتا.

**جهوري جهوراٽو:** (جهرڻ جهورائجڻ: وجهلڻ /سڪ ۾ سڙڻ / ڳڻتيءَ ۾ ڳرڻ): ڳڻتي ڳاراٽو / آنڌ مانڌ / چنتا / سڪ / جهري پوڻ واري حالت / فڪر.

**جهوري لوري:** تار تنوار / هات تات / تات طلب / هوري جهوري (هيڻين ۾ هرڻ) / ذڪر.

**جهوڙا جهانءِ:** اٺ جي سينگار جون شيون / سازن ڪي سينگارڻ جا زيور / سنج / ڳهہ ڳٺا / وهٽ جا ڳهڻا.

**جهوڙا نانگ ڪپرُ:** (جهوڙا: موتمار زهر وارا نانگ - ڪپر: هڻ ڪڻ) قاتل زهر وارا نانگ / زهريلا نانگ جن جي زهر کان ورلي ڪو بچندو آهي، مثال:

لڏڙا مچ درياهہ لهر ۾ جهوڙا نانگ ڪپر. (منٺار فقير راڄڙ)



www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

**جهيڙو جهٽو**؛ (جهيڙڻ؛جهيڙي جي شروعات ڪرڻ / اڳرائي ڪرڻ - مثال؛
ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهيڙيندا ڇڏيا. (شاهه؛ ڪيڏارو)
جهٽڻ؛ ڪيل وار / حملي کي روڪڻ، جهيڙي ۾ هٿيار.
لٺيون ڪهاڙيون وغيره ورايون ويندون آهن جن کي مقابلو
ڪندڙ، ڏڪ گسائي، جهٽي وٺندو آهي، اهڙي طرح ورايل
ڏڪ گسائي يا لڳل ڏڪ ساٿاتي، هڪدم جوابي وار / حملو
ڀرپور انداز ۾ ڪندو آهي)؛ جهڳڙو / جنگ / معاملو /
ڪارگند / ٽنٽو / تڪرار/ دنگو فساد.

**جهيپ جهپ**؛ ڇبي / سٽ / ڇڪ / جهاپو.

**جهيڙ ويڙهه**؛ جهڳڙو / تڪرار / ويڙهاند / لڙائي / جنگ.

**جهيڙو بکيڙو**؛ (بکيڙو؛ گوڙ - هلڪن / هونگارن / للڪارن / گارين
جو گوڙ ۽ جوابي ڪارروائي)؛ جهيڙي جو گوڙ.

**جهيڙو جهڳڙو**؛ (جهيڙڻ جهڳڙڻ؛ وڙهڻ)؛ ويڙهه / ويڙهاند /
معاملو / جنگ / گوڙ گهمسان / دنگو فساد.

**جهيڪو جهاڪو / جهانڪو**؛ ڪوبو / ڪڏ / ڪب جنهن تان ٿاٻو يا
ڏڪو يا ڏوڏو اچي ويندو آهي.

**جهيلوَ جَهلائو**؛ سُر جهلائيندڙ / سُر جهلائو / سُر جهلائڻ وارو /
سرسان سرملائي ڳائيندڙ.

**جهينيا پانگا / پانگها**؛ باهه ڏڪائڻ / ٻارڻ / مچائڻ لاءِ تيلين جهڙيون
سڪل ڪاٺيون / سنهڙيون سڪل ڪاٺڙيون.

**جهيڻ ٻرو**؛ جهيڻ؛ هلڪو تپ - ٻرو / بخار جو سور / ڪاموڙ / ڳاموڙ (لڱن
۾ سور / پيڙ) تپ / بخار جي هلڪي سٽ SLIGHT TEMPERATURE

**جهيٽو جهڪو**؛ ٿورو / ماٺو / نهولڙو / نبل / هلڪو.

**جهيٽو هيٽو**؛ ضعيف / ڪمزور / نبل / ماٺو.



www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

**چاڪر چَياڪر:** چيو ڪندڙ / حڪم مڃيندڙ / حڪم جو ٻڌو / نوڪر / ملازم.

**چاڳ چِلولائي:** چاڳ: موهيندڙ انداز. مثال:

(١) چنيسر سين چاڳ، متان ڪا مُنڌَ ڪري. (شاهه: سُر ليلا چنيسر)

(٢) سندو ناز نيڻن چوان بينظير،

چڱو چالدارن سندو چست چاڳ (سيد فاضل شاهه) -

چلولائي: معصومانه انداز / وڻندڙ ڍنگ / دل ليائيندڙ

نخرو: ناز انداز / نٽ نخرو.

**چاڳ چِنچلپائي:** چنچل پائي: موهيندڙ انداز: موهيندڙ هلت / ناز نخرو / ناز انداز.

**چاڳلو چٽپٽو:** (چاڳلو: چاڳ وارو / چٽپٽو: چٽ پٽ جي چال چلندڙ): موهيندڙ اندازن وارو / نٽ نخري وارو / سهڻو من موهڻو / البيلو. مثال:

چاڳلو چٽپٽو چٽ پٽ جي چال چلي، جهٽ پٽ هليو ويو!

**چاڳلو چلولو / چاڳلي چلولي:** اربيلو / البيلو / البيلي / دلفريب انداز وارو يا واري/ سهڻو من مهڻو/ سهڻي من موهڻي.

**چاڳلو چڇلو:** البيلو / ٺاهوڪڙو / جوانڙو.

**چاڳلي چڇلي:** البيلي نار / موهيندڙ (نخريلي) عورت.

**چاڳلي چترتي:** (خوبصورت ناز انداز ۽ ناز نخري واري عورت): نخريلي / نازنين.

**چاڳلو چريو:** چرياڻ / مستانڙو.

**چاڳلي چري:** مستاني محبوبه / موهڻي.

**چال چلت:** (چلڻ: هلڻ چلڻ: اٿڻ وهڻ. هلت چلت CHARACTER مثال:

چال چلت آءِ برهه تي اوکي، بار ڪٽي ڪو سرت سمير.

(جان الله شاهه عاشق)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**چاوت چُغلي:** جوٽي / بدنيتي سان هِتان جي هُت ڪيل ڳالھ / گلا.

**چاوت چوُچڙي:** (چاوت: ڪـــوٽ / ڏوڏ / ڏوڪو - چوچڙي: باھ جو اُلو - ”چاوت“ کي باھ سان پـيٽ ڏني ويندي آھي):
ڏوڪو / فريب / ٺڳي.

**چاھ چَٽَ:** چاھت / چاھنا / محبت / پيار / اُڪرنج.

**چاھ چس:** سِڪ / پيار / الفت / چاھت.

**چاھت چٽ:** (چاھڻ: پيار ڪرڻ): پيار / محبت / حب / اُڪير / اُڪند / سِڪَ.

**چاھت چوَچ:** پسند / چاھنا / پيار / محبت.

**چاھت چونُھ:** (چونھڻ: چاھڻ): چاھنا /پسند / پيار / محبت.

**چاھنا چاھت:** سِڪ / محبت / شوق / اُڪرنج / پيار.

**چَپَ چِٽَ:** (چپڻ چٽڻ: ويچاري ڳالھائڻ / سوچي سمجھي گفتو ڪيڻ):
سوچ ويچار / خبرداري / احتياط. مثال: چپي چٽي ڳالھ ڪجي!

**چِپَ چري:** چپَ جھڙي يعني چري.

**چِتَ چاھُ / چاءُ:** چاھت / پيار / محبت / سِڪ. مثال:

(١) ويٺي بندر تي آئون وٽجاري،
واڻ سمنڊ جي ڏسان ويچاري،
اچا بہ وريا ڪين واپاري
هڪ چت جنين سان چاءُ، آيل! (منثار فقير راجڙ)

(٢) سچو ”بيوس“ رڳو رهبو تہ بيا ڳڻ ڊوڙندا ايندا،
سچو چت چاھ سان از خود وجي پوندو چڳائي تي.
(ڪشنچند تيرٿ داس ”بيوس“)

**چِترتائي چِلولائي:** البيلي ادا / موھيندڙ ڦُرتي / ناز / ادا.

**چِترتايون چِلولايون:** البيليون ادائون / ناز نخرا / ناز انداز.

**چٽَرَ چَپَ:** (چٽرڻ چپڻ / توڪ ڪرڻ / منڍڻ): مهميز / توڪ / طنز.



www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

**چريو چَرِيٽ:** پوڪ / چِسو / بودلو / بيوقوف / نادان / ڪم عقل.

**چريو چرڪٽ:** بودِلو / پوڪ / وات - پٽيو.

**چريو چَڪو / چري چَڪي:** بيوقوف / نادان / ڪم عقل. مثال:

(۱) چريو چڪو آهي، پوءِ بہ اسان جو آهي / چري چڪي آهي پوءِ بہ اسان جي آهي.

(۲) چريو آهي چڪو آهي، پنهنجي پهه تي پڪو آهي / چري آهي چڪي آهي، پنهنجي پهه تي پڪي آهي.

**چريو چؤرنگو:** (چورنگو: چريائي جا چار رنگ بدلائيندڙ): چِسو / پوڪ / بيوقوف / نادان.

**چريو چَهِبَرَ:** (چهبر: ڪاٺڻ جو ڪڏو، ڪم جو جڏو): جنهن کي رڳو ڪاٺڻ جوعقل هجي / پوڪ بودلو.

**چريو چهڏر:** پوڪ / چِٽ / چِسو / نادان.

**چريا ڪريا / چريون ڪريون:** چريو ڪريو / چري ڪري: (ڪريل دماغ وارو يا واري): نادان / پوڪ / متي قريل / ڪل ٽڙيل MAD اڌ دماغ وارا يا واريون / ڪل ٽڙيل نادان / سادڙا.مثال:

هڪ دفعي وتائي فقير چيو هو:

"چريا ڪريا سو آهيون، پر سچاڻون سيني کي ٿا."

**چريو ڪَلَ ٽِڙيل:** جنهن جي دماغ جي ڪل پنهنجي جاءِ تان هٽيل هجي / بددماغ / پاڳل.

**چريو متي قريل:** بد دماغ / پاڳل / پوڪ / چريٽ.

**چڙڻ چَپ چٽڻ:** (چڙي پوندڙ ماڻهو هوش وڃائي چپ چٽيندو رهجي ويندو آهي): چِڙي پوڻ / آپي ڪان نڪرڻ.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**چِڙڻ چَپ چَبڻ:** (چڙي پوندڙ ماڻهو، ڪاوڙ ۾ چپ چبيندو رهندو آهي): ڪاوڙجي پوڻ/ چڙي پوڻ.

**چڙهاوا چاڙهاڪا ڏيڻ:** همٿائڻ / اُڀارڻ / پَڙڪائڻ / پَپيون ہَڏڻ.

**چس پيار:** (چس: محبت)/ سِڪ/ اڪرنج.

**چسَ چاهَہ:** (چس: سواد TASTE: مڙس جي چس ٿي پيجي پئي): لئہ / شوق / مزو. مثال:

ڪا ہہ گهٽ قاسم نہ ان ۾ جنهن ڪيو
هٽ هٽيڪو علم جي چس چاهہ ڪي (خليفو محمد قاسم مالائي)

**چسَ چاهت:** محبت / پيار / اُڪرنج / سڪ/ چِڪ.

**چسَ چاهنا:** پيار / اڪرنج / محبت / سڪ سار.

**چسَ چنڪو:** ساءُ/ سواد/ خوش ذائقو.

**چست چالاڪ:** ڦڙت/ تيز/ حرفتي.

**چست چوڪا:** ڦڙت / چالاڪ / حرفتي / اٽڪلي.

**چشڪو چَڄُ / چشڪا چَڄَ:** سواد/ لطف. مثال:

بک ڏک ۾ بيران ٿئي. ڇڏي چشڪا چڄ (شاهہ محمد ديدڙ)

**چغل چاري:** [چاري: چار (خبـــرچار) رکندڙ]: چغلخور (چغليـــون هڻندڙ: هتان جي هُت ڪندڙ):

چغلخور بد بخت نالي مٺو لڳس تير ڦهري ڪاني ڪُٺو]. مثال:

چو چڪاسي چغل چاري وصل جون واٽون وريو
روڪ جي سٽ روز شب تنهن بيحيا بد ڪار ڪي. (حافظ حامد)

**چُغل چندو:** (چغل کي چندو / چنڊال / نيـاڳو سـمجهيـو / سـڏيو ويندو آهي): جوٽِي ڪٽندڙ/ ہَرَ پَٽ گِلا ڪندڙ.

**چغل چور:** چور: چوريءَ ڳالهہ ڪندڙ: (چورڻ: ورغلائڻ Instigate): چغلي هڻندڙ/ فتنو مچائيندڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**چڪي مڪي، چڪيل مڪيل:** هار سينگار ڪيل / ٺاهه ٺوهه ڪيل / ٻاهريون ڏيک ڪيل. مثال:

ٻاهران چڪي مڪي، اندران ٻڙ ٻڙ دڪي (پهاڪو)

A FAIR FACE MAY HIDE A FOUL HEART

**چڪاس تپاس:** (چڪاسڻ تپاسڻ / جاچڻ EXAMINE): جاچَ / ڦولهہَ.

**چَڪ چَبَ:** (چڪڻ چبڻ / چڪ هڻڻ): چڪ هڻڻ جو عمل.

**چِڪَ گپَ:** چِڪدو / پوسل / پاڻي جي چَرَ. مثال:

بارش ڪري، ڪچين گهٽين ۾ چڪ گپ  تي پوندي آهي.

**چِڪَ چِڪدو / چِڪدو:** ڳپلاڙو / گپ گارو / گپ چڪ.

**چڪ چِڪڻ:** گپ چڪ / چڪڻ/ ڏٻڻ.

**چڪ چلڙ:** گپ چڪ / چِڪدو / گارو.

**چڪڻ ڏٻڻ:** ڳپلاڙو/ چِڪدو/ گپ چڪ/ گپٽي / کهيچڻ.

**چڱا ڀلا:** ٺيڪ ٺاڪ / صحتمند/ سکيا. مثال:

چڱا ڀلا سپرين ڪِ سک وسي ساڻيهہ    (شاهہ: سر پورب)

**چڱيلائي چاڪائي:** صحتمندي HEALTH.

**چگو ڀلو:** ٺيڪ ٺاڪ / صحتمند/ خوش/ سکيو. مثال:

بنهہ چگو ڀلو آهي! PERFECTLY ALL RIGHT

**چگو چگيرو:** چگيرو: وڌيڪ چگو / سٺو/ ڀلو/ ڀلوڙ.

**چگو چوکو:** سٺو/ عُمدو/ ڀلو. مثال:

سکَر ماڻهو چگو چوکو کائيندا ۽ چوڙيندا ماڻيندا آهن.

**چگو موچارو:** ڳِتڻ جهڙو / ڪتڻ جوڳو / هيڏو سارو. مثال:

ماڻهو هڪ هڪ تي ايندا ويا ۽ ٿوري گهڙيءَ ۾ چگو موچارو ميڙاڪو ٿي ويو.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**چل پل:** حڪمت/ هنر/ ڪاريگري/ قدرت. مثال:

صدق صدق توتان رب سائين!
جو لک قدرتون ٿاهيو ٿاهين.
دم دم ٿاهيو دم دم ڍاهين.
ڪا چل پل تو چلائي چلائي. (منٺار فقير راڄڙ)

**چِلَرِ چِڪَ:** گپ چڪ / پوسل/ گپ گارو.

**چِلڙ چِڪ:** گپ گارو / گپ چڪ/ چگدو.

**چِلڙ چِگدو:** گپ چڪ / پوسل / گپ گارو.

**چِلڪاٽ چمڪاٽ:** (چلڪڻ چمڪڻ: روشني ڪرڻ): چمڪو / چلڪو / روشني / ٽمڪو.

**چلڪن چمڪن:** (چلڪڻ چمڪڻ: روشني ڪرڻ / ٽمڪڻ): روشني ڪن. مثال:

چلڪن چمڪن چنڊ برابر. فائق فت فضل. (هدايت علي رڏ)

**چلڪو چمڪو:** روشني ڪريو. مثال:

چلڪو چمڪو ساري رات ڪجي اوهان جي کهڙي بات.
واهه ڙي تارا گول تارا! (درسي ڪتابن ۾ آيل ٻاراڻو گيت)

**چلگت چال:** چال چلگت / هلت چلت / حال چال CHARACTER ۾ مثال:

ڇڏ اجايا ڪيتا خيال. رک تون چوکي چلگت چال (غلام رسول رند)

**چُلهِہ پاٽِ:** (گهر ۾ چلهہ ٻاهه ٻارڻ لاءِ پاٽ (ٺڪر جو ٿانو) اٽي ڳوهڻ لاءِ): گهر جو هلَتُ/ سامان.

**چم- چوسُ مکي- چوسُ:** (چم کي چوسيندڙ ۽ پوڙ ۾ پيل مک کي چوسيندڙ): ڪنجوس/ پائيءَ پائيءَ تي ساهُ ڏيندڙ / هٿ جو سوڙهو.

**چمڪ چمڪار:** چلڪو / چمڪو / تاءُ / روشني / شعاع. مثال:

چنڊ سج. چوڏس چمڪ چمڪار. سمجهي چا سگهان.
(حاجي احمد ملاح)

**چمڪ دمڪ:** (چمڪڻ دمڪڻ): چلڪو / روشني / ڏيٽپو / سوجهرو. مثال:

هيرن جواهرن جي چمڪ دمڪ دل کي موهيو ڇڏي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**چَلٽت چال:** هلڻ جو موهيندڙ انداز / سُبڪ رفتاري، مثال:

چلٽت چال چريا ڪيا، اُڏٽت ۾ ارمان. (يوسف)

**چندو چاڙي:** ڦوڙي / بخشش/ هَديو/ تُحفو.

**چندو چيرو:** ڦوڙي DONATION

**چنڊ تارا:** آسماني گرهه PLANETS، مثال:

(١) ڏسو ٿا هي سج چنڊ تارا ڪتيون،

ڳڻن ڪان ٿيون ٻاهر، سندن صنعتون. (حافظ عبدالله "بسمل" تڪڙائي)

(٢) چنڊ تارا تنهنجي تابع، توکي بخشيو تخت يار (حاجي احمد ملاح)

(٣) ٻاٽ ۾ چڻ لاٽ جان جرڪين پيو،

چنڊ تارا بي اثر تنهنجي اڳيان. (امير محمد لغاري)

(٤) چنڊ تارا چوَر ٿيا، همئون هيڪاندا. (رمضان ڪنير)

**چَنڊو هالو:** نِياڳو / نِدورو / اَڀاڳو / بدنصيب، مثال:

وڏو ڪو چنڊو هالو آهي! ڪنهن جي چوڻ آکڻ ۾ ناهي.

**چنگاليون چاشنيون:** اوچا طعام / ست رڃي، مثال:

چنگاليون چاشنيون حلوا، نه ٿا مون کي عمر گهرجن،

نه ٿي دل هت لڳي منهنجي، رضاين ۽ وهاڻن ۾.

(حاجي عبدالله واقف ناروشاهي)

**چُڻَ چونڊ:** چُڻ چونڊڻ: چڳڻ / چونڊي ڪائڻ: چونڊي ڪاڌل چوڳو.

**چوائيون چوچڙيون:** ٻاهه جا الا / چِڀيون.

**چوٻول چوپچو:** پچار / تڪرار / لفظي جهيڙو / تون تون- مان مان
. ALTERCATION

**چوٽ چپيٽ:** ڏڪ / ضرب.

**چوٽ چماٽ:** لپاٽ / ٿفڙ / ٿڦ / هٿ جو ڏڪ.

**چوٽي چَموٽي:** ائٽ ۾ ڪم ايندڙ چم جو ٽڪر، مثال:

چوٽي چموٽي، مينهن آيو موٽي!



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**چوڏس چوڏار/ چوڏاري:** [ڏس (ڏسڻ)، طرف] چئني طرفن کان /چوڌارِ. مثال:

(١) وچون وسڻ آئيون، چوڏس ٿي چوڏار (شاهه: سرسارنگ)

(٢) ڏيهه سڄي ۾ ڏينهن ٿيو چوطرف چوڏار (امام بخش سنجراڻي)

(٣) وٺي بوند بهار جي، چوڏس چوڏاري،

سڪا وڻ ساوا ٿيا، ڪئي گلن گلزاري،

هتي هبڪاري، صريحاً سُرهاڻ جي (مولوي غلام محمد خانزئي)

**چورا ڪورا:** اَڻ ٽڻ / اُڌڪو / اَلڪو / هُر ڪُر / ڳڻتي. مثال:

چورا ڪورا ۾ ننڊ ٿي ڪا نه آيس!

**چورَ پچورَ:** (چورڻ پچورڻ: چورڻ: جوش ڏيارڻ/ ورغلائڻ / ڪن پرڻ - پچورڻ: ورغلائڻ: ڳالهه چورڻ): ڳالهه / ذڪر. مثال:

(١) ڪا چور پچور ٿئي ته خبر پوي!

(٢) چمن ۾ ڪالهه گلن ڪي هئي، هي چور پچور

ٿئي نه "بلبل" جي باغ ۾، مزار، دريغ. (شمس الدين بلبل)

(٣) پيتي جهانءِ جهروڪ ۾، چنگ جي چور پچور (سگهڙ ابوبڪر)

**چور چڪار:** مال چورائيندڙ / لڪ چوري سامان ڪٽي ويندڙ (چورڻ ۽ چوري ڪرڻ - چڪارڻ: چوري جو سامان ڪٽي وڃڻ): چوري ڪندڙ. مثال:

ڪجهه ڪماير ڪين ڪي، آهيان چور چڪار (فقير علي بخش جمالي)

**چور چڪور:** چوري ڪندڙ A THIEF. مثال:

تو منجهه اڇا چور چڪور.

ياءِ نه پائين لچ لغور. (مولوي شفيع محمد "هاتف")

**چورمو چاشني:** مٺو طعام / چُوري / مليدو / ڪُٽي /سٽيو طعام / لذيذ کاڌو A DAINTY DISH OF SUGAR

**چوري چپاٽي:** هلڪي سلڪي چوري جي واردات.

**چوري چڪاري:** چوريءَ جي واردات / سامان يا مال چورائجي وڃڻ جو واقعو / چوري جون وارداتون THEFTS، مثال:

(١) ڪن جي چوري چڪاري ٿر ۾ لٽِ،
تن کي آخر ڪري ڏٺي چٽ! (شمس العلماء مرزا قليچ بيگ)

(٢) ٻَلي ياڳٿي ڏنو اطلاع جي چوري چڪاريءَ جو
اچي ٿيندو متي اَن گند گار وڃڻ وسڪارو (شمس الدين بلبل)

**چوري سينه زوري:** هٿيارن جي زور تي ڪيل چوري جيڪا ڪنهن ڏاڍي ڪان گهٽ ناهي هوندي.

**چوريون چڪاريون:** چوري جون وارداتون مثال:
پيو ڌمڪاهه ڏيهه تي ويون چوريون چڪاريون (رستم رند)

**چوڙَ ماڻَ:** (چوڙڻ ماڻڻ / لباس زيب تن ڪرڻ / پوشاڪ پهرڻ): پوشاڪ جي پهر / پهر پوش.

**چوڙي ماڻي:** پوشاڪ پهري ۽ ان جو مزو ماڻي.

**چو طرف چوڌار:** چوڌاري / چئن طرفن کان / چوڦير، مثال:
ڪنيز پير پُنهل جا پيادا چوطرف چوڌار (هادي بخش شاهه مسڪين)

**چوطرف چوراس:** چئن پاسن کان / چوڌاري / چوڦير، مثال:
درس درماندي ڪئي دل چوطرف چوراسين
ڪاڪ جوڙي مفت مومل پنهنجي ڪاتر ڪيو عذاب
(سويراج نرمل داس "فاني")

**چو ڦير چوڌار:** چوڌاري / چئن ڦيرن يا طرفن کان.

**چو قبلو چوڌار:** چوڌاري / چئن قبلن يا طرفن کان / چوطرف، مثال:
رخ کان ملي روشني چو قبلو چوڌار (اُترادي سگهڙ محمد)

**چوڪيرن ڇهريون:** مزيدار / چٽپٽيون / ڇهريون چٽڪليون، مثال:
قرب وارن سان قرب ڪڇهريون،
رس رهاڻيون چوڪيون ڇهريون. (طالب پلي)

**چُولا مُولا:** چُچلا مُچلا / اٽڪلون / چالاڪيون / حرفتون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**چيريو چچريو:** چيرڻ چچرڻ / ڦاڙي چيهون چيهون ڪرڻ / چيهه ڏيئي چيرڻ، مثال:

(۱) وڍئو، چيرئو چچريو، پر ٻر ايو پچ (شاھ، سر رامڪلي)

(۲) وڍڻ، چيرڻ چچرڻ، پهت، انين جي پر (شاھ، سر رامڪلي)

پهت پر / دستور / انداز / ڍنگ / نمونو.

**چيڪاٽ چرڙاٽ:** (چيڪاٽڻ چرڙاٽڻ): بيل گاڏين جي ڦيٿن جي هلڻ وقت نڪتل آواز.

**چيلا چيڪلا:** بيل گاڏي جي هليل ڦيٿن جا نشان / پنا.

**چيو آکيو:** چيل آکيل ڳالهه / ڪيل نصيحت / سخت انداز ۾ چيل ڳالهه / تنبيهه / چيـو چاپو / چوايو (چوڻ چائڻ / چوائڻ): چيل ڳالهـ / چيل لفظ / چيل ڳالهيون / گفتا / نصيحت / تکا منا. کتا کارا لفظ / کا اڻوندڙ ڳالهه جئي ڏکوڻ واري صورتحال. مثال:

(۱) سنڌين جي روايت / ثقـافت آهي ته جڏهن ٻه هڪ ٻئي سـان گـڏ رهڻ بعـد مـوڪلائيندا آهن تـه مـوڪلائڻ وقت چوندا آهن: چڱو سدائين گڏ! چيـو چايو مـعاف ڪجانءِ! حياتي تي ڪهڙو پروسو!!

**چيو چايو:** چيل ڳالهه/ ڳالهايل لفظ. مثال:

چيو چايو تون بخشي ڇڏ، چوڻ آيو نصيين تي.

(حاجي عبدالله "واقف" ٺارو شاهي)

**چِيهون ڪِيهون:** رڙيون / ڪوڪون / ڪوڪارون / دانهون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**چوٽِ چڙ:** (چوٽڻ چڙڻ): رعايت / مُجرائي.

**چوڏا چل:** (چوڏڻ چلڻ: چلھڻ / تراشڻ/ ڪلون ۽ چوڏا لاھڻ): چلھ / چوڏا/وڻ جون تراشيل ڪلون / چليل لامون. مثال:

ڪنچي ڪپي چڏيا بت جا چوڏا چل. (صالح سنڌي)

ڪنچي: ڪنچي ڇاپ سگريٽ.

**چورا چڻا:** يتيم / پيءُ ماءُ جي سايي کان محروم. مثال:

(١) زندگي جڻ ڪا اڌوري ڪلينا،

هاءِ جذبا ٿي ويا چورا چڻا. (فياض چند ڪليري)

(٢) ريءَ نہ تو هٿ رحم جو، چورن چڻن جي سر تي.

(محمد اعظم هڱورو)

**چورو چھرو:** يتيم / بي واهہ/ اهنجو / حرڪتي. چورو ٻار حرڪتي هوندو ٿي آهي.

**چورو چڙو:** (چڙو: اڪيلو): يتيم / لاوارث / ماءُ پيءُ کان جدا ٿيل.

**چورو چنو / چورڙو چنڙو:** يتيم / نڌڻڪو / لاوارث.

**چورو نڌورو:** (نڌورو: نياڻو / اياڻو): يتيم / نڌڻڪو / بدنصيب.

**چوري چني / چنڙي:** يتيم / لاوارث / نڌڻڪي، مثال:

ٻاروچا! پلئہ لڳي آهيان چوري چني آهيان، نباهي نيجاءِ.

(شاهہ : سرحسيني)

**چوري گھوري:** (گھوري: جنهن کي ڪنهن جي مٿان گھوري ڇڏجي): يتيم/لاوارث/نڌڻڪي.

**چوري نڌوري:** يتيم / نڌڻڪي / بي سهاري، مثال:

چوري نڌوري، نہ ڪو مائٽ، منڌ جو. (شاهہ: سر ديسي)

**چُوڪارو چوڪار:** شوڪارو/ ٺڏو ساهہ.

**چوڪر ٻاڪر:** ٻاڪر: ٻڪريءَ جو ڦر/ ڦروٽو. چوندا آهن تہ چوڪرا آهن ٻاڪرا ڦر): ٻار / ٻارڙا/ شاگرد.

**چوڪرا ٻاڪرا:** ٻار/ ٻارڙا / شاگرد.



www.sindhsalamat.com  books.sindhsalamat.com

# ح

(لفظي جوڙا: 54 - ڪل لفظ: 108)

**حاج حاجت:** احتياجَ / گهرَج / ضرورت / طلب / خواهش / مُدعا.

**حاصل ڪلام حاصل مطلب:** المقصد / الغرض / خلاصہ مطلب / مطلب تہ / نيٺ / نيٺان نيٺ / ڳالهہ جو ڳاٺو.

**حاظر ناظر:** ڏسندڙ پسندڙ / دانا بينا. مثال:

(١) الله تعالي هر جاءِ حاضر ناظر آهي.

(٢)عجب محويت مردن جي هر دم، حق سين حاضر ناظر.

(منٺار فقير راڄڙ)

**حال احوال:** خبرچار / مدعا / حالت / گتِ / ڪيفيت / حيثيت / ڳالهہ ٻولهہ / سڀ خبرون. مثال:

سنڌي ثقافت مطابق، مهمان کي ڪلي ڪيڪاري، ڪيس ماني ٽڪي ڪارائي حال احوال ڏِبو وٺبو آهي.

**حال حوال:** ڳالهہ ٻولهہ / احوال / خبر چار / سڀ خبرون. مثال:

موت ناهس ڪو ڏرو ري تو حال حوال. (ميين عيسيٰ)

**حال ياڻي حال محرم:** همدرد. ساٿي / ساٿي / ڏک سک ۾ ساٿ ڏيندڙ / رازدان / دل گهريو / دوست / همراز / گهرو دوست / پڳ مَٽ يار.

**حال چال:** هلت چلت / رسم رواج / دستور / هلي چلي / هالو چالو (هلڻ چلڻ جو ڍنگ) / زماني جو رخ رواج.

**حال في الحال:** هينئر / هن وقت / هاڻ / هاڻي / تڪڙو / جلد / وقت.

**حالو چالو:** ريت رسم - حالو: حال مطابق - چالو: رائج / رواج ۾ IN VOGUE هلڻ چلڻ جو ڍنگ.

**حالي حوالي:** (حالي حوالي ٿيڻ: حال احوال ڏيڻ وٺڻ / خبرون چارون وٺڻ): حال احوال ڏيڻ وٺڻ جو عمل. مثال: ڪل ڪيڪار، ماني ٽڪي کان پوءِ مهمان سان حالي حوالي ٿبو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خ

(لفظن جا جوڙا 58 ؛ - ڪل لفظ: 116)

**خار خس:** ڪک ڪانا / ڪک پن / ڪک ڪنڊا / ڪچرو / ڪِنُ ڪَچَھَرُ.

**خاصو خوشنام:** ڀلو / عمدو / موچارو / چڱو / سهڻو / ناهوڪو / سٺو.

**خاطر تواضع:** مهان نوازي / ڀليڪار / ڪيڪار.

**خاطر مدارت:** آدرڀاءُ / مهان نوازي / ڀليڪار / ڪيڪار / آٿتُ.

**خاطري دلداري:** آٿت / دل جمعي / دلجاءِ / پڪ / يقين / دلاسو / همت افزائي / دلجوئي.

**خال خط:** ڪارو تر (جو منهن تي هوندو آهي) / ڪارو ٽِڪو. مثال:

سهڻي منهن تي ڪارو "تر" ڏاڍو دلڪش لڳندو آهي.

**خالي پيلي:** اجايو / بي سود / خواهه مخواه / بنا سبب / هرويرو / هرون ڀرون / ناحق / بي فائدي / ري گناهه / بنا ڏوهه جي.

**خام خبيث:** پليد / شرير / شرارتي / بڇڙو / ڪنهن نه ڪم جو. مثال:

مه تہ موسيٰ جهڙو، عادت ۾ ابليس

ههڙو خام خبيث، ڪيئي ڪوهه نه ڇڏئين؟ (شاهه: سر آسا)

**خان بهادر خان خانان:** وڏو خان / خانن جو خان / سردارن جو سردار / لٺ سردار / عوامي خدمتن جي عيوض مليل سرڪاري لقب.

**خانواڏو خانبهادر:** امير / وڏيرو / رئيس.

**خبر چار:** واءُ سواءُ / بيان / سڌ سماءُ / آگاهي / ڄاڻ / سڌ / اطلاع / حال احوال / نياپونڙو / هواڻو. مثال:

(١) پڙهان ٿو معجزو مرسل مير جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**خچر ڪلو:** گوڙ بکيڙو: هُل / فساد / ڏمچر / گوڙ گهمسان.

**خد خال:** ڪارو تر / منهن يا جسم تي قدرتي طرح نڪتل ڪارو نشان.

**خدشو خطرو:** انديشو / فڪر / ڳڻتي / ڊپ / ڊاءُ / ڀؤ / ڏچ / چنتا / لڙ/ جهيڙو.

**خدمت چاڪري:** ٽهل ٽڪور / چاڪري / پورهيو / شيوا.

**خدمتگذار خاصخيلي:** خاص ٻيلي / نوڪر / ٻانهو / ٽهليو (ٽهل ٽڪور ڪندڙ) / چاڪر.

**خرچ پکو:** کاپو / کاپارو / خرچ ڪيل رقم / لاڳت / کپت.

**خرچ کاپار:** خرچ پکو / گهر ۾ ان سان لاڳاپيل ماڻهن. متال متاع تي ڪيل خرچ.

**خرچ کپت:** کاپو / کاپارو / خرچ ٿيندڙ رقم / کپت.

**خرچائو خرچالو:** اجايو خرچ ڪندڙ / هٿ ڦاڙ / هٿ ڦاڙي خرچ ڪندڙ / درياهه دل / سخي SPENDTHRIFT

**خُرد بُرد:** ٺڳي ڪرڻ / ناجائز طرح پيسا ڦٻائڻ / رقم هيٺ مٿي ڪرڻ. MIS APROPRIATION OF FUNDS / MONEY

**خردماغ خرمست:** (گڏهه جهڙو دماغ رکندڙ / گڏهه واري مستي يا گوهي ڪندڙ): ڪُلهڻو / هوڏي / ضِدي / بي عقل / بيوقوف / هَٺيلو.

**خزانا خرزينون:** مال خزانا / خزاني سان ڀريل خرزينون يا توبرا.

**خس خار:** (خس: سڪل گاهه): ڪک ڪانا / ڪنڊا ٻوڙا / ڪن ڪچرو / گند گاهڻ. مثال:

خاڪ، قلم جو ساز ستيو تنهن ساز جو ڦلَ گلزار ڏسو.
آب ڪلر جت راز رکيو ات راز جو ڦل خس خار ڏسو.
(محمد صديق مسافر)

**خس خاشاڪ:** ڪک پن / ڪن ڪچرو / ڪک ڪانا / گندُ گاهڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**خستوري خوشبوء:** ڪستوري / ڪتوري / مُشڪ / سُرهاڻ / مَهڪَ / عطر / مَهڪسان / خوشبودار وکر جو ڇيو وچي ٿو ته هرڻ جي ڌُن مان نڪري ٿو.

**خشڪي خفقان (خشڪيون خفقان):** پَهَه / ويچار / خيال / سوچ.

**خصومت ڪيچل:** دشمني / دشمني جهڙي هلت / وير / عداوت / بغض / ڪينو / جهيڙو / فساد.

**خط پٽ:** چِٺي چِپاٽي / رُقعو / پَتُر / نامو / ڪتابت / لِکيت ۾ ڏنل حال احوال / ڪنهن ڏي لکيل سڏ سماءُ.

**خط خال:** ڪارو تر / تر جو نشان. مثال:

جي پائين ڪو پسين خط خال يا ڪاڪل قرين جو،
نہ ٿي هندو حسين جي وچي دربار ۾ تون ٿُبُ
(ليکراج ڪشنچند عزيز)

**خط ڪتابت:** لکپڙهہ CORESSPONDANCE / خط پٽ / چِٺي چپاٽي / ڪنهن ڏانهن لکيل حال احوال.

**خفو ڪرڪسو:** خلل / سوداءُ / ڪِپت / وِلوڙ / کِهلَ / مصيبت / آنڌمانڌ.

**خلط ملط:** ملاوت ڪيل / گاڏڙ ساڏڙ / مليل جُليل.

**خلقٿهار خلقيندڙ:** پيدا ڪندڙ / اُپائيندڙ / خالق.

**خلل خرابي:** رخنو / وِگوڙ / بکيڙو / جهيڙو / ڦننو / فتور / ڦيٽارو / ڏقيڙ / رولو / رڳڙو / خسارو / تڪليف.

**خناس خارجي:** شيطان رجيم / سرڪش ديو / خبيث روح / بدروح / بُڇڙو / پاپي / بيڪار.

**خودبين خودپرست:** (پاڻ کي ڏسندڙ / پاڻ کي پسند ڪندڙ / پنهنجو پاڻ کي پوڄيندڙ / نفس جو پوڄاري): آڪڙ باز / وڏائي ۾ پيل / خود پسند / مغرور / هٺيلو / ٽرڙو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**خود پسندي خود ستائي:** پاڻ کي پسند ڪرڻ / پاڻ کي پڏائڻ / پنهنجي ذات کي چاهڻ / پنهنجو پاڻ کي ييانئڻ / پنهنجي تعريف پاڻ ڪرڻ ؛خود ثنائي / ٻٽاڪ / لباڙ / پاڻ کي ڦنڊائڻ.

**خود غرضي خود مطلبي:** پنهنجو پاڻ سان غرض / مطلب سان مطلب پنهنجي ڀلائي چاهڻ.

**خوش آواز خوش آهنگ:** سٺي آواز وارو / سُريلو / مٺڙي سُر وارو.

**خوش اندام خوش انداز:** سهڻين وصفن وارو / سهڻي شڪل وارو / خوبصورت / ڊولائتو / سڊول / شڪيل / محبوبانہ انداز وارو / گل اندام.

**خوش اخلاق خوش خيال:** سٺن سهڻن لڇڻن وارو / سُلڇڻو / ڳڻوان / ٻهڪڻو / ٻهڪوٽي شخصيت جو مالڪ.

**خوش بيان خوش ڪلام:** سيبائيندڙ گفتگو ڪندڙ / شيرين گفتار / خوبصورت انداز ۾ ڳالهائيندڙ / مٺو ٻوليندڙ.

**خوش طبع خوش مزاج:** ڪِلمڪ / کِلڻو / مذاقي / چرچائي / ظريف / کلائيندڙ.

**خوشي خرمي:** سَرهائي / شادماني / توانائي / تندرستي / تازگي.

**خوف خطرو:** ڊچ / ڊپ / انديشو / اُلڪو. مثال:

نہ ڪر خوف خطرو قيامت جو ” صابر“
مهدي روز محشر شفادار آهي (رئيس امام بخش جتوئي ”صابر“ )

**خوف خيال:** وهم / ويچار / سوچ.

**خواب خيال:** وهم گمان / ويچار / درگذر / گذريل ڳالهہ.

**خوار خراب:** (خوار خراب ٿيڻ: ٻچڙو ٿيڻ / ذليل ٿيڻ) : ذليل/ بي مانو.

**خواري گلا:** بدنيڪي / نِندا. مثال:

هن نازنين يار سان لائي تون نينهن - ذليل / بي بهانو جي پوءِ
هر گز نہ لوڪ جي تون خواري گلا ڪان ڊڄ. (حافظ محمد احسن)


www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

**خوامخوا :** خواهہ مخواهہ: خالي پيلي / هرويرو / هرويرون / اجايو/ بي سبب / ريءَ گناهہ.

**خون ڪٿوري،** ڪستوري / سُرهاڻ / خوشبوءِ وانگر خون جي واردات جهٽ ظاهر ٿي پوندي آهي (MURDER WILL OUT) مثال:

(١) خون ڪٿوري ڪين لڪي، ڪٿي ورهيه گذرن (شير محمد چغدو)

(٢) خون ڪٿوري نالڪي، جو ڇُپي شمس شعاع.

**خير خيرات،** الله جي نالي تي ڏيڻ وارو عمل / دان / امداد/ صدقو / ننگر / زڪوات.

**خير صلح،** ٺاهہ / ٺاهہ ۾ هجڻ واري حالت / چڱائي / سلامتي / عافيت / آنند / چڱيلائي.

**خير عافيت،** چڱيلائي / خيريت / ڪل خير / سڀ خير / خير سلامتي / چاقائي / تندرستي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# د

(لفظن جا جوڙا: 159 - ڪل لفظ: 318)

**داب دڙڪو:** دابو / ڌمڪي / دٻاءُ / دهمان / تاب تاءُ / رعب تاب / ڪاوڙ.
**داٻ دوٻڙ:** تاب / دڙڪو / ڌمڪي / هاهڙ هوهڙ / هائڙ هوئڙ.
**داتي دئيت:** ڀوت / ڀوتاڙ / پربت جيڏو / ديو / ڏيناڙو / هيبت جهڙو / راڪاس.
**داد فرياد:** آچار / ويچار / فيصلو / نبيرو / واءُ ويلا / انصاف / داد رسي / نياءُ / حق / عدل.
**دادلو ڏلارو:** پيارو / البيلو / چاڳلو / راڻول / لاڏلو / چلولو / پريتم / محبوب FAVOURITE / DARLING
**دادلو دلبر:** البيلو / محبوب / دلدار / پيارو / دلارو / چاڳلو.
**دادلو دل وارو:** جنهن سان دل ڳنڍيل هجي / پيارو / دلدار / دلربا / پريتم / محبوب.
**دڏاڪ ڏِگ:** ڏڏڪي وارو / همت ڀريو / حشمت وارو / پهلوان / ڏگران.
**درشن ديدار:** (ڏسڻ / نظر ويڙهائڻ) نظارو / زيارت.
**دارون دوا:** (دارون: هلڪو شراب (ALCOHOL) ڊاڪٽر ۽ حڪيم. مريض کي دوا سان "دارون" ملائي ڏيندا آهن. مريض کي اڪثر ڪري ننڊ گهٽ ايندي آهي. انهيءَ ڪري بيمار کي آرام لاءِ، دوا سان گڏ دارون ياڀي ڪا آرام واري دوا TRANQUILIZER / SEDATIVE ملائي ويندي آهي. انهيءَ لحاظ کان "دارون" جي معنيٰ ٿي "دوا" (ڦڪي / ٻڪي) ورتي ويندي آهي، مثال:
ٿيندو تن طبيب دارون منهن جي درد جو (شاهه): دوا درمل / علاج. مثال:
(١) منهنجو دارون دوا دلربا دلربا،
رهبر و رهنما مصطفيٰ صہ. (محبوب سروري)
(٢) دارون دوا ديدار تو، دلبرا! وسيين دل جان ۾.
(حاجي خانڻ چنجڻي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ / ورود ڪرڻ): فرياد/ ورود / احتجاج / ڪوڪار /
ريهه راڙو / پڪار / آهه زاري / راڙو راڙ / روج راڙو. مثال:
غريبن جي دانهن ڪوڪ ورنائڻ وارو. سواءِ رب جي ٻيو
ڪير آهي؟

**دانهنَ ڪوڪار:** (دانهڻ: فرياد ڪرڻ. مثال: غريب هميشه رب
جي در تي دانهيندا آهن - ڪوڪارڻ: فرياد ڪرڻ. مثال:
وڏيل تي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري - شاهه): فرياد
/ احتجاج / پڪار / واويلا / ورود.

**دانهين دانهيرُ:** فريادي / پڪاريندڙ / ڪوڪاريندڙ.

**داڻو پاڻي:** ان پاڻي / کاڌو خوراڪ / آبدانو / کاڌو پيتو / چوڻو پاڻي /
رزق / روزي / ورڻ PROVISION. مثال: جڏهن ۽ جتي ٻه
جيترو داڻو پاڻي لکيل هوندو، اتي، اوترو ئي کائڻو پوندو.

**داور دادار:** دادار: انصاف ڪندڙ: الله پاڪ جو هڪ صفاتي نالو)
(داور: انصاف ڪندڙ): / عادل / منصف / بادشاهه / سلطان
/ الله ڳ تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

**داور دادگر:** (داداگر: انصاف ڪندڙ): الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. مثال:
آهي بطحا جو ۽ يثرب جو ڌڻي.
دين داور دا دگر. دلدار آ. (هدايت علي نجفي "تارڪ")

**دائم قائم:** زنده جاويد / اَمَرُ. مثال:
(١) رب ڪندو. دائم قائم هوندؤ!
(٢) دائم قائم تنهنجي قدرت.
دهشت، همت، هيبت، حشمت. (سيد سردار علي شاهه "ذاڪر")

**دائما دمادم:** لاڳيتو / هڪپئي پٺيان / سانده / هردم / هر هر.

**دب دباءُ:** دڙڪو / دهمان / ڌمڪي / رعب تاب.

**دب دڙباٽ:** (دڙباٽڻ: ڇنڊي ڳالهائڻ / تنبيهه ڪرڻ): تنبيهه /
ڇينڀ / دڙڪو / دهمان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**درد دک:** ڏک / سور / اهنج / اوک. مثال:

(۱) روز ٿيون تنهنجون ڳالهيون هلن ڳوٺ ۾.
روز ٿو درد دک در تي مهمان ٿئي. (نياز همايوني)

(۲) دانهن ڪريان ٿو درد دکن جي،
جو ٻُڪي نہ لڳي ٿي مور ٻين جي. (منٺار فقير راڄڙ)

(۳) سڪ سورن ۾، ڏاڍن ڏکن ۾،
درد دکن ۾، ويم، چمار. (منٺار فقير راڄڙ)

**درد غم:** ڏک / ڏنجهہ / تڪليف. مثال:

ڪربلا ۾ شاهہ جڏهن مهمان ٿيو،
درد غم جو ات وڏو گهمسان ٿيو. (قادر بخش "بيدل")

درد فراق: (فراق: جدائي جو درد / وڇوڙي جي تڪليف)، مثال:

درد فراق قوڙائي آهيان ماري،
يار ڏيکاريم قيامت ڪاري،
توبہ توبہ آهي منهنجي زاري،
ڳل واهيو لڙڪ ڳران ٿي. (منٺار فقير راڄڙ)

**درماندو دلگير:** هنيل ماريل / ڪُٺين ۾ ڳاريل / پريشان حال.

**درمل دوا:** علاج / سُتي ڦڪي / دوا دارون. مثال:

درد مندي دل خرابي آهي اڪثر، پر سٺو،
درد جو درمل دوا، منجهہ آ دمين آهي الب. (سيد فاضل شاهہ)

**درهڙ ڌنس / ڌنوس:** ڌڌڪو / ڌمچر، مثال:

درهڙ ڌنس درياهہ ۾، جت لهرون ڪن لوڙا. (شاهہ: سر سهڻي)

**درهم برهم:** ڊاناواڊول / بگڙيل.

**ڏڙ دلاسو:** آٿت / آسرو / آڌار / خاطري، مثال:

(۱) چيس محمد مصطفيٰ ﷺ ڏئي ڏڙ دلاسو دلبري
مَ ٿيءُ ماندو، ماٺ ڪر، سُڻ خبر فهميدا ڪري، .... الخ
(رمضان ڪنير: هرڻيءَ جو معجزو)

(۲) ڏڙ دلاسي دلبريءَ جي دوست دعويٰ دمبدم!
پاڻ تون پيمان پنهنجا، جو نہ پيارا پارين. (محمد خان غني)



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

**دعا ڦيٿو:** تعويذ / سڳو ڌاڳو / برڪت وارو سڳو جنهن تي دعا / منتر پڙهي شوڪاريو وڃي.

**دغا دولاب:** ڌوڪو / فريب / مڪر. مثال:

(۱) دروغن ۾ دغا دولاب ۾ برباد دم آهن.
خطائون ٿيون ٿين خاميون گنهه عِصيان يا الله!
(محمد صديق "مسافر")

**دغا دوئي:** (دوئي: ٻيا ئي / ٻچاپڙائي / هڪ ٻي / اندر هڪڙي ٻاهر ٻي / منافقي): دوکو / دولاب / ڌوڪيبازي HYPOCRACY

**دغاباز دُزدو:** (دُزد: دزدو: چور): ڌوڪيباز / منافق / اندر ڪارو.

**دفن ڪفن:** لاش کي سينگاري پساري (غسل ڏيئي). ڪفن، اوڍائي، قبر ۾ دفن ڪرڻ جي رسم. مثال:
مرحوم جي دفن ڪفن ۾ تمام گهڻا ماڻهو شريڪ ٿيا.

**دُڦ ڏنڊ:** رائو / غبار / اوندهه.

**دُڦ دُڦان:** دُڦان: اهڙو وايو منڊل جنهن ۾ ڌنڌ سبب ڪا شيءِ نظر نه اچي.

**دَڦڙو دوڦرو:** ٿلهو / متارو / موٽو / مُتڪو / توتانگ / ڏوڙو.

**دُڦڪ دُڦان:** (دُڦڪ: ننڍڙو دُڦ): رائو / ڌوڙيو / ڌوڙ وسائيندڙ هوا جنهن ۾ هٿ نه ڏسي هٿ کي.

**دِڪيون دڙيون:** مٿاهيون / ننڍڙا / دڙا / ڀٽ. مثال:

ڏم درياهه ۾ لايون ڏڙيون،
هٿين مٿي اچي چڙهيون،
ٻڌن ٻيلا، دڪيون دڙيون،
مري مڃي ڪوڙ، پڇن لاڙيون. (حاجي خانڻ چنجڻي)

لاڙيون: هيٺاهيون زمينون.

**ڏکيو ڏکيارو:** ڏکي / ڏکويل / ڏهلو.

**دِلا مَنگها:** مٽ ماتورا. مثال:

دلا منگها تو ڏيان وچ تون مٽ ڪٽي. (گمنام شاعر)



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**دلارو دادلو:** دل وارو / پيارو / لاڏلو / محبوب.

**دِلاسو دلبري:** آسرو / آٿت / خاطري.

**دلاسا دلبريون:** آسرا / آٿت / سهارا. مثال:

دلاسا دلبريون، ظاهر ڏکن ۾، تا ڏين مون کي،
حقيقت ۾ مگر دمساز، دل جو دلربا ڪونهي.
(سيد ميران محمد شاهه مير/مهجور)

**دلاسو دڙو:** آسرو / آٿت / سهارو / دلجاء. مثال:

ادا ماستر ڪا خبر چار ڏي، دلاسو دڙو دل کي دلدار ڏي.
(سومرو غلام رسول "سودائي")

**دلاور دلير:** سورهيه بهادر / جوانمرد / پهلوان / جَنگ جوان.

**دل جان:** من تن / سچيءَ دل سان / هڙؤن وڙؤن.

**دلبر جاني:** پيارو / محبوب / دل گهريو دوست / جان کان وڌيڪ عزيز.

**دلڏير دلاسو:** آٿت / آسرو / خاطري / خاطر جمعي.

**دلجاء دلداري:** آٿت / آسرو / سهارو / دلجوئي.

**دل جگر:** انساني جسم ۾ سڀ کان وڌيڪ نازڪ شيون.

**دلدار / دلربا دلبر:** محبوب / پيارو / پريتم.

**دَلو دَلال:** دلالي ڪندڙ / پڙوو / ڀيٽو / پانڌي / بيغيرت / ڪيچ.

**دليئون جانيئون:** دل جان سان / دل جي سچائي سان / پاٿهون چاٿئون.

**دم پل:** گهڙي / ساعت / پلڪ. مثال

آهين مهمان دم پل جو، چلت ڪيڏا چلائين ٿو. (سچل سرمست)

**دم پلڪ:** گهڙي / ساعت / ٿورڙو وقت. مثال:

مرڻ گهڙيءَ تي آهي: ڪو دم پلڪ پيو جيئي!

**دم خم:** تاب / طاقت / مضبوطي.

**دم دلاسو:** آسرو / آٿت / ڏاڍ / تسلي / دلداري.

**دم قدم:** زندگي / حياتي / هستي / وجود.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**دڙ دڦوڙ،** (دڙڻ، دڙ ڏيڻ، ڊوڙڻ ڊڪڻ / پــڄڻ)، ڊوڙ / ڊڪ / ڀاڄ / ڀڄ / تاکوڙ.

**ديال ديالو،** ديا وارو / ٻاجھ وارو / دياوان / رحمدل / ڪھل وارو/ مهربان / دياونت / ترس کائيندڙ.

**دير دمھڙو،** دم دير / ڪجھ دم / ٿورو وقت / دم پلڪ / گھڙي ڪن / ٿوري دير / ڪجھ وقت / ڪي گھڙيون.

**ديرا دڦا،** انن جا ڍير / انن جا کوڙ. مثال:

فصل تي، هر طرف ديرا دڦا نظر ايندا آهن.

**ديک پال،** سار سنڀال / جاچ / تکي نظر / جُوھ (ديکڻ: ڏسڻ / گھورڻ / جوھڻ).

**ديڳوڙو ليسوڙو،** گيدوڙو / ميوو جنھن جي ڳرُ لڳلڳدار هجي.

**دين ايمان،** (دين: اسلام - ايمان: هڪ خدا ۽ هڪ رسول ۾ ايمان)، اسلام ۽ ان جا ارڪان، عقيدو / اعتماد / مسلمانن جو مذهبي نظريو. مثال:

دنيا دين ايمان جو ٻھرو بخش عطا... (مل محمود پلي) -

ٻھرو: بخشيش / دان -

**دين ڌرم،** (دين: دين اسلام - ڌرم: غير مسلم جو مذهب) مذهب / عقيدو / مذهبي نظريو / اعتماد.

**ڏيورو ڏيورو،** (ديورو: ديو جي رهڻ جي جاء / ڏيورو: ڏيو / ديو جو آستان)، ٺاڪرَ دُوارو / مندر / عيسائين جي عبادت جي جاء / مڙهي / ٽڪاڻو / گرد وارو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏ

(لفظن جا جوڙا: 108 - ڪل لفظ: 216)

**ڏاچارو ڏرتيءَ جو ڏٽي:** (ڏاچ: ڏچ مچ): دٻدٻي وارو / تجمل / ٺاٺ ٺٽ وارو / شان شوڪت وارو.

**ڏاچو واچو:** دهلن جو ڪڙڪو / ٺاهُو / دهلن جي وڄت.

**ڏاچو ڏاڪو:** ڏچ: (طاقت): / ٻل / سَتُ / دٻدٻو /شان شوڪت.

**ڏاچورا ٽاندورا:** ڇيھون ڇيھون / ليڙون / ليھون / ڌهيون / پرزا.

**ڏاڏاڪ ڏِگران:** قدآور / ڏِگهو / جاٺو / سگهارو / سورهيه / پهلوان.

**ڏاڏر ڏوڏر:** توري گهٽي ڪاوڙ / غصو.

**ڏاڏل ڏانڌر:** چاپلوسي / چالبازي / ريب / ريھ.

**ڏاراڙ ڏٺار:** ڏڻ وار / ڏٺار / ڏراڙ / مال چاريندڙ.

**ڏار پَارَ:** (پار: هن پار / ٻئي پار / درياھ جي هن پار / جدا): الڳ ٿلڳ / اڪيلو ڪن ڪدي ويٺل، مثال:

ٻيءَ جي مرڻ کان پوءِ، ٻائرن کان ڏار پار ٿي ويٺو آهي.

**ڏار ڏڪار:** (ڏار - ڏارڻ: ڏار ڪرڻ / جدا ڪرڻ: ڏڪار - ڏڪارڻ / نفرت ڪرڻ): نفرت / جدا رهڻ جو ضد.

**ڏاري پاسي:** جوڏاري / سيني پاسين / چوگرد / چوڦير / اوسي پاسي / آسي پاسي.

**ڏاريجا چاچڙ:** ڏاريجا: هڪ ذات جو نالو جنهن جا يارنهن پاڙا آهن / چاچڙ پڻ هڪ مشهور ذات جو نالو آهي.

**ڏاڙ گهوڙا:** ڏاڙ.ڏاڙ ڪرڻ / رڙيون ڪرڻ / ڦريا ڦڙيا ڪرڻ / ٻاڪارڻ / مدد لاءِ پڪارڻ): (قديم زماني ۾ سنڌ تي جيڪي ڏاريا ڌاڙيل بنجي، گهوڙن تي چڙهي، اچي ڏاڙا هڻندا هئا، تڏهن "ڏاڙِ پيل" سنڌي ماڻهو، دهشت کان گهوڙا گهوڙا، "گهل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڏر ڏچر:** گوڙ گهمسان / گائچو / گائلو / هَل. مثال:

گوڙ متو هو گورن جو ۽ پيا ڏر ڏچر.        (خان محمد)

**ڏر ڏڙي:** ذوق شوق / زور شور / جوش خروش / تکڙ / تاءُ.

**ڏر ڏڙاڪو:** پڙڏوڪ / پڙڏول / ٻائيتال / لڙ / ٻکيڙو / هَل / گوڙ گهمسان.

**ڏر ڏمچر:** گوڙ گهمسان / پڙڏوڪ / ٻائيتال / لڙ ٻکيڙو / شور / غل / غوغاءُ / هَلاچو / ماچانگ / هنبس / ممڻ.

**ڏر ڏمي:** (ڏمڻ) گوڙ / پيهه / هل / شور / زور / دٻاءُ. مثال:

"حاجي" هادي هُو، جاڳين ملي ٿو.

تنهن جو مٽ نہ ڪو، مٿون ڏر ڏمي.    (حاجي خانڻ چنجڻي)

**ڏمڪي داٻ:** (ڏمڪائڻ ڏٻائڻ) : دڙڪو / پيڪو / دڙٻاٽ / ڏڏو / ڏڪرو / تنبيهه / چينب / هاشا ماشا.

**ڏَنَ ڀاڳَ:** (ڏن: دولت / ملڪيت / ناڻو / مال - ڀاڳ: نيڪ بختي): خوش حالي /سکر ڀائي / خوش نصيبي / نيڪ بختي / هُوند سُوند.

**ڏن پتي ڏنوان:** (ڏن پتي: جنهن جي حصي / پتيءَ ۾ جهجهو ڏن آيل هجي. ڏنوان: ڏن وارو/مالدار): دولتمند/سياڻو/مالدار/ غني/ اقبالمند.

**ڏن دولت:** (ڏن: دولت / ناڻو): مال ملڪيت / جائداد / مال اسباب.

**ڏنار پنوهار:** ڏٺيار / ڏٺار / ڏٺوند / ڏراڙ / چوپايو مال (ٻڪريون رڍون ڳئون مينهون) چاريندڙ.

**ڏنڊ ڪار ڏنڊوڪار:** (ڏنڊ / اونداهہ / اوندهہ / لڙ / لڙاٽ / ميرانجهہ / ميراٽ / ڪارو ڏنڊ): انڌڪار / انڌوڪار / ڀنيءِ اونداهہ / گهگهہ اونداهي / انڌيرو / دقان يعني مٽي اڏائيندڙ طوفان واچ / هوا سبب پيدا ٿيل گهاٽي اونداهہ.

**ڏنڌو ڏاڙي:** ڪر ڪار / ڪسب / پورهيو / ڪرت / هاج / ڪاروبار / پيشو / مشغولي / وڻج واپار.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**ڏٽي ڏوري:** سنياليندڙ / سنيالو / سنيال لهندڙ / ڪرلائو (ڪر / سنيال لهندڙ) پوئواري ڪندڙ. مثال:

ڪير ڪيڏي هن قيد مان، جو نہ ڏٽي نہ ڏوري.

(سگهڙ لعلڻ خان لغاري)

**ڏٽي ڏوڪي:** (ڏوڪي: جيڪو ہٿي جي بدران لٺ ڏڪو ڪٽي وڙهي جڏهن تہ اهڙو جذبو ڪنهن ويجهي مائٽ / پياري دوست ڪي ٿي هوندو آهي- ڏٽي: ڌڻ وارو: مالڪ. مثال: ڌڻ تہ ڏٽي نہ تہ وکڻ ڪٽي! مطلب تہ ڌڻ سان ڌنار / ڌڻ جو مالڪ ضروري آهي): مالڪ / مددگار / مربي / رکوال / واهرو.

**ڏوتل پوتل:** صاف سٿرو / اصطلاح ۾ معنيٰ: آزمودگار.

**ڏوتوَ دَلو:** ("دلو" تڪبيري صورت دلڙ- ڏوتو. تڪبيري صورت ڏوتڙ): دلال / ڀڙوو / ڪميٹو / ڪجر / فريبي / شودو / ٺڳ / دولابي / دلڙ.

**ڏوتي دَلي:** ڏوتي: بدنظر / شودي - دلي: دلالت ڪندڙ / بدمعاش): ڪوہلي رن / عيب جاچيندڙ / ڪمزوريون DEFECTS نوسيندڙ عورت / ڪٽپٹو ڪمائيندڙ عورت / ڀڙوي / ڪميٹي عورت.

**ڏوتيو دلو:** دلال / ڀڙوو / ڪميٹو / ڪجر / ڪٽپڻ ڪندڙ.

**ڏوپ واس:** (ڏوپ واس ڪرڻ: لوبان يا ڪنهن ٻي سُرهاڻ جو دونهون ڪرڻ: واس ڏيڻ / واسڻ / خوشبوءِ ڪرڻ): سرهاڻ / عطر / سگند / ڦُليل / سرهو (سرهاڻ وارو) دونهون. سنياسي / سنياسي فقير، ڀيوت ڪري (لڱن ڪي رک / مٽي ٿڦي)، واس ڏوپ ڪندا آهن. سرهاڻ جهڙوڪ اگر بتين کي باهہ ڏيئي سُرهو / خوشبودار دونهون ڪندا آهن.

**ڏوڏ ڏانڏل:** (ڏوڏ: دوکو / ڏانڏل: ڪُوٽ): ريڙهہ پيڙهہ / دولاب / ٺڳي واري ڳالهہ / ڪٽ پٽ / گهپي / ڪلڪل / ڦڏو / ڏيگهارو بحث.

**ڏوڏارو ڪوٺارو:** (ڏوڏارو: ڏوڏ / ڪوٽ / مڪر ڪندڙ - ڪوٺارو: ڪوٽ / دغا / دولاب ڪندڙ): حرفتي / ٺڳ / ٺڳ باز / مڪار / دولاب ڪندڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڏوَڪا ڏِڪا:** (ڏوڪڻ، ڏڪا ڏيڻ / ڏڪارڻ، ٽيلها ڏيڻ / ٽيلهڻ / هلڪڻ / هڪالڻ)، ڏڪا ڏوٽا / ٽيلها ٽاٻا / ڏڪ ٽيلها / نيڪالي / ٽڙا (ٽڙا ڏيڻي ڪيڻ، هڪالڻ).

**ڏوڪو دولاب:** ڪوٽ / مڪر / فريب.

**ڏوم ڏام:** دهدبو / رعب / شان شوڪت / زور شور.

**ڏوما ڏڪا:** (ڏومڻ ڏڪڻ)، ٽيلها / ڏڪاٽاٻا / تڪليفون.

**ڏومَا ڏِڪون:** (ڏومڻ ڏڪڻ، تڏونڏاڙڻ ٽيلهڻ - ڏڪ / ڏڪون)، ڏڪا ٽيلها / ڏڪا ڏوٽا / جهوٻا / مثال:

تون نہ در تان ڏڪ مٺا، مر لوڪ ڏئي ڏوما ڏڪون.

(مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ)

**ڏونڏاڙ گينداڙ:** (ڏونڏاڙڻ گينداڙڻ، لوڏڻ / ڏوڏڻ / جهوٻڻ)، ڳهِلَ / ٽڙڪو / ٺڪلو / جهوٻو / لوڏو.

**ڏوٽا ڏڪا:** ٽيلها/ ٽڙا. مثال: ڏوٽا ڏڪا سر سهيج..! (شاهہ محمد ديدڙ)

**ڏوٽا ڏڪون:** (ڏوٽڻ ڏڪڻ) : ٽيلها / ڏڪا / ٽاٻا.

**ڏٺي ڏاريندڙ:** (ڏاريندڙ: مال ڏاريندڙ / ياڳيو / مال جو ڏٺي / مالوند ڏٺي: سائين: مالڪ / واهرو / مددگار / ڪَرَلائُوَ. مثال:

ويچارو غريب آهي، ڏٺي سائين نہ اٿس!

**ڏمڪو ڦهڪو:** (دمڪڻ ڦهڪڻ)، ڪرڻ جو آواز / زوردار ڏڪ / ڏڪو.

**ڏٺاٺي ڏٺراٺي:** (ڏٺائڻ ڏٺارڻ)، ميرن ڪپڙن جي ڏٺاٺي / ڏٺارڻ جي مزوري / اجرت / ڏٺارٽي.

**ڏيان گيان:** ٻوڌَ / سمجهہ / پروڙ / ساڌواني (ساڌو / سنت / درويش ٽي رهڻ) خوض / هڪ منائي (من ۾ هڪ الله ڪري ويهڻ).

**ڏيڄاهو دوڪو:** ڪوڙو دلاسو / دولاب / ڪوڙ آسرو / نقصان.

**ڏيِر ڏيرج:** صبر / تحمل / متانت / ٺڏائي / ٺانهرائپ/ سانت / ڪانڌ / ماٺائي / ماٺار / سنجيدگي.

**ڏي ڏڻ:** نياڻي / ڇوڪري: ڏيرن / ڇوڪرين واري ڏڻ ۾ شامل يعني ڇوڪري: مثال:

ڏيءُ ڏڻ ٽي ڪري، وات ڦاڙي ٽي ڳالهائين! سنڌي تهذيب / ثقافت / اخلاقيات مطابق ڇوڪري کي وڏو وات ڪري / وڏو وات ڦاڙي يعني ڏاڍيان ڳالهائڻو ناهي هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏ

(لفظن جا جوڙا: 238 ـ ڪل لفظ: 476)

**ڏاهڙ ڏاوڙ:** (ڏائي يا ڪاهي هٿ سان ڪر ڪندڙ): ڏاهو- ٽِرڙو / ٽيڏو.

**ڏات ڏانءُ:** (ڏات: قدرت طرفان خاص طرح عطا ٿيل ڍنگ / ڏياري/ قدرت طرفان ڏياريل خصلت مثال:

لڏيسون لطيف چي، ڪنا ڏاتر ڏات (شاهه)- ڏانءُ: ڍنگ: سليقو/خوبي.

**ڏات ڏياري:** قدرت طرفان مليل خاص خوبي / دان / غير معمولي طاقت/ سخا / انعام / امداد / نذرانو / ڏانءُ.

**ڏاتر ڏيهه ڌڻي:** رازق/ رزق ڏيندڙ ۽ ڏيهن جو مالڪ يعني الله تعاليٰ.

**ڏاتر ڏيهه- ڪي- ڏيندڙ:** جڳپال / ڏيندڙ يعني الله تعاليٰ، مثال:

پي جيڪي گهرون توڪان ڏاتر ڏيهه ڪي ڏيندڙ.
سدا پرپور ڀنداري، اي داتا دادگر داور. (ڪشچند بيوس)

**ڏاتار ڏاني:** ڏاني: ڏان (دان / انعام) ڏيندڙ. مثال:

ڪا نه ڪرمن ۾ ڪوتاهي، ڏيهه تو ڏاني ڏسان (گل محمد قلبي):
جڳ پال / رازق / روزي رزق ڏيندڙ.

**ڏاتو ڏاتار:** ڏات / ڏان ڏيندڙ / سخاوت ڪندڙ / درياهه دل / هٿ جو ڪشادو.

**ڏاهڙ ڪاهڙ:** ڏائي / ڪاهي هٿ سان ڪر ڪندڙ.

**ڏاٽَ ڏندُ:** ٻنيهي ۾ شامل ڏند ۽ ڏاڙهون، مثال: ڪڪ پوڙو آهي: وات ۾ ڏاٽ ڏند نه اٿس!

**ڏاڻيل ڏاڻو:** نالي وارو / نالي چڙهيو / ناميو / نامر ڪئيو / نامي گرامي.

**ڏاڄ پوٽ:** (پوٽ: پهرڻ جون شيون يعني ڪپڙا لٽا / ويس وڳا): ڏاڄ ۾ مليل ويس وڳا ۽ ڳهه ڳٺا/ هار سينگار جو سامان وغيره.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڏائڻ ڏوس:** (ڏوس: س تي زبر): بدمزاج / هوس پرست.
**ڏائڻ ڏوسي:** تکيندڙ / بدمزاج / هوس پرست.
**ڏاھُ ڏُقيرُ:** (ڏاھ: ڏاهپ وارو / سياڻو- ڏقير: ڏھ قيريون / اٽکلون ڇاٽيندڙ): حرفتي / هوشيار / اٽکلي.
**ڏاهپ ڏانو / ڏانءُ:** (ڏاهپ: سياڻپ - ڏانو / ڏانءُ: ڍنگ - سياڻپ ۽ ڍنگ پاڻ ۾ لاڳاپيل هوندا آهن. وڏي ڳالهه ته ڏانو / ڏانءُ ۾ ئي ڏاهپ هوندي آهي): اٽکل / ڍنگ / طريقو / چالاڪي / هوشياري / سجاڻپ. مثال:

(١) ڏيهه - ڏيهين ڏين ڏجهه ڏهاڙي،
تو وٽ ڏاهپ ڏانءُ نه ڪو! (سجاڳ سنڌي)
(٢) وڏي ويو علم ۽ عالم وڏي ويا،
مگر تورا ڪي ڏاهپ ڏانو وارا. (احمد خان "آصف" مصراڻي)

**ڏاهپ ڏاهائي:** سياڻپ / سمجهه / چالاڪي / عقل / هوشياري.
**ڏاهو ڏهُ:** ڏھ (ڏ تي زبر ۽ ھ تي پيش): ڏاهه وارو. مثال:

ڦکيون ڇا فـــرق ڪنديون، توڙي ڏس ڏئي ڏھ ڪو:
حڪيم / ڏاهو / ڊاڪٽر / عقل ۾ اڪابر / ويڄ.

**ڏاهو ڏانو وارو:** ڏاهو: جنهن کي عـلاج جو ڍنگ هجي / ڊاڪٽـر لاءِ اسان وٽ نج سنڌي لفظ ڏاهو به آهي): ويڄ / حڪيم / ڊاڪٽر.
**ڏاهو ڏاهُ:** سياڻو / عقلمندا / ويڄ / حڪيم / ڊاڪٽر.
**ڏاءُ ڏانءُ:** ڍنگ / طريقو / نمونو / هنر / چِترائي / ڦَڙتائي.
**ڏاءُ ڏِنگَ:** (ڏِنگ: ڏنگائي): چل ول / ٺڳي / فريب / مکر / دولاب.
**ڏائڻ ڏوسي:** (ڏوسي: ڏوس / ڪاوڙ / پاپ / گناهه واري): ٻانئي / جادوگرياڻي /ماس کائيندڙ عورت / بد صورت عورت.
**ڏبرو ڏِبل:** نِبل / ضعيف / ايرو / ڪمزور / ڪَرَڙنگ / هيٺو / سُکل سَڙيل.
**ڏبرو ڏوکي:** (ڏبرو: ضعيف / بيمار - ڏوکي: ڏکويل / ڏکن ۾ ڏولائجي ويل / بيمار): اگهو / بيمار.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڏِٽَ ڏورِ:** ڏسڻ ڏورڻ - ڏٽ: ڪنهن ڏٺل واقعي تي ٻڌل/ چيل/ ٻـڌل ڳجهارت / لڪل راز - ڏور: ڏورڻ / ڳولڻ / لڪل راز / ڳجهه ڳرهڻ / معلوم ڪرڻ - "ڏور" ڳجهارت جو هڪ قسم / پرولي / معما. اهو هڪ فن آهي، ان ۾ ڳجهارت بيت ۾ ٻڌاريل هوندي آهي. ان جو جواب بيتن ۾ ڏيئي وجبو آهي. اهي بيت ڏور وانگر هوندا آهن. سنڌ جي روايتي ڳوٺاڻين ڪچهرين ۾، حال احوال ڪان علاوه، بيت بازي ۽ ڳجهارتن ٻجهارتن / ڏٽ ڏور جا مقابلا ٿيندا آهن.

**ڏِٺا وائٺا:** پڌري پٽ / کليل / ظاهر ظهور.

**ڏٺل ٻڌل:** ٻڌل سُئل ۽ ڏٺل / جنهن جي ڄاڻ سڃاڻ ماڻهن ۾ هجي. KNOWN

**ڏٺل وائٺل:** (ڏسڻ وائسڻ): ڄاتل سڃاتل / پڌرو / کليو ڪلايو / ظاهر ظهور.

**ڏِٺي وائٺي/ ڏٺيون وائٺيون:** (پڌري / کلي کلائي - پڌريون/ کليون کلايون): ظاهر ظهور/ پڌري پٽ، مثال: هيءَ ته ڏٺي وائٺي ناانصافي آهي.

**ڏپهرو ٻپهرو:** (ڏپهرو: ٻن پهرن / ڇهن ڪلاڪن وارو وقت يعني منجهند): منجهند جي ماني ۽ ٿورو آرام.

**ڏجاري ڏکي:** ڏجيل / ڏجهيل / ڏکايل / ڏکويل، مثال:

ٿيس مارُين ۾، ڏجاري ڏکي،
ڪونهي ڏوهه ڪنهن جو، قضا هئي قدير -
وسريان، نه وسريام، سانگي سڏير! (محمد عثمان ميمڻ)

**ڏجهه ڏک:** (ڏجهه: ساڙ / غم / درد، مثال:

ساموندڙيڪو ڏجهه، ماءُ! مارينده ڪَڏهِم: (شاهه):
ڏک ڏاڪڙا / تڪليفون / سور.

**ڏاجها ڏاڪڙا:** ڏک ڏولاوا / تڪليفون / غم.

**ڏجها ڏک:** ڏک درد / سور / غم / تڪليفون، مثال:

ڏجها ڏک ڏيئي ڏاڍو ڏيرن ڏکايو،
وٺي وير وَرَ ويا، وطن وک وڏايو. (احمد خان آصف)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڏسي وائسي:** جاڻي ٻُجهي / دانستہ / سوچي سمجهي / هٿ وٺي DELIBERATELY، مثال:

ڏسي وائسي وڃي پاڻ کي مصيبت ۾ وڌو اٿائين.

**ڏڪار ڏرت:** قحط / ڏکيا ڏينهن / اڻ هوند / اڻاٺ / بک / مهانگائي.

**ڏڪڻي ڪنبڻي:** (ڏڪڻ / ڪنبڻ) ٿڙڪڻي / لوڏو / خوف / ڀؤ / ڊَپَ هِراس.

**ڏک ڏاڪڙا:** تڪليفون / سور / اهنج / ايذاء / غم. مثال:

ڏونگر ڏورڻ ڏک ڏاڪڙو وو.
اهي ڪشت ڪشالا ڪيندي
پنهل پيچڻ آءُ ويندي. (منٺار فقير راڄڙ)

**ڏک ڏچا:** آزار / تڪليفون / سور / اهنج.

**ڏک ڏجها:** تڪليفون / سور / اهنج. مثال:

سک نہ ڪو تنهن جي وڃڻ ڪان پوءِ ڏٺم،
ڏک ڏجها مون ڪيڻ ڏنا توڪانسواءِ. (حافظ محمد احسن)

**ڏکَ ڏجرا:** تڪليفون ڏوجهرا / درد / آزار / تڪليفون / اهنج.

**ڏکَ ڏرَ:** خوف / انديشو / تڪليف. مثال:

جن جو ڪفيل تون آن، واهر وسيلو تون آ،
رهبر رسيل تون آن، تن خوف ڪو نہ ڏک ڏر. (شاھ محمد ديدڙ)

**ڏک ڏراڃ:** تڪليف / ڏاڪڙو / درد. مثال:

ڇڏي ڏک ڏراڃ، هن پرمزا ماڻئين. (خانزائي)

**ڏکَ ڏرَمَ:** (ڏرم: تڪليف): رنج / لاچاري / درد / سور/ ڏنجهہ / سختي / ڪيٽ.

**ڏک ڏسڪار:** روڄ / ماتم / سڏڪو / راڙو.

**ڏک ڏسڪو:** ڏکڻ (ڏکوئي وڃڻ)- ڏسُڪڻ: وجهلڻ / ڳرڻ: ڳـٽتي ڳاراٽو / جهوري.

**ڏک ڏمر:** تڪليف / نازل ٿيل ڪاوڙ / آيل مصيبت. مثال:

ٿي راضي رشيد احمد چئي، لاهي ڏک ڏمر. (رشيد احمد)


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**ڏکي ڏوکڙي:** ("ڏوکي" - تصغيري صورت "ڏوکڙي")؛ ڏکويل / دردن جي ماري/ ويچاري.

**ڏکيا ڏوراپا:** (ڏکيا: ڏکن ۾ پيل لفظ/ شڪايت وارا لفظ - ڏوراپا (ڏوراپڻ: مهڻو ڏيڻ / مياروُن ڏيڻ / ميار رکڻ)؛ مهڻو / ميار/شڪايت.

**ڏکيا سوُريا:** (ڏکيا: ڏکن جا ماريل / سوريا: سون جا ستايل)؛ سورن وارا / هنيل / ماريل / ڏکن جا ڏڏيل.

**ڏکيو ڏوسلو:** ڏکايل / عذاب ۾ پيل / سورن جو ستايل / ڏوسيل.

**ڏکيو ڏهيلو:** ڏکايل / ڏکن جو ماريل / سورن جو ستايل.

**ڏکيو سوريو:** ڏکن وارو / سورن وارو / سورن جو ستيل

**ڏلي رلي:** (ڏلڻ رلڻ: پٽڪڻ / ڏولڻ)؛ پٽڪي/ رولڙا ڪري، مثال:

ڏلي رلي وريا، ڏکيا ڪاتي ڏينهن،
نوان اچي نينهن، مارن ڪيا ملير ۾. (شاهہ)

**ڏمر ڏوٺ:** غصو / ڪاوڙ / رنج/ ڏک / ناراضگي.

**ڏمر ڏوس:** ڪاوڙ / قهر / غصو / تاب، مثال:

اڪڙيون اکڙين تي ڏمر ڏوس ڪرين. (شاهہ: سُر آسا)

**ڏَنُ پَٽُ:** نذرانو / خراج / پيٽا / مريداڻو (اها رقم / شي جيڪا مريد پنهنجي مرشد کي نذراني طور پيش ڪن) / لاڳ / پنڌڻ - پنڌل / نذراني جي مقررڪيل رقم / پيراڻي ونڊ /مرشد جو حصو.

**ڏن ڏيج:** نذرانو / انعام / پيٽا / مُريداڻو.

**ڏنج ڏجهندو:** بيماري / اگهائي / مرض / ناچاڪائي / اهنج / سور / لڳائي / ڏولائو / تڪليف / درد/ ڏک/ ايذاءُ.

**ڏانجي ڏانجهو:** اهنج/ تڪليف/ درد/ سور.

**ڏنجهہ ڏک:** ڏک / تڪليف / ايذاءُ، مثال:

ڄٽي توکي مائٽ، نہ سنيريا ڪو سک،
مُلوڻ تي تنين کي، ڏنئي ڏنجهہ ڏک. (شمس الدين بلبل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڏوٽ ڏمر:** (ڏونجڻ؛ ڏمرجڻ؛ ڪاوڙجڻ. مثال؛

جي ڏمريا ڪنهن ڏوٽ سي اڏامي آڻ پرين (شاهه؛ سر پورب)؛
طعنو / مهڻو / عتاب / ڪاوڙ / غصو / ناراضگي / ناراضپو. مثال؛

(۱) ڏس اچي هي حال يار، ڪرنماڻي تي نظر،
سان پلائي پال يار، ڏوٽ ڏاڍا ڇڏ ڏمر. (سيد فاضل شاهه)

(۲) موٽ پنهل مل آري الا،
ڏوٽ ڏمر ڇڏ آ گڏ گهاريون. (حافظ حاجي محمد شاهه تڪڙائي)

(۳) بخشيدو پورن ڪي، ڏوٽ ڏمر ۽ ڏوهه. (نانڪ يوسف)

(۴) ناوڪ نينهن جو بيشڪ بچ تون،
ڏوٽ ڏمر ڏهڪار، تپي تڪرار نه ڪر.
(سيد ميران محمد شاهه مير/مهجور)

(۵) محڪم مالڪن جو سهين ڏوٽ ڏمر.
(مخدوم محمد زمان طالب المولي)

**ڏوٽ ڏوراپا:** مهڻا / طعنا / عِتاب / مَيارون / رنج / رُساما. مثال؛

(۱) محبن مڪا مون ڏي، وري اچ ڏوٽ ڏوراپا ڏئي.
(سچل سرمست)

(۲) ڏوٽ ڏوراپا وو ڪيترا، ميان الا،
سي سخت مڪائون -
هڻ حال اسان جا هي. (سچل سرمست)

**ڏوجَ ڏوجرو / ڏوجهرو:** (ڏوج: مرض / بيماري / روڳ / اگهائي-
ڏوجهرو: تڪليف سور / درد): ڏک رنج / سورَ / سِهمون /
انتظاري / درد / ايذاء / ڳُتي / فڪر / بيماري / روڳَ.

**ڏوجهرا ڏولاوا:** ڏک / سور / تڪليفون.

**ڏوجهرا ڏمچَ:** ڏکَ / سور / تڪليفون.

**ڏوراڏو ڏورانهون:** پرانهون / پري جو / ڏور / پريرو / وٿيرڪو /
گهڻو پري FAR OFF

**ڏوس ڏمر:** ڪاوڙ / ناراضگي / غصو / عتاب.



www.sindhsalamat.com                                                    books.sindhsalamat.com

**ڊشَ پَٽاڪَ:** لباڙ / ڍاڙ / اجايو وڏاءُ.

**ڊُڪَ ڊوڙَ:** (ڊُڪڻ ڊوڙڻ: ڪوشش ڪرڻ): ڀڄ ڀڄان / جتن / ڪوشش / جدوجهد / جاڪوڙ. مثال:

(١) نوڪريءَ لاءِ ڏاڍي ڊڪ ڊوڙ ڪيائين.

(٢) ڪي اڏامن، ڪي سرن، ڪي سَر بر ڊڪ ڊوڙ ۾
(حاجي احمد ملاح)

**ڊُڪ ڊيڙَ:** ڊيڙَ: ڊيڙائڻ: وَهِتَ ڀڄائڻ / ڊوڙائڻ. مثال: وتي تـو ڊڊو (گهوڙو ڊيڙائيندو!): ڊڪ ڊوڙ/ ڀڄ (ڀڄڻ)/ ٽاپي (تکو هلڻ)

**ڊڪ ڊيهِڙو:** (ڊيهڙڻ: تيز ڊوڙڻ): ڊوڙ / ڀڄ / ٽاپي.

**ڊُڪٽو ڊوڪوُ:** (ڊوڪو: اچار: ڊروڪو): تکو ڊوڙندڙ چوهو / چوٽ.

**ڊِڳڙ باز پيٽي:** پيٽوڙي / پيٽ چٽيو / ڪاڻڻ جو ڪڏو. مثال:

صفا صاف ڏائـڻ رهـي تـو ڏنگا
ڊِڳـڙ باز پيـٽي چنـدا چورنگا. (مولانا ثناءُ الله ثنائي)

**ڊگهڙ ڇانگهڙيل:** ڊگهو / ڇانگهو / قدآور.

**ڊگهير اينگهـ:** (ڊگهيرڻ اينگهائڻ: وڌائڻ): ڊگهار/ ڊيگهـ/ پکيڙ / ڦهلاءُ.

**دمبڪ دنبو:** دهل جي دم دم / دهل جي وجت / دهل جي ڊينگ ڊيگان (آواز)

**ڊنب ڊنبلو:** (اُچار: ڊرنب ڊرنبلو): ماڻهن جو ميڙ / ميڙاڪو (هڪ هنڌ مڙڻ / گڏ ٿيڻ) / انبوهه / ٽولو / هشام / ڇانگَ / ٽولي / مجموعو.

**ڊنب ڊنباڙو:** دٻدٻو / ٺٽ / رعب تاب / شان شوڪت.

**ڍِنگ ڍِنگاڙو:** (ڍنگ: ڍنگ ڍنگ / ڍينگ ڍينگ / دهل وڄڻ جو آواز- ڍنگاڙو: سازن جو گڏيل آواز): دهلن شرنائين جو واڄو. مثال:

وهانءَ ۾ ڍنگ ڍنگاڙو نـه ٿيو تـه اهو وهانءُ ئي ڪهڙو؟!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڊوڏُ ٻَلاڙو:** ڪُروپ (ٻيڇڙو روپ)/ بدصورت / بدشڪل / مڪروه/ نفرت‌انگيز.

**ڊوڙ ڊڪ:** ڀڄ ڊوڙ / جاڪوڙ / تاڪوڙ/ هَڏُ وَٽُ / تڙ تڪڙ. مثال:

(١) ڏاڍي ڊوڙ ڊڪ ڪانپوءِ وڃي ڪم ٿيو.

(٢) پير، سيد، پنڊت ۽ ساڌو ٻہ ڪن ٿا ڊوڙ ڊڪ

ننگَ وڃهو طرفدار لئہ وٺن هر بار ووٽ. (محمد صديق مسافر)

**ڊوڙي ڊڪي:** هلي چلي / جاڪوڙ ڪري، مثال:

(١) ڊوڙي ڊڪي وڃي ڪامياب ٿيو.

(٢) اڄ وڃي ڊوڙي ڊڪي ان جي ڪِران قدمن مٿان،

۽ چوان تنهنجو آهيان پو چا چڱو ۽ چا ٻُرو.

(مخدوم محمد امين فهيم)

**ڊولَ ٻلاڙو:** ڪُروپ/ ٻُجڙو/ بدشڪل / اٺوڙنڌڙ / مَڪروه / نفرت ۽ ڪِراهتَ جهڙو.

**ڊولَب ڊولو:** منهنَ سُوٽل / ٻوتَ سُڳل / ڇين لڙيل (لڙڪندڙ ڇين وارو) / سُوٽل مُوٽل.

**ڊول چمچو:** اصطلاح ۾ معنيٰ واسطو / نسبت. مثال:

پراون معاملن ۾ پنهنجو ڪهڙو ڊول چمچو؟

**ڏُونڊڙو ڪُبڙو:** چيلهہ ڪبو / نِميل

**ڊؤلَ ڊيل:** بدن جي بيهڪ.

**ڊؤل ڍَبُ:** ڍنگ / انداز / نمونو. مثال:

علم ڏاران ڪين ڪنهن هنڌ آب ۽ عزت لهن

توءِ جاهل جوڙجڪ سان ڪن هزارين دول ڍب

(خليفو محمد قاسم)

**ڊؤل شول:** ڍنگ / نمونو / انداز.

**ڊيچو ڊيچڙو:** ڊپ / ڀؤ / ٻاراڻي بيماري جنهن ۾ ٻار ڏانهون ڪري اٿندو آهي / چِرڪَ.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**ڊيرڙو ٽيرڙو:** ٽرڙو / هلڪڙو / نالائق/ ڪميڻو / هلڪي مزاج وارو

**ڏيڙ ٻڙاڪو:** گوڙ / ڳائچو / ڏمچر. مثال:

سنڌي وهانءَ جي نشاني ڏيڙ ٻڙاڪو هوندي آهي.

**ڏيل ڏوَل:** ٻيهڪ/ اڏاوت/ جوڙجڪ.

**ڏيِلو ٽندڻ:** (ڏيلو: جنهن جي بدن جي جوڙجڪ ٽِندڻ جهڙي هجي/ ڏندڻ جهڙو): موچارڙو / ڪوجهو / ڪوجهڙو / ڪِنڙو.

**ڏيِمڪڙو ڏينبو:** ڏيبڙو / بندرو / ڄامڙو / گهگهِٽو / ٽينگڙو / ڇِگهٽو / قد جو ننڍو ۽ بت ۾ پريل.

**ڏنيبَ ڏينباڙَ:** سزا /سيڪيت / ڦيهَہ/ ڏاڍي مار/ ڇينبا/ ڏمڪي/ ڇنڊَ.

**ڏينگ ٻڙاڪو:** شـــادي / وهانءَ ۾ دهلن جي ڏيگ ڏينگان / شرنائين جو منڊل / ڏمچر. مثال:

سنڌي وهانءَ ۾ ڏينگ ٻڙاڪو ضرور ٿيندو آهي.

**ڏينگَ ڏٽانبو:** وڏو خرچ / بي فائدو خرچ / شادي وهانءَ تي گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ جو انداز.

**ڏيهہ ڏيهڙو:** ٻاچ / ڏوڙ / ڏڪ.



www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

# ڏ

(لفظن جا جوڙا: 62   ڪل لفظ: 124 )

**ڏاڙي ڏاڪي:** (ڏٿُ: وارياسو علائقو/ برپٽ/ ريگستان/ سنڌ جي واريا‎سي ڀاڱي جو نالو)؛ سنڌ جي ڏٿ واري حصي جي ٻولي/ ڏٿ ۾ رهندڙ ڏاٽيڙن جي ٻولي/ سنڌي ٻوليءَ جو ڏاڪي لهجو.

**ڏاڏورو ڍَنڍورو:** پڙهو/ دهل جي 'ڍينگ ڍينگ' تي ماڻهو ميڙي، ڪو لکيل اعلان پڙهي ٻڌائڻ/ مشهوري/ مَنادي.

**ڏارَ ڀارَ:** ڍنگُ/ نمونو/ طريقو/طرح/ دستور/ طرز/ هلت/ ريت/ ڍؤل.

**ڏارو ٽيپڻو:** (ڏارو: چوپڻ/ چوپڙ راند جو ڏاٽو/ جنتري/ فالنامو/ چَڪو/ داءُ/ علم رمل وسيلي، چڪو هٽي، حساب ڪري، ڳجهَہ جو احوال ٻَڌائڻ- ٽيپڻو: جنتري جي مدد سان ڪا اڳڪٿي ڪرڻ/ يا اڳواٽ ڳالهہ ڪرڻ)؛ ٽوٽو ڦيٽو/ قسمت جو احوال/ جنتري/ فالنامو/ سال جي تاريخن ۾ مشهور ڏينهَن/ ڏڻَن جو تيار ڪيل ڪتاب. ياد رهي تہ هندو وڌ ۾ وڌ ٽيپڻن ۾ جنترين ۾ ويساهہ رکندا آهن.

**ڏاروڙا وَسڪارا:** سانوڻ جا پويان اوهيرا/ وقتي وسڪارا/ مينهن جون وَسون/ برسات جون ڇاٽون.

**ڏانڊا سڪٿا:** ٻگل ٽانءُ/ ٺڪر جا ٽانءُ/ خالي ٽانءُ، مثال:

هنيون نہ حاضر جن، پِري نہ اڪڙين ۾،
تلها ڏانڊا سڪٿا، هيئَن جاڙ جٖين. (شاهہ ڪريم)

**ڏانڊارو ڍَنڍورو:** پڙهو/ مشهوري/ وڏي آواز سان اعلان (پڙهو گهمائڻ: ڍُهل جي وَڄتِ تي ماڻهو ميڙي، ڪو اعلان ڪرڻ)

**ڏانڊِارڄڻ ڏانڊرجي پوڻ:** آڦرجڻ/ ڪاٺي ڦوڪجي پوڻ/ڪاٺي پرجڻ.



www.sindhsalamat.com                          books.sindhsalamat.com

**ڏَنگ ڏَبُ:** پارُ/ طرح/ طرز/ نمونو/ ڍانو/ ڍَت/ طريقو/ دستور/ ڍار/ ريتِ.

**ڏنگهر ڍاري:** (ڏنگر/ ڏنگهر: ڪنڊائن وڻن جون چانگيل ٽاريون/ ڍاريون جن کي، ٻهراڙين ۾ گهرڙن کي چوڌاري ڍڪ ڏيڻ لاءِ، لوڙهن Fences ۾ ڪم آندو ويندو آهي. ڍاري: اهڙي شئي جنهن کي ڍاري سگهجي يعني ڏنگهر جن کي ڍاري/ لڳائي/ ستي لوڙهو تيار ڪيو ويندو آهي. اصطلاح " ڏنگهر جي ڍار رهڻ" جي معنيٰ آهي اها جاءِ جتي ڏنگر ڍاريل/ ڏنل هجي يعني ڪکائين گهرڙي ۾ رهڻ/ گهر پرسان هجڻ/ ڪکن (ڪکاون گهرن) ڀيڙو هجڻ): لوڙها. مثال: گهرن جي حفاظت لاءِ، ٻهراڙي وارا هميشه ڏنگهر ڍاري گڏ ڪرڻ ۾ لڳل هوندا آهن.

**ڏنگهر ڍاڙي:** سنهو جَهنگ/ ڪنڊنِ وارو ٽارو.

**ڏنگهرِ ڍانهر:** ڪُنڊائان چانگيل ٽار/ ڏِنگهريون.

**ڏنگهرَ ڍانگهرَ:** ڪنڊائن وڻن جي چانگ/ڪنڊائان ٽار/ ڏِنگهريون.

**ڏور ڍانڍو:** (ڍانڍو: سڪڻو جيڪو/ ڪُجي نہ سگهي يعني جانور/ پوڙهو ڍڳو): ڍڳا ۽ ڏاند/ چوپايو مال.

**ڏور ڍڳو:** ("ڍڳو" بہ هڪ ڍور/ جانور آهي: جانور/ جناور/ حيوان/ هَرَ/ نار ۾ وهندڙ): جانور. مثال:

(١) ڍور ڍڳو وڪڻي، اوڌر پاڌر کڻي، پُٽ جو وَهانءُ ڪيائين.

(٢) وڪڻي ڍور ڍڳو، سَتهہ مليو سروپ سان (چنراءِ سامي

- سَتَهہَ: پاٽمرادو/ سروپ: پرماتما-

(٣) عشق بنا آدمي، ڍور اَتو ڍڳو، ڍڳوري سچڻ (نانڪ يوسف)

(۴) سچ لهي سانجهي ٿيو، جانئين آيو تائين،

هر ڪو مُنهن پنهنجو ٻئي، ڍور ڍڳي تائين. (پرولي: پيٽي: مجر)

(۵) گڏ ڪيل روڪڙا رپيا، سونا ۽ روپا گهڻہ ڪيس تي خرچ ٿي ويا، ڪي ڍور ڍڳا بہ وڪڻي ڇڏياسين.

(حاجي حقير ابن مگڻ: صد ليلة)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڊور ڍَنگرُ:** چوپايو مال/ وهٽ واڻو/ مال مويشي/ ڊور ڍڳو.

**ڍورو ڍنڍ:** ترائي/ قدرتي تلاءُ/ ڇڄ/ ڇنبُ/ ڪڏو/ پاڻي جو ڏهو/ پاڻي جو چشمو.

**ڍول جاني:** مِٺڻ/ پيڻ/ لالڻ/ ساجن/ سپرين/ سجڻ/ ڍول/ ڍولو/ ڍوليو/ ڍولڻ/ پيارو/ محبوب/ دوست.

**ڍولڪ ڍولڪي:** ننڍو دهل/ دُهلڙي/ ڍيبڪي/ پکواز.

**ڍومائون ہاٿون:** ڏڪا ڏوما/ رولڙا/ ڏڪا ٿاٻا/ ناڪام ڳولا/ اجائي ڪوشش.

**ڍڙنڪو جهوٽو:** (ننڊ ۾ ڍڙنڪڻ ۽ جهوٽڻ): ننڊ جو سوپو/ سوپڙو/ جُهٽڪو/ پنڪي.

**ڍڙنگي ڍڙنگو:** ڍونگ وارو يعني اٽڪلي/ چالباز.

**ڍڙنگل ڍيڪ:** (ڍونگل هڻڻ/ ڍارڻ: اڻوڻندڙ ڳالهه ڦهڪائي ڏيڻ/ چيڙائيندڙ ٽوڪ- ڍيڪ ڏيڻ: زهريلي ٽوڪ/ طعنو هڻڻ): مهٽو/ ڪل/ ٺٺول/ چِٽر/ ٽوڪ/ طعنو/اڻوڻندڙ گفتو/ زهريلي گفتگو/ واهيات ڳالهه.

**ڍيبَڪ ڍيبڪي:** پکواز/ دُهلڙي/ ڍولڪ/ ڍولڪي.

**ڍيرُ ڍِڳُ:** گند جو ڪوڙ/ ڪوڙ/ ستو/ ٿهو.

**ڍيري ڍِڳي:** ڍڳي (ڍ هيٺ زير): ننڍڙو ڍڳ/ ٿهو/ ڍيرُ (اسم تصغير: ڍيرڙي)] ڍيريون ڍڳيون (ڍيرڙيون ڍڳڙيون): ڪوڙيون/ ستيون/ ٿهيون.

**ڍيڪ ڍڙنگل:** اڻوڻندڙ ڳالهه/ چيڙائيندڙ چِٽر/ ٽوڪ/ زهريلو گفتو/ طَعنو/ Poisonous/ Sarcastic Remarks

**ڍينگ مَٽر:** گول مول/ ٻي ڍولو/ اٽڪهڙيل.

**ڍينگڙو مينگڙو:** اجايو/ سادو/ بيسود.

**ڏَيو ڏائو:** ڏاول/ پيٽ ڀريل/ (اصطلاح ۾) آسودو/ خوشحال.



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# ذ

(لفظن جا جوڙا: 14　ڪل لفظ: 28 )

**ذاتِ پاتِ:** حسب نسب/ پيڙهي/ ڪٽنب/ جاتي/ ڳهراڻو/ خاندان/ نِيات/ آکهه/ ڀائپي. مثال:

(١) اسلام ۾ ذات پات جو ڪو فرق ناهي هوندو ۽ خلقيندڙ جي آڏو سڀ هڪجهڙا آهن.

(٢) نڪي پڇيائين ذات پات، نڪي پڇيائين راهه،
ڪري مَنَ اَچاهه "سامي" ڇڏيائين چن ۾. (چئنراء سامي)

**ذات ذَمات:** (ذمات: ڪڙم): جماعت/ ٽولو/ ڳهراڻو/ ڪٽنب/ قبيلو. مثال:

وڃ مسافر ماٺ ڪر، پُرسَ پنهنجي ڏانهن پار
ڏس نالو نالدار، ذات ذمات پانهجي.

(مخدوم غلام محمد ڀڳائي)

**ذات سنات:** (سنات: هڪ ذات جون سؤ/ گهڻيون شاخون يا پاڙا جئن سيد، بخاري، حُسيني/ ڪاظمي/ رضوي/ وغيره.
چوندا آهن: سو سنات، ٻارنهن ذات!): ذاتيون ۽ پاڙا/ شاخون/ وڻ وڻ جي ڪاٺيءَ وانگر اڻ ڳڻت ذاتيون.

**ذات صفات:** ذات پاڪ ۽ سندس صفتون. مثال:

ذات صفات ۾ آهي دليل صورت جو سلطان
ڳر الف جيئن پيسن سر ڪيپي. (خوش خير محمد هيسباڻي)

**ذات ڳنات:** ڳهراڻو/ نيات/ خاندان. مثال:

مان ڏارين ڏيءِ آهيان، اوهان جي ذات ڳنات
مان ڪا نه آهيان، تہ ٻہ الله ڪندو تہ رهجي ايندي.

(حاجي حقير ابن مڱڻ: صد ليلة).



www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

# ر

(لفظن جا جوڙا ؛ 304 ـ ڪل لفظ: 608)

**رابڙو رويبڙو:** (رَبَ جهڙي پتڙي ڳپ- ريبڙو: ڀت جهڙي پتڙي ڳپ): ريڪڙو ڳارو / راڳو.

**رات تات:** (رات: رات جو وقت- تات: تات تنوار : چوندا آهن تہ رات آهي تات. رات جي وقت جڏهن اڪثر ماڻهو مٺي ننڊ / آرام ۾ هوندا آهن تڏهن الله وارا / الله جا نيڪ ٻانها. رات جي تات يعني الله جي يادگيري / عبادت ۾ هوندا آهن): ذڪر فڪر / عبادت / بندگي / تهجد گذاري.

**راتوڏو راتوواهہ:** رات جي پيٽ ۾. مثال:

رات سُهائي پوَن سنئين، هيرَ هلڻ تو گهُرجي
تہ راتوڏو رسجي، پرهان اڳي پرين کي (مبين عيسيٰ):
رات جي وچ ۾ / راتورات ۾.

DURING THE NIGHT/OVER NIGHT

**راتوڪو رات واهو:** گذريل رات سان واسطو رکندڙ / گذريل رات جو رکيل / ٻاروٿو ڪاڏو.

**راتوڪو راتوٽو:** گذريل رات وارو / گذريل رات سان لاڳاپيل / رات جو بچيل ڪاڏو / آروٿو ٻاروٿو.

**راتوڙ رِڏ:** بهادر / سگهارو / جاٺو / جبرو / ڏٿو مٿو.

**راڏو رانڏو:** رڏيندڙ / وهان وڏاڻ (شادي شادماني) جي موقعي تي رڌ پچاءُ جو ڪم ڪندڙ / وڏو بورچي / پل ڏٿي.

**راڄ ڏلارو راجڪمار:** شهزادو / صاحبزادو ڪنهن صاحب حيثيت جو فرزند / سپوٽ.

**راڄ ڏلاري راجڪماري:** شهزادي/صاحب زادي/ڪماري/ڪنيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**راج ڪنور راجڪمار:** شهزادو / ننڍو پوٽار / صاحبزادو.

**راجيندر راڄا:** مهاراڄا / شهنشاهه / سلطان/ تخت ڌڻي / راڄ راڻو.

**راڄ ٻائي راڄي:** راڄ ڪندڙ / وڏيري / بُزرگ خاتون / ڪنهن راڄ جي وڏيري.

**راڄ ڀاڳُ:** (راڄ): اثر هيٺ رهندڙ ماڻهو / اوسي پاسي جا ماڻهو / ڪنهن حلقي سان لاڳاپيل عوام- ڀاڳ : خوش نصيبي: راڄ به هڪ قسم جو ڀاڳ آهي. هينئن ڪٿي چئجي ته ڀاڳ آهي ئي "راڄ" سان. پاڙي / ڳوٺ / اوسي پاسي جا ماڻهو ڪنهن لائق / طاقتور ماڻهو کي تعظيم وچان رئيس / پوٽار / چڱو مڙس / سائين ڪري مڃين ته اهي ماڻهو سندس راڄ ۾ شامل سمجهيا وڃن): حلقو / جوءِ / تر ۾ رهندڙ عوام / راڄ جا ماڻهو/ عوام / اثر رسوخ / اختيار / وڏيرائپ / چڱ مڙسي.

**راڄُ مهاڄڻ:** هندن ۾ مسلمانن جي ګڏيل جماعت. مثال:

(۱) درياهه شاهه دادلا، ديـر نـه ڪجاءِ دم
رئيس وڏيرن راڄ مهاڄڻ، مهاڻن جاڪج ڪم.
(حاجي خانڻ چنجڻي)

(۲) آچـر سومر ڪر برساتون،
ڳلي ڳلي ۾ مر ٿين آباديون،
راڄ مهاڄڻ جي گهر شاديون،
ڌم ڌم ٻيرا گهُرنديس ڏاڄ. (حاجي خانڻ چنجڻي)

**راڄ راهو راڄيو:** راڄ سان رَهائيندڙ / اوکي سوکي ۾ راڄ سان ګڏ / صُلح پسند/ راڄ ڀاڳ وارو.

**راڄاڻ راڄيو:** راڄاڻ: راڄ ڌڻي، مثال:

ريجهائو راڄاڻ آهي اڀوجهن جو (شاهه: سُر پرڀاتي):
سردار / پڳدار / پاڳارو / راڄا / راءِ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**راڄي راڄوٽي:** راڄ جو / نِيات جو / نياتي / پنچاتي / راڄوٽو / سرداري جو / پنچاتي فيصلو.

**راڄيا راڄ راڻا:** راڄ ڌڻي / راڄ تي حڪومت ڪندڙ / اثر رسوخ وارا / اختيار وارا.

**راڄيو پاڳيو:** (راڄيو: راڄ جو چڱو مڙس / پڳدار جنهن تي راڄ جي پڳ هجي - پاڳيو : پاڳ وارو / مال متاع وارو.
راڄ جي چڱمڙسي ڪي پاڳ سمجهيو ويندو آهي):
چڱو مڙس / راڄ ڌڻي / پڳدار.

**راڄيو راڄا:** راڄ وارو/ڪنهن نيات جو چڱو مڙس/ سردار /پوتار/ راڄ ڌڻي.

**راحت آرام:** فرحت / سُڪون / تسڪين / وِسرام. مثال:

هنئين ڪان راحت آرام موڪلايو وڃي،
هتان جڏهن ڪ تو هئي هئي هنئين جو هار وڃي.
(محمد صديق مسافر).

**راڙ رنب:** (رڙڻ رنبڻ: دانهن ڪرڻ):چوپائي مال جو رنبڻ/رڇ جي راڙ.
راڙيون: لاڳيتيون رڙيون. مثال:
راڙيون رڃن جو ٽيون. هاڀا هُل حشر (حفيظ): مثال:
(١) ڏسو تہ ڳابو. ڳئون لاءِ ڪيئن نہ راڙ رنب پيو ڪري.
(٢) ديد تنهنجي لاءِ دلبر دل ڦاٽئو دانهون ڪري
جئن ڳابو ڳئون لاءِ ڪري تو راڙ رنب. (خليفو گل محمد "گل)

**راڙو راڙهو:** راڙو: روڄ راڙو.مثال:علي پٽ اسيز.ڪندا راڙو رُڪ سين (شاهہ):
ويڙهاند / لڙائي / جهڳڙو.

**راڙو روڄ:** (روئڻ / پٽڻ ): پِنڻ / ماتم / هاءِ گهوڙا / واويلا /ماتام.

**راڙو ريهہ:** (روئڻ ريهڻ: رڙڻ ): وڏي ريهہ / رانيات / رانياڙ / دانهن / اوچنگار.

**راڙيون رڙيون:** (راڙو (رڙڻ): دانهون ، مثال:
روز ڪريان راڙيون. پنهل ايندوم پاڻهي. (عثمان ڪتي):



www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

مثال: راڙون رڙيون ڪري ٽڪجي پيو پر ڪنهن به سندس راڙيون رڙيون نہ ورنايون.

**راز رمزون:** (راز رمز)، ڳجهيون ڳالهيون/ رس رهاڻيون/ مخفي ملاقاتون/ خلاصيون ڪچهريون

**راز نياز:** ڳجهيون ڳالهيون / ڳجهي رهاڻ/ قرب جي ڪچهري/ محبت جون ڳالهيون/ راز رمز/ مخفي ملاقات.

**راضپو رضامندي:** مرضي / پسند / خوشي / آمادگي / قبوليت.

**راڳ ويراڳ:** (ويراڳ: تياڳ / سنياس / ترڪ ڏيڻ / عشق / فراق /درد): راڳ لاءِ "درد" ضروري آهي/ عشق جي اظهار جو موثر ذريعو "راڳ" آهي، موسيقي روح جي غذا آهي.

**راق داق:** راقيل داقيل شي / راقو / ڳپ/ چڪ / گارو/ چڪڻ / چِڪڏو.

**راڳ راڳڻيون:** مکيہ راڳ ۽ انهن جون شاخون.

**راڳ رنگ:** ڳائڻ وڄائڻ / ساز ۽ آواز جو سنگمُ / راڳ رهاڻ / محفل موسيقي.

**راڳ روپ:** راڳ سان روپ (سهڻي صورت يعني، ناچڻي)لاڳاپيل هوندو آهي، مثال:

نہ ڪوراڳ نہ روپ ڪو، نہ ڪا تند تنوار. (شاهہ: سُر سورٺ)

**راڳ رهاڻ:** موسيقي جي محفل/ ڳائڻ وڄائڻ / محفل موسيقي / ڇيرين جا ڇمڪار.

**راڳي راڳائي:** راڳ ڳائيندڙ / گويو / ڳائڻو / علم موسيقي جو ڄاڻو.

**رامڻ راماٽو:** هَل/ شور/گوڙ / هنبس/ هنگامو/ لڙائي/ جنگ/ ٻائيتال.

**راماٽا رالپاڙ:** (راماٽا: ريهون ڪيهون، مثال:

(١) روهہ راماٽا ڪن، اڄ پڻ هلڻ هاريون

ڪر ڳل ڪونجڙين. رائي ۾ رات ڪئو (شاهہ: سر ڏهر)



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

(۲) اثر حُب حيدرشاهه جي، اچن اندر ير اولاٽا،
ساريو تنهن سڄڻ کي رويو ڪن راماٽا.. (فقير علي بخش جمالي):
رانياتَ / دانهون / هانوڦاڙ رڙيون / روڄ راڙو / دانهون/
ڪوڪون / پنڻ/ ڳوڙ / هَل / ٻائيتال / واويلا / ماتم.

**رانياتَ رڙيون:** (رنيڻ رڙڻ: دانهون ڪرڻ): دانهون/ڪوڪون.

**رانيٽ رانياتُ:** رڙ / رنپ / دانهن / ٻوڪرُ.

**رانياڙَ رانباهَ:** ڏڪي جي رنپ/ ڏِڪ("ڏ" هيٺ زير- "ڪ" تي زبر).

**رانياڙ رڙيون:** دانهون ڪوڪون / روڄ راڙو.

**رانيڙ رڙيون:** دانهون ڪوڪون / روڄ راڙو.

**راند روند:** ڪيڏ ڪوڏ (ڪيڏڻ ڪڏڻ)، مثال:

(۱) ٻارن لاءِ پڙهڻ سان گڏ راند روند بہ ضروري آهي.

(۲) پوءِ ٻارن ساڻ ٻاهر جهوٽ جهوٽان راند روند،
دم بدم دانهون تہ ڪاڏم هن ڪِ هَن سان مار مار.
(حاجي احمد ملاح)

**راندرو نشو:** کيل تماشو / کيل ڪوڏ.

**رانديون رولديون:** ڪيڏ ڪوڏ آئي رُت بسنت جي پکي لات لنون،
پوپٽ مٿان گلن جي، رانديون رونديون ڪن....
(سنڌي درسي ڪتاب تان ورتل)

**رانڊڻ سانجڻ:** رڏ پچاءُ.

**رانو راڻا:** راڄ راڻا / حڪمران / بهادر / سورهيہ.

**رانول سانول:** پرين / سُپرين / محبوب / دوست.

**رانٽي رواٽي:** ننڍو تنبوُ / خيمو.

**رائڻ ڏتارڻ:** (راٺڻ: گمراهہ ڪرڻ، مثال:
حق پاڪ امن ڏي هاٽي، شيطان شقي جو راٽي): ڏاڏارڻ /
بدراهہ ڪرڻ / ٻنيلائڻ.



www.sindhsalamat.com                                    books.sindhsalamat.com

**رائو رَڃ:** اڪثر ڪري ريگساني / ڪوهستاني علائقي ۾ پري کان "رڃ" / اڃ ٿي اڃ نظر ايندي آهي پر، جڏهن ويجهو وڃبو آهي تہ اُتي ڪجهہ بہ ناهي هوندو.

**رايو رِٽَ:** راءِ / پاسو / مرضي / خيال / فيصلو.

**رب رحيم:** ٻاجهارو ڏڻي/ مالڪ مهربان/ الله سائين جو صفاتي نالو.

**رب ستار:** ڍڪيندڙ/ پرده پوش / سِتر رکندڙ / عيب ڍڪيندڙ. مثال:

سارا‌هيان سچو ٿي، ساراهيان رب ستار. (فقير علي بخش جمالي)

**رب قهار:** گنگهارن تي قهر نازل ڪندڙ / ڏڻي تعاليٰ.

سَچا! هاڻ تہ ڪي ساڳاءِ! قادر سَچي رب قهار.

(مولوي شفيع محمد "هاتف")

**رب رب پَتِ پَت ڪرڻ:** ٻاتوڳالهائڻ / ڇِچلو ڳالهائڻ / ٻَتڙَ يا هَڪڙَ وانگر ڳالهائڻ.

**رب سبَ:** پتڙو ڊيڪڙو پَتُ / سادو ڪاڏو. مثال:

(۱) پروان ٻَلائن ڪان پنهنجي رب سب ٻلي!

انهيءَ تان چوندا آهن: ٻلي ٻک ٻرم جي شالَ مر وڃي شان!

(۲) ڪَہ ڪندس هي ڪورما، ڪئين پيٽ ۾ پايان پلاءِ

ڏينهن ڏؤنرَن تي گذاريان رات جو ڪا رَب سَب

(محمد خان غني)

**رِپکو ڪِرڪِر:** ڪِلڪِل/وِنڊ/ واندو/ چؤچؤ/ ڪِروڏ/ ڪِهپي.

**رَتُ پِتُ:** رت ۾ بلغم / رت پوَن / غلاظت ۾ روڳ.

**رتُ پُون:** علاظت ۾ روڳ.

**رَتُ سَتُ:** (ستَ: ٻَل/سگهہ. مثال: رت آهي تہ ست آهي): طاقت/ قوتَ.

**رُت هڏُ:** مائٽي / عزازت / ويجهو ڳانڍاپو / رت جو رشتو.

**رتڙو رَتو:** رت سان رڱيل / رت جهڙو ڳاڙهو / ڳِتوُل / سرخ/ لال.



www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

**رَج سَج:** سراب / نظر جو ڏوکو / پري کان پاڻي نظر اچڻ ۽ ويجهو وڃ تہ ڪجهہ بہ نہ. رَج ٿيندي ٿي سُڃَ (ويراني) بہ آهي:
بيابان / رڻ پَٽُ / صحرا. مثال:

جيڏيون ڇپر ڪين ڇڏيندا، رج سُج بہ سي آهن ساٿي.

(نانڪ يوسف)

**رَچيندڙ رچنا ڪندڙ:** ٺاهيندڙ / خلقيندڙ / جوڙيندڙ / تيار ڪندڙ / اُپائيندڙ / تخليق ڪندڙ / تخليق ڪار.

**رَحم ڪَرمُ:** ٻاجهہ / مهرباني / ڪرم / عنايت.

**رحمتون برڪتون:** فضل / ٻاجهہ / ڀلائي / بخشش. مثال:

پُڻ هون، توتي رحمتون برڪتون، نازل نور هُديٰ
جو تون اُپيين يُونيئين سوجهرو عالم جو اُهاءُ

(مخدوم محمد هاشم ٺٽائي)

**رحيم رحمان:** ٻاجهارو / مهربان / ڪريم. مثال:

تون آهين رب پاڪ بخشڻهار،
رحمي غفور رحيم رحمان. (منٺار فقير راڄڙ)

**رڌ پچاءُ:** (رڌڻ پچائڻ: کاڌو تيار ڪرڻ): سانجهڻ / رڌڻ پچائڻ جو ڪم. مثال:

عورتن لاءِ فيشن سان گڏ رڌ پچاءُ جو هنر بہ ضروري آهي.

**رَڌَل پَڪل:** رڌجي تيار ٿيل کاڌو / پڪل طعام.

**رڌو پَڪو:** رڌل پڪل شيون / تيار ٿيل کاڌو.

**رَڌي پڪِي:** رڌل پڪل / تيار کاڌو / نَهيل نُهيل کاڌو / تيار ٿيل طعام. مثال: رڌي پَڪي بہ يا نصيب!

**رَڏ ڪَڏ:** رڏي وارو / نٽر / ضدي / ڪَڏي وارو / اڙٻنگ / آهنڊُ / اڏنگو.

**رَڏ ڪارو:** ڪارو رَم / بدشڪل / گدلو / ٺلهو / ڏونسو.

**رَڏو رُولڙو:** هٿن کان معذور / لُولو / رڏنتو.



www.sindhsalamat.com                                    books.sindhsalamat.com

فرحت ۾ اچڻ)، فرحت / لذت واري ڪچهري / صلح ۾ رهڻ واري حالت / قربائتي ڪچهري / ڳُجهيون ڳالهيون / محفي محفل / ذوق محفل.

**رَسُ رهو:** ٻوڙ جي لاس جنهن جو ساءُ لاءِ (لطف) ئي نرالو هوندو آهي / ڳاڙ / نِچوڙ / چاس / سوادُ / لذت / ذائقو / چشڪو / مزو.

**رس محبت:** پاٻوهه / سڪ پيار / ميٺَ محبت / ريجهاءَ.

**رسائي رهائي:** پهچ / پُڄت / پُڄندي / هلندي پڄندي / اثر رسوخ.

**رستو راهه:** واٽ / لنگهَ / گهٽَ. مثال:

سين ٿون ثابت ٻَڌ صلاح، اول آخر آهي الله
تنهن سان پوئي ڇڏ پساهه. وٺ رباني رستو راهه
مرشد هادي ڪر همراهه. ضامن جو آهي ذميوار
احمق پڙهه تون استغفار! (مولوي شفيع محمد "هاتف")

**رَسڪو ريڙهو:** سِرڪڻ (ڳِنڊي)/ گِسڪو / کِسڪو.

**رسم رواج:** قاعدو قانون / هَلي چَلي / ريت رسم / ريتِ پَت.

**رسيلو رسَ ڀريو:** سوادي/ وٽندڙ/ ذائقه دار/ چشڪيدار/ لذيذ/ مزيدار.

**رسڻ وسڻ:** موجود هُجڻ / حاضر ناظر هجڻ. مثال:

هر شيءِ تہ ڏسين پسين ٿو، هر جاءِ رسين وسين ٿو
آهي زمين زمن تي، مولِيٰ قيام تنهنجو.
(حاجي عبدالله "واقف" ٽارو شاهي).

**رُشٽ پُشٽ:** بدن ۾ ڀريل / ڏٿو مٿو / ٿلهو متارو / سگهارو.

**رشوت روڙ:** (روڙڻ: روڙو هٽڻ: رشوت جو ڪامياب داءُ هٽڻ): رشوت / ناجائز فائدو / رشوت جو داءُ. مثال:

آهي آفيسن ۾ رشوت روڙ روا (صالح سنڌي)

**رِشي مُني:** هندن جا مذهبي / ڌرمي اڳواڻ. Spiritual Guides



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماءُ مري رڳي سُڪي، ڏي دا نالا ڏهي. (چوٽي)
ڏوُنرو يا ڏهي سٽيي هوندي آهي ۽ ڏهي سان ماني کائبي آهي.

**رڳارو رڳتُ:** جنهن جي جسم جون رڳون پڌريون ڏسڻ ۾ اچن / اپرو / ضعيف / ڪمزور / جنهن جون رڳون رودا ٿي ويون هجن / رڳن رَڏل.

**رڳتُ رڳن رودو:** سنڌن سُڪل / رڳن سڙيل/ سستُ / بيمار بيڪار / ڪنهن نہ ڪم جو.

**رڳڙ رهڙ:** (رڳڙڻ رهڙڻ): چِلَ / گاٺ جو نشان.

**رڳڙو جهيڙو:** جهيڙو جهڳڙو / ٽنٽو / معاملو / تڪرار / ڦڏو / فساد / ڏانڌل / ريڙهہ پيڙهہ.

**رڳو پڳو:** فقط / رڳوئي / بنهہ.

**رڳهہ ڳهٽ:** ٻٽ / ٻوسٽ / اُبس / اُمس / اُڪرس / مونجهہ / ٻوسات / گرمي / ڪاڙهو / رَجهہ (گرمي ۾ رجهڻ).

**رڳهنو مُنڪو:** گڪو/ قد ۾ بندرو ۽ ٻت ۾ پريل/ ٿلهو متارو / سگهارو.

**رڱائي رڱاوت:** ڪپڙن کي رڱڻ جي مزوري/رنگ ڪرائڻ جي محنت.

**رلـ مل:** (رلڻ ملڻ): گڏ وچڙ / ميلاب / گڏجاڻي.

**رلا رِلڪا:** پراڻيون اڳڙيون مان ٺهيل گودڙ. مثال:

(١) اندر رلا رليون، ٻهر پٽولا،
گڏهہ جا گولا. انين پرين ڪاپڙي. (شاهہ: سر رامڪلي)

**رلا رليون:** رليون گودڙيون / گودڙ / رليون رلڪيون. مثال:

(١) ٻهر رلا رليون، اندر پٽولا،
خدا جا گولا. انين پرين ڪاپڙي. (شاهہ: سر رامڪلي)

**رلائي پنائي:** (رلائڻ پنائڻ: خوار خراب ڪرڻ) : رلائي بيڇڙو ڪري / خوار خراب ڪري، مثال:

عدالت مهانگي ۽ مُدت گهري،
رلائي پنائي، ڦرائي ڦري. (شمس الدين بلبل)



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**رِڪٿو ڪِلٿو:** رلي ملي ويندڙ / ڪلي ڳنڍ گـڏاريندڙ / ملنـسـار / خوش اخلاق / يار ويس / چڱي نموني پيش ايندڙ.

**رلٿو ملٿو:** (رَلڻ مِلڻ): رلي ملي ويندڙ/ ڳهائل مائل ٿي ويندڙ /يار ويس.
SOCIAL/EASILY ADJUSTABLE

**رلي چلي:** رلي چلي چپرين ملان. آڻندي سانِ-چوندي سان. (الهه بخش)

**رلي/رلهي گودڙي:** بيڪار رلي/ رلهي گودڙي/ گودڙ/ هنڊ تپڙ.

**رليو روسياهه:** (رليو: جيڪو رلي مري - روسياهه: ڪارمنهون): پٽڪيل / رولاڪ / پريشان حال / روليل يا ڌوليل.

**رليو روٽو:** (رولاڪ/ جيڪو رلي پني/ روئي مري): پٽڪيل / پريشان حال. مثال:

چريو چون ٿا تنهن کي، رليو روٽو رت. (شاهه محمد ديدڙ)

**رَمِ رَڏ:** ڪارو / ڪارو جهڙو ٽٺو / ڪارو جهڙو دانگيءَ جو ترو.

**رِمَ جهر:** برسات / ڦـڙ ڦـڙ / مينهن جو وايو منڊل / آڳر / سانوڻ جي مُند / ڪڪر. مثال:

(١) بادل پرجي رمِ جهر لائي
ٽيـون تَـلَ ترايون تــور (محمد خان غني)

(٢) رم جهر جي رُت موٽي آئي، ڪين اجا تون آئين ساجن.
خوش ٿي سيڪو سانوڻ ڳائي.
منهنجو من "مسرور" نه آهه. (سليم ڳاڙهوي).

**رَمتو رولاڪ:** رمندڙ / هلندڙ / رلندڙ / گهمندڙ / گهومُو / گهوماڪ/ جوڳي / ساڌو / بيڪاري / پينو / گداگر / سيلاني.

**رمزون راز:** ڳُجهه/ ڀيد/ اسرار/ لڪ/ منجهه. مثال:

روز رمزون راز، منجهه رفتار سمجهي چا سگهان.
(حاجي احمد صلاح)

**رَمٽي ڪامٽي:** موهٽي / موهيندڙ / وڻندڙ عورت / سوڀيـاوان / خوبصورت عورت / شڪيل / جميله.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**رَنَ رنوٽي:** (رَنَ: بيوھ / وانڊي- اسم تصغير: رنوٽي): ڇڙي / ڇانڊ / جنھن جو مڙس مري ويو هجي/ ڏهاڳڻ (جنھن کي مڙس جي موت سبب ڏهاڳ مليل هجي).

**رَن رودڙي:** غريب عورت / هيٺي زال / سادي سُودي عورت.

**رن روڳڙي:** (روڳڙي: جنھن کي مڙس جي جدائي جو روڳ مليل هجي / وڇوڙو لڳل هجي): رن زال / ڏهاڳڻ / وانڊي / ڇڙي / بيوھ / رنڙ / واهيات عورت.

**رن زالَ:** بيوھ / وانڊي / ڇَڙي / اڪيلي عورت / ڏهاڳڻ.

**رَنيَ رڙ:** (رنيڻ رڙڻ: دانھون ڪرڻ / ريھون ڪرڻ): ٻاڪار/ ريهاڙ/ دانھن / پُوڪار / جانورن جو آواز.

**رَنيَ راڙِ:** ريھ / دانھن / رڙ / پوڪار / لاڳيتي وڏي رڙ.

**رنيَ رانباھَ:** دانھن / پُوڪار / وڏي رڙ / ٻوڪڙ.

**رنيَ رانياٽ:** (رنيڻ رانياٽن): ڳئون مينھن جي رنيَ / ڊِڪَ (ڊِڪڻ: رَنيڻ) / دانھن / وڏي رڙ.

**رنيَ رانياڙ:** (رنيَ: اسم تڪبير: رانياڙ): دانھن / راڙ / ريھ / پوڪار / وڏي رڙ.

**رنج رَسامون:** ڪاوڙ / رنجش / ناراضگي.

**رنجَ رُساڻ:** (رُساڻ: رُسي وڃڻ): ڪاوڙ/ روسامون/ رنجش/ ناراضگي.

**رنج روھ / روھو:** ڏک / درد / تڪليف / رولو / آهنج. مثال:

رنج روھو جو ڪيو، هرگز نہ هُئي منھنجي خطا.
راضي رقيبن سان رهي، هي ناروائي تو ڪئي.
(رئيس امام بخش خان جتوئي "صابر")

**رنجُ ملال:** غم / غم ناڪي / افسوسو / ڏک / آزار.

**رنجھ چِنگھ:** (رِنجھڻ چِنگھڻ: وِجھلڻ): ڪِنجھڪو / ڪُرڪو / بيماري / ڪِلڪِل / ڪِھپي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**روٽ روٽلو:** ٿلهي ماني / ڍوڍو / لَلَ / روڍلو.

**روٽ ٺوٺ:** (روٽ: سخت- ٺوٺ: پڪل): سُڪل / ڏاڍو / سخت / تمام سُڪل.

**روپ رنگ:** سونهن ۽ هار سينگار. مثال:

جنين سانگو ساهه جو، سي روپ نہ ڏسندا رنگ

(هادي بخش شاهه مسڪين)

**روپارو روپلو:** (روپارو: سهڻي رُوپ / سُهڻن مهاندن وارو- روپلو: سهڻي روپ / موهيندڙ مهاندن وارو): مهاندن جو ملوڪ/ ملوڪڙو / سهڻو / من موهڻو.

**روپو روپهرو:** چانديءَ جو/ چانديءَ جهڙو/ چانديءَ مان جوڙيل.

**روپ سين روپوان:** روپ سين: سهڻو / حسين، مثال:

ڪاڪل ڪالهہ ڏٺوم، رخسارن تي روپ سين. (شاهہ):

سهڻو / من موهڻو / سوپياوان.

**روپوان روپلو:** سهڻو / سُندر / ملوڪ / سدامور.

**روپونت روپلو:** حسين / خوبصورت / سوپياوان / سهڻو / ٺاهڪو / سُندر / موهڻو.

**روڄ پِٽڪو:** (روئڻ پٽڻ): رودن/ راڙو/ زاري/ ماتم/ واويلا / فرياد.

**روڄ راڙو:** (روئڻ رڙڻ: دانهڻ: فرياد ڪرڻ): دانهن ڪوڪ / آهہ زاري / فرياد / ماتم. مثال:

(۱) ٿيون روڄ راڙي ۾، نرمل نماڻيون.

(سيد ميران محمد شاهہ مير / مهجور)

(۲) هٿا روڄ راڙي ۾ ظاهر فقير،

ڇتن منجهہ ڇائي، هٿن ۾ رنجير. (مولانا ثناالله ثنائي)

**روڄ راڙهو:** رودن / پِٽڪو / راڙو / فرياد / ماتم. مثال:

ڪيم ڪوڪرا روڄ راڙهو رباب،

وِلهي جي نہ واڪن تي وريو وِڳر. (نور محمد شاهہ "نورل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**روح رُچنديون رهاڻيون:** (روح رُچنديون: روح کي سيبائيندڙ / من پسند / دل کي راحت ڏيندڙ /هانوڻـــار- رهاڻيـــون: ڪچهريون / ڳجهون ڳالهيون): ڳجهيون ملاقاتون / راز نياز / رس رهاڻيون.

**رودنُ پٽڪو:** (روئڻ پٽڻ: پَٽڻُ ڪرڻ / روج راڙو ڪرڻ): مـاتم / دانهون ڪوڪون / ريهون رڙيون / فرياد.

**رودَن رڙو:** رڙيون / دانهون / ڪوڪُون / روج / راڙو.

**رودَن راڙو:** پٽڪو / ماتم / دانهه / واويلا.

**رودَن رڳڙو:** پٽڪو / راڙو / ماتم / فرياد.

**روڏو موڏو:** (روڏو: مٿي ڪوڙيل - موڏو: مـٿي نمـايل - روڏ: وار ڪوڙيل مـٿـو / ٺـوڙهه / گنج / ڪوپري/ڪيـپـراٽي): گونرو / لسڙاٽ / ڏاگهو / توڏو.

**روڙو پلو:** چڱو پلو / عمدو / چاق / سگهو / نيڪ / تندرست.

**روزنامو ڪاتو:** (روز نامچو / واپارين جو روزاني حساب): واپارين جو ڏيتي ليتي وارو ڪتاب/ ڪاتو ڪرڙو / بندي/ وَهي. مثال:

گستاخ ٿي نہ گولا! پَچ پُڄ چڏي، صبر ڪر،
آهي عيان تنهنجو هت روزنامو ڪاتو.

(پائي آسر داس "آسو")

**روسامو رنج:** (رُسڻ: رنجيـده ٿـيڻ: ناراض ٿي وڃڻ): ناراضگي / ڦوُڪ شوُڪ / مِٺ ڦوڪ (ڪاوڙ ۾ مِٺون ڦوڪجي وينديون آهن) / ڪاوڙ.

**روسُو رُسٽو:** جهٽ ۾ رُسي ويندڙ/ تيسُر/ چِڙٽو/ هٺَيلو/ ٽانڊيءَ ٽپٽو / زوُد رنج/ ڪاوڙيلُ.

**روڪ ٺوڪ:** (روڪڻ ٺوڪڻ: جهلڻ): جهل/پل/ اٽـڪ/ رنـڊڪ.

**روڪ ٺوڪ:** (ٺوڪ: ٺڪي ٺڪي وٺڻ واري شئي / سڪو): روڪڙو / نقد / ٺڏي تي موٽايل رقم جو سڪو يا نوٽ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ريجهہ رهاڻ:** (ريجهائڻ رهائڻ: وندرائڻ): رازنياز / ڳجهي محفل/ خاص ڪچهري/ رس رهاڻ / نويڪلائي ۾ ڪچهري.
تيندي ريجهہ رهاڻ، لحظي منجهہ لطيف چي! (شاهہ: سر ديسي)
(۲) ڪنهن سان ڪريان ڪوٽ ۾، ريجهہ رهاڻيون رس
(آخوند لطف الله سانوڻي "لطف")

**ريڙهہ پيڙهہ:** (ريڙهڻ پيڙهڻ: سورڻ پورڻ / چورڻ پورڻ): چڪتاڻ / گهل گينداڙ / بحث / تڪرار.

**ريڏا رند:** اهنڊ / اڙٻنگ / ارڙا / ڪرڙا: ڪرڙائي (رعب تاب) ڪندڙ / ڏنگايون ڪندڙ.

**ريڏو ارڏو:** آڙنگ/ آڙٻنگ / آهنڊ / ڏنگو/ ڪوڙو/بي ويساهو / دغاباز.

**ريشم پٽ:** ريشمي ڪپڙا / عمدا ڪپڙا، مثال:
مڪڙا ريشم پٽ تا پهرن ۽ ڪي انگ اگهاڙا يار. (نثار بزمي)

**رِيس هِيس:** (ريسڻ هيسڻ: ساڙ ڪرڻ / نہ سهڻ): حسد / ساڙ / برابري / همسري / جَل / پَچ.

**ريڳاڙ روڳ:** زخمن مان وهندڙ گند / ڦٽن مان وهندڙ رت پون / ڳاڙهو (ڳڙندڙ رت پُون) / ڪِنو رت / رتُ پُت.

**ريڳڙيارا لانگوٽيا:** ليهون يا ڦاٽل لٽا پائيندڙ / ريڳڙيل (ريڳڙين: ڦاٽل گودڙين وارا)- لانگو ٽيا: لانگوٽي پاتل / لُنگ نڪتل): ڪاهوڙي / جوڳي / لاهوتي، مثال:
ريڳڙ يارا رميا، لوئيس لانگوٽن (شاهہ: سُر رامڪلي)

**ريڳڙيون ٽڳڙيون:** ڦاٽل اڳڙيون / ليڙون ليهون / ليڙيون ٽيل لٽا / ڦاٽل ساٽل ڪپڙا.

**ريلَ ڇيلَ:** (ريل: پاڻي جي ريلي / وهڪري وانگر جالارو- ڇيل: ڇٽل / آزاد / ڪهٽو): جام / جهجهو / مئو / بي ابداز / عام جام / ڏنڏين ڏيرا / آزاد / ڇڙواڳ.

**رينگ رڙ:** (رينگڻ: آواز ڪڍڻ -رڙڻ: دانهون ڪرڻ): آواز جي هڪ ڪهت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ز

(لفظن جا جوڙا: 41 - ڪُل لفظ: 82)

**زابر زورآور:** ( زَبر: جبر - زابر: جابر: جبر وارو (زورآور: زبردست): ڏاڍو/ سگهو/ بهادر/ پهلوان/ ظالم.

**زادِ بُود:** (زاد: ڪاڌو/ سيڌو/ سامان/ توشو/ بدوبست/ انتظام. مثال: زاد راهه: زاد سفر - بوُدن: هئڻ: بوُد: هستي): سامان سڙو/ مال متاع/ مڏي.

**زاري توبهه: زاريون توبهون:** منٿ ميڙ/ منٿون منڙيون/ آزيون نيزاريون. مثال:

ويو پاند ڳچيءَ منجهه ڳاري الو الو.

آءُ زاريون توبهون تي پريان. (منٺار فقير راڄڙ)

**زاري نيزاري:** (زاري: ضعيفائي/ ڪمزوري/ وينتي/ التجا/ عرض- نيزاري: منٿ ميڙ/ ليلڙاٽ/ ليلهڙاٽ/ عاجزي/ نيازي/ توبهه زاري.

**زال زنب/ زالون زنبون:** عورت/عورتون. مثال:

(١) گهر ۾ ڪا زال زنب ئي نہ اٿس!

(٢) زالن زنبن رکي بيزاري تہ سور ڪنهن سان سليان.

اڙي جيڏيون (مير علي نواز "ناز")

**زالين مُڙسين:** (زنين آهرين): سيئي/ هڙيئي/ مڙد توڙي عورتون/ آڪهہ جي آڪهہ.

مثال: اڇو تہ زالين مُڙسين هر هلائي، پوک پوکي، اَنَّ جا انبار ڪري ڇڏيون! (هارين جي صدا)

**زاني زَناڪار:** زنا خور/ حرام ڪار/ رنڊيباز/ زنا ڪندڙ.

**زاهد عابد:** عبادت ڪندڙ/پرهيزگار/ مُتقي/ خداپرست.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**زاهد عبادت گذار:** الله جي عبادت ڪندڙ/ سچي مالڪ سان لنؤ لائيندڙ/ پرهيزگار/ خداپرست/ مُتقي.

**زائفان زڙي:** (زائفان. صعيف: ڪمزور/ هيٺي): عورت/ ناري/ زال/ مائي/ وِينگس / ٻُڙي / اڙي.

**زبر زنگ:** جبر جنگ/ سگهارو مڙس/ جوڀ جَوان/متارو/ دِگران.

**زبردست زورآور:** طاقتور/سگهارو/ زورپريو/ سگهو/ ٻَلوان/ سگهائتو.

**زبرو زبردست:** (زبرو: زبرو مــڙس/ جبــرو): ٻلوان / پهلوان/ سوُرهيه/ سُگهو/ سُگهارو/ طاقتور.

**زٽ شٽ (يٽ شٽ):** ٻٽاڪ/ لٻاڙ/ مزيدار وڏاءُ/ ڪلائيندڙ ڪُوڙ/ گپــوڙو/ ڪوڙي ڳالهه/ واهيات ڳالهه/ وڌايل ڳالهه/ بڪواس/ زٽاڪ.

**زٽاڪي ٻٽاڪي:** لٻاڙي/ گشائي/ زَٽلي/ زٽرو (زَٽَ هٽندڙ)

**زَپَ زَپِڙاٽَ:** ڪنهن شي جي اوچتو ڪرڻ جوآواز/ ڦهڪو/ دِٻڪو/ ڌڪاءُ.

**زپڪار زپڪو:** دٻڪو/ ستڪو/ ڦهڪو.

**زپٽينگ زِپڪو:** دِٻڪو/ ڌڪاءُ/ ستڪو/ ڦَهُڪو.

**زد ڪوب:** (زدن: هڻن/ مارڻ): مارڪُٽ/ سَٽ ڪُٽ/ ڌڪن جي ڌمال/ مار موچڙو.

**زدا زبون:** (زدا: زده: هَنــيــل/ ماريل- زبون: تباهه/ ناسُ ): برباد/ اُجڙيل/ جهونا/ ضعيف/ بدحال.

**زربفت زري:** زربفت: سوني زري لڳل ڪپڙو/ سون جهڙو ڪپڙو- زري: سونو ڌاڳو/ ڌماچ/ ڪيمخواب/ سوني تندُ/ ڪلابات/ بادلو. مثال:

ڪٿي ڪائڙجي لوئي ڪين لاهيان،



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

سونُ سومري جو آءُ تان نہ پايان،
ساڙيان سرتين ري، زربفت زري.    (منٺار فقير راڄڙ)

**زرخيز شاداب:** سرسبز / زرعي لحاظ کان ڀلي زمين / گھڻي پيداوار ڏيندڙ زمين.

**زر زمين:** (سونُ ۽ زمين): ڌن دولت/ مال ملڪيت.

**زر زيور:** (زر: سون- زيور: سون مان جوڙيل ڳهہ ڳَٹا): ڌن دولت/ ملڪيت/ ناڻو/ ڌَنُ/ ڳهہ ڳَٹا/ سوَن مِڻُ.

**زَرڙاٽُ شُرراٽُ:** زور سان وڃڻ جو آواز/ شُوشاٽ/گهُوگهاٽُ.

**زرق برق:** شان شوڪت/ ٺٺ ٺانگر.

**زِگا زٽَ:** ٻٽاڪون/ ڌاڙون/ لپاڙون/ مبالغہ آميز ڪوڙ.

**زماني سازي ظاهر داري:** بناوٽ/ ڏيک ويک/ وهنوار/ لوڪاچاري.

**زناڪاري بد ڪاري:** حرام ڪاري (ٻُڇڙا ڪم ڪرڻ)/ پرايون رنون تڪڻ/ پراوا گهر ڊوهڻ/ رنڊيبازي.

**زور بارُ:** دٻاءُ/ زبردستي/ سختي/ تاڪيد.

**زور زبردستي:** ڌاڌائي/ سگهہ/ طاقت جو استعمال/ جفا/ جور/ زوراوري/ ڌاڍ/ ظلم.

**زور شور:** تيزي/ تيکُ/ تاءُ/ سختي/ تيز رفتاري. IN FULL SWING مثال: جاءِ جي اڏاوت جو ڪم زور شور سان هلي رهيو آهي.

**زور مِسُ:** زبردستي/ ڌاڌائي/ زوري.

**زوزاٽُ زوڪاٽُ:** چرخي/ لاٽون ، جي زور سان ڦرڻ جو آواز/ هوا جو زور سان لڳڻ/ سوَساٽ/ زوُڪٽ.

**زُوم زور:** طاقت / سگهہ: زوم سان: سڀجي ساري زور سان/ ٻرڪري- مثال: زوم سان وئي جو ڪرڪيٽ بال اُڇلايائين، سو وڃي هڪ ماڻهو جي ڌڪڻ تي لڳو: زور/ طاقت/ قوت/ سگهہ.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**زُونَ زبرزنگي:** زور/ وڏائي/ اَکڙ (زُونَ جو پـــرجهڻ: وڏائي جو اجهڻ/ تکبر ڪرڻ- زون سڏائڻ: پاڻ کي پڏائڻ/ مهائڻ).

**زهُد تَقويٰ:** پرهيزگاري/ پاڪائي/ خداپرستي.

**زيب زينت:** ٺاهہ ٺوهہ/ هار سينگار/ سونهن سوڀيا/ ڍچ مچ/ ٺاهہ سينگار/ زيبائش مثال:

چاهہ چاهت ٻہ توڻ، زيب زينت ٻہ توڻ (گل حسن گوپانگ "شاد")

**زيتَ پٽاڪ:** لباڙ/ ڊاڙ/ آڪڙ/ وڏائي.

**زيور زر:** (سون جا ڳهہ ۽ سون) ڌن دولت/ مال ملڪيت / ساز سامان.

**زيرون زنجيرون:** هٿ ڪڙيون/ هٿ ڪڙول/ سنگهر/ ڪڙولا. مثال:

ڳچي ڳانا لوهہ جا، زيرون زنجيرون (شاهہ: سُر مارئي)



صاحب خان "سورهہ" ميرائي
Cell No: 0344 - 3919786
Cell No: 0300 - 3404488
ايڊمن : فيس بوڪ پيج ۽
واٽس ايپ گروپ



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

# س

(لفظن جا جوڙا: 650- ڪل لفظ: 1300)

**سابِڙو سُکيرو:** (سُکيرو:وڌيڪسُکيو)،سکيو ستابو/ آسودو/ خوشحال.

**سابَو سيکوُ:** سيکو چانور/ ڪڄيءَ جو وڻ جي ڪِپ مان ٺاهيل چانور/ سيکوُ داڻا.

**سِاپيان سَچَ- پچائي:** پکو پڪ/ پڪ پڪائي/ نيڪ/ صحيح/ تصديق ڪيل/ چڪاسيل.

**ساتاڙو ستاوڙو:** شادي، بعد ٽن يا ستن ڏينهن کان پوءِ گهوٽ ڪنوار جو موٽي مائٽن وٽ اچڻ/ هڪ رسم/ ستاڙو.

**ساٿ سِٿرَ:** اٺن جي قطار/ سوداگري، جو مال يا لڏو/ سنگت/ گڏجي سفر تي روانو ٿيڻ واري حالت.

**ساٿ سنگتِ:** دوستي/ ياري/ سنگ/ گڏ هجڻ واري حالت

**ساٿي سائِي:** (ساٿي: ساٿ ڏيندڙ - سائي: ساڻ هوندڙ): دوست/ سنگتي/ ڳانڍڙ/ مددگار/ هڏ-ڏوکي يار/ وفادار دوست. مثال:

جيون جي هن ڏکئي سفر ۾،
ڪونہ آ سُونهون ساٿي سائي. (مشتاق مهر)

**ساٿي سڱيٿا:** (سڱيٿا: سڱ يا مائٽي ۾ يعني مِٽ مائٽ- ساٿي: ساٿ نباهڻ وارا): سنگتي ساٿي/ مِٺا پيارا/ دوست دُلارا/ سنگت صحبت وارا. مثال:

ساٿي سڱيٿا ساڻ سنياسي، ڪالهہ ڪُهي ويو ڪاتيئون.
وڃي ويراڳي مون ويڙا، پاڻ لڪائي لاڪون. (مَبين فقير)

**ساٿي سنگتي:** سنگت صحبت وارا/ يار دوست. مثال:

جِتِ ساٿي سنگتي نام ڪو، رس اُتي آري جام (ڪرم شاهہ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) نڪري نهاري نياز سان، ساجهر سويرو (حسين بخش خادم)
(٣) ڪيچي ويا ڪيچ ڏي ساجهر سويرا.
(خليفو گل محمد "گل" هالائي- ڪافي؛ سُر سسئي)

**ساچارو سُڄاڻو:** ساچارو/ ساچاري؛ سچاڻپ وارو. مثال:
ائين چوندي ڪير تہ آءَ ساچاري سڄڻين؟ (دلبر سان دوستي جو دم ڪهڙو؟): دوست/ سڄڻ/ حبيب/ واقفڪار.

**ساچاڻو سُڄاڻ:** ساچاهہ وارو/ سمجهو/ سياڻو/ ڏاهو.

**ساچاهہَ / ساچهہِ سُڄاڻپ:** سمجهہ/ پرک/ ڏيٺ/ ويٺ/ پروڙ/ واقفيت/ ڏاهپ.

**سادا سودا /سوُڏا:** هلڪا/ گهٽ قيمت وارا/ ٻالا ڀولا/ معمولي. مثال:
سَرنهيون ڳهُمجن چاندوڪيءَ ۾، قرب اگهڻ تي وندجن،
مُنهن جا سپنا سادا سوُڏا، ڪنهن ڳوٺاڻي وانگي.
(علي دوست "عاجز")

**سادو سستو:** گهٽ قيمت وارو/ عام رواجي/ معمولي.

**سادو سلوٽو:** ڀوڳهلو/ ٻودلو Child-like

**سادو سودُو:** (سادِڻ سودڻ To simplify) : ڀوڳهلو/ ٻودلو.

**ساڌ سنتُ:** ڌرمي ماڻهو/ ڌارمڪ/ڌَرمي/ فقير/ ساڌو/ ڀڳت/ عابد/ مُتقي/ پرهيزگار/ نيڪ/ديندار/ڌرماتما/عارف/الهہ لوڪ/ مهاپُرش/ ڌرم وير/ هندو فقير.

**ساڌو سنتُ:** الهہ لوڪ فقير/ هندو فقير/ ٻائو/مَهاپُرش/ ڌرم وير/ ڌرماتما/ ڀڳتُ (ڀڳتي/ عبادت ڪندڙ) /عابد/عارف.

**سارَ سَنڀار:** (سارڻ سنڀارڻ: ياد ڪرڻ /سنڀالڻ): سنڀال/ سڪ/ ساروٽي/ سانير/ يادگيري. مثال:
(١) راتوءَ ڏينهان روح منهنجي ڪي، تنهنجي سار سنڀار
(سچل سرمست)
(٢) هر ساعت سار سنڀار، تنهين جي تہ تڳي هِينون.
(جلال ڪتي)


www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

(٢) خوش هجين جاتي ﭔہ تون سهڻا سَڄڻ!
صرف ڪا سانگي سڙي لهہ سار تون. (سگهڙ مَلَ مُختيار)

**سانگِي وانگِي:** سانگ وارا/ مارو ماڻهو/ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ لڏو ڪٽي ويندڙ/ ڏنڍي تي منزل وارا/ برسات جي موسم ۾ سانگ ڪري، ميدان ڏانهن لڏو ڪٽي ويندڙ "تر" جا ماڻهو / ٿاريلا.

**سانولو سانورو:** ڪاري رنگ تي مائل/ ٿورو ڪارو/ پڪي رنگ تي/ نمڪين/ محبوب/ دوست / جانب/ پيارو.

**سانهچو سولو:** آسان/ سهنجو/سهوليت وارو/ موقعي مطابق/ وجهائتو.

**سانهہ ستي:** فرصت/ واند ڪائي/ وارڪائي / ماناڻي/ فراغت/ ساهي / آرام/ دم.

**ساڻائي هيڻائي:** ڪمزوري/ نِستائي/ غشي/ ڏڪر/ مور ڇائي / گهيرٽ / بي هوشي/ وِسام (لڱ وسامڻ/ بدن ڍرڪندو وڃڻ).

**ساڻي پاڻي:** (ساڻي: ساڻ هوندڙ - پاڻي ، پاڻ سان گڏ هوندڙ / لاڳاپيل ): ساٿي / سنگتي/ دوست/ ٻِٽُ/ جُهٽُ / گڏ هلندڙ.

**ساڻيون ساٿياڻيون:** سنگتياڻيون/ سهيليون / سرتيون.

**ساڻيون پاڻيون:** (ساڻ هوندڙ/ پاڻ سان گڏ هوندڙ): ساهيڙيون/ ساهيليون/سنگتياڻيون/ سرتيون / جيڏيون.

**ساوڪ سبزي:** ساواڻ /ساول /گاهہ جي ساواڻ / گُلڪاري /ڇهچٽو.

**ساوڪ سانول:** ساواڻ/ گُلڪاري/ سبزي/ گلزاري.

**ساوڪ سينورُ:** (سينور: پاڻي جي مٿاڇري تي ترندڙ سائو چارو): ساواڻ / سبزي/ ساول.

**ساهہ پَريو ساهوارو:** جاندار/ جيئرو/حيات/ زنده/ موجود



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**ساھَ پساھ:** (دم/ساھ/ زندگي/ جان. مثال: سسئي سوريءَ چاڙهيو پريان لئہ پساھ (شاھ: سُر معذوري): حياتي جون گهڙيون/ دم/ جان/ حياتي جا ڏينهڙا/ جياپو/ جيوتي /زندگي. مثال:

(۱) "يوسف" ساھ پساھ، سندو محبت موهيو. (نانک يوسف)

(۲) "ڪمال" ڪريان وو ڪانڌ تان ميان، الا
صدقي ساھ پساھ (پير ڪمال سائين)

(۳) "بيدل" برھ جي پڙڪ سان،
ڪو سوجهي ساھ پساھ ڪر(قادربخش بيدل).

(۴) رک سُرت ساھ پساھ ڏي سُڻُ سي لطيفي لاتڙيون
(قادر بخش بيدل)

(۵) قسمت آنديس ڪوٺ تنهن جي ۾،
۽ ساھ پساھ سنگهارن ساڻ، (منٺار فقير راڄڙ)

(٦) ڪر ياد پنهنجي رب کي اندر ساھ پساھَ
(منٺار فقير راڄڙ)

(۷) سچڻ ساھ پساھ کي وک کان ويجهو تون،
دنيا دورنگي کان مولي بچائج تون،
هدايت ساڻ هلون حاڪم تنهنجي حڪم سان.
(مخدوم محمد امين "فهيم)

(۸) ڇڏيم ساھ پساھ، پکي تنهنجي پرت ۾
(رشيد احمد ساڪرائي)

(۹) "صالح"سائين تو وجهي سيءِ ۾ ساھ پساھ (صالح سنڌي).

**ساھ سَتُ:** ٻل/ طاقت / قوت/ سگهه.

**ساھُو سبر:** (ساھُو: ساھ وارو / طاقت وارو / ساھ آهي تہ طاقت بہ هوندي )- سبر: سبل: ٻل ( طاقت وارو): سگهارو / ٻلوان / متارو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ساهوسدر:** سگهارو/ مضبوط / طاقتور/ پلوان.

**ساهي سَهائي:** چاندوڪي/ ڪير جهڙي روشني/ سهائي رات A Moonlit Night

**ساهي ويساندي:** فرحت/ مُهلت/ روڪ/ٺهر/ ويساندِ، Interval.

**ساهيڙي سَرتي:** (ساهيڙي: جنهن ۾ ساهه هجي): جيڏي/ هڪ جيڏي / جيڏل / ساٿياڻي / ساهيلي.

**ساهيليون پانهن- پيلياٽيون:** (ساهيليون: جن سان ساهه/ سر جون سٽون هجن- پيلياٽيون: مددگار): ساهيڙيون/ سرتيون/ جيڏيون/سنگتياڻيون.

**ساهيون ساهيڙيون:** (ساهيون: جن ۾ ساهه هجي/ ساهه برابر/ جن سان ساهيڙپ هجي- ساهيڙيون ساهه کان وڌيڪ پياريون هونديون آهن): ساٿياڻيون/سنگتياڻيون/ جيڏيون/سرتيون.

**ساءُ سواد:** مزو/ لذت / لطف/ آس/ چَشڪو/ چَسَ Taste۾ مثال :

پوڙ ۾ ڪو ساءُ سواد ئي نہ آهي.

**ساءُ لاءُ:** سواد/ لطف/ رَسُ / چَسڪو / چهراڻ، مثال:

پاروٽي ڪاڏي ۾ ڪهڙو لاءُ ساءُ؟.

**سائو ڏائو:** سُکيو ستابو/ آسودو/ خوشحال/شاهوڪار.

**سائو سبر:** (سائو ساهو، جنهن ۾ ساهه/ دم هجي/ طاقتور هجي): طاقتور/ سگهارو/ پلوان/ جوڀ/جوان.

**سائو ستابو:** آسودو/ خوشحال / سُکيو/ شاهوڪار مثال: (مزاحيہ شعر):

ڪندو جو چور بازاري، بليڪ ۽ سمگلنگ ڏاڍي

اهو سائو ستابو ۽ سکيو سٺيو، سڌر هوندو. (شبنو خان)

**سائو سڌر:** آسودو /خوشحال/سکيو/ستابو.

**سائو سُکيو:** سُکيو ستابو/ آسودو / خوشحال.

**سائو سگهارا/ سائو سگهارو:** (سائو: طاقتور، مثال:

ساموندي سائو، لنڪا لوپي آئيا. (شاهہ: سُر ساموندي): سبر/ طاقتور/ پلوان/ جُنگ/ جوڌو.

**سائل سوالي :** سوال ڪندڙ/ فقير/ خيرات وٺندڙ/ پينار/ گداگر/ گهَرجائو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سٽِڪار ٺهِڪار:** (سٽـڪارڻ ٺـهـڪـارڻ): ڌڪ جو آواز/ سٽڪو/ ٺهڪو/ دِيڪو.

**سٽڪو ٺهُڪو:** (سٽڪڻ ٺهڪڻ): سٽڪار/ ڌڪ جو آواز.

**سٽڪوڪٽڪو:** (سٽڻ ڪٽڻ): مارڪُٽ/ ظلم/ زبردستي.

**سٽيندي ڪٽيندي:** (سٽڻ ڪٽڻ): مار موچڙو ڪندي، مثال:

ڪٽن جان بهي، يا گڏهه جان وهي،
سٽيندي ڪٽيندي، وڃي سچ لهي (شمس الدين بلبل).

**سُٺائي صفائي:** سُٺرائي/ اڇائي/ اُجرائي، مثال:

وفا، خير، صحت، محبت ۽ الفت،
سندس گڻ بياپڻ سُٺائي صفائي. (مرزا قنبر علي بيگ حيدري)

**سُٺامو سُٺاڻ:** صفائي/ پاڪائي/ اڇائي/ اجلائي/ خوبي /خاصيت.

**سُٺو سابو:** وٽندڙ/ وسَنَ جهڙو/ سٺرو.

**سُٺو سانگو:** وَجهه/وقت/ ويلو/ مَهل/ ٽِڻُ/ موقعو/ حِرفَت/ حڪمت عملي.

**سُٺو سُپهتو:** سوڏو/ سَهنجو/ سَنجيلو/ سٺو.

**سُٺو سلوٽو:** سوَڏيل/ سُڏاريل/ سَنواريل/ ٺاهيل ٺوهيل / وٽندڙ..

**سُٺو سوُڏو:** سوَڏيل / سَنواريل/ ٺاهيل ٺوهيل.

**سُٺو سِهو:** سَهوليت / سَهنجائي، مثال:

هرڪو سٺو سِهو ڏسي ڪم ڪندو آهي.

**سُٺو سيباٽو:** وٽندڙ/من پسند / دلپسند / پسنديده / ساهه سيباٽو/ دل کي وٽندڙ.

**سُپَرِ ساڪارَ:** (سُپـر: سُٺي پَر / ڪا ريت - سـاڪـارَ: سـاکَ پَتِ ): اعتبار/ ويساههُ/ قسم / ناماچار / ناموس / آبرو / عزت

**سِپڪُ سلوُٽو:** (سپڪ، نازڪ/ سُپنڊو): سنهڙو/ سهٽو/ من موهٽو/ ساهه سيباٽو.

**سپڪ سنهڙو:** نازڪ اندام/ گل اندام/ مُهٽو/ سهٽو.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**سپک سهٽو:** خوبصورت/ سهٽو /موهٽو.

**سپنو سهٽو:** (سهٽو: خواب): ننڊ ۾ ڏٺل ڪاواردات.

**سج چنڊ:** آسماني گرهه. مثال:

(۱) سج چنڊ ۽ تارا تنيئي توٽين ڪانسواء بيٺا آهن.

(۲) سج چنڊ نہ پاڙيان سيڻن جي شبيهه (شاهه: سُر سارنگ

(۳) سج چنڊ ڪٿون سونهن سوا ئي، قمر قوس ڪتر.

(مينهن وسايو مگٿهار)

(۴) سج چنڊ تارا اُن ۾ سونهن سندو سامان. (صالح سنڌي).

**سَج ڌَج:** صورت/ شڪل/ هارسينگار/ زيب زينت.

**سَجارو سٽو پرو:** هوشيار/ اڪابر/سياڻو/ ڏاهو/ دانا / سپوجهو/فهميده.

**سُجاڳ سُچيت:** هوشيار/ جاڳيل/ بيدار/ خبردار/ چالاڪ/ ڦڙتَ.

**سِجان چندان:** سج چنڊ ڪان. مثال:

سجان چندان سوهٹا. نڪا جوت جهڙيان.

(ولي محمد رونجهو بيلائي)

**سُجانُ بُڌيوانُ:** (سُجان: سياڻو- بُڌيوان: بُڌ سُڌ وارو/ سياڻو): سياڻو/ سمجهو/ دانا ،/ هوشيار/ چلاڪ/ عالم/ گياني.

**سَجاوتَ سينگارُ:** آرائش/ٺاهَ ٺوهَ/ زيب/ زيبائش/ هارسينگار.

**سِجامَ سيکيت:** سزا/ مثالي سزا/ سبق.

**سجدو سُجود:** (سُجدو- جمع، سُجود): جهُڪي پاڏائڻ/ نوڙت/ نياز/ پَرنامَ.

**سَجل سجاوٽ:** شعور/ طرز/ طرح/ ٺاهَ ٺوهَ.

**سَجل سينگار:** ٺاهه ٺوهه/ سوڌ سنوار.

**سجلائي صفائي:** سُٺائي/ سليقو/ اُسلوب/انداز.

**سَجيهُ سُنوالو:** وڌيڪ/ سرس/ زيادہ/ اَتل وارو.

**سجاسارا:** سڀ جا سڀ/ سمورا/ پيرائتا.

**سڄڻ سائين:** ڍول/ ڍولڻ/ ساجن/ پرين/ يار/ محبوب.



www.sindhsalamat.com                                    books.sindhsalamat.com

**سَڄو سارو:** پورو/ مڪمل، مثال:

سدا فرمان منهن جي ۾، سڄوئي جهنگ جهر آهي
اڙي نادان مگر منهنجو سڄو سارو تہ تر آهي.(محمد چتل "فدا")

**سڄو سيُ:** سارو/ سربستو/ سيءِ جو سيءِ/ سو سيڪڙو.

**سڄو سَربستو:** مڪمل طرح/ سيءِ جو سيءِ.

**سڄو سورنهن آنا:** (رپئي جا پورا سورنهن آنا). انگريزن جي دور ۾ رپئي ۾ سورنهن آنا هوندا هئا. ڏهائي شرستي هيٺ جڏهن تہ هن وقت رپئي ۾ سؤ پيسا شمار ڪيا وڃن ٿا: سو في صدي/ سو جو سو/ سيُ جو سيءِ/ سڄو سارو/ مڪمل طرح/ پوريءَ ريت.

**سڄي ساري:** مڪمل طرح/ سيءِ جي سيءِ/ سؤ في صدي، مثال:

(١) وڃون ٿا وطن پنهنجي تي، وري هِت ڪونہ ايندا سين
سنگت پرتئي سڄي ساري، خداحافظ خداحافظ.
(رئيس امام بخش جتوئي "صابر")

(٢) من خدايم موج ۾، عطار فرمايو ادا،
سر وڃائڻ ۾ ڏني "بيدل" سڄي ساري مدعا.
( قادر بخش "بيدل").

**سڄي سيءِ:** ساري/ سربستي/ سيءِ جي سيءِ، مثال:

سارينداسونءَ سُکن کي، سڄي سيءِ چمار. (سليمان ملاح)

**سُڃاڻپ ساڃاهَہ:** (سُڃاڻڻ ساڃاهڻ): سُڃاڻ/ پروڙ/ پرک.

**سُڃَ پِينگ:** بربادي/ ويراني/ سُڃائي.

**سُڃو پڙيانگ:** ويران/ غيرآباد/ گهٽ ۾ گهٽ آبادي وارو.

**سُڃو پِينگيو:** ڪنگال/ مسڪين/ مفلس/ جوڪو.

**سُڃو سکڻو:** پينگيو/ ڪنگال/ مسڪين/ مُفلس/ جُوڪُو/ بکيو/ اُجڙيل.

**سُڃهر پڙيانگ:** ويران/ بيابان/ غيرآباد پٽ.

**سُڃهروُ سُڃاڻو:** واقف/ ڄاڻندڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سدورو سڀاڳو:** خوش نصيب/ نيڪ بخت / وڏ ڀاڳو/ ڀاڳن ڀريو/ بختاور.

**سڏ پڌ:** (سڏڻ پڌڻ ) ٻوجهه /سمجهه / دانائي / پروڙ / سُرت. مثال:

جڏهن وارو ملين ويا وار ڪري،
مت مـاري، ســوچ شــڪار ڪري
سڏ پڌ هَٽُ سَٽُ گـُـر گــار ڪري
ونگڻ جا ڪري ڪي سانگ سڌل!
پر نيڻ آهن سجل سجل.		(شعبان بخت)

**سڌ پڌ / سوڌ پوڌ:** مڪجهڙو / هوبهو / نِس پِسُ

**سڌ سار:** خبرچار/ حال احوال/ يادگيري. مثال:

(۱) مون تي شفاعت شاهه ڪر، ڪَسِ لاءِ هن گمراهه ڪر
بيواهه ڪارڻ واهه ڪر. لهه ڪارڻي سڌ سار ڪا
(خليفو محمد قاسم هالائي).

(۲) سور نئي سڌ سار ساري پيم پِرون منجهه سرير.
سِرِڳُلن ڳاڙيان، ڪندي ڳڻَ ياد. ڳوڙها سو هزار.
پِرون: اُهڃاڻ / پَڪَ/ احساس		(حاجي احمد ملاح).

**سڌ سماچار:** خبرچار / ڄاڻ / حال اِحوال / واءُ سواءُ.

**سڌ سماءُ:** ڄاڻ / خبر چار / حال احوال/ واءُ سواءُ. مثال:

(۱) وڃ ميان قاصد ڪر ڪل ڪائي ميان.
ڏي ڪـــو ســـڌ ســمـاءُ (حمل فقير).

(۲) الف اوکي ويـل ۾ سيدا! اچي لهہ سڌسماءُ
ڪر سڪي سڪرات، پوءِ تون قبر ۽ محشر ۾ آءُ... الخ
(علي محمد قادري)

(۳) واءُ وصل جو ورندو واءُ،
سانگي لهندم سڌ سماءُ		(طالب پلي)

(۴) جو جڏيو تي هيڪل ياءُ؟
ڪو نہ لڌ ئي ڪو سڌ سماء		(حافظ محمد بخش)

(۵) الف الله لڳي اوري آءُ
ساجن! لهہ ڪــو سڌ ســمـاءُ		(شير محمد چنڊو)



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

(٦) هاڻي ڳڻي انهيءَ ڳالهه کي، ڏي ڪو سڏ سماءُ
(محمد عارف ڪلهوڙو)

(٧) لهج سلڻ جو سڏ سماءُ
جيت جتي ڪان ڪج بچاءُ (درسي ڪتاب تان ورتل)

**سڏ سمجهه:** پروڙ / ڄاڻ. مثال:
ڪيئن ڪُڪڙ کي وقت جي ري واچ پٽي تي سڏ سمجهه
هر پهر پويان پوي پوڪار سمجهي ڇا سڳهان؟
(حاجي احمد ملاح)

**سڏ سَمَڪَ:** سُرت / سمجهه / ڄاڻ.

**سَڏَرُ سبَرُ:** (سبر: سبل / طاقت يا ٻل وارو/ طاقتور/ ٻلوان- سڌر: سگهه / قوت وارو): سگهارو.

**سِڌا سوُڌا:** سَنوان سڌا SLIM

**سڌارو واڌارو:** ترقي/ اصلاح.

**سڌائي سولائي:** سنوت سِڌاڻ.

**سَڌڙيو سِڪٽو:** سَڌَ ڪندڙ / ڪامنا يا چاهه رکندڙ / حـــريص/ ساڙيلو / سِڪَ ٻَڌنديون ڳالهيون ڪندڙ.

**سِڌو سَنواٽو:** (سنواٽو: سئين واٽ وارو): سنئين راهه تي هلندڙ.

**سِڌو سنئون:** سولو / سوڌو / سنواٽو. مثال:

هلان توسان سڌوسنئون تو هلين مون سان ڏِنگو ٿو.

سنڌءِ هن ڪج ادائي جي صفائي روبرو ٿيندي.

**سڌو سولو:** سنئون / سنواٽو. (حافظ محمد احسن)

**سَڏ سِلو/سِلهو:(سڏڻ سلهڻ):** هَڪلِ/ هوڙ/سڏڻ جو آواز. مثال:

گهر ۾ ڪو وانگي هجي تہ سَڏَ سِلهو ورنائي!

**سَڏ واڪو:** (سڏڻ واڪڻ): آواز / هلڪل / هور. مثال:

گهٽوئي سڏ واڪو ڪيائين پر ڪنهن بہ نہ ٻُـڌو!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سڏڪا سڏڪار:** (سڏڪڻ سڏڪارڻ، رڙڻ / سڏڪا پرڻ)،
روڄ راڙو، مثال: محشر نہ ٿيندو مروان جو،
سڙيو پريندو سڏڪار. (فقير علي بخش جمالي).

**سَڊولو سهُٽو:** ڊولائتو / بيهڪ وارو / ٺاهوڪو / خوش اسلوب/ موچارو.

**سِرَ پٿَرَ:** پڇايل سِرَ / پٿر مان تراشيل سر. مثال:
ڏني جي مهر سان مايا خدا توکي تہ ڪر سقلي،
سجائي تون ڇاڇ ۽ اجائي سر پٿر آهي.
(محمد صديق مسافر)

**سُر تارَ:** سنگيت جون گهربل ضرورتون / موسيقي جون لوازمات / ساز ۽ آواز جو سَنگمُ / ڳائڻ وڄائڻ.

**سُرتال:** (سر: آواز- تال: سازن جي سنگت): موسيقي جي قاعدن قانونن مطابق ڳائڻ وڄائڻ جون لازمي ضرورتون جهڙوڪ تال، پلٽو، تان وغيره. مثال:
سراسر بي سُرو آهين، ٻڌون ڇاراڳني تنهنجي،
جو تنهنجي راڳ ۾ سُر تالَ، پلٽو تانَ ئي ناهي.
(مرزا قنبر علي بيگ حيدري)

**سر ساهہُ:** جان / زندگي / وُجود. مثال:
(١)" ڪمال" ڪاهہ ڪيچ ڏي، سر ساهہ جو سانگو ستي.
(پير ڪمال سائين: سرجوڳ)
(٢) ڇڏي سرساهہ جو سانگو، ٿيان منصور جان عاشق
مگر افسوس ڪونهي عاشق جو قدر دلبر وٽ.
(حافظ محمد احسن)

**سُر سَماع:** ساز آواز / راڳ رنگ / ڳائڻ وڄائڻ جي محفل.

**سُر سَنگيت:** ساز آواز / راڳ رنگ.

**سُرگر:** (گر: ڳائڻ جو هڪ لازمي انداز): موسيقي جا قاعدا قانون/ لوازمات.

**سُرائتو سُريلو:** سُرتار وارو / راڳ جا انگ ڄاڻندڙ / انگ وارو / ڏنگائتو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) رکن نہ رتيءَ جيتري، سامي سُرت سَنيارَ.
(ٻائي ڇڻراءِ "سامي")

**سُرت سَنيال:** سار سنڀال / فهم / سمجهہ / شعور. مثال:

پيو نہ پروتن ڪي نہ ڪا سُرت سنڀال    (شير محمد لغاري)

**سُرت سِياڻپ:** شعور / ڄاڻ / ساڃاهہ. مثال:

تنهن جي جدائي يار! وڃائي سُرت سياڻپ ساري وي
آءُ اڇي لهہ سار سگهيري!    (عبدالڪريم پلي)

**سَرتا سَنگتيا:** (سرتو: دوست- سنگتيو: سنگت وارو): سنگت ساٿ وارا / ساٿي/ دوست/ احباب/ يارَ.

**سُرتيو سُڄاڻ:** (سُرتيو: سمجهہ وارو- سُڄاڻ: سٺي ڄاڻ رکندڙ) سياڻو / شعور وارو / سمجهہ وارو / دانا.

**سُرتيو سَمجهوُ:** سياڻپ سمجهہ وارو/ ٻُوجهہ سمجهہ وارو/ سياڻو.

**سرتيون جيڏيون:** هڪ جيڏيون / ساهيڙيون / سنگتياڻيون.

**سرتيون ساهيڙيون:** ( ساهيون: جن ۾ ساهہُ هجي: اسم تصغير : ساهيڙيون): ساٿياڻيون / سنگتياڻيون / جيڏيون. مثال:

(١) ماروئڙن جون جايون سرتيون ساهيڙيون،
ويڙهہ وطن ۾ گهمن پاس پٽن پيڙيون،
اي ميان! کير خوشي سان پين ڏوٿيڙن جي ڏُڌا (منٺار فقير راڄڙ)

(٢) سرتيون ساهيڙيون، آءُ نتَ ساريان،
مُلڪ ملير مور نہ وساريان،
سنگت سنياليان تن سانگن جو. (منٺار فقير راڄڙ)

(٣) وطن اسان جي آهين ويڙهيون،
جتي مُنهن جون سرتيون ساهيڙيون. (منٺار فقير راڄڙ).

**سَرتيون سنگتياڻيون:** ساهيڙيون/جيڏيون/ هڪ جيڏيون/ سنگيون.

**سرچاءُ پرچاءُ:** ٺاهہ/ صُلح/ راضي نامو/ سُلوڪ.

**سِرڙ پرڙ:** هَرٻَرَ / تڙتڪڙ / جهٽ پٽ / اُمالڪ.

**سَرڙاٽ سَنڪو:** (سرڙاٽ سٽ): سٽڪار / ڦهڪو / ڌِڪو.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**سَرڙاٽ سَرڙو:** (سرڙاٽ سرڙٽ): سُوساٽ / زُوزاٽ / زُوزٽ / تکي هلڻ جو آواز / تکڙي گفتگو.

**سرسَ سَجيههَ:** سرس: وڏيڪ، مثال:

سهڻا گل گلاب جا سڀ کنهن سرس وٽن (گل محمد قلبي):

گهٽو / سَوايو / سُنوالو / اَتل وارو.

**سرسُ سوا:** (سوا: سوايو: وڏيڪ): زياده / سوالو / سجيهه، مثال:

ماڪيان مصريان مٺي گهٽو صحبت سرس سوا. (دوست محمد راڏو)

**سرسُ سوايا:** وڏيڪ / سُنوالا / زيادهه / سجيههَ. مثال:

(۱) سونهن سهڻن ڪان سرس سوايا، سهڻن جا سينگار

(محمد صادق ٿهير)

**سرسُ سوايو:** وڏيڪ / زياده / سجيهه، مثال:

(۱) مشهور آهي ملڪ ۾ سرس سوايو. (خان محمد)

(۲) پنهنجو پڻ اڄ بخت ٿيو سرس سوايو عيد ٿي (مخمور مهيري)

(۳) وٺين سرس سوايو سوداءُ ڏئي،

ڪوليو دفتر ورق هي ورايان ٿي. (گل محمد قلبي)

**سرسُ سُنوالو:** وڏيڪ / ڪجهه زياده / اَتل وارو.

**سرسُ سَوائي:** وڏيڪ / زياده / اَتل واري.

**سَرڪاري درٻاري:** (سرڪاري: سرڪار طرفان مقرر ڪيل / پگهار تي مقرر ڪيل- درٻاري: بادشاهه جي درٻار ۾ حاضري ڀريندڙ): پگهاردار / جِي حُضوري، مثال:

سنڌي شاعر ڪڏهن به سرڪاري درٻاري ناهن بنيا.

**سرڪَڻ قاهي:** قاهيءَ جو ڦندو / تنگي مارڻ جو نوڙ / نوڙ ڳچي ۾ وجهي مارڻ واري ڪاروائي / سوُري.

**سَرڪو سَوايو:** زياده / سرسُ / گهٽو / وڏيڪ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سُسُ پُسُ:** (ڪن ۾ ڦسڪارڻ يا چوڻ / سرپاٽڻ)؛ سُس ڦُس / پُڻ پُڻ / سرپاٽ / ڦسڪار / ڀاڀُور / ڀاڦور / ڪن جي ڳالهه / محفي ڳالهه) سرگوشي. مثال :

رقيب رو سيهه سان تو ڪري سُس پُس، ڪيان مان ڇا؟
نہ جُرات جنگ جي آهي نہ خاموشي جي آفت آ.
(آغا گل حسن خان "گل" سلطان ڪوٽي)

**سُس پُس سرپاٽ:** (ڪن ۾ آهستي چوڻ) سرگوشي / ڀاڀُور / ڀاڦوُر / ڪَنَ جي ڳالهه / ڳُجهي ڳالهه.

**سِسِڙاٽ سِيسڙاٽ:** ايذاء ڪان دانهن / عذاب ڪان نڪرندڙ سِياندو / ڪنجهہ ڪُرڪ (ڪِنجهڻ ڪُرڪڻ).

**سِسِڪيون سڏڪا:** (سسڪڻ سڏڪڻ؛ رِنجهڻ ڪِنجهڻ / رئڻ / نير وهائڻ / هنجون هارڻ)؛ سڏڪار / / روڄ. مثال:

(١) ماءُ جي موت تي سِسڪيون سڏڪا پريندو رهيو.
(٢) ساهِيون ڪٽيون، ساهِيان الڪا،
ساهِيون سِسڪيون، ساهِيان سڏڪا،
ڪَٽ ڪمائي، پورهيو پاٽي،
هاءِ ويچاري هيءَ هارياڻي. (احمد خان "آصف" مصراڻي)

**سِسي سِري:** سِرَ / متو / مُنڍي / ڪنڌ / گردن.

**سِسِ وِسِ:** شَڪُ/ گمان / وهم / انديشو / پرم/ سَنسو / وِسواس.

**سِسو وِسو:** شڪائتو /بي ويساهہ / بدگمان / اڻ وِسهو / وشواشي.

**سِسيهر وِسِيهرُ:** زهر قاتل وارو نانگ / ڪاريهر / اليهر / تليهر / سَپُ / ڪارو نانگ / شيش نانگ / بِشيهر.

**سَقُرو سَقلو:** سقرو: سنو قر / قَلُ / ميوو. مثال:

سُر سيئي سقرا، پر خاصو سرڪنياڻ. (خليفو نبي بخش) -سقلو:
سَقَلُ: چڱو قل / قُرُ / ميوو: پلو / اوچو / موچارو/ عمدو / چوکو / شُپ / وٽندڙ.

**سِڪَ چِڪ:** (سِڪ: پريت - چِڪ: ڪشش: سڪ سان چڪ لاڳاپيل هوندي ئي آهي)؛ هيجُ / حُبَ/ پيار / محبت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سکيو سانتيھکو:** سُکيو ماٺھو گھٽو ڪري سانيتڪو(صبر شڪر وارو ھوندو آھي)؛ جائيتـــو/قناعت پذير/ پنھنجي خوشحاليءِ تي نھال / خوش / راضي.

**سُکيو سائو:** آسودو / سکَر / خوشحال / آباد.

**سُکيو سَبَرُ:** (سَبَرُ: سَبَلُ / بَلوان / طاقتور)؛ متارو / چڱي حال ۾ / خوشحال / سکَرَ.

**سُکيو ستابو:** سکر / آسوده حال / خوشحال.

**سُکيو سکر:** خوشحال / آسودو / آباد.

**سُکيو سھنجو:** سک سھَنج ماڻيندڙ / خوشحال / آسودو.

**سُکيو سھيو:** سک ســھنج ۾ زندگي گذاريندڙ / ســوين نعـمتن / سھوليتن وارو / خوشحال.

**سُکيو سَھيرو:** سَھيرو: سولائيءَ سھوليت سان حياتي گھاريندڙ. مثال: ڪي ڪوڏر ڪمايو، ڪي ڪُھاڙي وليو تہ گھر سھيرو ھليو (پورھيت جيڪڏھن ڪوڏر ڪٽيءَ ڪھاڙي سان جھنگ وڍي يعني پورھيو ڪندو تہ سندس گھر جو ڪاروبار سولائي سان ھلي سگھندو ۽ ھو خوشحال گذاريندو)؛ آسان/ آسوده حال/سک سھنج وارو.

**سگھُ ثابتي:** ("سگھُ" : چورايل شي ملي پوي تہ ان کي "سگھُ" چئبو. چور چوري ڪندي، سامان سميت پڪڙجي پوي تہ چئبو تہ چورُ "سگھُ ســوڌو" RED-HANDED پڪڙجي پيو يعني چورُ ۽ چوري جو سامان ھٿ ڪيو ويو)؛ ثبوت / نشان / ھٿ آيل چورايل شي / پتو / ڏس پتو/ سُراغ. A TRACE .A CLUE

**سگا ڏاڳا:** دُعا جا وٿيل ڏاڳا / دعا تعويذ / چنبا ڦيٿا.

**سگا ڦيٿا:** پڙھيل / شوڪاريل / وٿيل ڏاڳا / دعائون تعويذ.

**سگر وِگر:** سَٽُ / ٽولو / سنگ / وِلَرُ / وِڳُ / ڏڻ / گلو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سڳن ساڻ:** شُگن/ساڻ سوڻ / فال / سَنسو / وهم/ ريت رسم/ فال.

**سڳند سُرهاڻ:** مُهڪار / ٻَهڪاءُ / هُباءُ / بُوءِ / خوشبوءِ / مهڪ / واسُ / تيل ڦليل / عطر / ڌوپ واسُ.

**سڳو ڏاڳو:** (سڳو / ڏاڳو ڪرڻ: سڳو/ ڏاڳو وٽي ان تي منتر / ڪلما پڙهي شوڪارڻ. سڳي ڏاڳي ۾ هئڻ: پڪو معتقد / مُريد هئڻ / چئي يا فرمانبرداري ۾ هئڻ / چئي آکئي ۾ هئڻ): سڳو/ ڦيٿو/ دعا تعويذ/ دعا لاءِ وٽيل سُٽ يا تند.

**سڳورو / سڳوريو پلارو:** معتبر / باوقار شخصيت / نيڪ انسان / پلارو / بزرگ شخصيت / معزز شخص.

A RELIGIOUS DIGNATORY /PROPITIOUS / BLESSED

**سڳوريو سياڳو:** نيڪ بخت انسان / پلارو / ماناٽو ماڻهو / بزرگ شخصيت / برڪت ڀري شخصيت / ڀلوڙ انسان.

RELIGIOUS PERSONALITY/ AMIABLE PERSON

**سگهہ ساھُ:** ساھ آهي تہ سگهہ بہ آهي / ساھ (جان) سان ئي سگهہ (طاقت) هوندي آهي جڏهن تہ "بي جان" ۾ ڪا سگهہ ناهي هوندي): طاقت /قوت/ ٻل/ زور/وَسُ/ جرئت.

**سگهہ سَتَ:** طاقت / زور / ٻَلُ / جرئت.

**سگهہ سگهتَ:** طاقت/ زور/ ٻل/ هستي/ جرئت / رت ست / قوتَ.

**سگهارو سگهاتو:** سگهہ وارو / طاقتور / قوي / ٻلوان / پهلوان / ٻليارو (ٻل/ طاقت وارو)/ بهادر/ جوان مرد / دلير / راٺوڙ / سَگمو / جُنگ / مَتڪو / قرارو.

**سِگهو ساجهرُ:** سوير ڀرو / وقتائتو / جلد. مثال:

(۱) رب جا لک احسان، سِگهو ساجهر ڏئي پيو!

(۲) سگهو موٽ ساجهر، ميان ميندرا،
سُجي آهہ سنڌيم سدا تو سرا.

سرا: سَراءِ: گهرَ- (حاجي نور محمد شاھ "نورل")



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سکھو ستارو:** سکھو، سکـھـ وارو- ستـارو: ست سکـھـ وارو): طاقت وارو / متارو / زوردار / پهلوان/پلوان.

**سِکھو سيکھرو:** (سيکھرو: سيکھـ وارو / تکڙو): تکو / چوھو تيز / تکڙو / جھٽ پٽ / اُتي جو اتي / سکھڙو (سکھو: تصغيري صورت: سکھڙو)

**سکُ سِيا:** (سيو: سھو: سھوليت): متي مائٽي / لڳ لاڳاپا / ڳانڍاپا. مثال:
لڏي لا، ويڙا چڏي سکُ سيا (ڄام خان چانڊيو)

**سکُ سياپا:** متيون مائٽيون / لاڳاپا / رشتا. مثال:

چني سکُ سياپا سرتيون، هوتن ڏي هي هلندي.

(پير ڪمال سائين: سر آسا)

**سکُ سَياپو:** مائٽي / رشتو / ڳانڍاپو. مثال:

سکُ سياپي ڪونهي ساءُ
لوڪ چڏي ڏس، لذت لاءُ (سيد فاضل شاهه "فاضل")

**سکُ سياڪا:** متيون مائٽيون / لاڳاپا / ڳانڍاپا. مثال:

سکُ سياڪا توڙي، عقل علم کي ٻوڙي
جوش جلالي جوڙي، سُرت ڇڏي سنساري.

(هادي بخش شاهه مسڪين)

**سکُ سياڪو:** متي مائٽي / رشتہ داري / ڳانڍاپو. مثال:

(۱) کھڙو سکُ سياڪو هاري مون هوتن سين.

(شاهه: سر سسئي آبري)

(۲) ٿُري تن جي تمام مٺڙي، وڏي پرهه تي وڳي،
ڇڏيائون سکُ سياڪو، منهنجا وڏيا ويراڳي.

(صاحب ڏنو شاهه)

(۳) سکُ سياڪو هوم جنهين سان،
آٿي ملايس عشق تنهين سان،
اهي شڪ گمان جيڏيون ڙي،
رات گڏيا مون ڏيهي ڏيهي (نواب ولي محمد)

**سکُ سِياءُ:** ويجهائي / مائٽي / لڳ لاڳاپو / ڳانڍاپو / عزازت / مِتاچاري / رشيداري.



www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

**سَنرا سرَها:** (واحـد: سنرو سـرهو: خوش / تازو توانو): خوش / مسرور / کِل مُک / خوش روح.

**سُنسان سُجو:** ويران / غيرآباد / پڙپانگ / اُجڙ / بيابان وارو.

**سَنسو سؤلسو:** انديشو / گمان / شڪ / پَرم / وسوسو / گُتڪو / شِرڪُ / اجايا پهه / خيال خام / ايمان باطل / قِسڪٽو ايمانَ / سنديهه.

**سنگتِ ساٿُ:** سنگتين جو سَٿُ / دوستن جو حلقو. مثال:

تيندو ڏکئي ڏيهه ۾، ڪوجهن کهڙو حال،
تـن جو سنگت ساٿ ۾ مـرکـڻ آهـي مـحـال...

(مخدوم محمد امين فهيم)

**سنگت سِها:** (سِهو: سَهوليت): سهوليتون /آسانيون / سولايون. مثال:

سي تہ سياڪن گڏ سيئي، سهٽا سندن سنگت سها.

(حاجي احمد ملاح)

**سنگت صُحبت:** لاڳاپو / گـڏجاڻي / ياراڻي / ياري / دوسـتي / ناتو / شراڪت / بَندَڻُ / ميل / ميلاپ.

**سنگتي ساتي:** (سنگت ڪرڻ ۽ ساٿ ڏيڻ وارو): سـاتي / سـاٿـاري / ساٿوڙي / دوست / دلدار / يار.

**سنگيون ساٿيون:** (سنگ ياسـاڻُ هوندڙ): سنگتـيـاٽـيـون / ساٿياٽيون / ساهيڙيون / سُرتيون.

**سنگيون سرتيون:** (سنگيون: سنگ / گـڏ هُـوندڙ): ساٿَ نِـباهيندڙ / سنگ ساٿ واريون / ساهيڙيون): ساٿياٽيون / ساٿيون / جيڏيون.

**سَنگيون سُريتيون:** ساهيڙيون / ساٿياٽيون / سهيليون. مثال:

سنـگين سُـريـتين پـيون پچارون،
درد ڏکـيءَ جـو دلبـر دارون.... (حاجي خانڻ چنجڻي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سَنئون سنوالو:** سُوڌو سنئون / سِڌو / ايمندار / وهنوار ۾ سڌو.

**سَنئين سانئي:** سِڌي سَنوانئي، مثال:

(١) ڳالهه سِڌي سانئي پيئي آهي.

(٢) نہ گهر ۾ آ سنو برتن، نکر جي آهہ هڪ مانئي،
اهائي هستري آهي ادا منهنجي سنئين سانئي.
(عزيز الله بروهي).

**سَنياس بَنواس:** بنواس: (ساڌو بنجڻ) هندن جي اوتار سِري رامچندر، حڪم جي بجا آوري ۾ بن ڪاٽيو جنهن کي بنواس چوندا آهن): ترڪ دنيا / تياڳ / دنيا کان ڪناره ڪشي/ سنسار سان لاڳاپا ٽوڙي ڇڏڻ واري حالت / دنيا کي ڇڏي جهنگ ۾ وڃي رهڻ/ دنيا جو وهنوار ڦٽي ڪرڻ جو عمل.

**سنياسي جوڳي:** ويراڳي/بيراڳي/تياڳي(دنيا کي تياڳ ڏيندڙ)/ سنياسي فقير/آڌوتي.

**سَٽائو سِهنجو:** سَولو / سوکو / آسان / سَهل.

**سٽيو ستابو:** ميو متارو / سُکيو ستابو / خوشحال.

**سٽکو سٽکارو:** (سٽڪڻ: نڪ صاف ڪرڻ / سنگهہ گوبو ڪيڻ): سُٽڪات / سُٽڪار/ سرڙاٽ / نڪ جي صفائي.

**سٽڻ سمجهڻ:** پڌڻ ۽ پرکڻ / هنيائڻ / چِتَ لائڻ، مثال:

چوي "منٺار" دل من سين کو طلسم چٽ ٿيو تن سين.
سٽڻ سمجهڻ ويوکن سين، عقل علم امين ويا وسري.
(منٺار فقير راڄڙ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سِٽي سِجاتو:** سِجاتو: سـجات وڻ جي تاندورن مـان وٽيل نوڙي-
ڪاٻار، اڪاري، سِٽي ۽ سِجاتي جي تاندورن مـان نوڙيون/
رسيون وٽي ٺاهيون ويندييون آهن. مثال:

هڪ ڇرڪ ساڻ ڇوڙي، ٻنڌڻ ڇني ڇنايم،
ڪا ٻار ۽ آڪارو، توٽي سِٽي سجاتو. (ڀائي آسرداس)

**سُٽي سمجهي:** ٻڌي / هنيائي / پروڙي / هنئين سين لائي / چيتاري، مثال:
پنهنجي ڪم ڪارڻ، ٻين کي ڀڄاءِ فضيلت سين،
پوءِ سُٽي سمجهي ڳالهه، سا هنداءِ فضيلت سين.
(منٺار فقير راجڙ)

**سُوارا سَوير:** سوارا: جلدي، مثال:
سوارا سَنڌ ڪٽي، ڪاهوڙي ويا،
آٿيندين ڪٺا، ڏٿ ڏوراٿي ڏيهه جو. (شاهه: سُرڪاهوڙي):
سويل / ساجهر / وقت سر / وقتائتو.

**سُوارا سَويل:** (سُوارا: ساجُهر، مثال:
پورهئي خاطر پاهجي، اُٿن سوارا. (شاهه: سر ڏهر):
سـويل / سـوير / سـاجهـر / جلدي / تُرت / هڪـدم /
ساجهر سويل / يڪدم.

**سُوالو/ سُنوالو سَجيهه:** سرس/ گهڻو/ وڌيڪ/ جاستي/ زياده.

**سوالي سائل:** سوال ڪندڙ / پينو / گدا / گداگر / بيڪاري / فقير / پينار.

**سَوايو سرسُ:** وڌيڪ / گهڻو / سَجيهه / جاستي / سُنوالو.

**سوايو سُنوالو:** وڌيڪ / گهڻو / گهڻيرو / سجيهه.

**سوڀَ سَرسي:** فتح / جئه / جئـڪـار / جيت(جيـتڻ / ڪٽ (ڪـٽڻ) /
ڪاميابي / ڪامراني / فتح يابي.

**سوڀ سوڀيا:** فتح / جيت / ڪَٽ (ڪٽڻ) / فتح مندي.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**سوپو سوپڙ:** سوپو: ننڍ جو گهيرَٽُ. اسم تکبير (سوپڙ): ننڍ جو جهونو: پِنکي / اوجهراٽي / گهيرٽ.

**سوچ سمجهہ:** (سوچڻ سمجهڻ: ويچارڻ / تکڻ تورڻ): سنجيدگي / تَکَ تورَ. مثال:

باقي ڇا بچيو "بيدار"، سوچ سمجهہ اچ تائين غلام (عمرالدين بيدار)

**سوچ ويچار:** سوچڻ ويچارڻ: تکڻ تورن): تک تور / غورفکر / ڪٿڪوت / خيال / سمجهہ / سنجيدگي. مثال:

اجائي تکڙ نہ ڪريو: سوچ ويچار کان ڪم وٺو.

**سوچي سمجهي:** ڪٿ ڪوت ڪري / تکي توري / ويچاري/ جاچي جوچي / ڏسي وائسي / ڄاڻي ٻُجهي. مثال:

سياڻي جو ڪم آهي تہ سوچي سمجهي ڳالهہ ڪري!

**سوچي موچي:** جُتيون ٺاهيندڙ / ماڙيچو.

**سوُجَهہ ٻوجَهہ:** سمجهہ / ادارڪ/ دورانديشي / اڳ ٻوءِ جو خيال.

**سوُجهہ سَمجهہ:** (سوُجهڻ سَمُجهڻ: ٻُجهڻ پروڙڻ): پروڙ. مثال:

ڪفر تو منجهہ ڪفر بہ منجهئي

سوجهي سمجهہ، صحي ڪر سوئي. (منٺار فقير راڄڙ)

**سوُجَهہ سَنوار:** (سوُجهڻ سَنوارڻ: ڳولي لهڻ / سُوڌڻ / معلوم ڪرڻ): پروڙ / معلومات / سَڌ / ڳولا.

**سوجهاڪو /سوجهاڳو سُجهندو:** اُجالو / روشني / تجلو / نور / چمڪو / اُهاءُ / شعاع / پرڪاش.

**سوجهاءُ سُجهاءُ:** سَڌسماءُ / ڄاڻ / خبر / معلومات.

**سودو ٻاڌو:** وکر / سامان سڙو / واپار / سوداگري / وڻج / تجارت.

**سودو سَٽُ:** سودڻ سٽڻ: سودو ڪرڻ / سامان خريد ڪرڻ / وکر وهائڻ): وکر / شيون. مثال:

ڪنهن جو سو واري سان سودو

ڪنهن جو سٽ واري سان سٽ (حاجي احمد ملاح):

وکر / سامان / ڪاڏي پيتي جون شيون.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**سودو سلفُ:** ريزڪي سيڊو / ريزڪي سامان / سيڊو پاڊو / ڪائڻ جون شيون.

**سودو سودُ:** وکر / سامان / ڪاڏي پيتي جون شيون.

**سوڏُ پوڏُ:** سَڏِيَڏ: هڪجهڙو / ٻنهي هڪ جهڙو / هُوبهو / ساڳيو / اصل جهڙو / نسُ پس / همشڪل.

**سُوڏَ سنوار:** (سوڏڻ سنوارڻ: سينگارڻ): ٺاهه ٺوهه / سهيڙ / سينگار / سنجت / سموهَ / سِڌائي / سَنوت / سَڌارو.

**سوُڌو سُچر:** سنواريل / سوڌيل / سموَهيل / سَڌاريل.

**سوُڌو سُنواٽو:** سِڌو / سنئون / سَنوت وارو / ٺيڪ.

**سوُڌو سنئون:** سنواريل / گهڙيل / ٺاهيل.

**سوُڌو سواٽو:** سِڌو / سنئون / سُڌتو / صحيح / سريڪو / سهٹو.

**سوُڌو سواريل:** ٺاهيل / گهڙيل / سوڌيل.

**سوُڌو سوايو:** وڏيڪ سنو / صحيح سنواريل.

**سوڌو سچو:** صحيح / سُڌتو / سنئون.

**سوڌو سوُڌل:** سنئون / سُڌتو / صحيح / پورو / سُترو / سريڪو / سهٹو / حسين.

**سوڌي سچي:** سنئين / سڌي، مثال:

اسان کي هدايت خدا جا ڪئي،
ڇڏيون ڪيئن اها راءِ سوڌي سچي. (حافظ عبدالله بسمل نڪڙائي)

**سوُڌي سَنئين:** سڌي / ٺيڪ / درست / صحيح.

**سوڍِلُ سَجڻُ:** (سوڍو: تصغيري صورت: سوڍِل) سجڻ / يار / دوست / دلبر / سنگتي / محبوب / پرين / پيارو / ڍول / ڍوليو / ساجن / جاني.

**سورُ پرو:** هلڪو بخار / سور سان تپ / ڳاموڙ / لگن مَروڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چکير چگائي، سورانگهي سوري تان (شاهہ) : وکون پرڻ/ پند ڪرڻ/هلڻ.

**سُوراٿيون سورن واريون:** (سوراٿي: سورن واري، مثال:

پيڙي پيڙي پنڌ، سوراٿي! سندرو،
ڪيچ اڳاهون پنڌ، متان لکن سين لڳي مرين!

(شاهہ: سرحسيني):

سوريتيون/سورن جون ستايل/ دردن جون ڏکايل / هنيل / ماريل.

**سُورمو سورهيہ:** پهلوان/ بهادر/ جوڌو/ ڳوڌو/ ڪنڌار/پلوان/ رانوڙ.

**سُورهہ/سورهيہ سرواڻ:** اڳواٽي ڪندڙ/ دلير/ بانڪو / بي پرواهہ/ سرواٽي ڪندڙ / اڳواڻ / اڳويو.

LEADING PERSONALITY

**سُورهيہ سِرويچ:** (سورهيہ: بهادر- سرويچ: سِرُ ويچيندڙ / جان قربان‌ڪندڙ): دلير/ جانباز/بانڪو/بهادر/ ڪنڌار / جوڌو/ جُنگ.

**سُوري سولي:** قاسي / ڦندو / ڦاهي جو ڦندو / دام / ڏاڪهُ / صليب.

**سُوريا سُوريتا:** سورن وارا / دردن جا ماريل / ڏکن جا ڏتيل / واڍوڙيا (جن کي دوست جي جدائي جي ڏک وڍي وڌو هجي).

**سوڙ / سوڙهہ پوسٽ:** (سوڙهڻ پُوساٽڻ): گهُٽ / پوسٽ / پوساٽ/ تنگي. CONJESTION

**سوڙ / سوڙهہ سختي:** تنگي/ سوڙهاڳ/ سوڙهي جاءِ/ گهٽَ، مثال:

سوڙهہ سختي ۾ سڄڻ! ساجهر سند ۾ سڏڙا سٽين.

(محمد اعظم هگورو)

**سوڙ / سوڙهہ سَکوڙ:** تنگي/ سوڙهاڳ/ تنگ جاءِ/ مهانگائي، مثال:

سارنگ لاٿي سوڙهہ سانده سهائو ٿيو. (شاهہ سُر سارنگ):

تنگي / مهانگائي / ڏکر / ڏولائو.

**سوڙهہ سنگهوڙ:** تنگي / گهُٽ / پوساٽ / سوڙهاڳ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١) دوست هڪ ٻئي کي سوڳڙي پاکــڙي ڏيندا رهندا آهن.
(٢) هــڪرو ماڻهو ڪنهن ڪيپ تي ٿي ويو. تنهن کي هڪڙي مائٽ پاڻ لاءِ سوڳڙي پاڪڙي آڻڻ جو چيو. (گل شڪر)

**سوَڪڙي سڙي:** تحفو / انعام / ٻيٽ / ڏالي / سوغات.

**سوڪڙي سيري:** (سيري: انعام ۾ مليل زمين ) جاگير. مثال:

آءُ تنهنجي ڪهڙي سوڪڙي سيري کائي ويو آهيان؟

**سوڪڙيون پاڪڙيون:** تحفا / انعام / ٻيٽائون / ڏاليون

**سوڪڙيون پاڪرڙيون:** تحفا / انعام / ٻيٽائون.

**سوڪڙيون سيريون:** انعام ۾ مليل زمينون / جاگيرون.

**سوَڪي پاڪر:** (سوڪي: اسم تصغير: سوڪڙي): سوڪڙي / تحفو.

**سوڪي پاڪي:** پاڪر/ سوڪڙي / تحفو / هديو / ٻيٽا.

**سوڪيون پاڪيون:** تحفا / انعام / ٻيٽائون / سوغاتون.

**سوڳن سوڳنڌ:** قسم / سَنهَن / ساک / حلف / ويساهه / پَتِ.

**سَولو سوَڏو:** آسان / سهل / سولو / آسودو / خوشحال.

**سَولو سُهيلو:** سوکو / سهنجو / سوکيرو / آسان.

**سَولي سٺائي:** آساني / ڀلائي. مثال:

سولي سٺائي سڀ ڪڙمين جي،
قادر ڪئي ڪل اوڙ قلندر. (شير خان چانڊيو)

**سون چانڊي:** مال / ڏن / دولت / مال ملڪيت / پيسو ڏوڪڙ.

**سون رُپو:** سون چاندي / ڏن دولت / مال ملڪيت. مثال:

(١) در تنهنجا دلبر. سون رپي جي سونهن،
در تنهنجا دلبر. منهنجي وندر ۽ ورونهن. (شيخ الله بچايو)



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

(٢) سامين سون رُپي کي ڇڏيو.

من موليٰ جي محبت گڏيو.

سوکوه ڪرن دنيا جو ڪمار. (منٺار فقير راڄڙ)

(٣) پوئي پُسين جا ووا هار،

سون رُپي کون وڌ مون سينگاريا. (حاجي خانڻ چنجڻي)

**سؤنٽو سوٽو:** لٺ / ڏکو / ڏنڊو / باٺو / بانٺو / لوڙهه / ڪَڙيالي (جنهن.تي لوهه جا ڪڙا چڙهيل / لڳل هجن.)

**سُونڌلُ سهٽو / سوهٽو:** ٺاهوڪو/ من موهڻو/سدا ملوڪ / سدا مور.

**سونڌل سهٽي/سوهٽي:** سنڌل سهٽي/: سوپياوان/سداملوڪ/ڏج مڃ واري/ نوجوان عورت/موچاري/وسن جهڙي/سدامور. مثال:

چام ڏئي هُئي چار وجهندي، ڪا ڊونڊي ۾ ڊيل.

سنمک سوُنڌل سوهٽي، ڪاڪنوڻ جهڙي ڪيل.

(اڪبر شاهه هيلائي)

**سوُنڊر سوُنڊ- مُنهون:** (سونڊ: سونڊڻ: ڪاوڙجڻ / منهن ۾ ٺهڙي وجهڻ / منهن ۾ گهنڊ وجهڻ). مُنهن ۾ ڪاوڙ جو گهنڊ / منهن ۾ گهنج / منهن ۾ ٺهڙي): منهن سُجيل/ سدائين ڪاوڙيل / مُنهن ڦريل / گهُنڊو / سُونڊو / ڦوڪيل / شوُڪيل.

**سونکو سؤنچو:** ڀؤ/ ڊپ. مثال:

ڏٺو محرم ماهه. سؤنکو شهزادن ٿيو (شاهه: سُر ڪيڏارو) :

الڪو/ ڊپ ڊاءَ/ خوف/ ڏَرُ/ ڊپ/ ڊيڄو/ انديشو/ ڳڻتي/ هِنياري/ فڪر/ چِنتا/ سَنڪو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سونهن سُندرتائي:** (سونهن-سونهن: سهڻو لڳڻ): سوڀيا / خوبصورتي / سُندرتا / جمال / نزاڪت.

**سوُنهن سوڀيا:** حسن / جمال / ڏج مچ. مثال:

آهي سونهن سوڀيا ڪا، پُڇن چاڪي حسن وارا

(مرزا قنبر علي بيگ حيدري)

**سوُنهن- سرسيون سُهڻيون:** (سونهن - سرسيون: سونهن ۾ سرس / حسن ۾ وڌيڪ): سوڀيا وان / تَسَر (ريشم) جهڙيون / پٽول: پٽ ريشم جهڙيون/ نازڪ): موهڻيون / حسين / جميل. مثال:

سونهن- سرسيون سهڻيون، تسبر جڻ تريون. (پنهون لغاري)

**سوُنهائي سُنهپ:** (سونهائي:سونهائڻ: دڳ لائڻ/ واٽ ڏيکارڻ رهبر ڪرڻ / اڳواڻي ڪرڻ TO GUIDE): رهبري/ اڳواڻي/ راهبري/ پيشوائي.

**سوڻ ساٽ:** ريتن رسمن جوتڪسات.

**سوڻ سڳو:** دعا جو سڳو ڌاڳو / منتر يا دعا پڙهيل سڳو / پير يا مرشد جو پڙهيل سڳو جنهن کي سوڻ طور "دعا" سمجهي پايو ويندو آهي.

**سوُنهون ساٿي:** (سونهون: سونهپ ڪندڙ- ساٿي، ساٿ نياڻيندڙ/ دڳ ڏيکارڻ لاءِ ساٿ ڏيندڙ): رهنما/ اڳواڻ/ اڳويو/ واٽ ڏسيندڙ A GUIDE

**سوُنهون سرواڻ:** سونهپ ڪندڙ/ سرداري ڪندڙ/ سرواڻي ڪندڙ/ اڳويو/ رهبر/ راهبر A GUIDE / LEADER

**سوُنهون سُنهارو:** (سُنهارو: سُنهپ/ سونهپ ڪندڙ): رهبر/ رهنما/ اڳويو A GUIDE


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**سهڻو سپر/ سهڻا سپر:** وڻندڙ/ دلڪش/ لَياڻيندڙ/ موهيندڙ.مثال:

تاري ڪکَ ڪچرو پٽن تان مُلڪ ڪيو برسات صاف
ڇهڇتا ڇوڏار ڪيا سهڻا سپر برساتڙي
(محمد صديق مسافر)

**سُهڻو سُپنڊو:** سهڻو وڻندڙ / دلڪش / دلپسند.

**سُهڻو ستابو:** سُکيو/ سکر/ آسودو/ خوشحال.

**سُهڻو سُنو:** سهڻو سُنڙو/ جميل، وڻندڙ/ دلڪش/ دلپسند/ حسين. مثال:

رس پـري ۽ چس پـري، سهڻي سُني سالم"سليم"
مصطفيٰﷺ محبوب جي، سهڻي سجڻ جي ڳالهه آ.
(سليم ڳاڙهوي)

**سُهڻو سِپڪ:** سِپڪ: سِپَڪَ: نازڪ): نازڪ اندام/ ناز انداز وارو/ گـُلفـام (گلن جهـڙو)/ پٽـول (پٽ ريشم جهـڙو)/ گـلار (گـُلن جهڙو) سهڻو/ سجيلو/ موهڻو.

**سُهڻو سدامَلوڪُ:** سجيلو/ موهڻـو/ سدا بهـار/ وسَنَ جهـڙو/ سهـڻي صورت وارو/ ڊولاڻتو/ شڪيل/ سندر/ ٺاهوڪو.

**سُهڻو سدا مورُ:** سـدائين "مـور" جهڙو سـهڻـو لڳندڙ/ سـدا سـهڻـو/ ڊولاڻتو/ سندر/حسين/ جميل/ شڪيل/ سهڻي صورت وارو.

**سَهڻو رهڻو:** (رهڻ سهڻ): رهڻي سهڻي.

**سُهڻو سَلوڻو:** موهندڙ / لَـياڻيندڙ/ وڻندڙ/ سيبائيندڙ.

**سُهڻو سُندر:** حسين / جميل/ شڪيل/ ٺاهوڪو/ ڊولاڻتو/ سدا ملوڪ/ وسن جهڙو.

**سُهڻو سنرو:** (سنرو: خوش: خوش مـزاج/ سـيبـائيندڙ سَيـاءُ وارو): سجيلو/ موهڻو/ دلربا/ سدا مور/ وسنِ جهڙو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سيگهہ جَهتِ:** جلدي / تڪڙو/جهٽ پٽ، مثال:

مهل موٽي نہ ايندي، وڃ سِگهو ڪر سيگهہ جَهتِ.

(رشيد احمد لاشاري)

**سيگو سَرتو:** هڪ جيڏو/ سگيٽو/ هم عمر/ دوست.

**سيلُ سَتَ:** پردو/ پناهہ/ ڍڪ/ سَتَر / ستر پوشي/ عصمت.

**سِيلُ سَتَرُ:** ستر پوشي/ ست سيل/ ڍَڪَ پناهہ.

**سينڌِ سُڃاڻ:** ڄاڻ سُڃاڻ/ واقفيت/ آشنائي/ ياراڻي / ڏيٺِ.

**سينڌ سُرمو:** (سينڌ سرمو ڪرڻ: اکين ۾ سرمو پائڻ ۽ وارن ۾ سينڌ ڪيڻ): سُوڌَ سَنوار/ هار سينگار/ ٺاهہ ٺوهہ، مثال:

(١) وصل تہ وڃائيو سينڌ سُرمي سيڻ ۽،
سو لوٽي ليلاجيئن، مٺيو جهہ مَٽ ڪيو. (شاهہ: سر معذوري).

(٢) ڪنهن ڪي لَبَ سرمو اکين ۾ سينڌ سرمو ٿو ڪري
سُو ٺلهو ٺيرو، مٺارو بودلو بهرام ٿيو

(مرزا قنبر علي بيگ حيدري)

(٣) "حاجي خانڻ" ننگ وارو نيٺ بخشيندو بديون،
هَتِ وٺيو نورڪي سدا، سينڌ سرما سي ڪنديون
(حاجي خانڻ چنجڻي)

**سينڌ ڦٽي/ سينڌيون ڦٽيون:** ڦٽي ڦوڪارو/ هار سينگار سوڌَ سنوار/هار سينگار/سوڌ سنوارون/ ڦٽيون ڦوڪارا، مثال:

توري ۽ تيل نہ پائيان، نڪا سينڌ ڦٽي،
آن ٿي ڇِلان ڇپرين! (شاهہ: سُر سَسُئي آبري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پينر پنڊ متي جا مون وار تيا...

سُـــرما سينڌ ڦٽيون سينگار ويا. (رئيس امام بخش جتوئي "صابر")

**سـينڌا سُڄاڻو:** سـينڌا: گـهـرا/ رازدان/ دوست- سـڄاڻو/ ڄاڻو

سڄاڻو/ يار/ دوست): گهاٽا يار/سرتا /دلي دوست. مثال:

سي ور لاهـين ونـگـين ڄا، نـہ آهـن ڪنهن ڄا سينڌا سُڄاڻو

(حاجي حامد خاصخيلي).

**سينڌا سُڄهرو:** ڄاڻل سُڄاڻل/ واقفڪار

**سينڌا سَرتا:** ويجها دوست/ گهاٽا يار.

**سينڌا سيجَهِرو:** ڄاڻ سڃاڻ وارا/ واقفڪار/ ڄاڻل سُڄاڻل.

**سينڌ سِيٽي:** ووڪ/ ڪوڪ/ چپن کي سوڙي ڪڍيل سنهو آواز.

**سينگاري پَساري:** (سينگارڻ پسارڻ: ٺاهڻ ٺوهڻ/ سُوڌڻ سنوارڻ):

ٺاهي ٺوهي.

**سينگاري پکاري:** تيار ڪري/ سينگاري/ ٺاهي ٺوهي/

(ميت کي غسل ڏيئي سينگاري). مثال:

"گهٽي روڻ ۽ رڙڻ ڪانپوء، صبر جو پيالو پي، دل

ڏاڍي ڪري، "دودوي" کي سينگاري پکاري وچي

بادشاهي قبرستان ۾ دفن ڪرائي آيو.

(حاجي حقيرابن مگڻ: وڏو قصو دودي چنيسر جو)

**سيڻ سڄڻ:** مائٽ/ عزيز/ دوست/ محبوب/ سگيٽا.



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

**سيڻ سَڪا:** (سيڻ: ويجها مائٽ- سڪا: سڳا: ويجها مائٽ): عزيز.
قريب/ مٽ مائٽ. مثال:

سنجهي ويا آهن سرڳ کي تنهن جا سيڻ سڪا (ڪرم شام)

**سيڻ سِياءُ:** مٽ مائٽ/ عزيز/ سڱيٺو. مثال:

ڇني "منٺار" کي حياءُ ڪر حاڪم !
ظلم ڦِتو ڪرُ مٺي سان ظالم !
نڪي اسانُ جو تون سيڻ سِياءُ (منٺار فقير راڄڙ)

**سيءُ تڙڪڻي:** (سرديءَ کان تڙڪڻ / ڦرڪڻ): ڦرڪڻي/ ڏڪڻي.

**سيءُ سياٽو:** سياندو/ سرديءَ کان ڏڪڻي/ ڌُرَهڙي/ پارو/ ٺِنيءَ/ ٺَرَ/ ڦرڪڻي. مثال:

هٿ پر ڏاٽو - ڳوڙرو ڳاٽو.
سيءُ سياٽو- ڪنجرو ڦاٽو.
روٽ پچايون- اوٽ هٺايون.
گيت ڳُهرن تيون (تاجل بيوس)

**سيءُ سيارا:** (سيءُ: سياري جون سرديون/ پارا- سيارا: سيءُ وارا / سياري جا پارا / ٿڌيون): ٿڌا ڏينهن/ پارا/سُڪائيندڙ سرديون. مثال:

ڳڌڻ گهڙي ساعت نہ ٿيو، هي جي سيءُ سيارا وڃن ٿا.
وٺڙا واهوندا ڪٿين لنگهي، رُتيون بسنت بهار وڃن ٿا.
(منٺار فقير راڄڙ)

**سيءُ سِيالدو:** (سيئجڻ سِياندجڻ: سياٽجڻ/ سرديءَ کان ڏڪڻ يا تڙڪڻ يا ڦرڪڻ): ڏڪڻي/تڙڪڻي/ڦرڪڻي.


www.sindhsalamat.com　　　books.sindhsalamat.com

# ش

## (لفظن جا جوڙا : 77 - ڪل لفظ : 154)

**شادي شَغل:** (شادي: خوشي- شغل: خوشي جي محفل): شادمانو / ڪاجُ / وهانءُ.

**شادي شُڪرانو:** (شڪرانو: شادي جي خوشي ۾، گهوٽ شُڪراني / احسانمندي طور ۾ نفل نماز پڙهندو آهي): شادمانو/ ڪاج.

**شادي مُرادي:** (شادي: خوشي / وهانءُ / پرڻو- مُرادي: شاديءَ جي پوري ٿيل مُراد / پٽ جي شادي تي خوشي ڪرڻ لاءِ، ماءُ ۽ ڀين ويجهن مائٽن جي پوري ٿيل دُعا.

**شاديون شادمانا:** وهانءُ شادي جون خوشيون/ڪاجَ /شادمانا / وهانءُ / خوشي جا واڄا.

**شاديون شُغل:** ڪاج / وهانءُ / خوشي جا موقعا / شادمانا.

**شاديون شُڪرانا:** شادمانا / ڪاج / خوشين جو ڏمڇر.

**شاديون مُراديون:** وهانءُ / پرڻي جا شادمانا / ڪاج

**شاشت همت:** (شاشت: جرئت / دليري، مثال:

جهيڙو ڪرڻ آيو هو پر شاشت ئي نـ ٿيس!): همت/ بهادري.

**شال شالَر / شالوَڙ:** سالوَرو / ڳاڙهو ريشمي رئو / رنگين شال.

**شام نماشام:** سج لهڻ جو نماءُ / مُنهن َ ميرُ/ مُنهنَ اونداهي/ سانجهي.

**شانُ شوڪت:** مــانُ شــانُ/ دبدبو/ وقــار/ رعب / داٻ/ تجمل / پڙڪو / ٺاٺ. مثال:

(۱) سهڻا هجي سلامت، هي تنهنجو شان شوڪت،
اعليٰ عظيم عظمت گل بوءِ گلعذارا.
نازڪ پرين نِـگارا (مخدوم محمد زمان طالب المولي)

(۲) شغل شاديون، شان شوڪت، روز شب شوق شڪار
ياد ڳالهــيــون يار جاني، ڏينهن ڪئي آيـا ويـا.
(حاجي احمد ملاح)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**شراب خوري حرام خوري:** شراب جو استعمال ۽ بچڙا ڪم. مثال:
هوُ، هاڻ بنهہَ شراب خوري حرام خوري تي لهي پيو آهي.

**شر انگيزي شيطانگيري:** ڪيچل / شيطانيت/ خبيثائي / بدمعاشي/ لُچائي / لفنگائي / ظُلم / نقصان.

**شِرڙُ شودو:** ٺڳ / بدمعاش / لُچ / فسادي / ويڙهو / ويڙهاڪ (شِر: جن / ڀوت).

**شِرڙُ وِرڙُ:** شرڙ: جنن ڀوتن ۽ جادوگرن جي اسرارن بابت آکاڻيون / بيهوده آکاڻيون / اجايون ڳالهيون.

**شِرڪ شَڪُ:** الله جي وحدانيت ۾ شڪ ڪرڻ / حق جي هيڪڙائي ۾ گمان ڪرڻ.

**شِرڪُ شوڪَ:** ٻہ پسڻ / خداوند تعاليٰ جي وحدت ۾ شڪ ڪرڻ.

**شرم شيڪو:** (شيڪو: لڄ): شوخي / شوخائي، مثال:
(١) ڪنهن عورت، ٻيءَ کي چيو: ايءَ ڇڏ ڪٽي شرم شيڪو!
(٢) شرم شيڪا شان جا، ڇڏي سيئي! (شاهہ محمد ديدڙ)

**شرم مرم:** حياء / لڄ / ليھہَ / ڦِڪائي / شرمساري.

**شَرنايون ڪَرنايون:** توتاريون / بينڊ باجا / ڍُهل دمر.

**شريڪ شامل:** مليل / گڏيل / لاڳاپيل / ڀائيوار.

**شريڪت شموليت:** (شريڪت: ڳانڍاپو/ مائٽي، مثال:
سرتيون شريڪت آئون ڪيئن آڳن سين ڪريان (شاهہ):
مِتـــاچاري/ مِٽي مـائٽي / رشـتـو / برادري) : عزازت/ ٻيلپو/ همراهي/ شريڪ ۽ شامل ٿيڻ جو عمل.

**شعر شاعري:** (ڪلام چوڻ ): بيت / وائي /ڪافي/ غزل گيت وغيره.

**شعلوُ شعاع:** چمڪو/ روشني/ ڇِپي/ باهہ جو مَچَ / ڀنيت.

**شُغل شاديون:** شاديءَ جون خوشيون/ شاديءَ جون رسمون/ دهل شرنايون، ڳائڻ وڄائڻ /ڇيرين جا چمڪار وغيره. مثال:



www.sindhsalamat.com　　　　books.sindhsalamat.com

**شهزادو شَهِمور:** شاهه زادو/ اميرزادو/ حاڪم زادو/ بادشاهه زادو/ بادشاهي ٻار/ وڏ گهراڻو ٻار/ راڄ ڪمار.

**شهريچو شهري:** شهر جو رهاڪو /شهري ماحول ۾ رهندڙ.

**شهمِيرُ مَهمِيرُ:** (شهه مير: شاهه مير. : وڏوماڻهو- مهمير: شاهه مير: وڏو ماڻهو): امير / نواب/ حيثيت وارو.

**شيخ بزرگ:** عالِم / فاضل / متقي / واعظ (وعظ ڪندڙ)/ اهم مذهبي شخصيت RELIGIOUS DIGNATORY

**شيخي بُزرگي:** وڏائي/ ديني فوقيت/ مذهبي برتري/ علم/ مذهبي عظمت/ ديني علوم جي ڄاڻ.

**شيرِ شڪَر:** (شِير: کير- شڪر: کنڊ- شير شڪر ٿيڻ: کير کنڊ ٿيڻ: پرچي وڃڻ/ راضي ٻاضي ٿيڻ/ سرچي وڃڻ): ميلاپ/ پرچاءُ /سرچاءُ. مثال:

پِرت جن جي پاڻ ۾ ماڪيان مٺي شيرو شڪر؛

(مولوي شفيع محمد هاتف)

**شير شينهن-خدا-جو:** شير: شينهن- شير کي "خدا جو شينهن" چيو ويندو آهي. شينهن کي انهيءَ حوالي سان جهنگ جو بادشاهه سڏيو ويندو آهي. اصطلاح ۾ معنيٰ: بهادر/ دلير/ سورهيه / ٻلوان/ پهلوان.

**شيرلُ شَهپيرِيلُ:** ( شيرل: شير (شينهن): اسم تصغير: شيرل (شيرل ماڻهو جو نالو به آهي) بهادر- شپهپريل: شهپرن وارو- شهپر: شاهوڙ مُڇون/ پکيءَ جي پرن وانگر گهاٽيون ڏِگهيون مڇون. جڏهن ته پهلوان/ بهادر ماڻهو وڏا شهپر رکرائيندا آهن. شهپر (وڏيون مُڇون)، مُنهن جي ڏيا/ رعب وڌائين ٿا): بهادر/ دلير/ سورهيه / پهلوان/ ٻلوان.

**شيرِڻي ڪيرِڻي:** کير سان رڌل رٻ/ مٺي رٻ/ ڪانجهي/ ريڪڙو پت. PORRIDGE



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**شيطان اِبلس:** شيطان جا اوگڻ رکندڙ / بد ڪار/ پليد/ خناس/ بهشت مان تڙيل هڪ ملائڪ (فرشتو)/ عزازيل.

**شيطان شوم:** پليد/ بيڪار/ شرارتي. مثال:

نہ شيطان شوم، منهنجي ساهہ کي ويجهو ڦري،
مَنَ مران ايمان سان، موليٰ ڪري مون تي مهر.

(مولوي شفيع محمد "هاتف")

**شيڪا شِڪر:** (شڪر: پيٽ: پيٽ پرائي)، هَٺ/ وڏ ماٺهپائي/ ايمان /تڪبر. مثال:

جنهن آڏ الفت ۾ سينو سِجهايو،
ڪندين تن سان شيڪا شَڪر ڪهڙا.

(محمد صديق مسافر)

**شِيڪارڙو شوڪارو:** تڏو ساهہ/ سڏڪو/ آيو ساهہ.

**شيڪرِ شيڪو:** (شيڪو ڪرڻ: اجائي وڏائي ڪرڻ): هَٺ/ وڏائي/ وڏ ماٺهپائي/ جوشِ/ ايمان. مثال: اي ٻائي، ڇڏ ڪٽي شيڪو!

**شيڪو شانُ:** هَٺُ / وڏائي/ اجائي آڪڙ /ڪاوڙ. مثال:

عشق وارن اصلي شيڪا ڇڏيا شانَ. (موريو فقير پرسومل)

**شيل شڪارُ:** (شيل: سير/ تفريح)/ هوا خوري/ چِهل قدمي (تنگون ساهڻ لاءِ گهمڻ ڦرڻ) / وندر/ وِرونهہ/ گهُمتاري.

**شيواڌاري شيوڪَ:** (شيواڌاري: شيوايا: خدمت ڪندڙ/ خادم: شيوڪ: خدمت ڪندڙ): نوڪر/ چاڪر/ ٻيلي/ ٽهليو/ (ٽهل: خدمت):خدمت گذار/مُريد/سيوڪ/پوڄاري/ عابد. مثال:

سرگواسي جيوترام، ڳوٺ جي مندر جو شِيوڌاري شيوڪ هو.

**شي ۽ شِڪل:** وَٿُ/ وِشو/ چيز/ پڏارٿ/ ٽول/ ٽوڪُ/ جنس/ڪا بہ شئي/ مال اسباب/ متاع. مثال:

شهر مان آيو پر شي ۽ شڪل ڪا نہ آندائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ص

(لفظ جا جوڙا: 35 - ڪل لفظ: 70)

**صاحب بهادر:** انگريزن، يورپين جولقب جو اجا تائين اسان وٽ مروَج اهي. انگريزن جي حڪومت ۾ غلاميءَ واري دور ۾، ڪاموري کي صاحب بهادر سڏيندا هئا.

**صاحبُ رب ستار:** سائين / مالڪ / آقا / والي / حاڪم / الله تعاليٰ.

**صاحبُ زادو آمير زادو:** نواب زادو/ خانزادو (ڪنهن خان جو اولاد)رئيسن جو اولاد.

**صاحب لوڪ صاحب لوگ:** يورپي / فِرنگي.

**صافُ سُٿرو:** اوجل / صفائي ڪيل / چَنڊيل ڦوڪيل / اڇو اُجرو/ بي داغ / بي عيب. NEAT AND CLEAN/NEAT AND TIDY

**صافُ شفاف:** بلڪل صاف / اوجل

TRAN SPARENT/CRYSTAL CLEAR

**صافُ صفا:** نجَ / اُجرو، مثال:

... لنگهي لک ورهه ٿيا، صديون سال سوا،
ڪاري پڪري ڪير ڏيئي، اڇو صاف صفا.... (صالح سنڌي)
قدرت جو نظام لکن ورهين کان پوري نيم تي هلندو اچي

**صالح سَدورو :** (صالح: سنِن ڇلڻ وارو / نيڪ- سدورو: ءِ سياڳو/ چَيو مڃيندڙ ): چٽيوان/ آگيا وان/چَياڪَر / نياز مند/ تعبيدار/ فرمانبردار / سُلڇڻو.

**صالح سُڏريل:** (سُڌريل: سُلڇڻو): سڌاتورو/ خوش اطوار / نيڪ/ شائستو / وڙائتو / سَنواريل / سُلڇڻو.

**صَبر استقلال:** (صبر: خاموشي/ سانت / تحمل/ حلم- استقلال: بُردباري):اطمينان/ قناعت/ ڌيرج/ تسڪين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**صبر تحمل:** ماٺ/ خاموشي/ تسڪين /طمينان/ٿامر/ ڌيرج/ٿانهرائپ.

**صحبت سنگت:** ياري / دوستي / ساٿُ / همراهي/ رفاقت.

**صحيح سالم:** ڀَڪو/ پُختو/اُيڪُ ٺاڪ/چڱو ڀلو/ تندرست/ صحتمند.

**صحيح سلامت:** برابر/ جوڙيلو / تندرست /سُکيو/ جڙيو بَڻيو

•SAFE AND SOUND

**صداقت سچائي:** خلوص/ايمانداري/ ديانتداري / صاف گوئي/ اوجلائي.

**صِدق سچائي:** صداقت/ خُلوص/ايمانداري/ دِيانتداري/ سچ/ حق/ صاف گوئي.

**صِدق صَفائي:** اُڄائي / اُجرائي / سچائي/ اوجلائي/ صداقت.

**صدقي وڃڻ سرگهورڻ:** قربان ٿيڻ/ فدا ٿيڻ/سر گهول گهمائڻ/ ٻلهارڻ وڃڻ/جان نِثار ڪرڻ.

**صَرف نَحو:** گرامر / ٻوليءَ جو قائدو.

GRAMMAR AND ETYMOLOGY

**صَرفو سانگ:** (صرفوڪرڻ: خرچ ۾ گهٽتائي ڪرڻ/ گهٽائي خرچ ڪرڻ / بُخل ڪرڻ، مثال:

چوندا آهن تہ: (١) صرفو ڪرين تہ پٽ هنڊاءِ! (٢) وات خرچ ڪي ڪهڙو صرفو ؟): ڪنجوسائي/ ڪم خرچي/ ڪفايت/ قناعت/ ڪوءِ سوءِ (ڪوئڻ سوئڻ: ڪوئي سوئي خرچ ڪرڻ)، مثال:

خوشحال زندگيءَ لاءِ صرفو سانگ ضروري آهي.

**صرفو سنجر:** (سنجر: پرهيزگاري): ڪفايت / قناعت/ ڪوءِ سوءِ

**صفا صافُ:** (صفا: پاڪ - صاف: چِٽو / خالص: پوتر: اڇو / اُجرو/ اوجل/ ظاهر / سِڌوسنئون / نج / بي داغ/ پاڪيزه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**صَفائي سُٿائي:** اڇائي / اُجرائي/ اوجلائي/ چنڊ ڦوڪ.

**صَفائي سَچائي:** (صفائي: دل جي اُجرائي/ من جي صفائي ):صداقت/ ديانتداري/ خلوص/ايمانداري/ امانت داري.

**صلابَتَ حشمت:** آب تاب / تجمل / دٻدٻو/ ڏيا/ ٺَٺُ/ مظبوطي/زور.

**صَلاحَ مشورو:** (صلاح: مَتِ. مثال: جيڪا سنگت جي صلاح!):
رٿ / تدبير / تجويز / ارادو / منشا مصلحت.

**صَلاح مصلحت:** تدبير / تجويز / رِٿ / منشا.

**صفن صَفا:** ويران / چَٽُ / تباهه.

**صَلاحيت لِياقت:** بهتري / ڀلائي / نيڪي/ قابليت.
ABILITY / CAPABILITY

**صُلح پسند صلح دوست:** امن پسند/ اَمَنَ جو گهرجائو/ امن سلامتي جو طالبُو.

**صُلح سانت:** ماٺ / اَمَن / سُڪون / فرحت.

**صلواة زڪواة:** (صلواة: ڀاڻ ڪريمن تي درودُ / برڪتون ۽ سلام - زڪواة: پنهنجي ڪمائيءَ مان غريبن ۽ نادارن کي ڏيڻ):
بندگي / نماز/ اسلام جي احڪامن ۽ اصولن تي عمل.

**صُورت مُورت:** تصوير/ مُنهن مُهانڊو/شڪل/شبيهه/ روُپ/ خاڪو.مثال:
صورت مورت سڄڻين، رنگ جنهن جي راس. (حاجي محمد رحيم چانڊيو)

**صورتدار صورتمند:** سُهڻو/ مُهانڊن موچارو/ شڪيل / جميل/ سدامورَ/ مَلوڪ/سهڻي شڪل صورت وارو.

**صوم صلواة:** روزو / نماز / پنجگانه (پنج وقت ) نماز / بندگي/رب جي اطاعت/ اسلام جي ارڪانن جي پيروي.


www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

# ض

(لفظن جا جوڙا : 10- ڪل لفظ: 20)

**ضابطوقاعدو:** آئين / قانون/ قاعدن مطابق انتظام/ دستور/ ربط ضبط.

**ضامن گيري ضمانت داري:** (ضامن گيري: ضامن پوڻ، مثال: ضــامن گــيــري، تاون گــيــري۱): ذمــيــواري/ جوابداري / ڪفالت.SURITY

**ضِدُ ساڙ :** حسد / ساڙپو/ ابتڙ/ برخلاف.

**ضِدي هوڏي:** هَٺيلو/ ٺٺرُ / ڪِٽ ڦِٽ ڪندڙ / قَـڏئي/ ڦڏائي.

**ضَرب چوٽ:** ڌڪ/ رهنڊ / رهڙ / سَنڌاٽئو ڌَڪُ.

**ضرورت حاجت:** گهرج / احتجاج / طلب / لاچاري.

**ضروري واجب:** لازمي/ بيشڪ / جائي / بجا.

**ضعيف ڪمزور:** هيڻو/ نِبَلُ/ ڏٻرو.

**ضعيف رائفان:** عورت / زال/ جنس نازڪ/ حوا جي جائي.

**ضمانت ذميواري:** جوابداري/ ڪِفالت/ ذِمو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ط

(لفظن جا جوڙا: 21 - ڪل لفظ: 42)

**طاسِرو تَسرو:** وڏو تُسَرُ/ وڏو وٽو/ تاسرو.

**طاقت آزمائي زورآزمائي:** زور آوري / طاقت جو استعمال.

**طاقتور توانا:** زوراور/ زبردست/ ٻَلوان/ سگهارو/ زور ڀريو.

**طامائو طامع:** طمع رکندڙ / لالچي / طمعُو / لوڀي/ تاڪائو (تڪيندڙ) / حريص.

**طامع حَريص:** طمع رکندڙ / طمعُو / تاڪائو/ لالچي.

**طِبّ طبابت:** حِڪمت / علاج / ڊاڪٽري.

**طَبع زاد اصلي:** طبيت مان نڪتل / پنهنجو ايجاد ڪيل/ پنهنجي ايجاد /دليئون جانيئون / اصلوڪو /مُنڍائتو/ ڏرائتو.
ORIGINAL

**طَبل باجا:** (طبل : دُهل دمامـا/ دهل شـرنايون/ باجا نقارا/ شاديءَ جي ڳائڻ وڄائڻ جو ڌمچر.

**طبيبُ حڪيمُ:** ويڄُ / ڏاهو/ وَيدُ / معالج/ ڊاڪٽر PHYSICIAN

**طَرز وضَع:** ڍَنگُ/ اُسلوب/ هيئت/ طور طريقو.

**طراوت تازگي:** (رطراوت: تازگي): آرام/فرحت/ مزو/ لَذت / سَڪون.

**طريقا طور:** نمونو/ انداز/ڍنگ، مثال:

طريقا طور دنيا جا بدلبا تا رهن اڪثر،
گهٽن وٽ تو ڏسان نا آشنائي، آشنائيءَ ۾.
(مخدوم محمد زمان طالب المولي)

**طعام قيام:** ڪاڏو ۽ رهائش.

**طَعن لَعن:** مِهڻو/ مَلامت / ڦِٽ / لعنت / ڄَٽ ڦِٽ/ ڦِٽڪار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**طعنا ٽُڪنا:** اوڀالا / پاراپا/ ڏوراپا / مَهڻا/ مهڻا/ ميارون، مثال.

طعنات ٽُنڪا تن جا، مَـرَڪَ ميهڻان پانءِ! (ميين عسي)

**طعنا مهڻا:** ڏوراپا/ ميارون/ ملامتون/ ڏکيا ڏوراپا مثال:

طلب نـہ ڪريـو حُسـن سنـدي،
هِـت ڏينهـن ڏکيـايي ڏسـڻا آهـن.
ناهي وفا ڪا ماڻهن ۾ رڳي طعنا مهڻا سهڻا آهن.

(مخدوم محمد زمان طالب المولي)

**طعنو تنڪو:** اوڀالو/ ڏوراپو/ پاراپو / پاراپو/ ميار / ملامت.

**طَلب تاتِ:** (طلب: طلبڻ: آس رکڻ/ تمنا ڪرڻ):ضرورت / تات تاري / آرزو / گهرجُ/ مانگُ/ خواهش ، مثال.

جن جي طلب تات وٺي اٿم وات.
آءُ سا انين لاءِ ، رئان ٿي ڏينهن رات (منٺار فقير راجڙ)

**طلب تنوار:** تات/ هات تاتِ/ يادگيري ، مثال:

تي تـمامي طـلب تنـوار،
سـاريا اچ پنهـنجا پنـهوار. (نوح پنهور)

**طور طريقو:** هلت چلت/ چال چلت/ رنگ ڍنگ/ ورتاءُ.

**طيش غَضبُ:** ڪاوڙ/غصو/ جوش/ ڪروڌ / عتاب/ ڏمر/ ڀڙڪو / ظلم/ قهر/ انڌير/ ڪوپ / ڪلور/ مصيبت.



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

# ظ

## (لفظن جا جوڙا: 8- ڪل لفظ: 16)

**ظالم جابِرُ:** (ظآلم: ظلم ڪندڙ - جابر: جبـــر ظلم/ ڪندڙ ) : ظلمي/ ڏاڍائي ڪندڙ /ستمگر.

**ظالم ظولمي.** ظلم ڪندڙ /ستمگر/ پاپي/ بي رحم/ سنگدل / ڪٺور.

**ظاهر ظهور:** ڪُليو ڪُلايو /ڪُليل/ اپٽيل/ نروار/ آشڪار/ پڌري پٽ/ صاف صاف/ عالم آشڪار، مثال:

ظوئي ظلم ڪرڪيم تون، ظالم نہ تي ظاهر ظهور

(بشير محمد لغاري).

**ظاهر بين ظاهردار:** ظاهري حـــالت تي هلندڙ/ اُيــرندڙ سچ جو پوڄاري/ اِبن الوقت.

**ظاهر پرست ظاهر دار:** دنيـا جي مـهـاڇار ۾ قـاتل/ظاهر کي پوڄيندڙ/ ظاهر داريءَ ۾قاتل/ٻاهرين ڏيک ويک جو قائل .

**ظلم استبداد:** ڏاڍائي/ ڏاڍ / ڏاڍ ڏمـر/زوراوري/ اَنيـاءُ / نـاانصـافي/ ڦهر/ ڪلور.

**ظلم زوري:** ڏاڍائي/ زوراواري/ انڌير/ بيداد/ ڏاڍ ڏمر. مثال:

(۱) نہ تهنجي ظلم زوريءَ جي خبر هئي خان ڪا مونکي.
ڪٿي ڇوڪوهہ تي آيس اجايو مان مُٺي ماٺي.

(مولانا نورالدين نور)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) ظلم زوري زبردستي جفا ۽ جور جن مون ڪيو،
قيامت ۾ اهي قهري، رڳيا رهزن رلائيندس.
(مير عبدالحسين خان سانگي)

(٣) هي ڏسي نقشو فنا جو ڪيئن وڃائن پنهنجي دل
ظلم زوريءَ ۾ جي ڏسجن، موج سان مستان اڄ
(محمد صديق مسافر).

(۴) ضعيفن سان ظلم زوري جڳائي ڪين تي جاني،
متان آهَنِ ۽ دانهن جي جگر ۾ لڳي ڪاني
(مخدوم امين محمد امين)

**ظهيري ضعيفائي:** (ظهيري: پوڙهائي/ ڪمزوري، مثال پيري ظهيري آهي): ايَرائي/ ڪمزوري / لاچاري/مجبوري/ پوڙهائپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ع

(لفظن جو جوڙا: 64 - ڪل لفظ: 128)

**عابِدَ زاهِدُ:** عبادت ڪندڙ / بندگي ڪندڙ/ عبادت گذار/ پرهيزگار ديندار/ مُتقي.

**عابد عبادت گذار:** عبادت جو پابند/ پرهيزگار/ ديندار.

**عاجزي اِنڪساري:** آزي نيزاري/ آزي نيازي/ منٿ ميڙ/ نياز نوڙت/ ليلڙاٽ/عرض.

**عارُ حيا:** شرم/ مَرم/ لَڄ /ليهہ/ ڦِڪائي.

**عارضو آزار:** (عارضو : بيماري- آزار/ تڪليف): بيماري/ روڳ/ ڏک/ تڪليف/ اکهائي/ پنگِلائي.

**عافيت صحت:** تندرستي/ چڱيلائي/ چاقائي / راحت/ آرام.

**عاقبتَ انتها:** پڇاڙي/ آخرت/ توڙ/ ڇيهہ.

**عاقل بالغ:** (بالغ: بلوغت کي پهتل/ ساماڻل/مرد ٿيل): سمجهہ وارو/ ڏاهو/ دانا ء/سمجهوُ.

**عالِم عارف:** عالم : علم وارا– عارف: عِرفان وارا: دانا / اڪابر ، مثال:

ڪندا وٺا توار، عالم عارف اهڙي (شاهہ: سر آسا):

معرفت وارا/ معرفت الاهي وارا. مثال:

خدا کي سڃاڻندڙ "اِلاهوُ الاهو" ڪندا ويا.

**عالِيجاهُ عاليجناب:** مان مرتبي وارو/ وڏي شان مان وارو/ مانوارو/ بُلند پايہ / عزت مآب.

**عاليشان عظيم الشان:** وڏي شان وارو/ عمدو/ رونق وارو/ شاندار.

**عام جام:** عام رواجي/ ريل ڇيل / رائج/ بازاري/ هالو چالو. مثال:

رکن ٽيون قوم کي قومي ثقافتون زنده،

کهکهي کي، ٽوپ کي، اجرڪ کي عام جام ڪريون.

(سرڪش سنڌي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**عامر رواجي عامي:** معمولي/ هالوَ چالو( هلندڙ چلندڙ؛ رواج ۾)/ رائج/ بازاري/ هلڪو/ سادو/ گهٽ/ الاهي/ عامرجامر/ ريل چيل.

**عالِمر اڪابر:** پڙهيل ڳڙهيل/ دانا/ معرفت الاهيءَ جا ڄاڻو/ علم وارا/ فاضل/ سالڪ/ عارف.

**عامل ڪامل:** عمل ڪندڙ/ عملدار/حاڪم/ آفيسر شاهي عهدي تي فائز/ سرڪاري ملازم.

**عبادت رياضت:** بندگي/ سجدو/ پُوڄا/ پراٿنا / پَرستش. مثال:

بِنا حُبَّ حيدر جي مقبول ناهي،
عبادت پوڄا رياضت ڪوڏيون ڪيسرا. (مرزا قنبر علي بيگ حيدري)

**عِتاب غَضب:** جِهڻڪ/ چَنڊ/ ڏہنامو/ مهڻو/ ڏورايو/ دَڙڪو چاٽڪ/ ويڙ / الايو/ چِڙَ / قهر/ تپش / جوش.

**عِجز آزي:** منٿ ميڙ/ ايلاز مِنٿون/ ليلڙاٽ. مثال:

يا نبي نور الهديٰ هي عجز آزي ڪر قبول
(حاجي عبدالله واقف ٺارو شاهي)

**عجز نياز:** آزي نيازي/ آزي نيزاري/ ايلاز/ منٿ ميڙ.

**عجيب غريب:** عجب جهڙو / بي مثال/ لاثاني/ نيارو/انوکو.

**عَجيبَ تَجيب:** عجب جهڙو/ بي مثال/ لاجواب / نيارو/ محبوب / معشوق/دوست / رفيق.

**عداوت دشمني:** ويرُ وروڌ/ ٻيائي/ بدخواهي/ سَاڙ جَل.

**عدد شمار:** ڳڻپ/ انگ / حساب/ ليکو.

**عدل انصاف:** نياءُ / دادُ/ آچار/ حقي فيصلو/ بي رياءُ فيصلو.

**عدمر پيدا عدمر موجود:** غير حاضر/ ناپيد/ گم/ اڻلڀ.

**عذاب اذيت:** ويڌن/ ايذاءُ/ پيڙا/ درد / ڏک/ سور/ سزا.

**عَرش آسمان:** آڀَ / امبر/ آڪاس/ متاهين ڇت. مثال:

عرض آسمان پون آهي، هونگ مڙيائي هيڪڙي (مثار فقير راڄڙ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**عَرش ڪُرسي:** ستين آسمان کان مٿي جا درجا/تخت الاهي.

**عرضدار درخواست گـذار:** عرض ڪندڙ/ درخواست ڪندڙ.

**عِزت آبرو:** شانُ / مانُ /مُهِتُ/ حرمَت/ ناموس/ وقار.

**عِزت احترا:** پرم/ ساک پَتِ / شانُ مانُ/ حُرمت.

**عِزت احترام:** پرم / ساک پَتِ/ شانُ مانُ/ حُرمت.

**عِزت عصمت:** (عصمت، گناهه کان بچاءُ) : پاڪائي / پاڪدامني/ پرَمُ/ لڄ/ مانُ شانُ.

**عَزيز خويش:** مِٽُ/ مائٽُ/ پيارا/ دلپسند/ مرغوب/ سڳيٽا.

**عزيز قريب:** مٽ مائٽ/ رشتيدار/ سڳيٽا.

**عطا بخشيش:** انعام/ ڏانُ/ ڏات / دان/خيرات/ امداد/عنايت/ سخا.

**عطار عطرفروش:** عطر وڪڻندڙ/ سُرهاڻ جي سامان جو واپاري/ سُرهيو/ عطر ٺاهيندڙ.

**عطر قـليل:** گُلن جو سَتُ/ جوهر يعني عطر/ سرهاڻ/ خوشبو دار تيل.

**عطر عنبير:** سُرهاڻ جو سامان/ سرها تيل قليل/ مشڪ عنبر، مثال:

(١) آيا عطر عنبير اَٺائي، ڏنائون جڳ کي واهه ورهائي
(شمس العماء مرزا قليچ بيگ)

(٢) عطر عنبير سوين سُرهاٹيون، تولاءِ طول وهاڻا وي،
ڪيـر تـيار انهـيءَ تـوڪـل تـي. (منٺار فقير راڄڙ)

**عَصمت عِفت:** پاڪدامني/ سَتـرُ/ سَتَ سـيل/ سَتِپڻـو/ پاڪـائي/ پارسائي/ پيرهيزگاري/لڄ/ شرم/ عزت / پرم.

**عَظمت بَلند مرتبت:** شـان شـوڪـت/ برتري / بزرگي / بُلندي / اعليٰ شان / وڏو رتبو.

**عُقبيٰ عاقبت:** آخرت / پڇاڙي/ قيامت.

**عقل فهم:** ادراڪ / سمجهه / پروڙ/ پُرجهه/ پَرک/ هوشياري/ ڏاهپ / سياڻپ.



www.sindhsalamat.com                                                    books.sindhsalamat.com

**عقوبت عِتاب:** ايذاءُ / هاڃو / هرج.

**عِلت عادت:** (علت: بڇڙي عادت. مثال:

عادت نہ مٽي عادتي، عِلت مُوَر نہ جاءِ
اُٺ پوي ڪنڊڪ ۾ تہ بہ ڪَنڊا چُڻ چُڻ کاءِ پهاڪو:
خراب هيرَ / بُري عادت/ بدعادت.

**علم دانش:** سمجهہ /پروڙ /فن / آگاهي / ڄاڻ / وِديا/ وگيان.

**علميت قابليت:** سمجهہ/ پروڙ/ آگاهي وديا/ وگيان.

**عُمدو افضل:** اوچو / اعليٰ/ اُتم / فائق /برتر / نهايت سُٺو/ نفيس.

**عميق اونهو:** اٿاهہ / تمام هيٺ / پاتال /پاتار/ سمنڊ/ ساگر.

**عِنايت احسان:** مهرباني/ تورو/ ڀلائي/ وَڙ/ نوازش/ ڪِرپا/شفقت.

**عنبر مُشڪ:** ڪٿوري / ڪستوري / خوشبوءِ / سُرهاڻ. مثال:

عنبر مشڪ ڪٿوري ڇاهي، عطر ڪان افضل
(هدايت علي فقير رحـ)

**عَهد اِقرار:** قول / قرار/ انجام / وعدو / وچن / ٻولُ .

**عهد پيمان:** قول قرار/ انجام / اقرار / وعدو / وچن.

**عَيالُ اطفال:** (طفل: ٻار (واحد) - اطفال: ٻار (جمع): ٻار ٻچا /
آڪهہ / ڪٽنب/ / ڪُڙم / خاندان/ گِهراڻو.

**عيالُ اولادُ:** آل اولاد / ٻار ٻچا / گهر ٻار / ڪُٽنب/ گِهراڻو/ ڪُڙم.

**عيبَ خطائون:** کهٽتايون / اوڻايون / اَوگڻ / خرابيون /
وِڏون / ڪوتايُون. مثال:

نہ عيبن خطائن تي تنهنجي نظر،
سَنڌءِ رحم سيني مٿي سربسر. (شمس الدين بلبل)

**عيدَ بَرات / براد:** (بَرات: شب برات / شعبان مهيني جي پندرهين
تاريخ واري عيد): خوشيءَ جو ڏينهن / وڏو
ڏينهن / شَبِ وارُ (ڏڻ). مثال:



www.sindhsalamat.com          books.sindhsalamat.com

"عيد براد، رڏيءَ پڪيءَ مان ڪا چڱي ڪئي ڏيندو هون تہ ها، نہ تہ ٻيو ٿيو خير" (ڪتاب "ڪلام محمود ڪنياڻ" تان ڳنيل.)

**عيدَ گيدَ:** گيد: عيد جو ٻيو ڏينهن. سنڌ ۾ عيد جون خوشيون ٽن ڏينهن تائين ملهايون ويندڙيون آهن. عيد جي خوشين جا پهريان ٻہ ڏينهن زوردار هوندا آهن. عيد جي ٻئي ڏينهن کي "گيد" چيو ويندو آهي. عيد جون خوشيون، عيد جي ٻئي ڏينهن کان گهٽجڻ شروع ٿينديون آهن ۽ عيد جي ٽئين ڏينهن تي گهٽجي گهٽجي بنهہ ختم ٿي وينديون آهن. ان تان چوند آهن:

(١) عيد بہ ويئي، گيد بہ ويئي، ساڃيا ٿڪر ساڳ سان.

(٢) اڄ عيد، سڀاڻي گيد، پرينهن ساڃيا ٿڪر ساڳ سان.

**عيش آرام:** فرحت / راحت / موج / لطف.

**عيش عشرت:** خوشي / موج / بهاري/ مسرت / فرحت / لطف / راحت.

**عيش نشاط :** موجَ / بهاري / مسرت / فرحت / لطف/ راحت.

**عيشي عياشي:** نفس جو غلام / عياشيءَ ۾ قاتل / عيشي حيئڙو.

**عليڪ سليڪ:** ٿوري واقفيت / دعا سلام SLIGHT ACQUINTANCE

**عين بين:** بلڪ ساڳيو/سَڌ پڌ/هوبهو / اهوئي/ سُوڌ پوڌ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غ

(لفظن جا جوڙا، 34 - ڪل لفظ، 68)

**غارتِ گري تباهہ ڪاري:** لٽِ (لٽڻ) / ڦرِ (ڦرڻ) / تباهي / بربادي/ اُجاڙ / بربادي.

**غاصِبُ ظالم:** ظلم ڪندڙ / ظلمي / ظولمي / حق غصب ڪندڙ/ ٻين جي حقن تي ڌاڙا هڻندڙ.

**غافِل غلطان:** غفلت ڪندڙ / ويسرو / ويسلو / لاغرض / ڪاهل / بي پرواهہ / ٽوٽي / ڍَرو.

**غالب فاتح:** غَلبو ڪرڻ وارو / حاوي / قابض / فتحياب / ڪَٽِياتُ / ڪٽڻهار / سوڀارو / اثر وارو.

**غائب گم:** عدم موجود / الوپ / لِڪل / پوشيده / مخفي / انتر ڌيان.

**غُرور تَڪبُر:** هَٺُ /گهمنڊ / مغروري / وڏائي/ آيمان / ڪِبرُ / ڪاءُ.

**غريب غربو:** مسڪين / ڪنگال / ضرورتمند.

**غريب محتاج:** (محتاج: حاجتمند): ڪاٿياتو/ گهرجائو.

**غريب نادار:** محتاج مسڪين / گهرُ جائو / ضرورتمند/ لاچار/ ڪَنُل/ پينگيو / مسڪين/ بي پهچ / نِڌَرُ / ڪَنگالُ / عاجز .

**غريب واد غريبائوطريقو :** غريبي لڏو/مسڪيني حال.

**غريب پرور غريب نواز :** غريبن کي پاليندڙ / غريبن کي نوازيندڙ / مسڪينن جي پرورش ڪندڙ.

**غريبي مسڪيني:** (غريبيِ مسڪيني حال. مثال: غريبي گلزار موچاري "مينگهو" چوي ): مُفلسي / ناداري / ڪنگالپڻو.

**غشي بيهوشي :** مورڇائي / وِسامَ (وسامڻ) / ڍِڪرُ (ڍِڪرجڻ) / بي هوشي / ساٿائي / ماٿائي / ماندڪائي / اونگهہ /گهيرٽ/ موڳائي / اگهورنند / ڪِهلَ.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**غُصو غَضَبُ:** ڪاوڙ / ڏمر / مَنيان / ڪروڌ. مثال:

جفا جور ۽ ظلم و زوري غضب،
غريبن تي قُـزمار، غُصو غضب (شمس الدين بلبل)

**غَضَبُ قَهرُ:** انڌير/ ظلم / ڪوپُ / ڪلور / مصيبت / ڏاڍ / ڏاڍائي.

**غُل غوغا:** هَل هنگامون/ هَل بکيڙو/ ڌمچر.

**غلامُ بَندو:** نوڪر / زرخريد ٻانهو / گولو / چيلو / بَردو / داسُ.

**غَلط سَلط** نادُرست / اڻ صحيح / اونڌو/ ابتو /خلاف.

**غَليظ قَبيح:** گندو / لَڙ تايل / بِڇڙو / بَد / ڪِراهت جوڳو/ ميرو / گدلو / اوسنو /اوگهو / بدبو دار.

**غم الم:** ڏک / گوندر / رنج/ ڏنج / افسوس/ ملال/ تڪليف / پيڙا / فڪر / چِنتا. مثال :

(۱) سچو دور دنيا جو دم تو ڏسان،
دم دهر ڪي غم الم تو ڏسان (حافظ حامد)

(۲) سورن پريون ساعتون، دردن پريا دم،
ويندا غم الم، ايندا ڏينهن سُهاڳ جا. (دادن فقير)

(۳) وقت تي هر چيز پنهنجو تي پسائي فائدو
ساڻ سڪَ جي، غم الم ساٌن پي شناسا ٿي هجي. (نثار بزمي)

**غم اَندوه:** ڏک / رنج / افسوس / ويڏن / ڪشٽ / پيڙا/ اَڏکو . مثال

"امين" مشڪل اچي ڪوئي تہ پڙهہ صلواة سيد تي
غم اندوهہ مان ٿي ويندا پيڙا پار بسم الله .
(مخدوم محمد امين "فهيم")

**غَم گـُسار غمخوار:** غم ڪٽيندڙ / غمتار / درد مند / ڏکُ دوَر ڪندڙ.

**غم گوُندر :** ڏک / اندوهہ / ارمان / رَنج / مَلالُ. مثال:

عاشق سوئي جو مٽي ماري، سُور قبولي، سهنج وساري،
غم گوندر ۾ پاڻ پگهاري، اونهي فڪر ۾ پيندو.
(منٺيار فقير راڄڙ)


www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

**غمگين غمناڪ:** ڏکَ ڀريو / ڏجهارو / رنجيده / اُداس / دلگير / ملُولُ / ويڳاڻو / ويڳاڻيل.

**غم وَهم:** (وَهم: گمان/ وِسوسو ): اجايا خيال / ڏکوئيندڙ خيال . مثال:

"غلام محمد" مُحب حقاني، مليو جيءَ جو جانب جاني،
قادر ڪيو تہ ڪرم وو، غم وهم سڀ ويڙهو
(مولوي غلام محمد ٻگائي)

**غمزو رَمز:** اک جو اشارو / ميچ /ڳُجهو اِشارو / مامَ.

**غَواص غوطہ زن:** غواص : ٽوٻو/ غوطو هڻي سمنڊ مان سپون سوجهي ڪڍندڙ. مثال:

اي ڳت غواصن جيئن سمنڊ سوجهيائون (شاهہ): ٽوٻا / ٽوٻير/ ٽٻيون هڻدڙ / ڪارو (سمنڊ ) ڪيڙيندڙ.

**غوغاءِ غُلغُلو:** هَل / گوڙ / ٻکيڙو/ هاڄو / ڪڙڪو / ماندآڻ/ ڪَر ڳل / پائيتال / واويلا / واڪو واڪاڻ.

**غوغائي غُلغلائي:** گوڙ مچائيندڙ / ڏُڦيڙ وجهندڙ/ پائيتالي / گهَمساني / هَل هَنگامو ڪندڙ.

**غيرحاضر غيرموجود:** غائب / ناموجود/ اڻ حاضر.

**غَيياڻو نِڌڻڪو:** جنهن جو ڪو ڌڻي سائين نہ هجي/ ٻي ڌَڻڪو / آڌَسيندو / ڌڻي ڌوڪيءَ ڪانسواءِ . چوندا آهن ڌڻي (مالڪ)ڪانسواءِ "ڌڻ" رلي وڃي ٿو. ڌڻ تہ ڌڻي نہ تہ وڪڻ ڪٽي! هونئين بہ / نڌڻڪا گهوڙا غيياڻا هِسوارَ.

**غير غبار:** ٻيائي / ڪينو/ ڪِرور / دغا . مثال:

ڪڍ تون دغا دل مان غير غبار... (حاجي عبدالله )

**غير واجب نامناسب:** غير روا/ اڻ سُهائيندڙ / نادُرست / ناجائز.

**غيظ غضب :** ڪاوڙ / ڪوپُ / قهر / ڪَلوُر / سخت عذاب.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

# ف

(لفظن جا جوڙا، 31- ڪل لفظ، 62)

**فارسَ پارسَ:** ايران جو پُراڻونالو (فارسي پارسي: پارس/ فارس ملڪ جي ٻولي) پارس، ايران، شيراز، اصفهان، ڪرمان، طهران، يزد وغيره علائقن تي مشتمل، پسر بن پهلوان بن سام بن نوح عليه السلام طرفان آباد ڪيل ملڪ/ هن وقت "ايران" جي نالي سان اسلامي جمهوريه آهي.

**فالَ رَملَ:** شگون/ شگن / اڳڪٿي/ پيشنگوئي/ رمل جي علم مطابق اڳوات ڪيل ڪا ڳالهه ڪرڻ.

**فاني ناپائدار:** فنا ٿيندڙ/ ختم ٿي ويندڙ/ ٿور- جيٺي/ بي بقا.

**فائده مند سُودمند:** مُفيد/ ڪارگر/ ڪار آمد/ اُپراسي وارو/ لاڀارو/ لاڀ (فائدي) وارو.

**فتح نصرت:** جَئِہ/ جَئڪار/ ڪَٽَ (ڪٽڻ) / ڪاميابي/ جيت.

**فتح مند فتح ياب:** ڪٽندڙ/ ڪٽٺهار/ سوڀارو/ جئڪاري/ فاتح/ سوڀيو/ سوڀيو/ ڪٽي ايندڙ.

**فِتنو فَساد:** هُل / گوڙ / گهمسان/ ڏقيڙ/ جهيڙو/ جهڳڙو/ لڙائي / فِتور/ غوغاءُ/ بغاغو/ بَلوو/ بغاوت.

**ڦَٽڦيو ترِڙيو:** ڇترو/ ڇلولو/ ڇِچلو/ ڪيچلو/ حرڪتي.

**ڦَٽَ ڦرڙيون:** زخم / رهڙون / رهنڊون / چاڪ / چير. مثال:

ڪنهن کي ڦَٽ ڦرڙيون ناسوري نروار. (صالح سنڌي)

**فَراخُ فَراز:** ڪشادو / موڪرو / ڪُليل / وسيع / ويڪرو / متانهون/ اوچو / اعليٰ / بَلند.

**فِدائي فِدوي:** جان نثار / جانباز / سِرگهوريندڙ / فدا ٿيڻ وارو / جان قربان ڪندڙ / سرفروش / سِرُ گهول گهمائيندڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**فَراغت فُرصت:** واندڪائي / وارڪائي / نِويڪلائي / مُهلت / بي فڪري / اگوندرائي.

**فِراق فُرقت :** جدائي / ڦوڙائو / وڇوڙو / وِرهَه / ويراڳ / هجر / بِرهَه / علحيدگي / جدائي.

**فِراق هِجر:** جدائي / وڇوڙو وِرهه / برهه / ويراڳ / علحيدگي / ڦوڙائو.

**فِراق ڦوڙائو :** (ڦوڙائو: جدائي - ڦوڙڻ : جدا ڪرڻ): جدائي / وڇوڙو / وِيراڳ / بِرهه / ورهه، مثال:

دل درد، فراق ڦوڙائي ماري،

نا دردوندي اَن ڏارا، وي ! (منٺار فقير راڄڙ)

**فسِق فُجُور:** گناهه / جُرم / قصور /خطا / ڏوهه / بدڪاري/ بُڇڙائي.

**فِسق فساد:** گناهه / جُرم / ڏوهه / گوڙ / گهمسان / هَل هنگامون.

**فصل پِٽيرو مطلبي:** فصل جي وقت پيدا ٿيندڙ پکي. اصطلاح ۾ معنيٰ: لالچ جي وقت پيدا ٿي پوندڙ ماڻهو/ وقت جو يار/ خود مطلبي / خود غرض / خوشامندڙي/ مطلبي.

**فَضل ڪرم:** مهرباني / ٻاجهه / عنايت / نوازش / ٽورو / احسان.

**فغان فَرياد:** آههَ / زاري / دانهن / پُڪار / واويلا/ هَنبَسُ / شور / غوغاءُ.

**فَقر فاقو:** بک / اَفلاس /غريبي / ڪنگالپڻو / وِلهائي / مُفلسي / اَيرائي / اُوڻائي / ناداري / لنگهڻ / تنگ حالي / سُڃائي / لانگهو (لس لنگهڻ )، مثال: فَقر فاقو تن کي، پيولنگهڻ لاهو تين. (مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي)

**فقير نادار:** مسڪين / مفلس /ڪنگال / ڪنگل / غريب / محتاج.



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

**فَقيرَتن مِسڪين:** ڪَنُل / غريب/ سُجو / ڪنگال/ محتاج/ پينو/ پينار / گداگر.

**فِڪل فَريب:** مَڪَرُ / ٺڳي / دولاب / ڏوڪو / ڪُپتَ / ڊوهَ، مثال:

حق سان هلي نہ ڪنھنجو فُڪل فريب نہ ڦند، (نانڪ يوسف)

**فڪِلُ ڦندُ :** (فڪلُ، ڦِڪلُ : اٽڪل)، چالاڪي / ٺڳي / فريب / ٺڳي / مَڪَرُ / دَلبو / ڏوڪو / دولاب.

**فلاحُ بهبود:** ڀلائي / سلامتي / نجات / ڇوٽڪارو / بچاءُ / حفاظت/ چڱائي / خيريت.

**فلاڻو ٽيرو:** ڪو / ٽيرو متيرو/نامعلوم شخص/ فرضي نالو/ ڪوماٺهو/ امڪو ڍمڪو. SO AND SO / SOME ONE.

**فِلنگي فِرنگي:** گورو/ يورپي (يورپ جو انگريز)

**فِنڊڪَ ڦِنڊڪَ:** ڏڪ / ٺهنگو/ ٺونگو / لت جو ڏڪ / پير جي آڱوٺي سان هنيل ڏڪ.

**فَهم فراست:** سمجهہ / عقل / ٻوڌِ / پروڙ / ادراڪ / گيان / علم / دانائي / هوش / عقلمندي / زيرڪي / قيافہ شناسي.

**فيصلو قُرُو:** ٽرو : (ڦرڻ /ڦاڙڻ / ڦوڙڻ / چيرڻ): ڪنھن منجهيل معاملي کي ڦاڙي چيري، يعني ڏرين جون ڳالهوين ٻڌي، ڇنڊي ڇاڻي حقيقت معلوم ڪرڻ ۽ راءِ قائم ڪري ان جو اعلان ڪرڻ.



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

# ڦ

## (لفظن جا جوڙا: 171 - ڪل لفظ: 342)

**ڦا ٽَلَ ڦـَريو:** (ڦَريو: جنهن کي ڦَريو ويو هجي - ڦاٽل : جنهن کي ڦورَنِ / ڏاڙيلن ڦاسائي سوگهو ڪيو هجي): ڏاڙيلن وٽ ڦاٽل / يرغمال ٿيل.

**ڦاٽَ واهڙ :** (ڦاٽ: درياهه مان زور سان ڦاٽي نڪتل شاخ) : واهه / وڏو واهه / واهڙ (ننڍو واهه).

**ڦاٽاڙو وات ڦاٽو:** وات ڦاٽوڙو / ڦاٽوڙو ڏهل / وات ڦاٽل / ڳالهه کي ڦهڪائي ڏيندڙ / سڀ ڪجهه ظاهر ڪري وجهندڙ / بڙبڙيو/بڪبڪيو / جيڪي اچي سو چئي ڏيندڙ / نہ چوڻ جهڙيون ڳالهيون بہ مُنهن تي ڦهڪائي ڏيندڙ / بيباڪ.

**ڦاٽَل ٽـَـٽَل:** ڦِيڪل ٽٽل / ڦِڪڙيون ٿيل / ليهون لينگهون ٿيل. مثال:

ڦاٽل ٽٽل، اڱڙيون ٿيل ، مسڪين جو اسباب آ (حيدر شاهه حيدر)

**ڦاٽو ٽٽو :** ڦاٽل ٽٽل / ليهون ليڙون ٿيل. مثال:

بُت تي ڦاٽو ٽٽو ڪپڙو ۽ اٿن بار الم
سهڪندو، ٺوڪرون کائيندو وڃي پيو هر دم (ليڪراج 'عزيز)

**ڦاٽي ٽٽي:** ڦاٽل ٽٽل / چنل چيهون ٿيل / ليهون ٿيل / پراڻو ڪپڙو. مثال: غريب آهي: ڦاٽي ٽٽي تي پيو هلي.

**ڦاڏڙ ڦاڏو:** ويڪرو وڏو / جهِپلو.

**ڦاڄَ ڦَڄ:** ڦَٽ / زخم / ڦاڙ ( مٿو ڦاڙي وجهڻ) / مٿي وارو ڏڪ.

**ڦار ڦاڪ:** (ڦارڻ ڦاڪڻ : ڦارون ڦاڪون ڪرڻ / حصا ڪرڻ): ڦانڪ / حصو / تراشيل حصو / ڀاڱو / پتي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڦانٽ ڦانڊ:** حصو / پتي / ڀاڱو / واٽو / ونڊ / ونڊي.

**ڦانڊَ ڦانڊِٽي:** ورچ / وانٽ (وانٽـڻ: ورهائڻ) / وِراهه (وِراهڻ) / ورهاسـت / حصـو / پـتي / تقسيم / ڀاڱو / واٽو / وانٽـو / ونـڊي.

**ڦانڦو ڦتڪَ:** (ڦانـڦڻ ڦتڪڻ): اهنج / ايذاءُ / درد / ڪَشٽَ.

**ڦانڦو ڦانڦور:** (ڦانڦورڻ: ڦتڪائڻ / تڙپائڻ / لُڇائڻ): لوچ پوچ / تڙپ / بيقراري / درد / ڪشٽ.

**ڦانڪوچيهو:** ٽوٽو / هرج / نقصان / ڪُفائدو / هاڃو.

**ڦانگَ ڦوڙائي:** (ڦانگڻ ڦوڙائڻ : ڏارڻ چيرڻ): ڦوڙيل چيريل ڪاٺي - ڦانگ: سُڪل ٽاري)، مثال:

ڪوڙي ڪچ م ڪڍين، ڦِڪي ڀانئج ڦانگ،
ساري ساسِـن جي لائـق! رکـج لانـگ،
تہ چارئي چنيءَ پاند، اوسا ڳنهي اڪرين (شاهہ ، سر آسا)،

ڏاريل / چيريل / سُڪل ڪاٺي / باهه ٻارڻ لاءِ سنهيون سڪل ڪاٺيون / جهينيا / ڪاٺڙيون.

**ڦِبو ڦدو:** (ڦب ڦب ڦد ڦد ڪندڙ): ڏند ڀڳو / ڏندن ڀڳوڙو / ڀڏو / ڀڦ ڀڦ ڪندڙ / جنهن کي ڏند ڏاڙهون نہ هجن / پوڙهو پڪوڙو / ڪکُ / ڀڍو جهورَ.

**ڦِت ڦت ترِتر:** تڪڙي ڊوڙ / گهٽي هلچل / هل هلان / بي فائدي اُٿ ويهہ / بيهوده ڦتڪارَ / اجايو ڦتڪو.

**ڦِتڪ ڦِـتڙڪ:** انگڙو / اڙي / رَنڊڪ / روڪ / ٻئي کي ڪيرائڻ لاءِ ٽنگ ٻہ هنيل ڦڙتي / منڊڪَ.



www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

**ڦٽ ڦٽ ڦٽڪو:** (ڦٽڪڻ: لڇڻ / تڙپڻ): لوچ / پوچ / تڙپ / بي قراري.

**ڦِٽَ ٻَجو:** ڦٽڪار / ملامت / لعنت / جُٽ / جاڙ / تعدي، مثال:

ڦِٽَ ٻجو ڪج پرڳيھ ذرو ڏج (ٻهاڪو) اٽاسي / حرام

خور / ٽوڪي (ٺـڪَ لعنت تي هريل) ماڻهو لاءِ چيل.

**ڦِٽ ٻيگر:** ٻيگار / مفت ۾ مزدوري ڪرائڻ / چيڙ / وَنگار.

**ڦِٽ جُٽ:** جاڙ / تعدي / ٽوڪار / ملامت.

**ڦٽ ڦـُـرڙي:** زخم / گهاءُ / ڦاڙ / چير، مثال:

سوچ ٻيرا لڳي ٿي، ايئين اُن جي،
ڦٽ ڦرڙيءَ تان ڇڻ، لهي وئي ٻهي! (خاڪي جويو)

**ڦِٽَ ڦڪڙي:** لعنت / ملامت / طعنو، مثال:

عشق وڃايو حجاب وي مِيان،
ڦِٽ ڦڪڙي آهي ڏاج مُنهنجو (ٻيدل فقير)

**ڦٽ ڦلوڪٽا:** ڇهنبا / زخم / گهاءُ / ڦرڙيون / ڦوڦيندا.

**ڦٽَ ڦلوهان:** ڦلوڪٽا / سُڄي پيل ڦٽ / پيل گهاءُ، مثال:

اکين تنهنجن ۾ آتش ڏاڍي، ڪن ٿيون ڦٽ ڦلوهان
(عثمان فقير سانگي)

**ڦِٽ لعنت:** ڦِٽڪار / ملامت / ڌِڪار.

**ڦٽل ڦاٽَلَ:** (ڦٽل: ڪپڙي جو ڦٽل / ٻگڙيل / خراب ٿيل رنگ -
ڦاٽل: گهٽي / باربار پائڻ سبب ڇڙي ويل): چوڙيل
ڪپڙو / پراڻو ڪپڙو.

**ڦِٽون جُٺيون:** تعديون / لعنتون / ملامتون / خراب ورتاءُ، مثال:

ڦٽون جُٺيون ٻڌي ڪري، ساري عمر وئي لنگهي،
"نـاز" ڪٽي سـڀ ملامتون سِر ڪـيڙم سلام تـنهنجو
(مير علي نواز "ناز")



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**ڦِتي ڦاٽي:** (ڦتيل / بگڙيل رنگ واري- ڦاٽل: ٽڳڙيون ٽيل: چوڙيل / ليهون لنيگهون ٽيل. مثال:

پهر ماٿهو اسين پنهوار پَٽَ پهروُ. نہ پٽ پهريون
پَٽيءِ پايان نہ پَٽُ. پاتم ڪلهي ڪنجري ڦِتي ڦاٽي

(ميوو خان "موج" لغاري)

**ڦٽي ڦاٽي :** (ڦٽڻ ڦاٽڻ: ميوو جهلڻ): گل / ميوو جهلي. مثال:

ڪڪور يا ڪيترائي ڪِرڙ چالين رنگ بدلايا
لٽا ڏونرا ءِ پيرُون. ڦوڳ پڻ ڦَرَڪيا ڦٽي ڦاٽي

(احمد خان آصف "مصراڻي)

**ڦِـجَ ڦاڙ:** (ڦج : زخم- ڦاڙ (ڏندي سان مٿو ڦاڙڻ): گهاءُ): ڦٽ / چير / گهرا گهاءُ / زخم. مثال:

ڪـوري ڪـنـن وچ ۾. ڦجَ ڏنـائـون ڦـاڙ

(شاهه: سُر را مڪلي)

**ڦجُ ڦٽَ:** وَڍُ/ چيرُ / زخم / گهاءُ. مثال:

دوستن جي دوا منجهان دائم
ٿو فراقن سندو ڇٽي ڦجُ ڦٽ		(خليفو محمد قاسم)

**ڦڏرَ ڦولڊَ:** (ڦڏرجڻ ڦوندجڻ: ڦوڪجڻ / سيٽجڻ): آڪڙ / ٽيڙي / سيٽ / وڏائي / ٺاءُ / ڦوڪ / تڪبر.

**ڦڏڪ مَنڊڪ:** منڊائي / منڊڪو (منڊائي هلڻ).

**ڦَڏو فساد:** رڳڙو / جهيڙو / ٽوٽنو / معاملو / رولو.

**ڦڏو ڦڙو:** رڳڙو / جهڳڙو / فساد / جهيڙو / ٽوٽنو.

**ڦڏو ڦشري:** ڦڏو: جهيڙو. مثال: ڦڏو جڏو آهي. ڪي وري مذاق طور "ڦڏي" مان فائدي جو طنزيہ ذڪر هن ريت ڪندا آهن:
مڙس تہ ڦڏو نہ تہ آهي جڏي جو جڏو. جهيڙاڪارن جو



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

خيال آهي تہ "ڦڏو" ڏاڍ مڙسي جي نشاني آهي. هوئڻ بہ "ڦڏو" هميشه طاقتور ڪري سگهندو آهي پر ڪوبہ بہ چڱو ماڻهو، "ڦڏي" کي پسند ناهي ڪندو، مثال:

وڃ نہ "واقف" هاٿي گهرو، بند هي تون بابُ ڪر
ڇڏ ڦڏا آهن جڏا، هر فرد کي هوشيار ڪر

(حاجي عبدالله "واقف" ٺاروشاهي):

فساد/ معاملو/جهڳڙو/ رڳڙو/ريڙهہ پيڙهہ/جهيڙو جهٽو.

**ڦڏو وِنگو:** ڏنگو / ڇبو / ٽيڏو / ڦنجهو / بي ڍولو.

**ڦَرِ ٽَڪَرَ:** (ڦَرَ: چوپائي مال جا ڦَرَ/ ڇيلا ڇيليون / ٻڪرين جا ڦَرَ.

ٻارن کي پڻ چرچي طور "ٻاڪرا ڦر" چيو ويندو آهي. ڏنگي ٻار کي نفرت / ڪاوڙ مان "ڦر" يا ڦروٽو" ڪوٺيو ويندو آهي، مثال طور چئبو آهي: هي ڦروٽو فلاڻي خان جو آهي. وڏيري جو "ڦر" آهي! اوڙي پاڙي کي تائي تپائي ڏنو اٿس. البيلي / سڪيلڌي ٻار کي ٽوڪ طور "انگلي ڦَرَ" سڏيو ويندو آهي. هوئڻ بہ جتي ذات چورنَ جي جن لاءِ چيو ويندو آهي: اهي ٻاڪرا ڦر آهن جن ڪنهن زماني ۾، اٺَ، مسيت / مسجد تي چاڙهيو هو): ڇيلا/ ليلا / ٻڪرين جا ڦر.

**ڦَرَ ڦٽا:** ٻاڪرا ڦرُ / ڦَرُڦروٽا، مثال:

ڦر ڦٽا اَتِ مارن جا، سي ڇيلا ڇيڪَ ڇڏيا م (اسماعيل موندرو)

**ڦَرَ ڦروٽا:** ٻڪرين جا ڇيلا ڇيليون جيڪي ڏڻ سان پهرايا وڃن / ڏڻ ساڻ گڏيا وڃن.

**ڦَرُڦَلُ:** ميوو / ڦل / ثمر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥) ... هر وقت دلين جي ڦرمار آ سڪر ۾.
آيو هتي سو ڦاٿو، هي چار آ سڪر ۾. (عبدالڪريم گدائي)
(٦) اڄ حسين ڪي عشا ڦن جي آ ڦر مار پسند.
۽ عشا ڦن ڪي ٻه اهڙو ئي آ آزار پسند
(محمود "خادم" لاڙڪائوي)
(٧) هن ويراني ۾.
ڏس ڪيڏي ڦرمار هلي ٿي جوڻا خاني ۾؟ (شيخ اياز)
(٨) "ٻيڄ مولا" آ لڳي پئي، بس رڳي ڦرمار آ.
آهي "ڏنو پٽ ڇٽي جو" ۽ سڄي سان وير آ.
پينگ ٿي وئي آهي دلبر، ٻيو مڙئي خير آ.
(سومرو غلام رسول "سودائي")

**ڦربات ڦڙبات:** (ڦرباتڻ ڦڙباتڻ؛ ڦڙباتون هڻڻ / ڊاڙون هڻڻ): ٻٽاڪ/ ڊاڙ / لباڙ/ لاف.

**ڦرڙاٽ ڦڙڪاٽ:** (ڦرڙا ٽجڻ ڦڙڪاٽجڻ): ٻرڙاٽ/ ڦوڪاٽ / زوردار آواز / زوزاٽ/ زوڪاٽ.

**ڦرڪ ڦرڪو:** ڦيرو/ رُت (موسم) جي تبديلي / حالات جو ڦيرو.

**ڦِرڪ ڦيرو:** تبديلي / بدل (بدلجڻ) / ڦيرو/ رُت بدل / حالات جي تبديلي.

**ڦرڪرا ڦروٽا:** (ڦرڪرا : وڏا ڦر/ چرندڙ ڦر - ڦروٽا: ننڍا ڦر): ٻڪرين جا "ڦر" جيڪي "ڌڻ" سان پهرائبا آهن.

**ڦِرڪو ڦيرو:** ڦيرو/ تبديلي/ بدل (بدلجڻ)/ فرق/ تفاوت.

**ڦرڪڻي ٿڙڪڻي:** (ڦرڪڻ ٿڙڪڻ؛ ڏڪڻ/ رڦڻ / ڪنبڻ / ڊڄڻ): رڦڻي / ڏڪڻي / ڪنبڻي / ڊڄ / ڀؤ / خوف.

**ڦِرنديون ڦيرَ:** تبديليون / انقلاب / ڦيرا / ڦرڪا / ڦيراگهيرا، مثال:
الله ڪر اوير سوير،
ڇڏ ٻيون ڳرنيون، ڦِرنديون ڦير. (حاجي احمد ملاح)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**قِناعت ڪِفايت:** سانـــگو صـرفو / ڪـوءِ ســوءِ / بـچت. مــثال:

رُڪي ماني آهي، نبيـن جو ڏاج.
قِناعت ڪِفايت، ولين جو ڪـــاج. (شمس الدين بلبل)

**قولَ قـَرار:** اقرار / انجام / وعدا / عهدوپيمان / سخن / وچن. مثال:

(١) جيڪي ڪيا مون قول قرار-
اهي پنوهارن سان پاريان! (محمود ڪتياڻ)

(٢) سوهڻي، ميهار سان چوري ڇُپي جيڪي ٻڌا،
تن محبت جي سچن قولن قرارن جو قسم! (اياز قادري)

(٣) پـرِ تــون پـــاڻ سيـــاڻا پـــار،
يـــار وطـــن ســـان قـــول قـرار (امير ملاح)

**قَوي قَرارو:** قوت وارو / طاقتور / سگهارو / مضبوط / پهلوان / ٻليار (ٻل / سگهه وارو) / ٻَلي (ٻَل: سگهه وارو) / سگهو / جاڏو / جبرو / زورائتو / سبرُ.

**قـَهر غَضب:** ڪاوڙ / غصو / ڪِروڌ / ڪوپُ / ڏمر / ظلم / ڪَلور / بي داد / استبداد.

**قهر قيامت:** حساب ڪتاب جو ڏينهن / اعمالن جي شامت جو ڏينهن. مثال:

سردي ٻہ چڙهي سرتي، ڪندي قهر قيامت،
ماڻهن ۾ پڪين ڪاڻ تہ جنجال ٻہ ايندو (محمد هاشم مخلص)

**قهر ڪلورُ:** ظلم / انڌير / بغداد / ڏاڍ / ڏمر. مثال:

ڏاڍي جو هيـٺي تـي ڇـو آ،
هـر دم قهـر ڪـــلورُ؟ (عبدالڪريم گدائي)

**قيامت ڪاري:** ڪاري واري وارو ماحول / يوم حساب. مثال:

سواءِ تنهنجي سُپرين پانيان قيامت ڪاري،
آءُ الله لـــگ اوري! (مصري شاهہ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**قيد بند:** جيل / لاڪ اپ / بنديخانو / ڪاٽ (ڪاٽ جي پڃري ۾ بند ڪرڻ / جيل جي ڪالوڙن ۾ قابو ڪرڻ)، بند ڪرڻ جي جاءِ. مثال؛

تون ڪوٽ ۾ ڪڙيندي يا جيل ۾ جڙيندي،
هر قيد بند منهنجو، آ حوصلو وڏايو (خاڪي جويو)

**قيد قاسي:** قانون مطابق ڏنل سزائون. مثال؛

نہ ڪر ”عارفا“! راز مخفي ڪي ظاهر
اجورو ”اناالحق“ جو آ. قيد قاسي (پير شاهنواز عارف المولي)

**قيد ڪاٽ:** ڪاٽ؛ ڪاٽ جو پڃرو. چرين ۽ ڏوهارين کي بند ڪرڻ لاءِ ڪاٽ جو پڃرو / ڳوٺ ”نيره“ ضلع دادو ۾، قديم زماني کان وٺي ”ڪاٽ“ موجود آهي جنهن ۾ دماغي مريضن / چرين کي بند رکيو ويندو آهي. ”نيره جو ڪاٽ“ حيدرآباد جي چرين / دماغي مريض واري اسپتال کان تمام گهڻو آڳاٽو آهي.

**قيد ڪڙول:** جيل ۾ جيلين لاءِ هٿ ڪڙول / هٿ ڪڙيون / ڏنڊا ٻيڙيون. مثال:

قيد ڪڙولن ۾ بہ ڪَوي ڪو، سچ جو قول سُڻائي ويٺو
ڪِلندي ڪِلندي قاسيءَ تي پيي، ڏاڍن کي ڏهڪائي ويٺو.
(عبدالڪريم گدائي)

**قيدَ ڪَڙولا:** جيل ۾ هٿ ڪڙيون / هٿ ڪڙول ۽ ڏنڊا ٻيڙيون. مثال:

چارين چاوا چام مڃي قيد ڪڙولا ڪوٽ پيي،
ويڙهيچاڻين وٽ وڃي، ڪيتن سان ڪجڪار ڪيا. (خاڪي جويو)

**قيل قال:** قيل مقال / ڳالهہ ٻولهہ / ريجهہ رهاڻ / بحث.

**قيل مقال:** ڳالهہ ٻولهہ / بحث / قيل قال. مثال:

(١) وحدت وارو دين قبولج، ڇڏي ٻي قيل مقال
(قادر بخش بيدل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) ڪاوڙ مان ڪصدار اچي پيو، ڪندو ڪائي قيل مقال
(ابراهيم منشي)

(٣) وهڻ سان ويهي ويو، "راضي" ڇڏي روئي،
اها قيل مقال انهن جي اندر ۾ اڪٽي هئي.
(راضي فقير رند)

**قيمت قدر:** قدرداني / پرک / مُلهه. مثال:

جي سچاڻن ڪين ڪي، ڪا ووٽ جي قيمت قدر،
تن کي پيي لائق ڪري، بخشيو ڪٽي سرڪار وٽ

(محمد صديق "مسافر")

**قيمون ڪباب:** ذريون ذريون ڪيل گوشت مان ٺهيل گيهه ۾ تريل شيون. مثال:

تو غريبن جي هو سمجهو، ماس کي قيمون ڪباب،
اڄ اچي تون قوم جا غدار ليڊر ڏي جواب

(سومرو غلام رسول سودائي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪارا ڪاروليار:** ڪاراڪڪر/جهڙالو/ آسمان ۾ مينهن جو ماڻداڻ/ آسمان ۾ آڳر / سُرمائي (سرمي جهڙا) ڪڪر. مثال:

ويـــر چـــڙهـــي آ، ڳالـــهه ڳـري آ،
چاڙهہَ چِـڪـڻ جي مُندَ چـــري آ.
ڪـــارا ڪـــاروـــيـــار،
پرهہ ڦٽي آ، پکهہ ڪڻ ٽـا. (تاجل بيوس، سر ساموندي)

**ڪارا ڪُنڍڙا:** ڪارانجهڙا ۽ ڪُنڍيدار وار BLACK AND CURLY HAIR

مثال: ڪارا ڪُنڍڙا ڪيس ڪاريهر مُوءِ مُنور مسُ

(غلام حسين جهتيال)

**ڪارا ڪيس:** (ڪيس: ڪارا / ڪارو رنگ ڪيل): ڪارا وار (ڪارا وار جواني ۽ سونهن جي نشاني ليکيا ويندا آهن) ڪيس HAIR COLOUR جهڙاڪارا وار/ نِيوُرڪارا وار. مثال:

(١) اِج پڻ اتر پار ڏي ڪارا ڪڪر ڪيس (شاهہ، سُر سرانگ)
اِج پڻ اُتر طرف کان ڪيس جهڙا ڪارا ڪڪر اُيري آيا آهن.
(٢) ڪارا ڪارا ڪيس ڪلهن تي وِنيل هُيا واهہ،
زُلف وسيهر وڏ زوراور سهٽا سرس سياهہ... (ڪريم بخش بروهي)

**ڪاراجهو/ ڪارالجهو ڪاريرو:** (ڪاراجهو / ڪارانجهو: وڌيڪ ڪارو- ڪاريرو: ڪجهہ زيادهہ ڪارو): ڪارونجهڙو / ڪارسُرو / ڪاري رنگ تي مائل / ڪاراڻ جهڙو.

**ڪارالجهڙي نماشامڙي:** (ڪارانجهڙي: شام جي ڪارانجهہ-نماشام: نماءِ شام / شام جو نماءِ-اسم تصغير: نماشامڙي): سج لٿي جو وقت / مَنهن اونداهي / مَنهن ميرَ.

**ڪاراوا ڪمدار:** ڪم هلائيندڙ / ڪار پرداز / مُنيب /وڏيرن يا زميندارن جي زمين جي سنڀال ڪرڻ وارا. مثال:

انهي ۾ ڪُل ٺي پچينديون ڪٺڪون، ڦرندا ڪاراوا ڪمدار.
(سگهڙ حاميد)

**ڪاراٽو ڪارپريو:** ڪمائتو/سجايو/سقلو/مُفيد/فائديمند/ ڪارآمد.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**ڪارائي ڪُلفت:** ڪارائي / ڪارانهن / ڪاراڻ- ڪُلفت (ضد: الفت)/ ڪُلوڦت (ڪُلفت جي بگڙيل صورت)/اٽوٽت / اندر ڪارائي / اندر واري ڪارنهن / اندر جي پليدائي / کوٽ بيائي / دغا.مثال: ڪوري ڪيو تون قلب مان ڪارائي ڪُلفت (مخدوم محمد زمان طالب المولي)

**ڪارٽ ڪارنهن:** ڪارات / ڪاراڻ / ڪارات.

**ڪارڙو ڪاٻارڙو/ ڪارڙا ڪاٻارڙا:** ڪنو ڪوجهو / ڪنڙاڪوجهڙا / مينهن وسائڻ لاءِ ٻارن جي راند جا ٻول.

مثال: ڪپڙو ڪٽي ڪن ڪارڙا ڪاٻارڙا،

هي ٻارڙا ڪيڏا نہ آهن پيارڙا (ڊاڪٽر نواز علي شوق)

**ڪارڙو ڪُمارڙو:** (ڪارو: تصغيري صورت: ڪارڙو- ڪمارو: تصغير صورت: ڪُمارڙو): ڪاري رنگ تي مائل: ڪارَ سَرو / معصوم / صغير / ابهم ٻار / ٻارڙو. مثال:

(١) ڪارڙو ڪُمارڙو ان پاڻي ڏي تہ مينهن وسي!

(ٻالڪن / ٻارڙن جا مينهن وسائڻ لاءِ دعائيہ ٻول).

(٢) مينهن وسندو مُلڪ ٺرندو ساٿيو!

تي وجي ڪجهہ ڪارڙو ڪمارڙو (آٿر ناٿن شاهي)

**ڪارمُنهون ڪميٽو:** بڇڙو - ڪميٽي کي "ڪار منهون" سڏيو ويندو آهي ۽ نفرت وچان سندس لاءِ چئبو آهي: ڪارو اٿس مُنهن. نيرا اٿس پيرا): بد / شيطان / اندر جو پليد / ذليل / نيچُ / غير معياري / ڪڏو / ڪمذات.

**ڪارو رَڏ:** رَمُ/دانگيءَ جي تري جهڙو ڪارو/ڪارو ڏامر جهڙو. مثال:

سچار سُهڻو ملي تو نہ کو بہ ڳولڻ سان،

پيار لئي کو ڪجي هاڻ يار ڪارو رَڏ (حيات شاهہ حافظ

**ڪارو رُم:** اهڙو ڪارو جهڙو تئو / دانگيءَ جي تري جهڙو ڪارو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪاري ڪاٺياري/ ڪاٺياري:** ڪاري، جنهن تي ڪَلنڪَ (ڪارنهن) جو ٽڪو آيل هجي- ڪاٺياري، جنهن تي ڪا ڪاڻ / ميار آيل هجي، مثال: ڪاٺياري ٻلي ڪُئي جي جوءِ!، ڪنهن احسان هيٺ دٻيل / گيدي / ڪاٺر / بداخلاق / عيبن هاڻي / بدذات / ڪڏي / ڪميڻي SNEAK، مثال:

جيڪا سچي سيل سان، هُئي سچاري،
سا ڪڍهن ٿيندي ڪانه ڪا ڪاري ڪا نياري،

**ڪاري ڪُمڪي:** (ڪُمڪي: ڪمي، جهڙي بدشڪل)، بدصورت / ڪوجهي.

**ڪاري ڪوجهي:** ڪاري، بدشڪل / ڪمڪي (ڪميءَ جهڙي)، مثال:

ڪاري ڪوجهي ڪمڪي، آءُ مُورڻ موچاري،
ڪٽي آيس سر تي ڳِلا جي ڪاري،
اديون مون آري، شل مدايون معاف ڪري

(پير عبدالستار جهوڪ وارو)

**ڪاري واري:** (ڪارڻ وارڻ)، زبردستي / غضب / انڌير / ناحق / غريبان مار.

**ڪاريون ڪُنڊيون:** ڪاري رنگ واريون ۽ وريل سڱن واريون مينهون

مثال: ڪاريون ڪُنڊيون، ٻوُريون چالُون خوب، چرن

(الحاج رحيم بخش "قمر")

**ڪاريون ڪوجهيون:** بدصورت / بدشڪل، مثال:

ڪارِيون ڪوجهِيون ڪُوڙيون، مورڻ موچاريون

(شاهه: سر ڪاموڏ).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪاريون ڪُوڙيون:** ڪوڙيون- ڪَ+ وڙيون: جنهن جو وڙ (گڻ/هلت سٺي نہ هجي)؛ بداخلاق. ڪُلڇڻيون (جن جا لڇڻ نيڪ نہ هجن).

**ڪاريون ڪيفي:** ڪجليون/نشيليون اکيون/سُرمائي نيڻ/خماريل. مثال:

ڪجل بنا پڻ ڪاريون ڪيفي،
ڪهڻيون ڪن ڪلورَ اکيون. (پير شاهہ نواز شاهہ عار الموليٰ)

**ڪاريھر ڪارا:** (ڪاريھر: ڪارا. مثال:

ڪارا ڪُنَ ڪاري تکي، جت ڪاريھر ڪڙڪا (شاهہ)

ڪارا: ڪارا نانگ): واسينگ/مڻ وارا نانگ/ اصيل نانگ/ سِيسِهر/وِسيهر/آليهر/تليهر/زهر قاتل وارا نانگ/ سَپَ.

**ڪاسبي ڪاريو:** ڪاسبي: ڪَسب / ڪم- پورهيو ڪندڙ- ڪاريو: ڪم / ڪار / پورهيو ڪندڙ)؛ پورهيت / مزور / مزدور / محنت ڪش.

**ڪاسبي ڪڙمي:** (ڪڙمي: ڪَرَمت / پوکي راهي ڪندڙ / ٻني کيڙيندڙ)؛ هاري / مزور / پورهيت.

**ڪاشي بنارس:** هندن جا پوتر مڪان / هندن جا زيارت گاهہ. مثال:

وڃ پلي ڪاشي بنارس ڀيٽ يا ڪعبي وڃي،
شرط آهي ڏار دل جي اک ۾ تي بيدار قبُ (حيات شاهہ حافظ)

**ڪاف ڪوهہ:** جبل / پهاڙ / ڏونگر / ڇپر. مثال:

ڪاف ڪشالا ڪوهہ، پنڌ اٺانگو ٻاري ٻرجو(مصري شاهہ)

**ڪافر ٻي پير:** (ڪافر: الله پاڪ جو مُنڪر-ٻي پير: جنهن جو ڪو مرشد نہ هجي)؛ دهريو / ٻي ويساهو.

**ڪافرُ ڪتو:** دهريو / ٻي ويساهو. مثال:

تون بهادر شان تنهن جو ڏال ۾ تلوار آ،
سر قلم ڪر تيغ سان ڪافر ڪتي ٻي پير جو.
(حاجي عبدالله واقف نارو شاهي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪافر ڪتيل:** الله پاڪ جو مُنڪر / جنهن تي روحانيت جو اثر نه ٿئي.

**ڪافر ڪمينا / ڪميٺا:** بي ويساها / جن کي الله جي وحدانيت تي

ڪو يقين نه هجي / پروردگار جا منڪر. مثال:

هڏ نه آيا اسلام تي، ڪافر ڪمينا،

سِحر چيائون تنهن کي، مورُ نه وِسوڙا

(مخدوم محمد هاشم ٺٽائي)

هڏ: هڏين / بنهه / مُورهين / مڙيوئي-نه وسوڙا: نه

وسهيا / اعتبار نه ڪيائون - سِحر: جادو.

**ڪافر مُلحد:** خدا کان ڦريل / خدا جو منڪر / ڪفر ڪندڙ / بي

دين / مُرتد / دين اسلام کان ڦريل / وحدانيت جو

انڪاري / بي ويساهو.

**ڪافيار ڪافير:** ڪافي گو / ڪافيون چوندڙ / ڪلام لکندڙ /

شاعر / راڳي / ڳائيندڙ / ڪَلِوَنت.

**ڪافيون ڪلام:** سنڌي ڪلاسيڪل/قديم شاعري جون

مقبول صِنفون. مثال:

اي "منٺار"! ڪافيون ڪلام، تون ويهي ڳاءِ فضيلت سين

ان توحيد واري تَند کي وڄاءِ فضيلت سين. (منٺار فقير راڄڙ)

**ڪافيون وايون:** سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جا مقبول نمونا. مثال:

ڪافين واين، بيتن سان ڏس،

نظمن، غزلن، گيتن سان ڏس،

سارو ڏينهن "سرويچ" هتي پيو،

سهڻو سينگارسين، الا! هي پنهنجو پيارو ديس! (سرويچ سجاولي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪامورا ڪڙا:** سرڪاري ملازم / ملازمت پيشہ / نوڪريءَ وارا.مثال:
ويهي مصلحت پاڻ ۾ ڪئي ڪامورن ڪڙن (سگهڙ حامد)

**ڪامورو ڪڙو:** سرڪاري ملازم PUBLIC SERVANT

**ڪاميابي ڪامراني:** فتح / سرسي / سوڀ.

**ڪان ڪاني:** تير / ٻاڻ / ڳز / ڀالو / ڪاتي / نيزو / ڏڦو.

**ڪانا ڪک:** گاهہ جا سنها جهانپورا / سَرن جا ڪانا / ڪک پن. مثال:
موٽي منڊ بهار جي، مون وٽ ڪانا ڪک (خاڪي جويو)

**ڪاڻيارا ڪَن:** ڪانيارا، ڪُنب مثال:

ملائين "مصري" کي، ساهڙ ساڻ ستار،
ڪڍي ڪانيارن مان (مصري شاهہ):
اوڙاهہ جهڙيون ڪلڙون / ڪنب

**ڪانيُو ڪوپُو:** بهادر / جوڌو / ڳوڌو / جبرو / ٻليار / پلوان / توانو / همت ڀريو.

**ڪانت / ڪنتُ ڪانڌ:** مڙس / پتار / گهر وارو / شوهر / پتي / وَرُ / گهوٽ / ڌڻي / مالڪ.

**ڪانچُ ڪچُ:** ڪاچ / ڪائو / شيشو.

**ڪانڌُ ڪانتُ:** وَرُ / گهوٽُ / گهر وارو / شوهر / ولهو / پتي / پتار / مڙس / پيارو / وڻندڙ / مرغوب.

**ڪانڌي پترياڻي:** ڪانڌي: جنازي کي ڪلهو ڏيندڙ. مثال:
ڪانڌي ڪنگ ٿيا، وهڻ جنازو سهٽي (شاهہ: سر سهڻي)
پتر ياڻي: لاش کي قبر ۾ لاهي پورڻ لاءِ مٿان مٽي / پٽر وجهي پرڻ وارا / تڏي تي وهندڙ / جنازي ۾ شريڪ ٿيندڙ / قبرستان ڏانهن ميت کڻي ويندڙ / سوگوار / ڪلهي ڪانڌي / ماتمي .MOURNERS



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

(٣) منو منهنجي من جا، دل لڳي توسان!

سنڌيءَ ۾ ڪانگ اڏائڻ، ڦالون وجهڻ ۽ پانڌي پڇڻ مروج اصطلاح آهن جن جو تعلق "پيغام رساني" سان چيو وڃي ٿو. سنڌ جي اڪثر شاعرن پيغام پهچائيندڙ / نياپا رسائيندڙ پکين کي پنهنجي شاعريءَ ۾، ڀرپور انداز ۾ ڪتيو آهي. شهنشاهه لطيف سر "پورب" ۾، ڪانگ سان هن طرح ڳالهيون ڪيون آهن:

(١) آءُ ڪانگا! وڃ ويهه، سڏيون ڏي ساڄيهه جون!

(٢) وهلو ور، وريا پرين، آءُ ڪانگا لنڱ لات،
ويا جي قلاتِ، سي اڏائي آڻ تون!

(٣) وهلو ورَ، وريا پرين، آءُ ڪانگا وڃ ويهه،
جنين ڏور چتاريو ڏيهه، سي اڏامي آڻ پرين!

(۴) ڪري ڪانگ ڪُرنشون، پيرين پرين پئيج،
آءُ جو ڏيئي سنيهو، وچ مَ وساريج،
الله لڳ "لطيف" چئي، ڳجهو ڳالائيج،
چئان تنءِ چئيج، تہ ڪنياتا خوش هئين!

(۵) پريان سنڌي پار جو ڪانگل نہ ڪوڙو!

(٦) قريين جو ڪانگڙو، متي تار تلي،

(٧) ڏائي چڙهي ڏار تي، ڪي جو ڪانگ ڪهيو،

شاهه لطيف جي تقليد ۾، ڪيترن ئي شاعرن "ڪانگ" سان ڳالهيون ڪيون آهن. مثال:

(١)سنيها سائينهن جا، ڪالهہ ڏنا مون کي ڪانگ.
خاصي ڪيانتي خبر سُڻائي (مصري شاهه)

(٢) مهڙا سکڻ منهنجا حال ڪيا، ڏي ڪا خبر ڪيانتا ڪري
(مصري شاهه)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪاٺيرا ڪوڙال:** ڪنگ جيڪي پاڻي ۾ ويهي اَنَ کي لڙائيندا آهن. مثال:

ڪـاٺـيـرا ڪـوڙال اچــن تـا.
مـُو ڏس ڪـهڙا هنج آڏن تـا ..... (تاجل بيوس)

**ڪاڻ رهاڻ:** سنگت / دوستي / ڏيٺ / واقفيت / ڄاڻ سُڃاڻ.

**ڪاڻ ڪوُڻ:** ڪاڻ: پرواهہ. مثال: اسين پاڻ اُتامرا. ڪيون نہ ڪنهنجي ڪاڻ. (حمل فقير): غرض / محتاجي. مثال:

تون گلبدن تو ڪرين ڪاڻ ڪُوڻ، ڇو مون سان.
تُنِي تـو سيـِـر جو تـولـو ٻہ سير تن جو اڳهہ.

**ڪاٺاموٺي ڪوڏ:** لاڏڪوڏ / ماٺو / انگل آرو / ناز نخرو / چاڳ.

**ڪاٺو ڪوجهو:** (ڪاٺو: ڪاڻ وارو / عيب وارو / جنهن ۾ ڪو جسماني عيب هجي، مثال طور: ڪنهن جي هڪ اک ضايع ٿي ويئي هجي- ڪـوجهو: بدصورت): ادلـو / گـدلو.

**ڪاٺيارو ڪاڻرو:** (ڪاڻ: نُقص / گهٽتائي / عيب): عيبن هاڻو / بُزدل / ڊڄڻو / گيدي / محتاج / بي واهو / ڪاٺاٺو / مَياري / ڳِلارو / داغدار.

**ڪاوڙ ڪنڪي:**(ڪنڪي: ڪاوڙجڻ ۾ ڪنڪ چاڙهي اچڻ- ڪنڪي ڪرڻ: غصو ڪرڻ / ڪاوڙ ڪرڻ / جوش ڪرڻ): غصو / هَلان / اِڪرائي / جوش. مثال: ڏاڍن ماڻهن جي هميشہ غريبن تي ڪاوڙ ڪنڪي هوندي ئي آهي.

**ڪاوڙ ڪرڙائي:** (ڪرڙو: سخت مزاج): غصو / ڏمر. مثال:

ڪاوڙ ڪرڙائي نہ ڪيان، سچ آکيو ماڻهہ سوال (ميان بيگ الدڙ).

**ڪاور ڪست:** (ڪـســت: جــوش): غُـصــو / چڙ / خـار / زوراوري / ڏاڍائــي. مـــثال:

لکڻ ڪٽي اٿيو. ڪاوڙ ڪست منجهاءِ
اڙي ڪُساڪ. ڪَهي وڌءِ ٻَڙ پنهنجو پاءُ (ولڻ ولهاري)

ڪُساڪ: خراب ساک وارو / ڪـوڙو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪپ ڪنڌي:** ڪنارو / ڪپرُ / وَٽَ / پاسو / ساحل.

**ڪُپت ڪوڙ:** دوکو / فريب / ٺڳي / بي ايماني، مثال:

(١) ڪتيئي لاءِ واپار بازار ڏس،
اُتي پي ڪُپت ڪوڙ جي ڪار ڏس. (شمس الدين بلبل)

(٢) جڏي ڪُپت ڪوڙ سڌو هل صاف.
ڪندو يار ڪريم مڙئي مَدايون معاف (فقير احسان ڏلّ رحماڻي)

(٣)جڏي ڪُپت ڪوڙ سچو ٿي سدائين.
متان ڪري ڪنڌُ پر ٺلهو ليلائين. (فقير احسان دل رحماڻي)

(۴).... پهران مومن منهن پر، اندر ابليسا،
ڪيني ڪُپت ڪوڙ ڪان ڪونهي شرم حيا. (صالح سنڌي)

**ڪَپَرَڪَنَ:** درياهه جا ڪنارا ۽ درياهه جا ڪَنب / ڪَنَ، مثال:

ڪچو ڳهڙو ۽ ڪپر ڪَنَ، اُين پر گوڙ اونده
خدائي آهه جو، تاري پڌل کي پار ڪري (حيات شاهه حافظ)

**ڪُپر ڪنارو:** ڪپ / ڪنڌي / واهه درياهه جو ڪنارو / ساحل.

**ڪپرُ ڪنڌي:** ڪنڌي ڪنارو، مثال:

ڪنڌي سُڪائين ڪانهن، پاهر پيلا پوڙئين (شاهه)؛
ڪپ / ڪنارو / پاسو / ساحل.

**ڪپڙو لٽو:** ويس وڳو / لِباس / پهر پوشاڪ / ڦٽي ڦوڪارو / هار سينگار، مثال:

(١) ڪپڙو لٽو ڏسوس، بلي بلي!!

(٢) آهه ڪپڙو لٽو اڇو اجرو،
آهه ميرو جي ڪجهه ته تن (رئيس ضيالدين ضياء)

(٣) ڪپڙي لٽي پر ٺاٺ
اندر آهي ڪوڪلو.
هٽي ويو ڪو ڪاٺ (امداد حسيني)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪپڻ ڪورڻ:** چيرڻ ڦاڙڻ / ڪوري ماس ڪڍڻ/ماسُ ڳرچڻ/چهڪ چيرَ ڏيڻ/ کُهڻ ڪورڻ. مثال:

وڍيان هوند وجود کي، ٽڪيان نہ توريان،
ڪپيان ۽ ڪوريان، جي مليم هوت حب ۾ (راضي فقير)

**ڪپي ڪوري:** (ڪپڻ ڪورڻ: وڍي ماس لاهڻ): وڍي ۽ ماس لاهي / ڪُهي ماري، مثال:

ڪپي ڪوري ڪيئي ٽُڪرا پرين! پهرين نظر سان اڄ
ڪُٺل کي تون وري ٻيهر ڪُهين ڇو ٿو ڪهڻ وارا
(غلام هالائي)

**ڪَجَلَ مَساڳ:** (ڪجل: اکين ۾ پائڻ جو ڪجل / سرمُو- مساڳ: ڏندن صاف ڪرڻ لاءِ وڻ جا چوڏا ڇلر): عورتن جي هار سينگار جو سامان، مثال:

تنهنجي صدقي کوجهيون ڪاٺيون، ميندي ڪجل مساڳ هنڊائين،
ڳهوٽي لونگ ڪپور لڳن کي لائي پنهنجو روپ وڌائن،
ور جي پر ۾ ويهي مُرڪن، سهج منجهان ڪن مست اشـــارا
ســــنـــــڌو ڌارا ســــنـــــڌو ڌارا. (بردو سنڌي)

**ڪجليون ڪاريون:** (ڪجليون: ڪجل پاتل اکيون: نشيلا نيڻ / سُرمائي اکيون / ڪڪوريل اکيون. مثال:

(۱) اکڙيون تنهن جون ڪجليون ڪاريون
ڌاڙي ڪـــاڻ دلبـــر ڌاريــــون.
هــــوڳهــــر اجــاڙن ڳِلــــون يــار (مخدوم امين محمد بکن ڌڻي)

(۲) ڪجليون ڪاريون ڪيفن واريون،
تــڪيــون تيــغون تفنگ تراريون،
ســـرُ ڪـــرن جي ڌڙ ڪـــان ڌار
مــون تنــهن ميدان ۾ ڪنڌ ڪپايو (منٺار فقير راڄڙ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳) ڪجليون ڪاريون ڪيفن واريون،
هڻن پالا بڇيون ڪٽاريون،
سوين مشتاق لڪ ماريون،
ترس تِلَ ڪو نه ڏارين ٽيون،
(۴) اڪيون ادل جون ڪجليون ڪاريون،
سُرمي جوڙ بڻايو آهه (ڳيچ)

**ڪجليون ڪٽاريون:** (ڪٽاريون: ڪٽار/ تلوار وانگر تکيون اکيون يعني سهڻيون اکيون)، گهائيندڙ اکيون/ اکيون ڏب رکيون، مثال:

(۱) اکڙيون اوهان جون نيزا ناز وارا،
سي سجيئي سِر تي، ڪجليون ڪٽاريون. (منٺار فقير راڄڙ)
(۲) ڪجليون ڪٽاريون ڪيفن واريون،
ڪيئي لڳيم ڪوڙي ڪوڙي. (منٺار فقير راڄڙ)

**ڪجليون ڪامڻ هوريون:** سهڻيون / جادو ڪندڙ اکيون / سهڻيون اکيون، نشيلا نيڻ، مثال:

ڪجليون تنهنجون ڪامڻ هوريون،
اکيون عقاب آهن اگهوريون (منٺار فقير راڄڙ)

**ڪُڇڙو پچڪڙو:** چوتو/ بِندرو/ ڏمڪڙو/ ڏِمڪو/ لانيرو/ هلڪو/ ڏينبو.

**ڪچ ڪوڙ:** ڪوٽ / دغا / دولاب / غلط بياني / ڪُپت، مثال:

(۱) ڪچ ڪوڙ آهين، ڪچ ڪوڙ نِسوَرو عشق الله جي ڏاران تون
مرد ٿيڻ تان محبت رکجان، نينهن جا ڪول نظارا تون
(منٺار فقير راڄڙ)

**ڪچائي ڪُوڙ:** دغا / ڪوٽ / ڪُپت / دوکو / فَريب، مثال:

ڪچائي ڪوڙ سندي تانگهه عاقبت ڪم ٿئي،
سدائين سالم رهندڙ آهي سچن جي تانگهه
(هدايت علي نجفي تارڪ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪچهريءَ جا ڪوڙيا ڦربدار:** ڪچهري ڪندڙ / ڦرب وندڙيندڙ / ڦربائتا / يار ويسَ. مثال:

ڪچهرين جا ڪوڙيا ڦربدار ڏاڍا.

ادب نياز نٽڙت. حيادار ڏاڍا....(سومرو غلام رسول سودائي)

**ڪچ ڦاڙ:** (ڪچڻ ڦاڙڻ/ ڪچي ڦاڙڻ): ڦاڙ ڦوڙ/ چهڪ/ وڍڻ/ چير/ گهاءُ.

**ڪَچ ماپ:** (ڪچڻ ماپڻ: ڪچ ڪرڻ / ماپ ڪرڻ / ڊيگهه ويڪر توله معلوم ڪرڻ): ماپو / پئمائش.

**ڪچ وِهٽَ:** وهٽ (وهٽڻ: ڪپڙي جي ماپ ڪرڻ): ماپ/ ماپو/ پئمانو/ ڪاچو (ڪچڻ) / پئمائش.

**ڪُچاڙو ڪچاڙو:** (ڪچارو: چا. مثال:

اي "عيسيٰ" اُڪنڊين ڪي، اڏ ڪُچاڙو آهه

اها ڳالهه ڳالهاءِ ته اوءِ اکين ڏسن ناڙ ڪي (مبين عسي)

ڪچاڙو: چا. مثال: ڪچاڙو ڪهاڻ، توکي معلوم سب ڪا (شاهه): چا / ڪَچا / ڪهڙو / ڪوهُ / جي / ها / هائو.

**ڪُچڻ پُڇڻ:** ڳالهائڻ ٻولهائڻ (ڪچان پُچان / ڪَچن پُچن ڪچبو پچبو). مثال:

(۱) ڪچان پُچان ڪينکي، پسيو پٽ سندانِ

(ولي محمد رونجهو ٻيلائي)

(۲) ڪُچن پُچن ڪينکي، واٽيا تنهن وير (مل محمود بلي)

(۳) ٻلا ڪمزور جو جا زور سائين! توتي هلي سگهندو،

تنهنجي طاقت اڳيان جهڪبو. نڪي ڪُچبو نڪي پچبو.

(غلام حسين فنائي)



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**ڪُڏا ڪارا**، (ڪُڏا، خراب عادتن وارا / بدعادتا، ڪارا، دل جا ڪارا / من جا ميرا)، ڪُڏن ڪرتوتن وارا. مثال:

بدمعاشن جا اجها، دل جا ڪُڏا ڪارا ڪٿي؟
بيڪسن جي لاش تي اچ، تن جا لامارا ڪٿي؟

(رشيد احمد لاشاري)

**ڪُڏو ڪچو**، (ڪُڏو، خراب عادتن وارو- ڪچو، ڪچاين / گهٽتاين وارو)، ڪِنو / بي حيا / بدعادتو)، بدافعالو / بدعادت دل پليد / گندو / واهيات.

**ڪُڏو ڪمتر**، (ڪمتر، ڪجهه گهٽ حيثيت وارو)، خسيس / عام رواجي / واهيات / نيچ / بـڇڙو / ڪنو / بي حيا.

**ڪُڏو لڏو**، پوڏائو (پوءِڏائو، چوندا آهن تہ پوڏائي ڪان قرض نہ ڪٽجي توٽي لک لٽائي)؛ سِڪٽو / وِسڪٽو / (هر شئي تي سڏ ڪندڙ) / تاڪائو (تڪيندڙ) / لوسي / نوس نوس ڪندڙ. مثال: پار ڪي لڏو ڪڏو تيڻ نہ ڏجي!

**ڪُراڙو ڪُرڪٽ**، پوڙهو / ٻڍو / جهورُ / مڙهو (مڙهہ / لاش جهڙو).

**ڪُراڙو ڪرڪريو**، (ڪرڪريو، اجائي ڪرڪر ڪندڙ / ڪِل ڪِل ڪندڙ)، جهرڪٽو / ڪُرڪٽو.

**ڪراڙو ڪُرڪٽو**، (ڪراڙو، هوندو ئي ڪُرڪٽو آهي)، اجائي ڪرڪر ڪندڙ / جهرڪٽو.

**ڪُراڙو ڪکُ**، پوڙهو / پڪوڙو (تمام پڪو / وڏي عمر جو / مڙهو (لاش جهڙو) / جهور / ٻڍو.

**ڪُراڙي ڪُرڪٽي**، ٻڍي ٻانيَ / کک پوڙهي / ڪِرڪر ڪندڙ / رُجهڪٽي OLD HAG

**ڪِرپ ڪِراهت**، ٻُجان / نفرت / ڏِڪار.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**ڪِرپ پريون ڪاٺيون:** (ڪِرپ پريون، ٻَچان جهڙيون- ڪاٺيون؛ هڪ اک ڪان انڊيون)؛ ادليون گدليون / ڪوجهيون ڪِنيون / ڏڪار جوڳيون. مثال؛

سانوڻ ۾ ساڌ پهلو، بندر بازاريون وٺن،
ڪِرپ پريون ڪاٺيون، ڪوجهيون وٺن، ڪاريون وٺن.

(تاجل بيوس)

**ڪرت ڪار:** ڪر ڪار / ڏنڊو ڏاڙي. مثال؛

(۱) هٿي آءُ ويندڙ واڻ جي، پنهنجي ڪرت ڪار ڏي

(منٺار فقير راڄڙ)

(۲) پيريءَ ۾ چُشت چاق جوانن مثل رهي،
ڪنهن ڪرت ڪار ۾ تون ڪُنل قابوءَ ڪيرُ تي.

(محمد صديق مسافر)

**ڪرت ڪر:** ڪر ڪار / ڏنڊو ڏاڙي. مثال؛

جي هجن پورا اُٺڻ لئي پاڻ ۾ ڪوري تہ پَڻ.
لئي وڏائڻ ڪرت ڪر جي تا وهارن آٿيو وانيد.

(خليفو گل محمد گل" هالائي)

وانيد؛ مزوري تي اُٺڻ جو ڪر ڪندڙ ڪوري.

**ڪَرتَ ڪتارَ:** (ڪَرتَ؛ ڪرتڻ يا چيرڻ جو وڏو ڪاراٺو- ڪتار؛ ڪٽڻ جو اوزار)؛ تيغ / تلوارون / ڀالا / ٻرڇيون. مثال؛

راهہ الهيءَ ۾ سالڪ سر تي سهن ڪرتَ ڪتار

(قادر بخش بيدل)

**ڪرتَ ڪتاريون:** تيغ تلوارون / ڀالا ٻرڇيون. مثال؛

مارا ماريون "موچين" ۾،
آرا آريون "اوڏن" ۾،
ڪِرتَ ڪتاريون "ڪورين" ۾
جيءَ اسان جا جاڳ ڪَنا. (خاڪي جويو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪَرڙو ڪَنورُ** (ڪرڙو، سخت گير / وحشي / هيبت ناڪ -
ڪنور، ظالم. مثال، اي حاڪم ڪرڙا. ڪو رحم ڪرا)،
شوخ / رڳو / تکو / بي رحم / سخت دل / سنگدل.

**ڪَرڙي وَرڙي** (ڪرڙي، سخت / کهري / تيز طبع / بي رحم /
ڪنور)، ڏکي / ڪٺن / سخت. مثال،

هڪجيڏين جا هلندا راڄ،
ڪوڙين ڪندي هڪ ڪاڄ،
اها ڪرڙي ورڙي حاڄ،
مان هونديءَ تہ ڦرندو مور. (حاجي خانڻ چنجڻي)

**ڪُرف ڪڙو**، (ڪڙڻ، سوکهو رکڻ)، بند ڪرڻ لاءِ ڪڙو ڪنديو.
مثال، ڏاڍي عشق اري ۾ اڙي،
قابو ڪيائون ڪُرف ڪڙي. (محمد يعقوب دائود پوٽو)

**ڪُرڪٽو ڪِرڪِريو**، ڪٽ پٽيو / ڪِرڪِريو / ڳهل ڪندڙ.

**ڪُرڪٽو ڪنجهٽو**، (ڪُرڪڻ ڪنجهڻ، ڪِل ڪِل ڪرڻ)،
ڪنجهٽو، ڪِل ڪِل ڪندڙ / ڳهپي / ڳهل / گينداڙ ڪندڙ.

**ڪرڳل ڪوچ**، ڪوڙ / ڳهمسان / ڌمچر / هل / هنگامو. مثال،
ڪر ڳل ڪوچ ڪَن گهڻا، جت جر واڳ، جٺائين.
(شاهہ: سر سهڻي)

**ڪرم عنايت**، لطف / مهرباني / ٿورا / احسان. مثال،
حي هيٺن جي ٿيءَ حمايت،
ڪج ڪميٽيءَ ڪرم عنايت (محمد يعقوب دائود پوٽو)

**ڪرم لطف**، مهرباني / احسان / ٿورو. مثال،
منجهہ باغ گلن جي ديد لائي "گل"،
گلزار آيو ڪري ڪرم لطف (خليفو گل محمد "گل")



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪرنگا مرنگا:** (ڪرنگ: هڏن جو پڃرو): ٻوتو / قالب. مثال:

ڪرنگا مرنگا ڪونج برابر ڪنڊو پن ڪپجي.

**ڪرنگل / ڪرنگهل ڪرنگهو:** ڪرنگل: پٺيءَ جو هڏو. مثال:

ماس ورهائي هليا، ڪرنگل ڇڏيائيون   (شاهه: سُر برووo):

هڏائون پڃرو / بي جان ٻُت / قالب.

**ڪُرو مُرو:** بيڪار / ردي / نڪمو / اجايو / برباد / اُجاڙ.

**ڪروڏ ڪِرڪر / ڪِرڪرو:** اجائي ڪرڪر / ڪلڪل / گهپي / گهپاڙو.

**ڪِروڏي ڪِرڪريو:** ڪِلڪِليو / اجائي ڪِلڪِل ڪندڙ / گهپِرو.

**ڪرون مُرون:** اجايو / نادُرست / نڪمو / اُجاڙ / برباد.

**ڪرهه ڪنواٽ:** ڪرهه: اٺ / توڏو - ڪنواٽ: گونرو / ننڍو اٺ / دوڪو (ٻن سالن جي عمر وارو اٺ): ڪرهو / ڪرهل / ڏاگهو / توڏو. مثال:

(۱) ڪرهه ڪنواٽ سنواٽ نہ هلٽا، ڪيڏانهن ويٺي قطار.

(هادي بخش شاهه مسڪين)

(۲) ڪرهه ڪنواٽ سنواٽ نہ هلٽا، اوجهڙ ويا اوٺيڙا

پرهان پوءِ پهاڙ ۾ تن جا، ٿي پورهيت پير پڇائي

(هادي بخش شاهه مسڪين)

**ڪرها ڪنواٽ:** توڏا / جوان اٺ / ڏاگها. مثال:

ڪرها ڪنواٽ سُواٽ نہ هلٽا، اوجهڙ وياسي اوٺبڙا.

(مصري شاهه)

**ڪريم رحيم:** ٻاجهارو ڏاتي. مثال:

ڪريما رحيما تون غافر غفار

تنهن جي آءٌ فضل ۾ آهيان اميدوار (شاعر: پلي)

اي ٻاجهارا ڏاتي! آءٌ تنهنجي فضل / رحم ۾ اميداوار آهيان!



www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

**ڪڙا قيد:** قيد ۽ زنجيريون / جيل ۽ ڏنڊا پيڙيون / هٿڪڙيون ۽ هٿ ڪڙول، مثال:

تو اباڻن جي محبت ۾ ڪڙا قيد سٺا (عبدالڪريم گدائي)

اي سيلونتي مارئي، تو اباڻن لاءِ قيد ۾ ڏکيا ڏينهن گهاريا.

**ڪڙاڪوٽ:** (ڪڙا: ڪڙا ڪُنڍيا / تالا- ڪوٽ / بنديخانا):

جيل خانا / زندان / ڪاٺ (ڪاٺ جي پيرن ۾ ڏوهارين جي بند ڪرڻ جو پراڻو طريقو) مثال:

(١) اسين سانگي سُپٽ سمجهون،
ڪُپٽ مان ڪين ڪي چاڙهون،
ڪڙن ڪوٽن ۾ مارن جو، منو نينهڙو نيائيندس.
(مير عبدالحسين خان "سانگي")

(٢) ڪڙن ڪوٽن ڪي ڪيري،
ملڪ جو مجبور جاڳيو آ (عبدالڪريم گدائي)

**ڪڙا ڪروڙ:** هٿ ڪڙيون / هٿ ڪڙول / ڏنڊا پيڙيون.

**ڪڙاڪڙول:** ڏوهارين کي سُڪَ ڪرڻ / قابو ڪرڻ لاءِ هٿن پيرن جون ڪڙيون / هٿ ڪڙيون / ڏنڊا پيڙيون.

**ڪڙٻ ڪانا:** جوئر / جوئار ۽ ٻاجهر / ٻاجهري جا ڪانا / سُڪل ڪانا.

**ڪڙچ ڪانئيون:** ڪڙچ: ڪک ڪانا / ڪک پن / گند ڪچرو / جهيير / جهانير / ٻاهه ڏکائڻ لاءِ تيلين جهريون سنهيون ڪانئيون): سُڪل ڏڀ / گاهه گاهڻ، مثال:

ميڙيو ڪڙچ ڪانئيون، جوڳي جلائين. (شاهه: سُر رامڪلي)

**ڪڙڪو ڪڙڪاٽ:** ڪڙڪاءُ / ڏڏڪو / ڏڪاءُ / ڏيڪو / ڏڙ ڏڙ / ڏڏڪار.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**ڪُڙم قبيلو:** ڳهراڻو / ڪُلُ / خاندان / نسل / ڳهرٻار / آل اولاد.
(۱) ڪڙم قبيلو، ڀائر ڀاتيا، راڻي راڄ سڏايو، الا!
لاڏي ڪي مُرڪي موڙ ٻڌايو، الا! ڳيچ: (حاجي عبدالله)
(۲)موچاريءَ مجلس ۾، تنهن جو ڪڙم قبيلو ڪو ثايان ٿي
سُرهي سيج وڇايان ٿي! (ڳيچ: پيرل)-
**ڪُڙم ڪڙو:** ڳهراڻو / قبيلو / خاندان / آل اولاد / ڳهر ٻار. مثال:
ڪُڙم ڪڙو هوند ڪُل ڪيڙو ميان الا،
ٻايون ٻچا ٻار، اڏيون!
(حاجي پير هدايت الله راشدي ثلاهي: سُر سهڻي)
**ڪڙم ڪَهولُ:** خاندان / ڪٽنب / ذات / وڏي آکهه / وڏو
ڪٽنب / جهجهي ساڳهر / اولاد / ڪچڪول. مثال:
شادي شاهن جي جُڙي، منجهان ڪڙم ڪهول
(شاهه محمد ديڏڙ)
**ڪڙمي ڪڙا:** (ڪڙمي: ڪڙمت / هارپو ڪندڙ- ڪڙا: زمين جي ڪڙ
سان رهندڙ): هاري ناري / پورهيت / ڪاسبي / پوکي
راهي ڪندڙ.
**ڪڙمي ڪاراوا:** (ڪڙمي: هاري-ڪاراوا: ڪمدار): زميندار جا هاري
ناري ۽ ڪم سنڀالڻ وارا / هاري ۽ ڪمدار.
**ڪڙمي ڪاسبي:** (ڪاسبي: ڪسب / پورهيو ڪندڙ): هاري ناري /
پورهيت / مزدور.
**ڪُڙمي ڪامي:** (ڪڙمي: ڪڙمت / هارپو ڪندڙ- ڪامي: ڪامڙيو /
ڪم/مزوري ڪندڙ: پورهيت/محنت ڪش / ڪاسبي.
**ڪڙمي ڪمي:** (ڪمي : ڪم / پورهيو ڪندڙ): پورهيت /
ڪاسبي / محنت ڪش / مزور.

**ڪَڙو ڪسارو / ڪڙي ڪساري:** (ڪسارو / ڪساري: ڪس وارو يا
ڪس لڳل يعني ڪڙو / ڪوڙو /بي ذائقي / ترش /
ڪارو / اُگرو-ڪس واري / ڪڙي / ڪوڙي): تکو / اُگرو /
لوڻيائو / ڪڙو / ڪوڙو- تکي ڪڙي / ڪوڙي / لوڻيائي / اُگري.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪڙو ڪسو:** ڪس لڳل / ڪوڙو / ڪٽ لڳل / زنگ لڳل.

**ڪڙو قاتل:** ڪڙو: زهر جهڙو- قاتل زهر): موتمار زهر. مثال:

ڪڙي ۽ قاتل جا هميشہ هيراڪ (شاهہ): زهر هلاهل / زهر قاتل / موتمار زهر.

**ڪڙو ڪُنڊو:** (ڪڙو: ڪڙڻ: سُڪ ڪرڻ / بند ڪرڻ / تالو ڏيئي چڙهڻ / ڪرف ڪُنجي ۾ رکڻ): تاڙي / ڪُنڊي / ڪولابو /لوهہ جو ڪُنڊو دربند رکڻ لاءِ.

**ڪڙو ڪولابو:** (ڪولابو: لوهہ / تامي / شيشي / ڪاشي جو ڪنگڻ جو قلندري فقير ٻانهن يا چنگهن ۾ / پيرن مٿان پائيندا آهن): سيلاني فقيرن جي سينگار جون شيون / چوڙو / ڪنگڻ.

**ڪَڙولا ڪوٽ:** (ڪڙولا: هٿ ڪڙيون- ڪوٽ: قلعو / قلعي اندر جيل / بنديخانو): هٿ ڪڙول / ڏنڊا ٻيڙيون / جيل سان لاڳاپيل بندشون ۽ تڪليفون. مثال:

جاڳ ڀِتائي گهوٽ، توکي ساري سنڌڙي
مٿان مارونڙن جي، لاهہ ڪڙولا ڪوٽ. (پير شاهنواز عارف الوليؒ)

**ڪڙها ڪڙاهيون:** تيون / ڪيريا تيل ڪاڙهڻ لاءِ لوهہ جا تانو / لوهہ جون تمام وڏيون تيون. مثال:

ڪڙها تيل جا چڙهيا، تـِئين تاو تنهنجي ۾ تيون.
(علي گوهر شاهہ "اصغر")

ڪڙاهو / ڪڙاهہ / ڪٺاهہ / ڪٺاهو (واحد): ڪڙاها / ڪٺاهہ / ڪٺاهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪڙمان ڪيٽان،** ڪڙهڻ،جلڻ / ڪامڻ / پوسرڻ-ڪيٽڻ، چِنگهڻ / رنگهڻ / ايذاء سبب دانهن ڪرڻ): دالهن / ڪٽڪ / چنگهہ / چنگهڪار / ايذاء ڪان دانهن.

**ڪڙهندي پچندي،** ڪڙهن پچڻ، سڙڻ / سڙي سوڪ ٿيڻ / سڙي ڪوڪلو ٿيڻ، مثال:

پيار اوهان جي منجهه پچان ٿي، ڪڙهندي پچندي ڪين ڪچان ٿي،
تاندن ٿي جڻ يار لڇان ٿي،
واهر ڪر ڪاواهہ. سڄڻ گهر آءُ! (خاڪي جويو)

**ڪڙهڻ ڪشڪڻ،** جلڻ / ڪامڻ / پچڻ / سڙڻ / ڪٽڪڻ / رڙڻ / چنگهڻ / دانهن ڪرڻ.

**ڪڙي ڪنمال،** (ڪنمال، ڳچي ۾ پائڻ جو زنانو زيور / ڳچيءَ جو هار / ڪنٺو- ڪڙي، پيرن جي مُرن ۾ پائڻ جو زنانو زيور)، زنانن زيورن جا نالا.

**ڪڙيا ڪسيون،** ننيڙا واهہ / واهيون / واٽر ڪورس، مثال:

ڪڙيا ڪسيون واهڙ وڪڙ ۾ سڙڪ وهن ٿا طرحين تار
ڪَن ڪير ڪن ڪڙڪا ٿهري،مانگر مڇ وڙهن (محمود ڪتيان)

**ڪڙيون پيڙيون،** هٿ ڪڙول / ڏنڊا بيڙيون / هٿ ڪڙيون / زنجيرون، مثال:

ڪڙيون بيڙيون سنگهرون سونهن جن جي،
نير نينهن جا. سي نچائيندا ايندا (خاڪي جويو)

**ڪڙيون ڪڙولا،** هٿ ڪڙيون / هٿ ڪڙول / ڏنڊا بيڙيون / زنجيرون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪَسارو ڪَڙو / ڪوڙو**: ڪَسَ لڳل / زهر جهڙو / زهريلو. مثال:
پاروٿو ڪاڏو ڪڙو ڪسارو لڳندو آهي.

**ڪَسبِياڻي ڪاري**: (ڪسبياڻي: ڪسب ڪندڙ- ڪاري: جنهن تي "ڪارنهن" جو ٽڪو لڳل هجي): بداخلاق / بيحَرِي / بدپيشه عورت. مثال:
"خيري" چئي "سيائي" کي، تون ڪسبياڻي ڪاري-
(محمود ڪتياڻ)
مائي خيري ۽ مائي سيائي جو جهيڙو

**ڪسَبياڻي ڪميٽي**: بدپيشه عورت / جسم فروش عورت / برو ڪاروبار ڪندڙ عورت. مثال:
تون ڪسبياڻي ڪميٽي، حرامڙي هچا! (محمود ڪتياڻ)

**ڪسو ڪوجهو**: (ڪسو: گهٽ معيار وارو): معيار کان ڪريل / غير معياري / اڻوٽندڙ / ڪنو.

**ڪسَٽ ڪَشالا**: تڪليفون / مصيبتون / هاچا / جفائون / آپدائون / ڏاڪڙا / سور سختيون.

**ڪنا ڪولاب**: (ڪنٺا: ڳچيءَ جا ڪنگڻ): فقيرن جي پائڻ جا ڳهه / مرداڻا زيور / ڪنگڻ ڪنڍليون. مثال:
ڪنٺا ڪولابا هٿس، ڪنگڻ قيمت دار (فقير علي بخش جمالي)

**ڪعبو قِبلو**: (ڪعبة الله شريف ۽ اوڏانهن وارو طرف، اسان جي ملڪ کان ڪعبو اولهه طرف آهي. ڪعبو خدا جو پهريون گهر آهي ۽ مقدس مقام آهي. سنڌي ماڻهو پيءُ استاد ۽ مُرشد کي احترام کان "ڪعبو قبلو" چوندا آهن): مقدس جاءِ / احترام جو مقام. مثال:

(١) ڪعبو قبلو مون نه ڏٺو آ،
(٢) ڪٿ ڏسي تو ڪنڌ جُهڪايان — (تاجل بيوس)

ڪعبو قبلو وينو وساري،
گهاري ٻر جنهن رات گذاري — (تاجل بيوس)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦) تنهن جي اوسيڙي ۾ آئون، ڪک پن ڪان ڪريان پچائون

(پير شاهنواز عارف المولي)

(٧) نہ هڪڙو ثنا خوان مان آهيان پر،
ڪري مدح هر هڪ تو ڪک پن اوهان جو.

(حافظ محمد احسن)

(٨) ڇوهہ مان ڇُنڪي هوا ڪک پن اُڏي پاسي ٿيو.
واء خود شهراهہ تي پاڻ ٻهاري تي اچي.

(ڪشنچند تير ٽداس بيوس)

(٩) ظاهر ڪري ظهورو، ڪک پن ۾ وڻين تون پيهي

(ڇتو فقير سانگي)

(١٠) پاڻ وڃائي پڇندياس، ڪيچ ڏٺي ڪک پن ۾ آهي

(غلام شاهہ جهانيان پوٽو)

**ڪک ڪانڊيرا:** ڪک ڪانا / ڪک پن، مثال:

ڪک ڪانڊرا ڪائيون، ميڙي ٻڌ مڏ
مڏ (ترهو) ٺاهڻ لاءِ ڪکن ڪانن ۽ ڪاٺين جي ضرورت
پوندي آهي.

**ڪک ڪانا:** ڪک پن / سَرَ ٻوڙا / ڪُهڙَ، مثال:

سنڌوءَ جا پروانا جاڳيا
ڌرتيءَ جا ڪک ڪانا جاڳيا (عبدالڪريم گدائي)

**ڪک ڪِرجهہ:** ڪک ڪانا / ڪُهڙ ڪک / ڪک پن، مثال:

ڪک ڪرجهہ گڏ ڪر "گل" ڏيئي باهہ ڪر پيڙا

(خليفو گل محمد "گل" هالائي)

**ڪُل ڪُنب:** (ڪُل: خاندان / ڪُنب): خاندان / اصل نسل / گهراڻو / قبيلو / ويڙهو / آکهہ / ونس / شجرو / پيڙهي / حسب نسب.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**ڪُلات واهيات:** (ڪُلات: ڪُلاٽ: بداخلاق / وَاهيات): بد چال / ڪريل / خراب ٽيل / بگڙيل / رذيل / عيشي.

**ڪُلال ڪُلاڙ:** شراب وڪڻندڙ / شراب چڪائيندڙ / آبڪار / شراب ٺاهيندڙ/گتيوال/مٽي فروش (شراب وڪرو ڪندڙ)

**ڪلاونت / ڪلونت ڪلاڪار:** ڪلا: هنر / فن / ڳائڻ جو فن): ڳائڻو / راڳي (راڳ ڳائيندڙ)/ ڳائڪ / گائڪ / گويو / ڪلا (فن) وارو / فنڪار.

**ڪُلڇٽو ڪُذات:** ڪُذات: ڳهٽ ذات وارو / اوڇو / ڪميڻو.

**ڪُلڇٽو ڪُپات:** (ڪُلڇٽو: خراب لڇڻ وارو - ڪُپات: ڪُپت / دوکو ڪندڙ): بدچال / بداخلاق

**ڪُلڇٽو ڪُلڪٽو:** خراب لڇڻ وارو / بداخلاق / بدچال.

**ڪُلف ڪڙا:** ڪڙا ڪنبا / ڪنجون تالا.

**ڪلف ڪولاٺا:** ڪرف ڪڙا / ڪلف تالا. مثال:

مشڪل ڪشا کي وڏائون پيتي ۾ ڏيئي ڪُلف ڪولاٺا

(فقير علي بخش جمالي)

**ڪلفت ڪوڙ:** بدنيتي / دوکو / دغابازي. مثال:

ڪلفت ڪوڙ ڪُپت ۽ ڪينو.

سُجو هي سنسار ڏسان ٿو. (شفيع محمد مخفي)

**ڪِلڪِليو ڪِرڪِريو:** اجائي ڪِل ڪِل / بيجا ڪرڪر ڪندڙ / ڪِٽ ڦِٽ ڪندڙ / ڪِٽڦِٽيرو/جهيڙاڪُ/جهيڙاڪو/رڳڙائي (رڳڙو ڪندڙ)/ڪروڌي/ ڪِتڪِتيو / تڪراري (تڪرار ڪندڙ)

**ڪُلوان ڪُلونتي:** ڪُلوان: ڪُل (خاندان) + وان: خانداني - ڪُلونتي: ڪُل + ونتي: خانداني): اصل نسل / بنيادي / وڏگهراڻو / پيڙهياڻو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪُل ٺي هَڙئي**: ڪل جا ڪُل / هڙ جا هڙ / سڀ جا سڀ / سڀ سارا.

ڪيئي ڪلور ڪيسُ ڪيڏو جو طالب ڪِيَ نہ تاريئي
چير تہ هي هي ڪيئن يار وساريئي. (صوفي فيض دريا)

**ڪَلورُ ڪيسُ**: ويلُ ظلم / ناحق / بي انصافي / هاڃو / انڌير / ويڌن / بنداد / زبردستي / قهر / ايذاءُ / ڪُنياءُ.

**ڪلهوٽو ڪالهوڪو**: ڪالھ وارو / ڪالھ سان واسطو رکندڙ / گذريل وقت سان لاڳاپيل.

**ڪَلهي ڳسَ ڪَلهي ڳيهَ**: (ماڻهن جي اهڙي پيھ / رش جو ڪلهو ڳسائي لنگهڻو پوي)؛ ماڻهن جي پيڙ / انبوھ / ڳپاڳپھ / هشس ڳشس / ڳاهٽ.

**ڪر ڪاج**: ڪر ڪار / ڌنڌو / پورهيو / ڪَسبُ.

**ڪر ڪار**: ڌنڌو ڌاڙي / ڪسب / پورهيو / ڪارهيو / ڪارخدمت / ڪِرت / حاج / پيشو. مثال:

(١) پنهنجي همت سان پاڻ ڪر ڪر ڪار،
ٿي ادا مُڙس، پنهنجو پوٽو پار. (محمد صديق مسافر)

(٢) تن سان ڪر ڪر ڪار جي توکي ڏنا ڌاتار هٿ
بي ڪمو ڪئن ٿو رهين! جا لئي مليئي آڌار هٿ.
(محمد صديق مسافر)

(٣) ڪونہ ٿيو عاشق جو ڏوھ ادا
آھ تقدير جو سيئي ڪر ڪار. (محمد صديق مسافر)

(٤) هڪ تنهنجو ڪپي ديدار اسان کي،
ٻيو نہ ڪپي ڪر ڪار، وويار.... (پير شاهنواز شاھ عارف الوڪي)

(٥) الغرض سڀ سارا ھ وارا تنهنجي منت تي لڳن،
تو هلي دنيا جو سڀ ڪر ڪار تنهنجي آسري
(حيات شاھ حافظ)



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(٦) اي، اوهان جي لئہ يادگيري اٿم،
قرب ڪان وڌ نہ ڪو ٻيو ڪم ڪار (پير شاهنواز عارف الموئي)
(٧) نہ سر سبز جهڳٽن سان گلزار ٿيندو،
ملڻ ڪانسواءِ ڪونہ ڪم ڪار ٿيندو (غلام احمد نظامي)
(٨) دل اُداسي دلربا تو لاءِ آهہ،
ڪر نوازش سڀ ڇڏي ڪم ڪار اڄ (حافظ محمد احسن)
(٩) تنهنجو ورد ٿيو منهنجي زبان تي دائما،
يادگيري تنهنجي ۾ وسري ويا ڪم ڪار سڀ (حافظ محمد احسن)
(١٠) ڇڏ غفلت ڪم ڪار الا -
اُٿ، جاڳ مسافر، باک ڦٽي! (نياز همايوني)
(١١) رت غريبن جو سُڪايو آ اجوڪن ظالمن،
ڪين ڳڻتين ۾ ٻُجي، تن ڪان ڪوئي ڪم ڪار ڏس
(سومرو غلام رسول سودائي)
(١٢) مون کي ڪم ڪار نہ هو،
وينــي تنهنجا پور پچايم (امداد حسيني)
(١٣) نينهن جو جڏهن ناتو لڳم، ڪم ڪار سڀ وسري ويم،
ارض وسماء هتڙا ڪنيم،
ننگ يار دامن جو اٿئي ("لاڙ جون لاتيون" تان ڪنيل)
(١٤) تنهنجي نينهن جو ناتو لڳو - ڪم ڪار سڀ وسري ويم
هر دوجهان ۾ هٿ ڪنيم (صاحب ڏنو)
(١٥) ڦٽا ڪيم سڀ ڪم ڪار ڪئي تنهنجي حڪم ۾ حاضر ڪڙي
(نبي بخش)
(١٦) يار بنا اداسڻ آهيان، ڪيئن ڪريان ڪم ڪار جي
(حاجي خانڻ چنجڙي)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٧).... ڇو نہ بالدر تون بنيئن، ڇيرو پڪي يا ڇپ پڪي؟
هي تہ ڪنهن ڦهار جا ڪر ڪار، سمجهي جا سگهان"
(حاجي احمد ملاح)

(١٨)ڪس ڪروڙن ۾، ڪسر ڪر ڪار، سمجهي جا سگهان؟
(حاجي احمد ملاح)

(١٩) ڪو جڏهن شروع ڪجي ڪر ڪار،
ڪري همت منجهائنس پڄجي پار. (محمد صديق "مسافر)

(٢٠) وساري ڪر قرآني ڪرڻ دنيا ۾ ڪر ڪهڙا
ڪر نہ آيو قيام ۾ پلا ڪو ڪر ڪار ڪهڙو
(الله بچايو جوڻيجو)

(٢١) دائما دل تي اُداسي ايندي راحت جي اچين،
پاڻ پٺي ڪڏجي ڇڳي ڪر ڪار جون ڳالهيون ڪريون.
(حاجي عبدالله "واقف" ٺاروشاهي)

**ڪر ڪاريون:** پورهيا ڪارهيا / معاملا، مثال:
صاحب سندي ڳالهڙي مُدرڪ مُحالا،
جنهن ڪر ڪاريون پهہ پنهنجا، سين حڪمت هلايا.
(مخدوم غلام محمد بگائي)

**ڪر هاج:** ڪر ڪار / پورهيو / مزوري.

**ڪماري ڪنيا:** ڪُنواري ڇوڪري / دوشيزه.

**ڪِمام ڪاروبار:** سامان / شئي شڪل / ٿپڙ ٽرو / اسباب / مال متاع / ڪر ڪار / ڌن دولت.

**ڪمائڻ ڪرڻ:** (محنت مزوري ڪرڻ / پورهيو ڪرڻ): ڪمائي ڪِرت / پورهيو ڪارهيو.



www.sindhsalamat.com                                                    books.sindhsalamat.com

**ڪُنڊ ڪُڙڇ / ڪُڇُ:** ڪُڇُ، ڪنڊ. مثال:

وڃيئن ويراڱن جي مٿي ڪُڇُ. ڪوڪ (شاهه: سُر رپ)

ڪنڊپاسو / اوسو پاسو Nook And Corner مثال:

(١) هنگامي جي خبر شهر جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ وچ وانگر پکڙجي ويئي!

**ڪنڊا ڪانڊيرا:** ڪنڊاوان ٻوٽا. مثال:

ڪريان تي ڪوار، ڪنڊن ڪانڊيرن جي. (شاهه: سر معذوري)

ڪوار: گلا / غيبت.

**ڪنڊا ڪرڙ:** ڪنڊاوان وڻ. مثال:

ڪنڊن ڪرڙن منجهان ايندا مٺا آواز اُلفت جا

ليون لاٿيون سٽائيندڻيون. "گدائي" ساز الفت جا

(عبدالڪريم گدائي)

(٢) منجهه ڪنڊن ڪرڙن مٿيون سگريون سُئيون،

ليار ڪھانگھيليون لڌن، لامن پکيون

(محمد اسماعيل عَرسائي)

(٣) چاهه مان چرندا وتن ٿا، جت مٺن مارن جا مال،

تن ڪنڊن ڪرڙن ۾ تن ڪِرڙن ۾ لاٿن جو قسم! (اياز قادري)

**ڪَنڊو مُنڊو:** تکو ڪنڊو / سيلهه. مثال:

(١) بڪ بڪيو آهي، وات ۾ ڪو ڪنڊو مُنڊوئي نه اٿس جو ڪٿي اجايو ڳالهائڻ بند ڪري!

(٢)ڏڪڻ جي ماءُ ڏرڻ ويئي،

ڪنڊو مُنڊو ميڙي آئي،

چار چموٽيون، پنجو گريو،

ڏڪڻ آيو گهوڙي چڙهيو. (سخت گرمي / ڪاڙهي ۾،

ڏڪڻ جي هير / هوا ڪي سڏڻ جا ٻهراڙي وارن جا ٻول)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪنڍي ڪرڙي:** (ڪنڍي: اسم تصغير ڪنڌڙي - ڪِرڙ: اسم تصغير: ڪرڙي): ڪنڊاوان ننڍيا وڻ.

**ڪنڍيون ڪرڙيون:** ڪنڊن ڪرڙن جا وڻ، مثال:

ڪنڍيون ڪرڙيون ۽ ڪانڊيرا اسان لئہ سَنبل وريحان
ڳنتو ڳيرا ۽ پاپيها، ڪبوتر مور خوش الحان (عبدالڪريم گدائي)

**ڪُنڍِل / ڪنڍلا ڪيوٽيون:** (ڪُنڍِل: ڪن جا والا / جهالا - ڪيوٽيون: ڪن جون واليون): ڪن جا ڳهہ/زيور. مثال:

(١) ڪنين ڪُنڍِلن ڪيوٽيون، ڪا ٻولي نہ ڪاپڙين.
(سگهڙ امام بخش)

(٢)ڪنين ڪنڍِل ڪيوٽيون، اتن پوروب وائي وات
(مينگهو فقير شَرَ)

**ڪُنڍيون ڪَڪوريل:** ڪُنڍيون: ڪُنڍيءِ وانگي وريل - ڪڪوريل: ڪجل جي ريهہ وانگر ڪاريون يعني ڪجليون اکيون): خماريل نيڻ / مستانيون اکيون، مثال:

ڪُنڍيون ڪڪوريل ڪُجليون ڪاريون.
پائن پيچ ڳچي ڳٽ ڳاريون...... (پير شاهنواز عارف المولي)

**ڪُنڍيون ڪامليون:** مينهَنِ جا قسم

ڪُنڍيون ڪامليون، مينهين موچاريون، مڙن مڙيئي(مين عيسلي)

**ڪَنڍيون ڪنڍليون:** (ڪنڍي هار- ڪنڍي- هار) ڳانيون/ ڳانا / مالهائون / هار.

**ڪنز قافيہ:** (ڪنز: فقهہ جو ڪتاب - قافيو: عروضي شاعِري ۾ رديف کان اڳ ڪم ايندڙ لفظ)اهم ڪتاب، مثال:

اي ملان! تون چو ٿو پڙهين ڪنز قافيہ
پروڙين تہ هڪڙو ئي ٿيو ڪافي اکر آ (پير شاهنواز عارف المولي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪِنو ڪارو:** ڪوجهو / بدشڪلو / بدصورت.

**ڪنو ڪوجهو:** بدشڪل / بدصورت / گدلو / ڇيڳرو. مثال:

(١)ڪنو ڪوجهو ٻه پنهنجو پلو.

(٢) مان نہ پنهنجي وس رهيس،مون تي ٿي پنهنجو وس هلاءِ
ڪين تون پنهنجي ڪَنِ ڪوجهن تان ٻيو ڪوئي ڪلاءِ
مهر سان مالڪ مٺا! پنهنجي "امين" جي سُڻ سدا.

(مخدوم محمد امين "فهيم")

**ڪنوڪوڙهيو:** (ڪوڙهيو: جنهن کي ڪوڙهه جي بيماري لڳل هجي):
گدلو / بيمار.

**ڪُنواري ڪُماري:**(ڪنواري:اڻ شادي ٿيل ڇوڪري /سهڻي ڇوڪري /
ڪچي: ڪچي يا ننڍي عمر واري): نابالغ / نوجوان.

**ڪُنواري ڪَچي:** ننڍي عمر واري/ نوجوان / اڻ پرڻيل ڇوڪري.

**ڪني ڪوجهي:** بدصورت / معمولي شڪل صورت واري، مثال:

ڪني ڪوجهي ڪارڙي گولي گنهگار

(مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ)

**ڪڻ ٿهہ:** (ڪڻ: ان جا داڻا - ٿهہ: ان تي چڙهيل کلون): ان جا داڻا ۽ ٻهہ باند.
ڪڻ ڇڏي ٿهہ ميڙڻ: چڱي شئي کي ڇڏي گهٽ قيمت /
اهميت / ڪارج واري شئي کي کڻڻ.

**ڪُٽڪ ڪِنجهڪار:** (ڪٽڪڻ/ ڪنجهڻ/ ڪنجهڪارڻ/ درد کان دانهون
ڪرڻ): ڪٽڪن ڪانڌ چت ڪيو. جُهڙ پسيو جهڙڪن (شاهہ):
ڪِنجهڪو. ڪِنجهڪار / ڪُسڪ / ڇِنگهہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪوٽ ڪڙولا:** (ڪوٽ، قلعا / بنديخانا - ڪڙولا ، ڪڙڻ / ڪڙولڻ: ٻڌي سوگهو ڪرڻ / هٿن پيرن ۾ ڪڙيون وجهڻ / قيد ڪرڻ): قيد خانا / جيل خانا / ڪاٺ (ڪاٺ جو ٺهيل چوکٽ جنهن ۾ ڏوهارين کي بند ڪيو ويندو آهي) / زندان. مثال:

بيڪس بيوس ڪيئي نماڻيون،
ڪوٽ ڪڙولن ۾ قيدياڻيون،
"عُمر" جا آزار اجا ٻيءِ ساڳيا ڙي (عبدالڪريم گدائي)

**ڪوپُ ڪلور:** ڪوپ:ظلم. مثال:

ڪلاڙکي هٽِ، ڪُسڻ جو ڪوپ وهي (شاهه، سُر يمن ڪلياڻ)

ڪلور: ظلم / بي رحمي،انڌير /اوچتي مصيبت /بي انصافي / ڏاڍ / ڏاڍائي / ظلم / غضب /ناحق / هاڃو / قهر. مثال:

(١) هر دور ۾ ظالم جو ڪوپ ڪلور هلندو اچي!
(٢) ڪهڙو ڪوپ ڪلور ٿيو، مهڙو حادثا،
مون هنيون نہ ڏٺي، تہ ڪريان ڳالهہ ڪا.
(مخدوم غلام محمد ڀگائي)

(٣) مُرسل، مشفق ڪيو منظورُ
پوڻي ڪميٽا، ڪوپ ڪلور (شاهه محمد ديدڙ)

**ڪوپا پهلوان:** (ڪوپو: جنگي جوان / لڙائي جو ڪوڏيو / وڙهڻ جو شوقين- سگهارو): بهادر / سورهيہ / جاٺا / جوڌا / ڳوڌا / پلوان / دلير / قوي / پليارا (ٻل / سگهہ وارا) / شير مرد.

**ڪوپا ڪلنگيدار:** (ڪلنگيدار: ڪلنگي / تاج پهريل يعني بهادر): سورهيہ / سرواڻ / جوپ جوان. مثال:

توڪوپا ڪلنگيدار ڏٺا، تو سورهيہ ڪئين سالار ڏٺا
(ابراهيم منشي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪوجهوڪارو:** بدشڪل / ڪنو / گدلو / بدصورت. مثال:

روح سين جا پورا آهن، ظاهر پل ڪو ڪوجهوڪارو. (ادل سومرو)

**ڪوجهو ڪاٹو:** بدصورت/ بدشڪل / مُهانڊن ٻِڇڙو / گدلو. مثال:

زرساڻ ڪوجهو ڪاٹو، اڳ ۾ اُهو اگهاٹو.

چريو ٻہ ٿئي سياٹو، زر آ تہ عشق نهہ پـهہ (شمس الدين بلبل)

**ڪوجهو ڪچو:** (ڪچو: اٹپڪل ٹانءُ، مثال:

باهہ ۾ پيو پڪو سو ٹانءُ ٿيو

جو رهيو ٻاهر، رهيو ڪوجهو ڪچو (خليفو گل محمد گل هالائي)

**ڪوجهو ڪُمڪو:** (ڪُمڪو: ڪُمي جهڙو يعني بدصورت / اٹوٹندڙ شڪل وارو): بدل شڪل / مُهانـڊن ٻيڇڙو / گـدلـو / بـدصـورت.

**ڪوجهي ڪاري/ڪوجهڙي ڪارڙي:** بدشڪل / ڪني / گدلي/ چيڳري.

**ڪوجهي ڪُمڪي:** ڪُميءَ جي شڪل جهڙي / گدل/ چيڳري، مثال:

ڪاري ڪوجهي ڪُمـڪي، آئـون مـورنہ مـوچاري.

(پير عبدالستار جهوڪ وارو)

ڪوجهي ڪـني / ڪـوجهـڙي ڪـنڙي: بـدشـڪـل / بدصـورت / ڪـنـي، مـثال:

(١) ڪوجهي يار ڪنيز، ڪنڙي بيحد بدڪار

(سڪندر خان کوسو)

(٢) يا خدا ڪرم ڪر ڪوجهي ڪني تي -

ڏاتر ڏي ڏڪن ۾، ڏيڏ ڏڪي ڪي. (فقير احسان دل رحماڻي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪوجهي ڪُوڙي**: ڪُوڙي؛ جنهن جو "وڙ" (عادت) خراب هجي / بي وڙي / ڪني / بداخلاق / جنهن جي ڪاشائستگي نہ هجي / ماڻهپي کان ڪريل / بي مروت / بي لحاظ / نالائق / بي شرم / اڻ سهائيندڙ.

**ڪوجهيون ڪُوڙيون**: ڪُوڙيون؛ ڪُ+ وڙيون / جن کي ڪو "وڙ" نہ هجي / خراب وڙ يا عاد يا سلوڪ واريون يعني بداخلاق. مثال:

ڪاريون ڪوجهيون ڪُوڙيون، مور نہ موچاريون

(شاهہ: سرڪاموڏ)

**ڪوڏ ڪپورَ**: (ڪوڏ؛ ڪَڏڻ؛ لَڏڻ / ناز نخرا ڪرڻ)؛ شوق / ناز نخرو- ڪپور؛ ڪافور؛ سرهاڻ. عورتون لڱن کي، سُر هاڻ طور، ڪافور لڳائينديون آهن)؛ ناز انداز/لاڏ ڪوڏ. مثال:

پيس لوهہ "لطيف" چي، لتس ڪوڏ ڪپور (شاهہ)

**ڪوڏر ڪاڻي**: ڪاڻي؛ ننڍو ڪانو؛ مري ويل جو "ڪاڻي" سان قد ڪڇي ان مطابق ڪفن توڙي قبر جو بندوبست ڪيو ويندو آهي. لاش جي دفن لاءِ ڪوڏر ۽ ڪاڻي ٻيئي ضروري آهن. اصطلاح ۾ "ڪوڏر ۽ ڪاڻي" معنيٰ دفن ڪفن جو سامان جنهن جو انتظام هر انسان (مسلمان) لاءِ دير يا سوير ڪرڻو ئي پوندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪوڏر ڪَهاڙي:** (ڪوڏر جنهن سان کاتي کٽجي- ڪهاڙي: جنهن سان جهنگ وڍي زمين کي صاف ڪجي ۽ ريج ڏيئي، هر هلائجي): هاري جي روزاني ڪم ڪار جا اوزار.

BASIC AGRICULTURE IMPLEMENTS مثال: سچو

ديس آرسُ پيچي آهه جاڳيو.

ڪِسانن آ ڪوڏر ڪَهاڙي سنڀاري (عبدالڪريم گدائي)

**ڪوڏيون ڪسيرا:** (ڪوڏيون: جيڪي ڪنهن زماني ۾ "سڪن" طور ڪم ايندڙيون هيون - ڪسيرا: سڪا. هڪ پيسي ۾ ٻه ڪسيرا هوندا هئا): معمولي سڪا. مثال:

جيڪي اسم سان دم، سي موتي ۽ هيرا،

جيڪي ويا اجايا سي ڪوڏيون ڪسيرا.

(مرزا قنبر علي بيگ حيدري)

**ڪورَ ڪَسي:** واٽر ڪورس / واهي، مثال:

تون اوڙهن ۾ اوجهرئين، نہ ڏسين ڪُور ڪسي.

(محمود ڪتياڻ)

**ڪوري موچي:** (ڪوري: ڪپڙو اُٺندڙ- موچي جُتيون ٺاهيندڙ): سنڌ جا پورهيت.

**ڪُوڙ بدوڙ:** تهمت / الزام / ڏوکو، مثال:

(۱) چڏيو ڪوڙ تان بدوڙني، ٻلاول سان ڪريو نہ ٻازيون

(ٻلاول)

(۲) حملا هوڏون، طعنا ٺُنڪا ڪوڙ بدوڙ ڪمال مبارڪ .

(شمس الدين بلبل)

**ڪُوڙَ پچوڙي ڪوڙ پچائي:** ڪوڙ پچوڙي، ڪوڙ. مثال: هي جڳ بازي ڪوڙ پچوڙي (نانڪ يوسف): دوکو / فريب / ٺڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪوڙ ڪُپٽ**: ڪوٽ / بي ايماني / ڏوڪو / فريب. مثال:
(١) مورک ڪين هڻي، ڪوڙ ڪُپٽ پر پنج ڪون(چنڊراء سامي)
پرپنچ: ڪوڙو وهنوار / مهاچار-
(٢) ويڙو ڪوڙ ڪُپٽ، محبتي جي من مون. (چنڊراء سامي)
(٣) جتي ناهي ڪوڙ ڪُپٽ، "مسڪين" ويا ان مُلڪ ۾
(هادي بخش شاه "مسڪين")
(۴) "مسڪين" ري مُرشد جي، ٻي سڀ ڪوڙ ڪُپٽ
(هادي بخش شاھ مسڪين)
(۵) ڪو ڪوڙ ڪپٽ جو نان نہ هو،
سڀ ساٿي ها غمخوار هوا (عبدالڪريم گدائي)
(٦) ڪوڙ ڪپٽ ۽ دوکي سان گڏ. دولت ڏنُ وڌائين ويٺو
(شمس صابر)
(٧) جا ڪوڙ ڪپٽ جو ڪنڌُ پڃين،
سا پڙڪو ڪائي پاڻ ٿيون (تاجل بيوس)
(٨) هي يار جو گهر آ دل او سائين،
هت غيض و غضب کي دور رکو،
ان دل جي گهر ۾ ڪوڙ ڪُپٽ کي
آئي رهائڻ چا معنلي (علي اڪبر "اسير" قريشي)
(٩) ڪوڙ ڪپٽ جو وڄ وساري، پاڻ سُنا ٿي هلندا
(مير محمد پيرزادو)
(١٠) آهيون سڀ اسير ڪوڙ ڪپٽ جي ڪاٺ ۾ (خاڪي جويو)

**ڪوڙڪچُ**: ڏوڪو / فريب / غلط بياني / ايمان باطل. مثال:
(١)ڪوڙ ڪماء م ڪچ، اتي اور الله سين! (شاھ، سُر سَريراڳ)
(٢) ڪمائي اسان جي سڄي ڪوڙ ڪچُ،
نہ خالي ريا ڪان نہ صافي نہ سچ (شمس الدين بلبل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪُوڙو ڪارَ مُنهون:** ڪوڙي جو مُنهن ڪارو ڇاڪاڻ تہ ڪوڙي کي عزت ناهي ملندي.

**ڪوڙو ڪَپيتو:** (ڪَپيتو: جنهن جي ڪا ساک پت / اعتبار نہ هجي): دوکيباز / بي ويساهو.

**ڪوڙو ڪچو:** بي ساکو / بي ويساهو مثال:

آهيان ڪمين ڪوڙو ڪچو، خارج کهٽو، دل سخت خام
(شاهه محمد ديدڙ)

**ڪوڙو قولن- ڪچو:** (قولن ڪچو: جنهن جي قول / وعدي تي ڪو اعتبار نہ ڪجي): بي ويساهو / دوکيباز.

**ڪوڙو ڪلال:** (ڪلال: شراب وڪڻندڙ / کهتيوال جيڪو شرابين کي شراب متعلق ڪوڙا دلاسا ڏيندو آهي، مثال: ڪوڙو ۽ ڪلال ٻئي اکر هيڪڙي): بي ويساهو / گشٽي / بي اعتبارو.

**ڪُوڙو ڪوڙهيو:** نفرت جي لائق / بي ساکو. ماڻهو ڪوڙي کان ائين پري ڀڄندا آهن جيئن ڪوڙهئي کان. ڪوڙهيو: ڪوڙهہ جي بيماري ۾ ورتل): بداخلاق / گدلو.

**ڪوڙهيو ڪارمُنهون:** (ڪوڙهيو: ڪوڙهہ سبب، ماڻهو جنهن کان نفرت ڪن - ڪار مُنهون، جنهن جو ڪنڌ، ڪڏن ڪمن سبب هيٺ هجي: ڪوڙو / بداخلاق / گدلو / بيمار / اخلاقي طرح گدلو.

**ڪوڙهيو ڪوجهو:** ڪوڙهيو: ڪوڙهہ وارو- ڪوجهو: بدصورت ڪوڙهہ ۾ ورتل بدصورت هوندوئي آهي / ڪوڙي جو بہ ساڳيو حال آهي.

**ڪوڙئين پَتئين:** ڪيترائي / قسمين قسمين / ڀانت ڀانت جا / گهڻا سارا. مثال:

(١) ڪوڙئين پتيئن ڪانگ، اڏايم اُڇيج تون (شاهه)

(٢) ڪوڙئين پتيئن اُن جا هٽ متي هيٺن،
ٻنهي جهانن، هو ويچارن واهرو. (قادر بخش بيدل)

(٣) اڏايام عجيب لئہ ڪوڙئين پتيئن ڪانگ (مصري شاهه)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪُوڙي ڪاٺياري:** (ڪاٺياري: جنهن جو ڪوڙ يا ڪا گهٽتائي ظاهر ٿي پوي / جنهن تي ڪا تهمت هجي- ڪوڙي: ڪوڙ ڳالهائيندڙ جڏهن تہ ڪوڙ بہ هڪ ڪاڻ / ميار / گهٽتائي آهي): بي ويساهي / بي شرم / ڪوتي / ڪاٺائتي / عاجز / لاچار.

**ڪوڙي ڪَڏي:** منافق / بدعادتي / ڪَليڇٽي. مثال:

پنهنجي پٽيءَ سان ڪوڙي ڪَڏي ڪَساڪٽي

پٿر ڪان سخت توٽي تون صورت ٻر ماڪٽي (سويراج نِرمل داس فاني)

**ڪُوڙي ڪوٺياري / ڪوڙياري:** (ڪوٺياري: ڪُوڻ / ڪاڻ واري - ڪوڙياري: ڪوڙ ڳالهائيندڙ): بي ويساهي / ٺڳيندڙ / دوکيباز.

**ڪُوڪ پُڪار:** (ڪوڪڻ پُڪارڻ: فرياد ڪرڻ / دانهڻ): دانهن / رڙ / راڙو / واڪو / فرياد. مثال:

سُڻ سوال سڳهو هيءَ دانهن منهنجي،

آهي ڪوڪ پڪار تو ڏانهن منهنجي،

اڃي پاڇهہ ڪر، وٺ ٻانهن منهنجي

هن سام پيل ڪي سَڏارج تون (منٺار فقير راڄڙ)

**ڪُوڪڻ ڪُرڪڻ:** (ڪُوڪڻ: دانهن ڪرڻ-ڪرڪڻ: ڪونج وانگر ڪاڪرائڻ / واڪا ڪرڻ): ڪنجهڻ / رينگڻ / واڪڻ (واڪا ڪرن) / وِجهلڻ.

**ڪُوڪون ڪارون:** پڪارون / دانهون / روڄ راڙو.

**ڪوڪون ڪِيهون:** رڙيون / دانهون / پڪارون. مثال:

لڳيون جن کي نوڪون نينهن سنديون

اهي ڪوڪون ڪيهون ڪيئن نہ ڪنديون

(پير شاهنواز عارف المولي)



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**ڪُولڏَرُ ڪَنڏَرُ:** ڪونڏر، ڪنڏار / بهادر، مثال:

ڪُندري هئي ڪونڏر جي هٿ ۾ هو مرد مٺيادار
(فقيرعلي بخش جمالي)

ڪونڏر اچي تو ڪئي پهلواني پڏر (حاجي حقير ابن مگڻ)

سُروهيہ / دِلير / بانڪو

**ڪولري پريو ڪامڙيو** (ڪونري پريو: ڪونرو/ڪَرو پري ڏيندڙ- ڪامڙيو: ڪم تي لڳايل مزور): نوڪر / چاڪر(چاڪري / خدمت ڪندڙ) ٽهليو (ٽهل / خدمت ڪندڙ) / خادم.

**ڪوهہ ڪچاڙو:** چا / ڪهڙو / چو، مثال:

ڪوهہ ڪچاڙو، جن چيو، واتان سي ورسيا
(مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي)

ورسيا: روڪيا ويا / پوئتي رهيا / محروم ٿيا.

**ڪوهيارل ڪيچ ڌڻي:** (ڪوهيارل: ڪوهہ / جبل جو رهاڪو - ڪيچ ڌڻي: ڪيچ مڪران جو مالڪ): پنهون (سسئي پنهون جي داستان جو هيرو)، مثال:

هوتن سان "حسن بخش" چئي، ٿيان هيڪاندي هاٿي،
ڏسان ڪوهيارل ڪيچ ڌڻي، ملڪ مڙيئي ماٿي....
(حسن بخش شاهہ)

**ڪوء سوء:** (ڪوئڻ سوئڻ: بچت ڪرڻ): بچت / پاڇي / اُپراسو / اُپراس / ميڙا چوندي / صرفو / ڪيوٽ / ڪفايت / قناعت.

**ڪوء ڪسوء:** (ڪوئڻ ڪسوئڻ: ڪچوئڻ / گهٽائڻ / بچائڻ / بچت ڪرڻ / مُسائڻ): بچت / ڪچُوء / اُپراسو / ميڙاچوندي / ڪيوٽ / ڪفايت / قناعت / پاڇي / سانگ / صرفو.

**ڪوئي ڪَسوئي:** بچائي / بچت ڪري / پاڇي ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪيٽ پيٽ**: ڪيٽ، ڪيٽي. DELTA/ ISLAND IN THE RIVER BED
جيئن تہ ڪيٽي سامٽيا، ڪيٽي پٽو، ڪيٽي بندر وغيره.
مثال: ڪونجون هر مند ڪيٽ تي، لميون ڏين لاٿون
(ابراهيم منشي). اهڙي طرح "پيٽ" مان پيٽاري يا پيٽو.
مثال طور "دادو" ضلعي ۾ درياهہ جي پيٽ ۾ هڪ ڳوٺ
آهي جنهن کي "پيٽو جتوئي" سڏيو ويندو آهي. صورتحال
اها هوندي آهي تہ درياهہ هڪ طرف پائيندو آهي تہ ٻئي
طرف پاڻي لهندو ويندو آهي ۽ زمين نڪرندي ويندي آهي، اها
زمين لٽاشي (لَٽَ واري) هوندي آهي ۽ آبادي لاءِ بهترين
ٿيندي آهي. اهڙي زمين کي درياءُ خوردي (درياهہ ڪاڙل)
يعني "ڪيٽي" سڏبو آهي. اهڙي هنڌ تي هاري ناري ۽
مالوند، مال چارڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ اهڙين هنڌن تي
ڳوٺ ٻڌجي ويندا آهن.

**ڪيٽون ڪيٽ**: درياهہ خوردي زمين/ درياهہ پاتل زمينون. مثال:
پاڻي پسندين ڪنڌي ڪناري، تَمر ترايون، ڪيٽيون ڪيٽ
(ابراهيم منشي)

**ڪيچ ڏٺي ڪوهيارل**: (ڪيچ جو رهاڪو/ جبل جو رهاڪو): پنهون/
"سسئي پنهون" جي داستان جو هيرو/ سورمو ڪوهيارو.

**ڪيرت ڪٿا**: (ڪيرت: ڪيرتڻ: ديوتائن جي تعريف ڪرڻ- پاٺ
پوڄا-ڪٿا (هندن جي ڌرمي ڪتابن مان شبدَ ٻڌائڻ):
هندن جي ڀڳتي ڀڄن/ مذهبي گيت / قوالي / پوڄا/
ڪيرتن عبادت. مثال:
ڪِيان تان ڪڙو ٿيان، ڪنهن سان ڪريان ڪيرت ڪٿا
(منٺار فقير راڄڙ)



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

**ڪيري ڪِلي:** (ڪيري، ڪلي. مثال؛

(۱) ڪپڙا ڪيريءَ ۾ ٽنگيا پيا آهن.

(۲) اي نہ ڀانن پِيرُ، جيئن ڪينرو ڪيرَي ٽنگيو

(شاهہ؛ سر پرڀاتي)

ڀانن / لنگهن جو اهو طريقو نہ هوندو آهي تہ، سُرندو، ڪليءَ ۾ ٽنگي وڃائڻ ڇڏي ڏين!- ڪلي؛ ڪا شي ٽنگي رکڻ لاءِ ڀت ۾ کوڙيل ڪِل؛ ڪوڪو.

**ڪيڙا مڪوڙا:** جيت جڻيا / جيت جتوڙ .

**ڪيس ڪارا:** ڪاروٻيار/ گهرا ڪارا. مثال؛

گهرا ڪيسو ڪيس ڪارا ڏسي شائق ٿيا شامي. (مصري شاهہ)

**ڪِيسُ ڪَلُور:** ظلم /ڏاڍائي/ ڦهر. مثال؛

(۱)عين ٿي گذريو عرب ۾، ڪيس هي کهڙو ڪلور؟

ڪيئن امامن تي اچي ڪڙڪيا سوئر ۽ ٿا ٻلور.

(مولوي شفيع محمد هاتف")

(۲)ڪَن ڪيڏا ڪِيس ڪلور، ڪارا نيڻ ڪجل سان

(سيد سردار علي شاهہ "ذاڪر")

(۳) ڪندا ايڏو ڪيس ڪلور، مون کي معلوم نہ هو.

(سيد سردار علي شاهہ "ذاڪر")

**ڪيسوقَلَ ڪرير:** جهنگلي ٻوٽا ۽ وڻ/ ڪرڙن جهڙا ننڍي قدوارا وڻ. مثال؛

ڪوڙين ڪرڙ ڪڪوريا ڪيسو ڦل ڪرير،

مهر ۽ چڙهيو مينڌرو. (تاجل بيوس؛ سر راڻو)

**ڪيفي ڪَجليون:** نَشيلا نيڻ/ خماريل اکيون. مثال؛

دست بدستي صفا سودو ڪيو اقرار اربيلين

قرب جي پيچ ۾ قابو، ڪيفي ڪجليون ڪڙايون سي

(فقير غمدل سائين)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪينو ساڙ:** بُغض/حسد. مثال: ڪينو ساڙ ڪدورت ڇا جي؟ڇا جو هي تڪرار؟ (عبدالڪريم گدائي)

**ڪينو ڪُپت:** (ڪينو: ڪين هجڻ): ناشڪري/ بد خواهي.

**ڪينو ڪدورت:** ڪدورت: ڪُلفت - ڪينو: ساڙ. مثال:

ڪي ڪينو ڪدورت ڪر محبت سندي ڳولا

(حاجي عبدالله "واقف" ٺاورشاهي)

**ڪينو ڪروڌ:** (ڪروڌ: ڪاوڙ): عتاب

**ڪَيو ڪَرتيو:** (ڪرڻ ڪرتڻ ؛ ڪيل ڪر يعني نيڪي): ڪيل نيڪي جو ڪر.

**ڪيها ڪهڙا:** ڪُڇاڙو/ ڇا/ ڪير. مثال:

هادي تنهنجي حسن جا ڪيها ڪهڙا نظارا (نانڪ يوسف)

**ڪيهي ڪهڙي:** ڪيهي: ڪهڙي WHICH/WHAT ، مثال:

واتون ويهه ٿيو ڪه ڇاڻان ڪيهي ويا! (شاهه):

ڪهڙيءَ پر/ ڪهڙيءَ طرح/ ڪهڙي نموني.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪ

## ( لفظن جا جوڙا: 214_ ڪل لفظ : 428)

**ڪاٻ ڪِٻ:** واهه / ڪسيءَ جي ڪناري جو ڀڳل هنڌ: ڳهارو. مثال:

روز روهن ۾ نهاريان آءٌ پنهل جا پير پٻَ
پير منهنجا ٿياپٽون، پَئڙا اکڙين ۾ ڪاٻ ڪِٻَ
( خليفو محمد قاسم)

**ڪاٻ ڪَبَ:** وڍ / زخم / ڦٽ /ريش.

**ڪاٻُ ڪَنڊُ:** (واهه / دريا جي بند کي ڪٽان روڻ پوڻ / بند ٽٽي پوڻ):
شگاف / ڏرڙ / ڳهارو. مثال:

اوچتو منهنجي اکين مان آب تيئن جاري رهي،
جيئن پوي ڪنهن ويل وهندڙ واهه کي ڪو ڪاٻُ ڪَنڊُ

**ڪاٻڙ ڏاوڙ:** ڏائي يا ڪاٻي هٿ سان ڪم ڪندڙ/ڪاٻڙيل/ ڏائڙا / ڏاٻڙ
(ڪاٻو ڏائو: ڏاٻو/ڪٻو)

**ڪاتو ڪرڙو:** (بئنڪ ۾ ڪاتو Account کولڻ/ زمين ۽ ٻي غير متحرڪ جائداد کي ڪاتي چڙهائڻ/ ڪاتي بدل ڪرڻ / جائداد جو ڪاتو بدلائي ڪنهن ٻئي جي نالي ڪرڻ): ڪاتي کولائڻ وارو عمل / ڪاتي بدل / ڪاتي چاڙهاٽي / واپاري حساب ڪتاب جو ورق / زمين جو پروانو / سَند / سرڪاري دفتر ۾ مالڪاڻي حقن جي داخلا/ جائداد جا ڪاغذ پٽ. مثال:

ڪاتو ڪرڙو رک سنڀالي، سڏ اچهو کي ٿيو اچهو
نيٺ ٿيندين محتسب هن ڪِبريا جي سامهون ( انجم هالائي)

**ڪاٽ ڪوٽ:** (ڪاٽِڻ ڪوٽڻ): سوراخ/ ٻرگهل/ ٽنگ/ ڀانيڙ (وڏوسوراخ).

**ڪاڻائوُ ڪاڻوُ:** ڪٽي ڪمائي ايندڙ/ ڪتندڙ/ ڏن ڪمائيندڙ/ لاٻ آٽيندڙ/ محنتي / محنت مزدوري ڪندڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪستوري خوشبوءِ:** مُشڪ / عَنبر / هگاءُ / ڪتوري / سُرهاڻ.

**ڪڦن ڪوس چمر چوسُ:** ( ڪڦن: ڪفن)؛ اوچاڙ / ڪفن ڪوهيندڙ / مُردن جا ڪفن تڪيندڙ)؛ ڪنجوس / مَکي چُوس / هٿ جو سوڙهو / ڳنڍ جو ڳوڙهو / چنجوس / موذي / شومي.

**ڪڳ ڪڳُ:** (ڪڳُ: ڪڳي جهڙو)؛ پوڙهو / پيرسن / پريومڙس / مَڙهو / جهوَر / ٻڍو / جهونو / ڪُراڙو.

**ڪِڪو وِڪو:** شرمندو / لڄي / هِڪو ٻِڪو / شِشدر / پريشان / حيران.

**ڪَلَ ٻَجَ:** جسم تي ڪل / چمڙي هوندي آهي جنهن تي سنهڙا وار هوندا آهن، جن کي "ٻَجَ" چوندا آهن. انهن ٻجن کي ڪڏي" ٻَجَ" چيو ويندو آهي.

**ڪِل يوڳ:** چرچو گهبو / ڏاڙو ڏشو / ڪِل مسخري.

**ڪِل چرچو:** ڪل مسخري / ڪِل يوڳ / ڏاڙو ڏشو / گهبوچرچو. مثال:
(١) رات منڙي ننڊ لئي ۽ ڏينهن ڪِل چرچي لئي هو ڪنهن ڏي دل مائل نه هئي ۽ ڪنهن ڪنان عاري نه هئي.
(حيات شاهه حافظ)

**ڪِل خوشي:** (ڪِلڻ خوش ٿيڻ) ڪل يوڳ / ڏاڙو ڏشو / آرام / فرحت / يوڳ شوڳ / رؤنشو / مزو / تماشو.

**ڪِلَ ڪاپار:** چرچو يوڳ / ڪل يوڳ / هاسي (هَسڻ / ڪِلڻ) ڪِلڪو / ٽهڪڙو / ٺنول / چٿر.

**ڪِل ڪجڪو:** (ڪلڻ ڪجڪڻ- ڪجڪو: تهذيب ۽ آداب جي حد کان زياده ڪِل)؛ اجايو ڪلڪو / ٽهڪارو / ٽهڪڙو / بي حجاب ڪل / ڪل مسخري.

**ڪِل ڪِشڪو:** ڪل يوڳ / ٽهڪڙو / بي حجاب ڪِلَ.

**ڪِل ڪيچل:** ( ڪلڻ ۽ ڪلائڻ لاءِ هٿ چراند ڪرڻ)؛ عملي مذاق / هٿ چراند / مسخري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪِلڻ ڪير پيڻ:** خوشي وچان، شادي رات پيش ڪيل "ڪير" پيڻ / ڪير پيڻ واري رسم پوري ڪرڻ. مثال:

ڏينهن سدورو ٿيندو ادل ڪلي ڪير پيئندو (هُيچ)

**ڪلڻ مرڪڻ:** پاپوهڻ / ٻهڪڻ / ٽِـڙڻ. مثال:

سچي عـالم تي احسـان سندءِ
ڪلي مرڪي ڪڻ تون نيڪ نظر (پير شاهنواز عارف المولائي)

**ڳلو ڪِلتر / ڪِلتر:** (ڳلو: پادر. مثال: ڪڻ ڪلو تہ ٿيٽي پلوا-ڪلتر: پراڻو پادر): پادر / لِترُ / جوتو.

**ڳلو لِترُ:** پراڻو جوتو / چوڙيل ٻُوٽ / جوتو جنهن کي ڳهلي سهلي هلائجي.

**ڳليل اُپٽيل:** ڪوليل / ظاهر ڪيل / پٽيل / پڌرو / ڪُشادو / ويڪرو .

**ڳليو ڳلايو:** ڏِٺو وائٺو / ظاهرظهور / پڌرو.

**ڪمَڻ ڪتڻ:** (ڪمڻ: نوڙڻ / نوڙت ڪرڻ. مثال:

(١) ڪَمَ. ڪمندن ڪتئو هارايو هو ڙهن (شاهہ)
(٢) جن ڪـميو. تـن ڪتيو! (شاهہ لطيف جي چواڻي: ڏول تـنيـن جي ڏار هيـٺايون هـلن جيءَ ؛ نياز نـوڙت ڪرڻ / هيٺاهـون هـلڻ / انـڪساري ڪـرڻ.

**ڪَنَ پَلَ:** گهڙي / ساعت / ٿورو وقت. مثال:

ساعت ۾ هوءِ هِتڙي پسبي، ڪَنَ پلَ ۾ هوءِ هُتڙي ڏسبي،
رنگ برنگي آهي پُنيوُري (ڏاڪٽرنواز علي شوق)

**ڪَن پَلڪَ:** گهڙي / ساعت / لمحو / دم / ٿوري دير.

**ڪَنَ پَن:** گهڙي / ساعت / لحظو / دم / ٿوري دير. مثال:

وَرهن جا رُنَل ماڻهو ڪَنَ پَن ۾ پرچن ٿا (تاجل بيوس)

**ڪَناڪيڙا:** (ڪنا ۽ ڪيڙا ٻہ ذاتيون آهن جهڙي طرح وَٽو ۽ ڪليار / چانڊيا ۽ مڪسي. اصطلاح: ڪنا ڪيڙا ٿيڻ: وڙهي ڏانگو ٿيڻ / وڙهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جدا ٿي وڃڻ / وڙهي دشمني وڌائڻ)؛ هڪ ٻئي جا شديد مخالف / هڪ ٻئي تي سڙيون پوتيون ڪائيندڙ AT DRAGGERS DRAWN ۾، مثال؛

پاڻ ۾ ڪنا ڪيڙا ٿي ويا آهن (هڪ ٻئي جا جاني دشمن آهن)

**ڪنجو ڪنڊو؛** اندر جون پليت / دل جو پليت / من ميرو / ڪوڙو / دولابي (دولاب ڪندڙ)/ٺڳ/ مَڪرِيَلُ/ اندر- ڀهريو.

**ڪنڊا پانڊا؛** ڪنڊو پاڌو؛ اوڌر پاڌر( اوڌر رکت تي سودو وٺڻ / اوڌرون پاڌرون / ڪٽت (اوڌر ڪٽڻ) تي ورتل سامان / اوڌارو (اوڌر تي) ورتل سامان.

**ڪنڊ ڪو ڪٽ ڦِٽ؛** زالاٽي کهپي / اجائي ڪِٽ ڦِٽ / ڪِلڪِل.

**ڪنڊو ڪتالو؛** حساب ڪتاب / ليکو / لهٽو / ڪٽت / اوڌر پاڌر / اوڌرسودر.

**ڪنڊو ڪٽتِ؛** اوڌر تي ورتل مال جو حساب ڪتاب / ليکو / اوڌرلهٽو / حساب ڪتاب.

**ڪنڊ ڦوٽا؛** (ڦوٽا؛ ايلاچي؛ ٻوڙ ڀاڄي / سيري حلوي ۾ پوندڙخوشبودار مصالحو)؛ حلوي جو ويڳر / ڪيرٽي / شيرٽي ٿاهڻ جو سامان. مثال؛

سنڌي ٻولي سنڌ جي، سنڌيءَ ۾ ڳالهاءِ
ڪنڊ ڦوٽا ڪير ۾، پتاشا ملاءِ
راڳي راڙو ڳاءِ، تہ مهريءَ چڙهي ميندڙو (تاجل بيوس، سرِ سَرجهار)

ڪير ڪنڊ ملائڻ سان ڪير جو چشڪوTASTE وڌي ويندو آهي.

**ڪنڊ ڪير؛** ڪير ۽ ڪنڊ ڪاڌي جا اهم جزا آهن. ڪير ڪنڊ ٿيڻ؛ خوش راضي ٿي وڃڻ / ملي هڪ ٿي وڃڻ، مثال؛

(١) ڪائن ڪاڄ بني جا ڀائر، خوش ٻين ڪنڊ ڪير (عبدالله ڳيچ)

(٢) جنهن ڏس ڏنو ڏاڍي رس منجهان ٻئي خوش ٿيا ڪنڊ ڪير (محمود ڪتياڻ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪوٺهڙو ڪرڙو:** ( ڪرڙڻ ڪوٺڻ / ڪوٺهڻ)؛ ڪرڙيل / ڪوٺيل مٽي.

**ڪوچلو ڪوچرو:** ڪيچلو / اڊنگو / حرڪتي / هٿ چراند ڪندڙ / مسخري ڪندڙ.

**ڪوڙ سارو:** ( ڪوڙ؛ ڪوڙ؛ گهڻو- سارو؛ جيڪو ساري COUNT سگهجي)؛ گهڻو ڪجهه / جِهجو / تمام گهڻو / بي اندار / بيشمار.

**ڪوسائي ڪَسرو:** جنهن کي ڏاڙهي اصل نه اچي / بي ريش / بي ڏاڙهيو / ڪوسڙ / ٻُچي / ڏاڙهي ۽ مڇن ۾ انتهائي مختصر وارن وارو / لساٽ / لسوٽڙ.

**ڪوسڙو ڪَلو:** موچڙو / پادر / لتر / جوتو.

**ڪولو ڪوليرو:** واٽيو / هندو / ڪولير / بي سُنت / اڻ طهريل

**ڪونگهرو گهوگهرو:** ننڊ ۾ ڪيل آواز / ننڊ ۾ نڪ مان نڪرندڙ ڦونگارو / خراٽو / گهرڪي / گهرٽي.

**ڪوهه ڪهاڏو:** (ڪهاڏو؛ ننڍو ڪوهه)؛ ڪوهه / ڪوهر / ڪوهه جنهن تي نار يا هَرلو چاڙهي ٻني کي پاڻي ڏنو وڃي / تڙ / واهه / ياڏ.

**ڪوهر ڪوهه:** ڪهاڏو / اونهو کڏو / تڙ / جتان پاڻي ڀرجي ۽ جتي تڙ ڪجي يا وهنججي / ڪوهي ( ننڍو ڪوهه).

**ڪوهڻ پٽڻ:** پڃاڙڻ / ڪل لاهڻ. مثال؛

سر ڪوهي ٻني ۽ سڏڪار ڪري هو حجر شجرسان گفتارڪري

جيڪا پُنهل پُنهل تي پوڪار ڪري،

وڃهي ڏونگر پاڻي پهاڙ ڪري . (رئيس امام بخش جتوئي صابر)

**ڪَهه ڪوُنس:** ( ڪهڻ ڪوُنسڻ؛ اڳرائي ڪرڻ / ڇيڙڻ)؛ ڇيڙخاني / چُرتَ / اڳرائي / حرڪت بازي / جهيڙي لاءِ بهانو.

**ڪَهَرو ڪِپُرو:** ( ڪپرو؛ ڪِپُ وارو- ڪِپُ؛ هڪ جهنگلي ٻوٽو آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪيٽريو ڪيڙياٺو:** بيوقوف/ بي عقل/ مورک/ چسو/ احمق/ اناڙي/ چڙيٽ/ ڪيٽرِيل/ پورڙو.

**ڪيٽو ڪتراڪ:** بيهودو تڪرار/ اجايو مناظرو/ ڪِلڪِل/ گهپي/ جهيڙو/ ڦڏو/ معاملو.

**ڪيپُ ڪَريبُ:** (ڪيپ: نشو- ڪريب: فريب: نشو پياري فريب ڪرڻ/ ڏوکو ڪرڻ): ڏوکو/ فريب.

**ڪيچ ڪتراڪ:** ڪِروڌ/ فساد/ جهيڙو/ لڙ/ ٽنٽو/ جهيڙو

**ڪيچ هيچَ:** (ڪيچ: ڪِچڻ: ڪلڻ خوش ٿيڻ): کل/ خوشي.

**ڪيچلو ڪيچرو:** حرڪتي/ سُڪ ڦتيو/ شرارتي/ بيڍنگو/ بي شرم/ مسخري ڪندڙ.

**ڪيُرِيَتُ:** ڪير مان ٺهيل مٺا طعام/ ڪيرٽيون شيرٽيون.

**ڪير پُٽ:** (ڪير: ڪير ڏيندڙ مال يعني ڳئون مينهون- پُٽَ: پٽاٺو اولاد): مال رزق ۽ پٽ پوٽا. مثال:

(١) ڪيرَپُٽَ پاڳن وارن کي هوندا آهن!

(٢) ڪيرن پُٽن جو خير پِنان داتا جي درگاهه (حيدر ٻروچ)

**ڪير ڪنڌ:** (مٺن طعامن جون شيون/ روزانو کاڌي جون اهم شيون/ (ڪير ڪنڌ ٿيڻ/ پرچڻ/ هڪ ٿيڻ/ گڏجي رهڻ) مثال:

(١) ڪا نفرت جي ديوار نہ هئي،

سڀ پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ هئا. ( عبدالڪريم گدائي)

(٢) مهر ڀريا مهمان، اديون الله آندا، رب آهن ملايا،

ڪير ڪنڌ تن کي ڪارايان، جيڪي آڏيءَ هت آيا (ڳيچ)

**ڪير مکڻ:** ( ڪير ڏيندر مال يعني ڳئون، ميهون، رڍون، ٻڪريون. ڪير مان مکڻ، لسي، گيهہ ملن ٿا جيڪي خوشحالي جي نشاني هوندا آهن): مال رزق/ مال متاع، مثال:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱) شل ڪير مکڻ جي ڪوٽ نہ هجي!

(۲) ڪير مکڻ جي ڪوٽ ٿي، ويا بند ٿي ولوڙا (صالح سنڌي)

(۳) مِنو آهي ماکي ڪان ڇا ماکي ڪير مکڻ (راضي فقير رند)

ڏڪار ۾ ڪير مکڻ جي ڪوٽ ٿي ويندي آهي ۽ پاڻي جي اڻاٺ سبب گاهہ گلزاريون ختم ٿي وينديون آهن. مثال،

(۳) ڪير مکڻ کان زياده جيڪو "چرس جي گولي" چاهي!

سمجھہ ۾ مون کي ڪين اچي تو آخر هي سڀ چاهي!

(سومرو غلام رسول سودائيؔ)

**ڪيرو ڪيچلو:** اجائي ڪيچل ڪندڙ / ٻاراڻيون حرڪتون ڪندڙ

**ڪِيرو وِيرو:** (ڪيرو: جنھن مان ڪير جھڙي رس / ٻاڻيٺ وهي): ڪِچرو / ڪچو ميوو يا اٻڪل سنگ.

**ڪيرون ڪيڪرون:** ڪيرون: سوکڙيون / مبارڪون / ڪيڪاري واڌايون ڏيڻ، مثال: ڪيڪرون ڪرڻ: ڪيڪارڻ، مثال:

تو هن نيڪ ڪم تي ڪيرون ڪيڪرون لھڻيون!

**ڪيريون پيريون** (ڪيريون: ٻير جھڙو جاٻلو وڻ، جنھن جا ٻير ڪير جھڙا رسدار ۽ مٺا ٿيندا آهن): جاٻلو ميويدار وڻ، مثال:

(۱) ڪيريون پيريون ٻاوريون، ڪوُنر جهلن ڪير(راضي فقير رند)

(۲)ڪيريون پيريون ٻاپريون، ڪونيٺ ڪن کھي،

ماروئڙن سان مھي "راضي" پيون اباڻي راڄ ۾ ( راضي فقير رند)

ڪونيٺ: ٽُر جو ڪوُنر ڏيندڙ وڻ، ڊراڙ وجيو ڪونيٺ چانگين ۽ ٻڪرين کي ڪارائين.

**ڪيڙَ قوڙ:** (ڪيڙڻ قوڙڻ): ڪيڙي / اوڙ / ليڪَ / ريڪا

**ڪيڙي ٻاري:** (ٻني ڪيڙڻ ۽ ٻارا ٿاهڻ): پوکي راهي / زراعت / ٻني ٻارو، مثال: جاٻلوعلائقن ۾ ڪيڙي ٻاري گھٽ ٿيندي آهي ڇاڪاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اتي پاڻي جا وسيلا تمام گهٽ هوندا آهن ۽ سارو دارومدار مينهن تي هوندو آهي.

**ڪيڙيل ڪاڏل:** (ڪيڙڻ ڪاٺڻ: هر هلائي، زمين کيڙي ان ۾ ٻجون ۽ ميوا اُپائي ڪاٺڻ): آباد ڪيل/ پوک هيٺ آيل. مثال:

هيءَ ٻني، وڏن کان وٺي اسان جي ڪيڙيل ڪاڏل آهي ۽ اهڙي ڀلي آهي جو ان جو انبار پيدا ڪيو ڇڏي.

**ڪيڙي ميڙي:** هٿ جي ڪمائي/ موڙي سوڙي/ (ڪيڙيل زمين مان ڪنيل فصل)/ پوک/ آبادي.

**ڪيسُ ڪَتو:** اُن (رڍن جا وار) پشم يا ڏاس (ٻڪرين جا وار) مان اٺيل ڏوڙو/ ڪتو/ ڪمبل.

**ڪيڪرَ ڪوُڪر:** (ڪيڪارڻ ڪوڪرڻ: آجيان ڪرڻ/: آڌر ڀاءُ ڪرڻ): آجيان/ ڀليڪار/ ڪلَ ڪيڪار.

**ڪينهون ڪينهوڙو:** بال/ ڏڙهو/ رانديڪو.

**ڪِينڻ پينڻ:** ڪاڻڻ پينڻ. مثال:

(۱) ڪينڻ پينڻ پوشاڪ ۾ اٿڻ وهڻ اندر (مبين عيسلي)

(۲) ڪينڻ پينڻ ڪامٺي ٿيو. وسري ويا مِٺ (غلام محمد شاهہ متطوي)

(۳) ڏند ڏاڻون پڳا، ڪي الڙن پيا،
مزاڪينڻ پينڻ جا جائي ويا
وجي نقلي وجهائي ڏند ٻيا،
تلهي جاڙي جام ڏڪائين پيو

(پيرشاهنوازعارف المولي)

(۴) ڪِينڻ پِينڻ ۾ جڻڻ پانيون تن پرستي ۾

(سويراج نرمل داس فاني)



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

# گ

## (لفظن جا جوڙا: 218 - ڪل لفظ: 436)

**ڪابار ڪابِر:** (ڪابار: ڪابا چاريندڙ. مثال: ڪابار ڪابا ڏهرا. هيڏي ساري ڪاهُ! - ڪابر: ڪابن وارو): ڪاباڏاريندڙ/ ڪابا پاليندڙ/ ڏنار.

**ڪاٽَ پيٽَ:** (ڪسڻ پيسڻ): ڪسڪو/ رَهڙو/ پکَ ٽوٽَ.

**ڪـاٽ ڪيـسَ:** (ڪسڻ پيـسجڻ): ڪهڪو/ رهٽو/ ڪاٺو/ ٽِڪو/ نشان/ پکَ ٽوٽ.

**ڪاچ ڪچڪوڙ:** (ڪچڻ: ڪچڪوڙڻ): ڪچڻ جوڪوڙ/ ڪچڪار/ ڪڙڪاٽ/ ڪڙڪو.

**ڪاچ ڪروڙ:** ڪچڻ جو آواز/ ڪچڪوڙ. مثال:

چنچر ڏينهن درياءَ کي چوڙ. ٻُوڙا ٻيٽ درياءَ جا ٻوڙ.

ڪر افلاڪي ڪاچ ڪروڙ. لاهج دل تان سڀ احتياج

(حاجي خانڻ چنجڻي)

**ڪاچَ وچَ:** وچ: ڪِنوڻ- ڪاچ: ڪوڙ/ ڪچڪوڙ. مثال:

منجهه ڪڪر لڙ واچ آهي، مينهن آهي ڪاچ وچَ

( خليفو گل محمد "گل" هالائي)

**ڪاچ ڪوڙ:** (ڪچڻ ڪُڙڻ): ڪچڪوڙ/ ڪچڻ جي ڪوڙ/ ڪڙڪاٽ.

**ڪاجر وَ بانسرو:** ڪِـن چِن/ چـچر پـچر/ ڪـچ/ ڪنـدڪوڙ/ ڪڏهه ڪاجرو/ ايرغير.

**ڪاجيون ڪوڙيون:** ڪچڪارون/ ڪچڪوڙ/ مينهن جي مُندَ.

**ڪاديلو ڪديلو:** وڏي پتراڻي/ ڪپهه سِبيل رلڪو.

**ڪاڏڙ ساڏڙ:** ڪڏيل سڏيل/ رَلِيل مِليل/ ڪارُ/ ڪارُل/ مِلاوتي/ ڪاڏوڙ.

**ڪاڏاهه ڪاڏاواٽون:** ڪاڏين جي هلڻ ڪري ٺهيل واٽون/ دڳ/ ڪهاڙو رستا/ پيـچرا/ پـنا/ پـٽن جا نـشان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**گاڏاهي گاڏهي:** گڏهن وارو/ گڏهه ڏاريندڙ/ گڏهن جومالڪ/ دايو/ بنار (بني تان سرون ڍوئيندڙ) / گڏهه هڪليندڙ/ گڏهه چاريندڙ.

**گاڏيروگنڪو:** (گنڪو: گنڪڙو: قد جو بندرو پر ٻٽ ۾ پريل): ٺلهو/ متارو/ موٽو/ ستروتر/ دؤنسو/ مُنڪو/ چؤبڪيو/ پريل ٻت وارو.

**گاڏيوان گاڏير:** گاڏيوال/ گاڏي وارو/ گاڏي هلائيندڙ CART DRIVER

**گار گلوچ:** گند گار/ گـتا لـفظ.

**گارگند:** بدالفاظ/ گندي گفتگو/ ڪِنو گفتو/اخلاق کان ڪريل لفظ / ڪچا لفظ / بي عزتي جو ڳالهاءُ/ تهذيب کان ڪِريل لفظ/ ڪچيون گاريون.

**گارو گپ:** پاڻي گڏيل پنجهوُ/ ڳوهيل يا ريهاريل مٽي/ راڳو/ راقڙ/ ريقو.

**گارو گنبَ:** پنل پنجهو/ پاڻي گڏيل مٽي/ گپ/ چڪ/ چڪڙ/ رهپٽ / راڳو / ڪِچِڙ / راقڙ / ريقو/ پوسالو/ ڳوهيل مٽي.

**گاروڙي گوسائي:** ( گاروڙي: نانگ جو ڏنگ جهاڙيندڙفقير- گوسائي: گوسائين: هندو فقير): جهاڙ وجهندڙ فقير/ ماندو/ نانگ جي ڏنگ کي منڊيندڙ/ ڏنگ کي جهاڙ ڦيڻ وجهندڙ/ بدن کي گارو يا مٽي لڳائي ڀيُوت ڪندڙ/ سنياسي/ جوڳي.

**گاريون گند:** اخلاق کان ڪريل گفتگو/ گندا لفظ/ اڍنگي گفتار/ بي عزتيءَ جا لفظ. مثال:

ڪنهن کي گاريون گند ڏئي ۽ ڪنهن جي ٽوپي لاهي!
سمجهه ۾ مون کي ڪين اچي ٿو آخر هي سڀ ڇاهي؟

(سومروغلامرسول سودائي)



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**ڳج ڦِيڻَ؛** پاڻي جو تيز رفتار وهڪرو ڳجندو آهي ۽ پاڻي ۾ ڳج/ ڦيڻ پيدا ٿي پوندي آهي. مثال: مهراڻ جي موجن جا انوکا انداز شاعر جي زباني؛

ڳج ڦيڻ لائيندي اچي
بادل ٻٽائيندي اچي..... ( هري درياڻي دلگير)

**ڳج ڳراڙ؛** ( ڳجڻ ڳراڙڻ؛ ڳجگوڙ ڪرڻ)؛ گوڙ / ڪڙڪاٽ / ڪڙڪو. مثال:

شينهن وڻا ڪن ڳج ڳراڙ،
هاري هر تي ڳڏي زميندار ( پانڌي آريسر)

**ڳجرون موريون؛** سايون ڀاڇيون / ساديون سستيون ڀاڇيون. مثال:

سُڄن عاشقن جون سوڪڙيون ڳجرون موريون!

**ڳجڪر گوڙ؛** ڳَڙڻ: ڳجڪار ڪرڻ/ ڳجڪار. مثال:

واڳون ڪيو انهي وقت ۾ گوڙ ڪري ڳجڪر)؛ ڳجڪار / ڪڙڪو / ڳجگوڙ / ڳجڻ؛ گوڙ ڪرڻ مثال:

ڳَجي تو ڳمان ۾ آيو ڪي آيو (شاهه)

**ڳجڪار گوڙيون؛** ڪڙڪا / ڳجگوڙيون. مثال:

هليا شير ڳجڪار گوڙيون ڏئي.
اڏامي وئي آسمان تي رئي (مثنوي؛ جنگ مياڻي)

**ڳجڻ ڳڙڻ؛** ڳجڪار ڪرڻ؛ ڳجگوڙ ڪرڻ. مثال:

ڳجندا ڳَڙاندا بادل آيا،
وڄن وري ٿي ساز وڄاپا (مخدوم محمد امين فهيم)

**ڳچَ ڳپَ؛** (ڳچڻ ڳپڻ؛ ڳپ ۾ ڦاسڻ)؛ ڳپ گارو.

**ڳچيروميرو؛** ( ڳچ : مٽي) مٽيءَ جھڙو / تمام ميرو / گندو / غليظ / نِڪڙ/ ميرو نِڪ جھڙو / گدلو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوگهه / ايروغيرو نٿو خيرو

EVERY TOM DICK AND HARY / RIFF -RAFF

**گروگندو:** ڪوجهو / مٽيءَ هاڻو / ڏوڙ پَلڪيو / گدلو.

**گرُ واڻي گرٻاڻي:** گرگيان / گروُ جا چيل لفظ / مرشد جون چيل نصيحتون / هدايتون / گرُ گِرَ / گروُ جي نصيحت.

**گَرو سَرو:** ڪِنو / ڪوجهو / گدلو.مثال:

گرن سرن جو مانَ متاهون ليلائي پيو لال للنگ (عارف المولي)

**گروڙ گجگوڙ:** مست اٺ يا شينهن جو آواز / گجڪار / گوڙ.

**گري گندَي:** ( گري: گرَ (مٽي) چڙهيل - گندي: گند پيريل ) گدلي / ڪِني / ڪوجهي. مثال:

"حاجي خانڻ" ساڻ هلي هر ڪنهن جي ڪندو پل پلي

هوندي جيڪا گري گندي گڏهه تنهن جي گتي.

( حاجي خانڻ چنجڻي)

**گري گولي:** گري / گرڙي: گندي / گندڙي / گولي(ٻانهي) گولڙي. مثال:

گري گولڙي گنهگار آهيان،

پنهل ڏي پڳيءَ پاند پائي وجون تا.

(پير شاهنواز عارف المولي)

**گريو زاري:** رودن / راڙو / پٽڪو / حَشر / ماتم / ورلاپ.

**گڙَ ٻڙَ:** مانڌاڻ / گوڙ گبوڙ / جهيڙو / رولو. مثال:

(١) آهه نئين تعليم گڙٻڙ، درجهان اندا ختم

حرڪتون شيطان ڦرڦڙ درجهان اندا ختم ( شمس الدين بلبل)

(٢) هوتلن جي آهي ڪاڏي پيٽ ۾ گڙٻڙ ڪئي،

ڪا نه آهي چڳَ پلائي اڄ تہ پر چون پاڻ ۾.

(سومرو غلام رسول سودائي)

**گڙٻڙگهوٽالو:** مانڌاڻ / جهيڙو / ٻائيتال / ڌمچر.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

(٩) هو ڪِلي تو تڏهن ٽِڙن گل ڦل
حسن تنهنجو بهار ۾ آهي (حيات شاهه حافظ)

(١٠) جيسين اُڀرن ارض تي گل ڦل عيان
جيسين ڪن آباد ڌرتي انس وجان
اي پٽائي گهوٽ جا سر سبز ترا!
(عرسائي محمد اسماعيل "فدا")

(١١) مينهن جي مانداڻ ڪان، سارا چمن چانداڻ ٿيا،
ڦوهه ۾ گل ڦل ڦٽي، پڙڙا ڪِلي هر تار ۾
(ڪشنچند تيرتداس بيوس)

(١٢) ڇا ڪَڙ ڪهيڙي ڪي آهي ڪنوڻ ڪنين ۾،
بجلي ٻٽي ڦِري تي گويا گلن ڦلن ۾ (ڪشنچند بيوس)

(١٣)گل ڦل باغن منجهه ٽڙن،
پکي ٻه ميڙيون ٻوليون ڪن (محمد صديق مسافر)

(١٤) گل ڦل ٻوٽا باغ بهاريون،
وڻ ٽڻ جون ٽهڪن ٽاريون
تي ساوڪ ۽ سرهائي- آئي مند يار ملڻ جي
(سيد سردار علي شاهه "ذاڪر")

(١٥) گل ڦل غنچا ٽاريون ٽهڪن
بوند بهاري قدر جي رات (الحاج رحيم بخش قمر)

(١٦) جن جا اهڙا ٻول منوهر،
جيجل! ڏس هي گل ڦل سُندر
(هري دريائي دلگير)

(١٧) اهي مکڙيون اهي گل ڦل اهي وڻ ٽڻ اها ساول،
مگر مکڙو گلابي گل نہ تو بستان ۾ ڏسجي.
(هادي بخش شاهه مسڪين)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏي غير غفلت گناهه ڪندگي، مدد ماڙڪر (مصري شاهه)

**گنجَ دَلَ:** ڪوڙَ / انبار / هَنبار / گهڻا سارا / جهجها / انيڪ.

**گنجا گرا:** گدلا / بدصورت / خسيس ماڻهو. مثال:

گنجا گرا لئہ ڪري ويا آهن!

**گنجو گرو:** گدلو / بدصورت / هر ماڻهو / لَنڊي ٻُتي / سيڪو. مثال:

گنجو گرو جو عشق جي دعويٰ ڪرڻ لڳو.

مستور حُسن تيڙو نظر جو قدر ويو (حيات شاهه حافظ)

**گنجي گوڏ:** مختصر پوشاڪ / غريباڻي پوشاڪ. مثال:

اتر وارا ڪيئن ها، ڏکڻ وارا ڪيئن ها

گنجيءَ گوڏ وارا سُتڻ وارا ڪيئن ها... (تاجل بيوس)

**گنجي گنجڙي/گولي گولڙي:** گري گنجي / ٻانهي / پورهيت. مثال:

"نانڪ يوسف" يار جي در جي

آهيان گنجڙي گولي بازر جي

ڳوٿ ڳلي تنهن ڪري گدائي (نانڪ يوسف)

**گند ڪچرو:** ڪِنَ سِنَ / ڪک پن / مٽي سِٽي. مثال:

تنهنجو ڪوٺو تورو آهي، گند ڪچري جو ڀورو آهي

(تاجل بيوس)

**گندَ ٽيڙَ:** (گِند: فقيرن جي گودڙي): پراڻيون رليون / ڦاٽل ساٽل گودڙيون.

**گندُ گارو:** (گارو: ڳوهيل مٽي): گَپ / چِڪَ / پاڻيءَ ۾ ريهاريل پَنجُهو.

**گندُ ڪِچَرو:** ڪِنُ ڪِچرو / ٻُهر / غلاظت. مثال:

جِتِ ڏٺاسون باغ برسيل گل سُٺا ميوا عجيب،

گند ڪچري جا ڏٺاسون ات ڍيرَ بوُ افشان اچ.

(محمد صديق مسافر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**گوسا ڪَرَّگوسڙو:** گوسائو / گسائيندڙ / ناتائو (نتائيندڙ) / گوسڙ / گوسرو.

**گوشائتو ڪَندائتو:** پاسائتو / پاسيرو / خلاصو / اڪيلو / نويڪلو / لڪل / گوشہ نشين.

**گوشت هڏا / گوشت هڏو:** ماس / هڏ گڏ / انساني يا حيواني جسم جا ٻہ اهم حصا. مثال:

(۱) ڪوسو رت تہ ڏوڪي ويا،
گوشت هڏا ڳرڪائي ڪيرا! (تاجل بيوس)

(۲) گوشت هڏي جو رشتو آهي،
ڪيڏو "بيوس" پختو آهي.
پوءِ ڏٺي جو ڇا مطلب؟ (تاجل بيوس)

**گول مول:** منجهيل / ٻَتليل / ڳانڍوڙيل.

**گولا گولاڙا:** گولا: تر جي ولين جا قسم. مثال:

مران شال ملير ۾، گولن ساڻ گذاري (شاهہ: سر مارئي)

اسم تڪبير: گولاڙا: ولين جا قسم.

**گولاڙا گگرَ:** (گولاڙو: ول جو قسم جنهن ۾ ميوو ٿيندو آهي. گگر: ڪٺونر جو هڪ قسم): ڏٿ/جهنگي، ٻاجهون ۽ ميوا. مثال:

ٿين شل ڏٿَ ڏيهہ ۾ ڏٺونرا ڀَسيون،
ٿين گولاڙا گگر پيرون پيون (عرساڻي محمد اسماعيل "فدا")

**گولو ٻندو:** نوڪر / غلام / ٻانهو / چاڪَرَ.

**گولو غلام:** ٻانهو / ٻانهيءَ جو ٻارُ / داسُ / نوڪر / چاڪر / چياڪر / چٽي آڪٽي ۾ / حڪم جو ٻندو. مثال:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڳنديل سَنديل:** لاڳاپيل / متي مائٽي ۾ / رشتيداري ۾. مثال:

پاڻ ۾ ٻنهي ڳنديل سنديل اهيون (ويجها مائٽ آهيون)

**ڳنهڻ مُلهه وٺڻ:** مُلهڻ / وٺڻ / خريد ڪرڻ / سوداڻڻ / سودو ڪرڻ.

**ڳڻَ ٻڌَ:** (ڳڻڻ ٻڌڻ: ٻڌ ڪرڻ / ويچارڻ / سوچڻ): فڪر / سوچ / ويچار / ڳڻتي.

**ڳڻَ ڳوتَ:** (ڳڻَ: ڳڻڻ / ويچارڻ): ويچار / سوچ. مثال:

هنجن سين هيڪار، جي ڳڻَ ڪري نهارين،

ٻگهن سين ٻيهار، ٻيل نہ ٻڌين ڪڏهين.(شاهه سر: ڪارايل):

(ڳڻڻ ڳوتڻ: سوچڻ ويچارڻ): سوچ ويچار / غور. مثال:

ڳري آ ڳڻ ڳوتَ ڪان سائين جي سزا (صالح سنڌي)

**ڳڻَ مَوَ:** ( ڳڻڻ مَٽڻ ): اڳ پوء جي جاچ / ٻڌ ٻچار.

**ڳڻتي ڳاراٽو:** (واحد) فڪر / چنتا / هورو (جمع) ڳڻتيون ڳاراٽا. مثال:

جهجها ڦٽ فراق جا. ڳڻتيون ڳاراٽا (حسن بخش شاهه)

**ڳڻتي هورو:** (هورو: هُرڻ: يادپوڻ / باربار ياد اچڻ): فڪر / ڳاراٽو / چنتا.

**ڳڻتيون ڳاراٽا:** ( ڳرڻ: وجهلڻ / فڪر ۾ پوڻ): فڪر / چنتا / هورو / سوچ ويچار. مثال:

ڳـاريـن تـا ڳـڻـتـيـون ڳـاراٽـا

راٽـــــا زوراور او راٽــــــا! (موتي پرڪاش)

**ڳڻي ڳڻائتي:** ڳڻڻ واري / ڳڻيائتي / نيڪ افعال / ڳـڻـوان.

**ڳڻي ڳوتي:** سوچي ويچاري / سوچي سمجهي / دل من جاچي،

**ڳوپ ڳيَ:** (ڳوپ: حيوان): ڍور / جانور / ڳگدام. مثال:

جن انسان ۽ ملائڪ تي ڳوپ ڳيَ تي حڪم تنهن جو نافذ

(خليفو گل محمد "گل" هالائي)

**ڳوپ ڳهلو:** سادو / موڳو / اناڙي / ٻوڪ / ٻوڙڙو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪه

(لفظن جا جوڙا: 110 _ ڪل لفظ : 220)

**ڪهاٽ ڪهر:** ڪهر تڙ / ڪهر ڪهاٽ. مثال:

ڪــر ختــم هاڻ يار "ڪنڊا" تــون ڪلام ڪي،
جي تون چئين ٻڌايان سندس ڪهاٽ ڪهر جو ڏس

(ڪنڊو ڪوهستاني)

**ڪهاٽَ ڪهيڙ:** ( ڪهاٽ: پاڻي ڀرڻ جي جاءِ - ڪهيڙ: پاڻي ۾ ڪهڙڻ جي جاءِ): تڙ / وهڄڻ جي جاءِ / پتڻ / ٻيـڙي يا جهاز جي بيهڻ يا لنگر انداز ٿيڻ يا ترسڻ جي جاءِ

**ڪهاڻ ويجهاڻ:** ڳوڙهائي / تيزائي.

**ڪهاڻائي ويجهائي:** ويجهڙائي / قرابت.

**ڪهاڻو ڇيهو:** نقصان / ضرر / هاڃو / ٽوٽو / هَرجُ.

**ڪهارڻ ڳذارڻ:** رهڻ / جالڻ / ڪاٽڻ / جيئڻ.

**ڪهارِي وِڇوٽي:** ( ڪهاري: وِٿي، مثال: ڏاريون وجهن ڪهاريون!):
ڦوٽ / جدائي / ويڇو / وڇوڙو / فراق.

**ڪهاڙَ چلَ:** (ڪهڙڻ چلڻ): ڪهڙائي / چلِائي / جڙائي.

**ڪهاڳهہ ڳرڳ:** (ڳرڳ: ٻڳهڙ- ٻڳهڙ وانگر چالاڪ): حرفتي / چالباز.

**ڪهاڳهہ ڳرڙنگ:** وڏاڪ / آزمودگار / ٻڍو جهوَر / اوتيل / آزمودگار.

**ڪهاڳهرو ڪنجرو:** وڏو چولو / ڪُڙتو / جهبلو چولو.

**ڪهاءِ ڪهپَ:** ڌڪ / ڦَٽُ / چيرُ / ڇهَڪُ / وڍِ / زخم / چوٽ. مثال:

قدر ڪنهن اشراف جو اڄ ڪونہ آهي ملڪ ۾،
آهَڪ هن ارمان جا پونم اندر ۾ ڪهاءِ ڪهپ.

(خليفو محمد قاسم هالائي)

**ڪهِرو ٻوڙو:** ڪهت ٻڌڻ وارو / ٿورو ٻڌي سگهندڙ / ڪجهہ ٻوڙو.



www.sindhsalamat.com                books.sindhsalamat.com

**ڪَهو چرچو:** کل / ٺٺولي / چيڙ / مسخري / کل يوڳ / يوڳ شوڳ / ڏاڻو ماڻو. JOKE / JEST / RIDICULE

**گهت / گتِ چال:** طورطريقو / نمونو ڍنگ / انداز.

**گهتون ٽپيون:** پاڻي ۾ ڪٿا دفعا ٽپيون هڻڻ / غوطا / پاڻي ۾ اونهو ٽپو ڏيڻ. A PLUNGE INTO WATER

**گهتون گوهيون:** بهانو / گوٽنات. مثال:

(۱) ويهي ڪنڌ ڪاپو ڪر. گهتون گوهيون ڇڏ

(شاهه: سر ڪاپائتي)

ڪاپو ڪرڻ: ڪتڻ جو پورهيو ڪرڻ

(۲) لَڙُ مَرَ لاڙائو ٿئو گهتون گوهيون ڇڏ. (شاهه: سر حسيني)

**گهٽَ پَٽَ:** (گهٽجڻ پَٽجڻ: پوساتجڻ): پوسٽ / پوساٽ / رڳهه / گهٽيل فضا.

**گهٽَ پوسٽ / پوساٽ:** رڳهه / پٽ / گهٽيل ماحول.

**گهٽَ گهاٽ:** گهٽ گهيڙ / پاڻي ۾ گهڙڻ جي مناسب جاءِ / ترڙ / پنڌرنڌ. مثال:

گهٽ گهاٽ جبل جي گهيڙڻ جو.

جيڪا روهن منجهه تي ريهاڙ ڪري.

(رئيس امام بخش جتوئي "صابر)

**گهٽَ گهاٽي:** (گهاٽي: ننڍو گهاٽ): گهٽ گهيڙ / رند پنڌ / پيچرو.

**گهٽَ گهير:** (رند پنڌ / پنڌ پيچرا / گهٽ گهيڙ. مثال:

جي گهٽ گهير پنهل جا پيرا

تن تي ڏکي دل ڏئي ڏهه ڦيرا.

وري واءِ نه گهُل (حاجي خانڻ چنجٽي)



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(١) تار جنهن کي يار جي سا ڪيئن ڪندي گهر ٻار جي
(پهاڪو)

(٢) ساٿي نہ ڪوئي ڪنهنجو آهي جهان ڇڏڻو
گهر ٻار مال ملڪيت ناهي سو ساڻ هلڻو
(حاجي عبدالله واقف ٺارو شاهي)

(٣) ديد دلبر سان اڙي وئي، وائي وئي گهر ٻار جي!
(مولانا ثناالله ثنائي)

(٤) فڪر گهر ٻار جي کان ڪهڙو نہ غلطان آهي،
زندگي هن کي ڏکي موت تيو آسان آهي
(ليکراج ڪشنچند عزيز)

(٥) ڇڏي مال، گهر ٻار سامان کي،
لڏي ويا مديني، مڪي کي ڇڏي.
(حافظ عبدالله بسمل تکڙائي)

(٦) گرفتار گهر ٻار جي گوڙ ۾،
عيالن جي ڇيهوڙ پيهوڙ ۾ (شمس الدين بلبل)

(٧) گهر ٻار سڄو ڳڏجي ڪري آهه ۽ رڙيون
هي وقت ڏکيو ڪهڙي طرح سر مٿان ٽاريون
(محمد هاشم مخلص)

(٨) جو توسان رکي يار تو الفت ۽ محبت
هر گز نہ وٺي اُن کي تو گهر ٻار ڇا باعث
(حافظ محمد احسن)

(٩) دائم طلب ۾ يار جي "احسن" رهج هتي،
گهر ٻار پوک مال جي بلڪل سنڀال ڇڏ
(حافظ محمد احسن)

(١٠) درجي ۾ سليمان سڪندر کان مٿي سو،
گهر ٻار ڇڏي جو ٿيو پينار پرين جو. (حافظ حيات شاهہ)

(١١) عاشقي مان فائدو مون کي پلئہ آهي پيو
بي وفا جي واسطي رولي ڇڏيم گهر ٻار کي
(الله بخش قل)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**گھر تڙ:** گھر: رهڻ جي جاءِ- تڙ: پاڻي پرڻ لاءِ کوهہ / تلاءُ / ڪڏ.
سنڌ ۾ هزارن سالن کان گھر ۽ تڙ لاڳاپيل رهيا آهن.
"موئن جو دڙو" وارا قديم آثار ان جي شاهدي ڏين ٿا.
گھر تڙ جي تاريخي حيثيت آهي): گھر گھاٽ / جاءِ /
لانڊي / مڪان / بنگلو / محلات، مثال:

(١) پيڪن سوڏو پاڻ، گھر تڙ گھوريا پر تان
(شاهہ: سر مومل راڻو)

(٢) جان جُسو سر صدقو، گھوريان گھر تڙ. (ميين عيسيٰ)

(٣) گھر تڙ گھوري جندڙو، صدقو ڪري ساهہُ
(مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي)

(۴) هوت ڏي هلڻ کان چو ٿيون جهليو،
ڪريو دُعا، پاڙي واريون نہ پليو،
گھر تڙ گھوريم، ساري جند جان. (منٺار فقير راڄڙ)

(۵) ملي جي خواب ۾ سا حُور "حافظ سر ڪريان صدقو"
ڇڏايو جنهن وطن ۽ اقربا گھر تڙ پنيون پارا
(حيات شاهہ حافظ)

(٦) غلاميءَ جي ذلالت جا ڳرا زنجير ٽوڙڻ لئہ،
وطن وارن مڏيون ۽ مال گھرتڙ سڀ لٽايا ها
(عبدالڪريم گدائي)

(٧) گھر تڙ گھاٽن گھوريا
ڪڙ تي ڪنڱ رڙن،
مچ مُهاندا ماريا ! (تاجل بيوس)

(٨) جي هلي هڪوار عاجز جي اڱڻ ايندو عجيب،
جان جند، سر ساهہ، گھرتڙ، تت هي گھوريندو غريب
(ميران محمد شاهہ مير / مهجور)


www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

**گھونگھٽ گھنڊُ:** منهن تي پيل ڪپڙو / نقاب / پوش / ٻُڪر.

(ڪپڙي سان منهن لڪائڻ) / پردو / حجاب / برقعو.

**گھيٽ ڪِرود:** ڪيٽو / ڪِل ڪل / ضد / پارجو روسامو

(رَسي يا ڪاوڙجي وڃڻ).

**گھيپ گپ:** چڪ / چڪوڙ / چگدو / چِڪڻ.

**گھيڙ گھات:** لنگھه / لانگھو / ٽڙ. مثال:

(۱) جن کي سڪ ساهڙجي سي گھيڙ نه پڇن گھات.

(شاهه: سر سهڻي)

(۲) نڪريو نهاري ناز مان گھيڙ مڙئي گھات

(حسين بخش خادم)

**گھيڙ گِھٽيون:** ڳليون / واٽون / راهون. مثال:

ڪاڻ "قاسم" قريب جي ڦرنڊن،

گھيڙ گھٽيون گھمي ڏس ڏس ڪهٽ. (مليئو محمد قاسم هالائي)

(۲) گوندر اوهان لئي ڏسيون ڏوريم،

گھيڙ گھٽيون سڀ گھميم گھميم. (منثار فقير راڄڙ)

**گھيڙ گس:** رستا / واٽون / دڳ. مثال:

پير ڪٺان تي شير پنهل جا، رستا گھيڙ گسن،

(محمود ڪتياڻ)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**لاجُو لڄپال:** لاج يا لڄ رکڻ وارو/ ننگي/ ننگپال/ غيرتمند.

**لاچ لالچ:** لاچڻ للچائڻ/ لاچائڻ/ لالچ ڏيڻ/ رشــوت ڏيڻ/ وڍيون آڇڻ (TO BRIBE) : رشوت/ لالچ.

**لادوا لاچار:** (لادوا: جنهن جي دوا ٿي نـ سگهي يعني بيـوس- لاچار: بيوس): لاعلاج/ بيوس، مثال:

هن لادوا لاچار جو دارو دوا ٿيندو ڪڏهن؟ (حافظ حيات شاهہ)

**لاڏ/ لاڏو اَپَتِ:** لَڌ/ لڌل شي/ پراپت/ اُپــراسو/ حصول/ لابُ/ فـائـدو/ نـفـعو.

**لاڏ پَريو لَبيب:** محبوب/ لاڏلو/ من پسند/ دوست/ دلدار. مثال:

تلي مور وانگر تا مون در لبيب،
لـکيـن لوڏ ســان لاڏ پريا لبيب. (حافظ محمد تڪڙائي)

**لاڏ پيار:** نازُ انداز/ هيج/ ڪوڏ/ البـيــلائي(لـڏڻ ڪڏڻ: هـلـڻ جو خوبصورت انداز).

**لاڏ ڪوڏ:** (ناز انداز/ نٽ نخرو/ چٽنچلائي/ البيلائي/ دادلائي/ مـاڻو/ آرُ/ انگل/ ڪوڏ/ پيار/ محبت/ موهہ. مثال:

(۱) ٻي ماءُ اولاد کـــي لاڏ کــوڏ ســان پـاليندا آهن.
(۲) پَون کَماري لاڏ کـوڏ مـان پـن کي ٿي ٿڦکي ماري،
هر و ستـوءُ کي چاهہ چوڄَ مان چَمندي مرکي موتي هاري...
(موتي پرڪاش)

**لاڏ لٽکو:** ناز نخرو/ محبوبانـہ انداز/ ناز انداز. مثال:

دنــيا دو رنــگي ڍوهــي بــازي اجــايــو اٽــکــو،
فاني فنا گذر پر، ڪوڙو لاڏ ڪوڙولٽکو.(تانڪ يوسف)

**لاڏاڻو هالاڻو:** (دنـيـا مـان لڏي هليـو وڃڻ): سنبت/ ڪُوچ/ هجرت/ وفات/ موت.


www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

**لاسي لوسي:** (لاسي: ڪاري رنگ تي مائل "لَس" جو گڏهه- لوسي: لوس لوس/ نوس نوس ڪندڙ يعني ڪتو): بي حيا/ ٽرڙو/ واهيات/ بي شرم/ لپاٽي (جنن کي لپاٽ هٽي بس ڪرائي ڇڏجي).

**لاف گزاف:** بڪواس/ لباڙ/ داڙ/ ٻٽاڪ. مثال:

پٽيون پنڌ ڪشالا ڪاف.

لڪين لڇايون لاف گزاف (حافظ محمد بخش)

**لاف لباڙ:** داڙ ٻٽاڪ/ زٽ/ اجائي پٽار/ مبالغ آمير ڪوڙ/ بڪوات/ بڪ بڪ.

**لاڪُ لانگوٽ:** گوڏ ٻڌڻ جو ڪپڙو/ منجهلو/ انگوڇو/ پوتارو/ پوتڙو/ انگرڪو/ انگيو/ (جنهن سان انگ/ بدن جا عضوا ڍڪجن).

**لاڪي لاڪيٽو:** (۱) لاڪي: لاک سان رنگيل (لاک هاٿو) لاک رتل/ ڳاڙهو. مثال:

لاهيان تان نہ لڳن تان لاڪيٽي لوئي

(۲) لکاپتي لاکٽيو: لکن وارو/ امير.

**لاڪي لاڪيٽي:** لاڪيٽي لوڏ: لکن واري لوڏ:ناز نخري سان پريل (چال)/ هلڻ جو محبوبانہ انداز).

**لاکير لکمير:** لکن جو مٽ/لکن جو مير/ لاکٽيو/ لکي/ لک لهندڙ/ سدا ملوڪ/ ٺاهوڪو/ سهٽو/ دلبر/ محبوب.

**لاکيڙو لاکيٽو:** لکڻ (لڇڻ) وارو/ شريف ماڻهو/ موچارو/ ڳڻوان/ ٺاهوڪو/ سهڻو.

**لاڪيٽو لاڏلو:** (لاڪيٽو: سٺن لکڻ/ لڇڻ وارو- لاڏلو: لاڏ ڪوڏ/ ناز انداز وارو): ڳڻوان/ ڳڻ جو ڳهير/ البيلو/ دادلو/ پيارو/ محبوب.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**لاڪيٿيون لال:** لاڪيـــٿـيـون: لاک ســـان رتــل): لاک ســـان رتـــل/ ڳـاڙهيـون، مثـــال:

لويون تن لويـارن کي لاڪـيـٿـيـون لال ( راضي فقير رند)

**لاڪيون لال:** لاڪـيـون: لاک ســـان رتـل يعـنــي لال/ ڳاڙهيون- لال: ڳاڙهيـون): لاک رتـل/ ڳـاڙهيـون. مثـال:

خوش ٿيون سَر هيون سنگهاريون، پَٽ ڦِرن سينگار ڪيو.
لويـون لاڪيـون لال سِرَ تـي ڳڇيءِ پـويو پـايـو هـار.
(خليفو گل محمد "گل" هالائي)

**لاڳ لاڳاپو:** لاڳ: لـڳ لاڳـاپـو. مـثـال:

پيرو پَڇَ مَ ڪاپڙي لاهي وهمَ ۾ لاڳ ( شـاهه: سَر مـومل راڻـو): لاڙو/ رغبـت/ لاهه/ چـاهه/ منشا/ خواهش/ قرب/ شوق/ اِڇا.

**لاڳا لاڳ:** (لاڳا: واسطا. مثال:

مـنـهـنـجو ور ونـي ويـا لاڳا لاهـي (محمد حسن لغاري): لڳ لاڳاپا/ ڳانڍاپا/ واسطا.

**لاڳاپا لاڳ:** لڳ لاڳاپا/ واسطا/ ڳانڍاپا.

**لاڳاڻو لڳ:** مـيلاپ/ نـاتـو/ گهِـرائي/ مِٽي مـائٽي/ پيـوند/ ڄاڻ پـڇاڻ/ آشـنائي.

**لاڳ ڏيپ:** پُـنـي مَـراد جـو انـعام/ بخشيش/ مُجرائي/ لوازمو/ پگهار/ شادي وهانءَ تي لنگهن فقيرن، مگڻهارن ۽ ڪدڙن کي ڏنل انعام دان.

**لاڳا لاڳاپا:** لاڳا: لڳاپا. مثال:

(۱) برهه اوهان جي بيوس ڪيڙو لوڪن لاڳا لاهيون
( فقيرغمدل سائين) : لڳاءُ -

(۲) لڪين لوڪ لاڳا، ڇڏير لحر لاهي (فقير غمدل سائين): واسطا/ ڳانڍاپا/ تعلق.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**لَلُ لِيڪرُ:** حال/ لکڻ/ خوبي/ هُوند/ اپاءُ/ ذريعو/ وٿ/ وَڙ/ سياڻپ/ عقل.

**لِلاٽ لِـلاٽ:** لـلاٽ: پيُشانـي، مثال:

(١) لکيو منجهه للاٽ قلم ڪيا ڙيي نہ ٽٽي!

(٢) لکيو جو للاٽ، قلم ڪياڙي نہ وهي ): نِلاٽ: نراڙ/ نلاڙ/ پيشاني. FORE HEAD اصطلاح ۾ معنيٰ: ڀاڳ/ نصيب/ قسمت/ تقدير/ لوح قلم/ لوح محفوظ.

**لِلاڻو جڄاڻو:** ٻارن کي ڏيڄارڻ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ/ ٻارن کي ڏيڄارڻ لاءِ اڻ ڏٺل ڀوائتي شي/ جهُوجهو/ جِجُو/ ججوُ ٻلاڙو.

**لِلر لاٽا:** گاهـ ٻوٽا/ ڏٿ (جهنگي ميوا ٻاڇيون)، مثال:

(١) چيـلـڙا ڀـاٽا اٻـاٽـا، للر لاٽا "عارف"
سرتين ساهيڙين، سانگهين کي سنڀاريندي رهي.
(پير شاهنواز عارف المولي)

(٢) قوتَ اسان جو لـلـر لاٽـا،
ڪنبيون ڪاوان چاڙهيون يار . (پير ڪمال سائين: سر آسا)

(٣) تيو وسڪار کي عرصو، لِـلر لاٽا سُڪي ويندا،
ڏئين موڪل تہ ڏي جلدي، ٽٽي ٽي مُند ٻاڇاتـي.
(سر شار عقيلي)

**لِلرَلوٽڪ:** جهنگلي ٻاڇيون/ ڏٿ، مثال:

للر لوٽڪ لٽي، پيـرون پڪـاپـانـدن ۾ پـائـن تـا،
ڪلي خوش ٿي، سڏي هڪ ٻي کي، گڏجي خوب کائن تا.
(سليم ڳاڙهوي)

**للر لنب:** لنب: گـاهـ جو قسم جنهن جي ڪـائڻ سان مينهون / ڳئون ڳهاٽو ۾ گهڻو "کير" ڏينديون آهن. انهي تان چوندا آهن: لَـنب مکڻ چُنب. ڳهاٽي کير مان گهڻو مکڻ ملندو آهي: ڏٿ / تر جا گاهـ، مثال:

وتن سنگهار سـنيرا تـوڙي قوت، ڪٽـيـن للر لـنب ۾ لاٽا
(مصري شاهـ)

**للڪارللهڪار:** هڪل / هونڪار / آواز.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) جو لوچي لوڙي، سولهي

**لوچڻ لهڻ:** ڳولڻ ۽ حاصل ڪرڻ. مثال: جيڪو لوچندو سو لهندو. مثال:

(١) لوچي لعل لکن ۾ لهه (شاهه)

(٢) جي لوچين سي لهن. جڏهن تڏهن پرين کي (شاهه):

ڍونڍڻ/ولاڙڻ/ ووڙڻ/ ڳولڻ/ ڦولهڻ/ ليڻ/ ملڻ.مثال:

(١) دوجهان ۾ تنهن جو فرمان، سولڌر لوچي لهي.

(رکيل شاهه)

(٢) جن ڇڏو سندرو سچو رب تن لڌو. لوچي لهي (رکيل شاهه)

**لوچ پوچ:** (لڇڻ پڇڻ: ڦٿڪڻ / بي آرامي ٿيڻ): ڦٿڪو / آتل پٿل / بي آرامي / بي قراري / آنڌ مانڌ. مثال:

نينهن جي لوساٽ جن کي ٿي لڳائي لوچ پوچ.

تانگهه تن متي پيئي تڳائي لوچ پوچ. (محمد صديق مسافر)

**لوح قلم:** (لوح: ڦرهي/ سليٽ: عرش جي تختي ۽ قلم) : قضا / نصيب / قلم سان لکيل يعني ڀاڳ / قسمت جو لکيو / انگ ازل / ڀاڳ. مثال

(١) لکيون لوح قلم جون ڳالهيون سڀ پريون

(حسن بخش شاهه)

(٢) اياڻيءَ اهڪ. لکيا لوح قلم جا (حسن بخش شاهه)

(٣) لکيو لوح قلم جو کين ٽري (شاهه محمد)

(٤) عهد وفا جا توسان وعدا.

لوح قلم کان آيل آهن (ارباب علي "عادل" چوهان)

**لوڏي تڙي:** لوڏڻ تڙڻ: ڌڪڻ/ڌڪي ٻاهر ڪرڻ/نيڪالي ڏيڻ. مثال:

ڪفر جي ڪاراڻ کي لوڏي تڙي ٻاهر ڪيي،

نور آڻيندڙ ڪيو ڪيڏو نه آ احسان ڏس. (امير بخاري)



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

(٢) لهر نہ لوڏو ڏي، تنهنجي ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل آهيان
محي الدين! تنهن جي دامن ۾ چپيل آهيان (ڱيچ)
(٣) جت سُجي تڙيپ، ٻيڙو تتي تيلهي وڌوم،
لهر لوڏي ڪان الاهي، امن سان پهچاءِ پار (؟)

**لهرُون لس:** درياهہ جون موجون / پاڻي جي اَڇ/ جَرَ / لس ليٺ. مثال:

لنگهي لهرون لس، موٽي ايندا مون گهرين!

(تاجل بيوس: سُر ساموندي)

**لهرون لوڏا:** درياهہ جون چوليون / جُنبش /موجون / مهراڻ (درياهہ) جون موجون.

**لهريون لڙ:** (لَڙ: لڙاتيل پاڻي / جُڙيو پاڻي): پاڻيءَ جو تيز وهڪرو / چوليون. مثال:

لهريون لڙ. لطيف چي، جهلئا جُنگَ جواڻ. (شاهہ : سر سهڻي)

**لهس لامارو:** (لهسڻ لامارڻ: لامارو ڏيڻ / ڦيرو ڏيئي اڏامڻ): شڪاري پکين جي پنهنجي شڪار مٿان جهپا هڻڻ واري حالت / پکيءَ جو جهپو / جهٽ/ والارو / ڦيرو / بولاٽي / لوسات.

مثال:

هجي سوناري جو سؤ ڏڪ، تہ لوهر تو هٽي هڪڙو
ڪتي جهرڪيون، ڪتي تيو گرڙ پک جولهس لامارو
(شمس الدين بلبل)

**لهَس لوُسات:** (لهسڻ لوساتڻ: تاءُ اچڻ / جرڻ / سڙڻ): جري/ تڻ / باهہ جي جِيي.

**لهندي لاهپ:** لاهوندي / هيٺاهين / هيٺالي.



www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

**ليلار ليلهار:** نـنـڍڙو ٻچـو / ٻي سـمـجهه.

**ليلڙات ليلهار:** آزيون / نيازيون / منـٿون / هٿ جوڙ / گيهـٽيون.

**ليلڙات لولهڙات:** مـنـٿ ميڙ / آزي نيازي / عاجزي / وينتي / نيازي / هـٿ جوڙ / عـرض.

**ليلو ڇيلو:** ٻـڪـريءَ جو ننڍو نـر ڦرُ / ٻـڪـريءَ جو ٺرونٺو / ٻـڪـرو.

**ليلو ليلهر:** (ٻـڪـريءَ جو نـنڍو ڦـر): ڇيلو: ڦـرونٺو (اصطلاحي مـعنيٰ: موڳو / سست / ڪاهل / نڪمو)

**لينجهه پڙي:** ڪـپـهـ جي ٻوٽـي / خراب تند / سنهڙي تند / تاڃيءَ جي خراب تند / ڪپهه جا ذرا.

**لينگهه ليڪ:** اڳڙي / ليڙ / لِنگهـ / پراڻي ڪپڙي جي ليڙ / ليهه.

**لينگها ليڪا:** ليڪون / نشان / ريڪائون.

**ليو ليا ڪو:** جهاتي / نظر / ديد / ليئو / جهانڪو.

**لينگهون ليڙون:** ڦاٽل ڪپڙا / ٽڪڙيون. مثال:

لٽا لينگهون ليڙون ٿي ويا اٿس!.

**ليهه لڄ:** شرم / مرم / حيا / حجاب / مُحابو / مَرجات.

**ليٽي پيٽي:** بيماري سيماري / درد اهنج / ڏٻرو حال. مثال:

اهو ڪي ڪجي جو ليٽي پيٽي ۾ ڪم اچي!


www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**ماريل مُنُل:** مار کاڌل/ هيسيل/ سزا کاڌل.

**ماريل منو:** ماريل مڻيل/ هيسيل/ هنيل. مثال: چوهيون چکيون
قاهيون چني من مارجي ماريل منو (رکيل شاهه)

**ماريل هيسيل:** هنيل ماريل/ ڏيڇاريل/ ڪنبايل.

**ماريو ٽاڪيءِ ڦاٽو:** ماريل/ ڪنهن موذي مرض ۾ مبتلا ٿيل/ بيماري ڪان بيحال ٿيل (ڪاوڙ ۾ عورتن جا مردن لاءِ ڪم ايندڙ لفظ).

**ماڙِ مَدت/ مدد:** مهرباني/ ٻاجهه/ سَهائتا/ احسان/ ڪرم. مثال: ”رب سائين مني مرسل جي صدقي ماڙ مدد ڪر!

**ماڙِمهرباني:** مدد/سهائتا/ ڪرم/احسان.

**ماڙومَدو:** ٻـرو/ٻُڇڙو/ بد/ خبيث/ پاپي.

**ماڙوُ/ماڙهوُ چيڙهون:** ماڻهو چيٽهون/لوڪ/ FOLKS. مثال:
سُڄَ لڳي پيئي هئي؛ ڪو ماڙهو چيڙهون ئي نظر نه آيو

**ماڙيچاڻي ماڙيچي:** ماڙيچڻ/ماروار جي رهندڙ/ ”ماڙ“ يا مارئي جي ملير جي رهندڙ.

**ماڙيون چاڙيون:** (ماڙي: ڪوٺو/ ڇت مٿان ڇت- چاڙي: جنهن تي ڏاڪڻ وسيلي چڙهي سگهجي): عمديون عمارتون/ محلاتون/ بنگلا. مثال:
اثر آهه منهنجيءَ جو ڪڏهن ڪندو،
ميان ماڙيون چاڙيون تنهنجون ڇَٽا! (حافظ حامد ٽڪڙائي)

**ماڙيون محل:** عاليشان عمارتون/عمديون جايون/ بنگلا/ محلاتون. مثال:

تن شاهن جا ويا شان ڪٿي،
ويا نوبت ۽ نيشان ڪٿي،
سي دهليون ۽ دربان ڪٿي،
جي ماڙيون محل اڏائي ويا (مير عبدالحسين خان سانگي)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ماڳمڪان:** هنڌ/ ٺر ٺاڪ/ ٺِڪاڻا/ گهر/ مڪان/ رهائش/ وٿاڻ/ آستان. مثال:

(١) هر سال، درياءَ جي ٻوڏ سبب ڪچي جا ڪيترائي مالوند، پنهنجا ماڳ مڪان ڇڏي، "پڪي" ڏانهن هليا ويندا آهن.

(٢) موڪلُ مٺي کي ماڳ مڪان
ڪين نهي هٿ ڇيهه ڇڙي (مولوي نبي بخش "نحيف")

(٣) موٽوا مرٽا مهند مري ويا،
مڙهيون ساڙي ماڳ مڪان (مصري شاهه)

(٤) جوڳي ويا جُوءِ مان، ڇڏي ماڳ مڪان، الا!
(رئيس امام بخش جتوئي "صابر")

(٥) هي هنڌ، هونديءَ هيڪلا، خالي ماڳ مڪان
(شاهه محمد ديدڙ)

(٦) اوهان جو ماڳ مڪان هوندو آباد "حقير" چئي
(حاجي "حقير" ابن مڱڻ)

(٧) ڪڙتون صفت سندي سبحان جنهن جوڙيا جل جبار جهان
عرش زمينون ماڳ مڪان جن ملڪ عالم امڪان ....
(فتح فقير)

(٨) جاءِ نه ماڳ مڪان، نه منزل، ترڪ تڪيو توڪل تر
حد لاحد ڪٿون لنگهي لاهوتي، ڪٿن تي ويا گم سان گم
(فقير غمدل سائين)

(٩) پنهنجو آ، هيءَ ماڳ مڪان
پنهنجو آ، هيءَ پاڪسان (الحاج رحيم بخش "قمر")

(١٠) في فنا آهي جملي جهان،
ملڪ فلڪ سڀ ماڳ مڪان، (حافظ محمد بخش)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**مال متاع:** (متاع: مال اسباب / گهر جو سامان): ملڪيت/ جائداد/ ڌن/خزانو/دولت/ ناڻو/ پئسو ڏوڪڙ/ زر زيور. مثال:

(١) مال متاع آءُ اُن تان گهوريا.
جان وجهان گهوري گهوري،
گهوري گهور فراق کي (فاضل شاهه)

(٢) ساهه صدق، دل، اکيون، جان،
مال متاع سڀ دولت تنهنجي (مصري شاهه)

(٣) محنت سان ٿئي عزت حاصل،
مال متاع ۽ دولت حاصل،
محنت سان ٿين بيڙا پارا! (ڊاڪٽر نواز علي شوق)

**مال ملڪيت:** جائداد/ سامان سڙو/ ٽيڙ ٽاڙي/ ڌن دولت. مثال:

سَنگِ نه هليو مال ملڪيت، دوش گردن تي پيو!

(ڪشنچند تيرٿداس)

**مال مليدا:** (مال: مال پُڙو- مليدو: ڪڻڪ، اٽي ۽ گيهه مان ٺهيل کاڌو): چورمو/چُوري/ڪٽي/ماجونو/ پوڳاڙو/ پوڳهڙو. مثال:

دال نه گهرجي دادا چشتي،
آڻ ڪي مال مليدا چشتي (محمد هاشم مخلص)

**مالدار دنيادار:** دولتمند/ ڌنوان/شاهوڪار/ تونگر/ ونهيون/ هوندوارو/ هريو/ آسودو/ امير/ سيٺيو.

**مالڪ مولي:** ڌڻي الله / رب/ خداتعالي / والي/ آقا/ سائين/ صاحب/ سردار/ سلطان/ حاڪم. مثال:

سڀ ڪم سهڻل جا، سائين ڪيا سولا.
مهر متس ڪندو مالڪ مولي (تاج محمد: گبيچ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱) مـتـي ويـا مهـند تي، او مانجهي متار، (جام خان چانڊيو)
(۲) ڪات ڪڍيا ڪـلالن، ڪرنگها ڪريا،
مـرد مـانـجـهـي متارا، مچن تـي مڙيـا (خاڪي جويو)
(۳) سـنڌ ڌرتـيءَ ڪـي سـنڌ وارا ڪـپـن،
مرد مضبوط، مـانجهـي متارا ڪـپن.. (خاڪي جويو)

**مانجهي متير:** (متـير: وڏي متي وارو يعني بهـادر): پهلوان/ سورهيـه/ جوڌا/ ڳوڌا/ دلير، مثال:

(۱) عرب جو هو مشهور هڪڙو دلير،
سڏيو ٿي بهادر، جو مانجهي متير،
(حاجي عبدالله بسمل تڪڙائي)

(۲) سُتو بسـتري تي خدا جو هـي شـير،
قوي دل ڪري مرد مانجهي متـيـر،
(حاجي عبدالله بسمل تڪڙائي)

(۳) توتي سلام سوسو، دودل دلير دودا،
دودل دلير دودا، مانجهي مـتير دودا، (ابراهيم منشي)

**مانجهي مرد:** (مرد: دليـر مرد): سـورهيـه/ سـورمـو/ جوڌو/ ڳـوڌو/ بهادر، مثال:

(۱)هي ديس مجاد غازين جو، شهزورن جو شهبازن جو،
سڀ مانجهي مرد، متير هتي، هي ملڪ جوان جانبازن جو،
هـي سـنـڌ سـدا خوشـحـال رهـي!
هـيءَ ڌرتـي مـالا مـــال رهــــي!(عبدالڪريم گدائي)

(۲) هو مانجهي مرد، متـير هئا، چا دريا خان دلير هـــئا،
هو ساريءَ سنڌ جي سونهن هئا، جي گهاٽي پاڻ گهمائي ويا
(خاڪي جويو)

(۳) مـانجهي مـرد، متـير جي، سُڃي هر هـنـڌ هـڪـــل
(تالي چڳو پالاري)

(۴) پـيالا پـي پُر ٿـيا، مانجهي مرد، متار (سگهڙ لالو)


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**مُنو چَندو:** مُنل/ ٻڏل/ غمگين/ ندورو/ نياڳو/ بدبخت.

**مِنو مورڙو/ منڙو مورڙو:** (منو- تصغيري صورت"منڙو"- مور- تصغيري صورت:مورڙو): سهڻو/ من موهڻو/ محبوب/ دوست.

**منو ميرُ:** محبوب/ ساهه جو سائين/ دلبر/ دوست/ دلارو. مثال:

منا مير شکر شيرُ ڏي ساغر اي مسيحا!

(پير شاهنواز عارف المولي)

**مُني چُني:** مُنل چٽل/ برباد ٿيل.

**مِني ماکيءَ جهڙي:** پياري/ساهه کان سرس/جان کان عزيز. مثال:

امڙ منهنجي اهڙي مني ماکيءَ جهڙي! (ادل سومرو)

**مَنيان ٻَجان:** ڪاوڙ/ چڙ/ ڪِراهت/ نفرت.

**مَپُ چيهه:** انت/ خبر/ چاڻ/ سماءُ/ ڪَلَ/ ڳِر/ پروڙ.

**مَجازي تمثيلي:** غير حقيقي/ غير اصلي/فرضي/مصنوعي/ نقلي/ جڙتو/ بناوتي/ اڀاترو/ ظاهري/ ٻاهريون.

**مجبورُ لاچار:** بيوس/اڻ سهائيندو/عاجز/پريشان/ خستہ حال/ مُنجهيل.

**مَڃُو ماديءَ مُنهون:** سُست/ ڍلو/ ڍاڪُن ڍِلو/ ڪَمِ ڪوس/ ڪم چور/ نڪار/ نڪارو/ زن مريد/ زال جو موچڙي ستيو/ بي همت/ ڳيدي/ ڪانئر.

**مَڃُو مَهاري:** (مڃو: ڳيدي/ زن مُريد- مهاري: اُٺ وانگر مهار پيل/ جنهن کي نڪ ۾ ناڪيلي پيل هجي يعني بيوس): ڳيدي/ ڪانئر/ پرائي وس ۾. مثال:

سو مَڃو اهڙو مهاري، مر نہ ڳهرجي ڳام ۾.

اي تہ خاصو اي ٻہ آهي پر نہ ڳهرجي ڳام ۾.

(حاجي احمد ملاح)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۷)محل ماڙن کي ڇڏي شل قرب سان ڪاهي ڪيان،
تاڪ تاڻن ۾ پٽن نوري نظارن کي سلام
(سليم ڳاڙهوڙي)

(۸)محل ماڙين کي ڇڏي ۾ باغ باغيچا ڇڏي،
پرت مان پهچي ڪيان، پکڙن پراڻن کي سلام
(سليم ڳاڙهوي)

(۹) محل ماڙين جي اندر عيش و خوشي،
سِرُ پٽي ڏيهان ۾ تي مفلسي (عبدالڪريم گدائي)

(۱۰) سدائين جي محل ماڙيون سينگاريل،
سليقہ ساڻ سڀ سهٽيون سنواريل ( ميوو خان موج)

(۱۱) ڏسي محل ماڙيون تيو ساهہ ساڻو،
ڇپر، توٽيون ۾ ڇڙا ياد آيم ( پيرشاهنواز عارف المولي)

(۱۲) غيرن جا محل ماڙيون، ڪڏهن ڪم نہ ايندا،
مردان تي مڃايو، پنهنجي ڪکن ۾ ڏوم،
( پير شاهنواز عارف المولي)

(۱۳) اڏيون محل ماڙيون جن مزن لئہ،
ڇڏي سي باغ ۾ بُستان ويڙا، (پير شاهنواز عارف المولي)

(۱۴) تنهن جون محل ماڙيون، سڀ ساڙينديس الا! ( ڳيچ)

**محل مذيون:** عاليشان عمارتون/ مال اسباب/ مال ملڪيت/ جايون جڳهون/ ڌن دولت، مثال:

محل مذيون مانداڻ وِڪاڻا
ڪيت وڪاڻا، ياڻ وڪاڻا
ماروئڙن جا ماڻ وڪاڻا.
سانگيڙا ناشاد- دنيا ۾داد نکو فرياد (عبدالڪريم گدائي)

**محل مُنارا:** بنگلا / انهن جا گنبذ/ محلاتون/ ڪوٽن جا ڪنگرا/ اوچيون ماڙيون، مثال:

تنهن جي دم سان نام وطن جو
دائم ديس جا محل منارا (برده سنڌي)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**مِڙڻ ميڙو ڪرڻ:** گڏ ٿيڻ/ مِلڻ/هڪ ٿيڻ/ ملي وڃڻ. مثال:

رهو قائم سچائي تي تہ مولي فتح ڏئي يڪدم،
مِڙي ميڙو ڪري، نعرو هڻو الله اڪبر جو! (غلام محمد نظامي)

**مڙهہ مقام:** (مڙهہ: لاش-مقام: لاش دفن ڪرڻ جي جاءِ): قبرستان.

**مڙهہ ماڳ:** (مڙهہ: لاش- ماڳ: لاش پورڻ جي جاءِ يعني قبرستان): قبرستان/ گورستان. مثال:

پرونءِ جي قاب، مثل محراب، منجهن مڙهہ ماڳ شهيدن جا (مصري شاهہ)

**مڙهامندر:** مڙهيون/ مٺ/ هندو فقيرن جي رهڻ جون جايون/ خانقاهون MONASTERIES. مثال:

"ملڪ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ أيي لمي جا ڏڙا ڏڪيون، ڏِيون ديهون، واهڻ واهَہ، ڍنڍون ڍورا، ڏهَر ڏونگر، پٽ پهاڙ، شهرمقام، مڙها مندر، نيون نديون وغيره- سڀني جو سربستو، ننهن چوٽيءَ تائين ويهي احوال لکجي تہ سنڌ جي انسائيڪلوپيڊيا، سولائي سان تيار ڪري سگهجي ٿي جو تہ هن ملڪ جي ٻولي سچي سڀاجهڙيءَ سيباڻيندڙ آهي پر هجن ڪي هن ڪلجڳ ۾ لکڻ وارا ڪاپڙي". ( ولي محمد طاهرزادو: سنڌ هڪ جائزو، ماهوار: "نئين زندگي" مارچ ١٩٧٠ع)

**مَڙهو مَرضيل:** (مڙهو: مڙهہ/ لاش جهڙو/ - مرضيل: مرض ورتل/ مريض جهڙو): پوڙهو/ ڪُراڙو/ ڪَکُ/جهور/ پڪوڙو/ (پڪي عمر جو)/ هڏ هٽيو.

**مڙهي مٺ:** (مڙهي: هندو فقيرن جي رهڻ جي جاءِ- مٺ: آشرم/ ٽڪاڻو): مندر/ خانقاهہ.

**مَڙهي مندر:** آشرم/ٽڪاڻو/خانقاهہ.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**مکڻ ماکي:** مکڻ ۽ ان سان ماکي گڏايل هجي تہ ان جو لطف ئي نرالو هوندو آهي، مکڻ ماکيءَ جهڙا مِٺا پيارا. مثال:

(١) نور وسي تو سهڻا سائين،
مکڻ ماکي جُڙيا پئي جاني ..... (تاج محمد ؛ ڳيچ)

(٢) مکڻ ماکي تي ماڙيچون، متاريون مور جان مرکن.
(عبدالڪريم گدائي)

**مکڻ ملائي/ مکڻ ملايون:** کير مان نڪتل مکڻ ۽ ڪِريم/ کير مان ٺهندڙ ذائقہ دار شيون DELICACIES، مثال:

مکڻ ملايون پڙهيل کير پيئندو! (ڳيچ)

**مکٿيون مانڌاٽا:** جهنگلي گاهہ/ ڏٿ/ جهنگلي ميوا ۽ ٻاڇيون. مثال:

پڪا ڪِرڙ پٽن تي سگر. ڪرنگهہ لاٽا.
ڪاٺ ڪاڄ ڳنيون. مکٿيون مانڌاٽا. (حسن بخش شاهہ)

**مکٿيون مانڌاٽيون:** جهنگلي گاهہ گلزاريون/ ميوا ۽ ٻاڇيون/ ڏٿُ. مثال:

مکٿيون مانڌاٽيون سُرها گاهہ سَنا
(رئيس امام بخش جتوئي "صابر")

**مکي سَر پنچ/ پٽنچ:** مکُ/ پريو مِڙس/ پٽيل/ وڏيرو/ اڳواڻ.

**مکيل چکيل:** ٺاهہ ٺوهہ ڪيل/ سينگاريل/ هار سينگار ڪيل/ زيب زينت وارو/ بدن جي مَهٽ سَهٽ ڪيل.

**مگر موتيو:** (مگر/ مگرو: موتئي جهڙو گل): انوکي خوشبوءِ وارو گل.

**مگتو مگٿهار:** منگتو/ فقير/ گداگر/ پينو/ پينڙاٽ/ پينار/ سوالي/ عرضدار/ ڀان/ ڀٽ/ چارڻ.

**مگٿهار منگتو:** مگندڙ/ گهرندڙ/ فقير/ گداگر/ پينو/ عرضدار/ ڀان/ ڀٽ/ چارڻ. مثال:

ڪري ڳالهہ چا هي عاجز بندو،
ٻڌائي نہ سگهندو هي مگٿهار منگتو (راضي فقير رند)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**مَن کهڙت هَٽ راڏوُ:** خيالي/ قياسي / بي بنياد.

**من مستي خرمستي:** (خرمستي: گڏهه واري مستي/ گڏهه جي گوهي. مثال: (سوٽي هجي ساڻ تہ گڏهہ گوهي نہ ڪري)؛ آڪڙ / وڏائي/هٽ/ سيٽ/ ٽاڻ.

**من موهن منٺار:** (دل کي موهيندڙ/ دل کي ٺاريندڙ)؛ دل کسيندڙ/ پيارو/ مُحب/ دوست.

**مَناڙ مَهٽَ:** (مناڙڻ مهٽڻ)؛ زور/ چاپ/ مهٽ سهٽ.

**منافق مُشرڪ:** (اسلام ۾ منافقي ”شِرڪ“ آهي)؛ دغاباز/ رياڪار/ مڪار/ پاکنڊي/ ٻِهہَ روپي/ بي اعتبار/ بي دين.

**منافق مُنهن ڪارو:** (منافقي منهن ڪارائي جي برابر آهي)؛ رياڪار/ پاکنڊي/ بي دين/ مُلحد/ ڪافر.

**مِنبر محراب:** (مِنبر: اوچي جاءِ- محراب: وَنگ/ ڪمان)؛ مسجد ۾ پيش امام لاءِ ٿلهو/ اولهہ طرف گول دائرو ، مثال:

پنهنجو عقيدو آهي سهڻا” گدائي“
دروازو دلبر تنهنجو منبر محراب (عبدالڪريم گدائي)

**منتر جنتر:** (منتر: ويد/هندن جي پاڪ ڪتاب جو سلوڪ)؛ جادو/ منڊُ/ جهاڙ/ ڦيٽو/ تعويذ ڦل/ ٽوٽو ڦيٽو/ ڦيٽو چنڊو.

**مَنتر منڊُ:** ٽوٽو ڦيٽو/ دُعا سڳو/ چنڊو ڦيٽو. مثال:

زلف جي مار جو بس ڏنگ لڳو جهن کي ڀي،
جوڳي ڪن ڦاڙ جو ڇا ان کي ڪندو منتر منڊُ.
(حافظ محمد احسن)

**مُنتظم مهندار:** انتظام سنڀاليندڙ/بندوبست ڪندڙ/ مدارالمهام/ سرواڻ.

**منٽ آزي:** نيازي/ نيزاري/نِمرتا/ عاجزي/ نياز/ نيازمندي. مثال:

ڏسون جي سجڻ ڪو، ڪيون منٽ آزي (سومرو غلام رسول سودائي)



www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

**مُنهن مِٺو موهڻو:** سهڻو / خوبصورت / حسين / سُندر.

**مُنهن مير مُنهن اولداهي:** سانجهي / اَجهندو / انڌيرو / نِماشام.

**مِڻ مڻ مِرمر:** پِڻ پِڻ / وس وس / پُٽڪو / چپن ۾ ڳالهاءِ.

**مٿيادار مٿيار:** (مٿيا: نور / جوت / تيج/تجلو / روشنائي / سُونهن) مٿيا وارو / نورَ وارو / سهڻو / حسين / سونهن ڀريو.

**مٿين ماٿين:** (مٿن جي حساب سان، مثال:

مال آهي مٿين، جنهن کي ڳَڻي ڪٽيا): جهجهو/ جام.

**مواڙ متارو:** ٺلهو ٺيرو / سگهارو / معذور/ هٺيلو.

**موافقت مطابقت:** جهڙائي / ساڳيائي / برابري / هڪجهڙائي.

**مويي مُربي:** وڏو / سڀ کان وڏو ڀاءُ يا پُٽُ.

**موت هلاڪت:** (موت: فوت): مرڻو / لاڏاڻو / هالاڻو / انتقال / رحلت / چالاڻو.

**موتي فوتي:** مئل ماڻهو / مَرهياتُ / مرحوم.

**موتي ماڻڪ:** هيرا لعل / هيرا جواهر، مثال:

موتي ماڻڪ مال گهڻيرو، ڏينڊءِ ڀيلي، سائين،

ٻـئـي در وچ مَر، ڪـيـڏانـهـيـن (مير شاهہ عنايت)

**موتي مٽيو:** هيرو / رتن / موتي داڻو / ٻيڙو / گوهر / دُر.

**موتي هيرا:** لال / جواهر / ماڻڪ، مثال:

موتي هيرا "مصري" چوي، ڀانيان نسورا نانگ،

تـنـهـنـجـي مـاڙيـن، دلڙي مُنجهائي (مصري شاهہ)

**مونمل متارا:** مونمل: مل / ملهہ (پهلوان) جي موت ڏيندڙ / مقابلو ڪندڙ): بهادر / سورهيہ / دلير / جوڀ جوان / سگهارا متارا / ٺلها ٺيرا.

**مونيار پوتار:** رئيس / حسب نسب وارو / خانداني / بنيادي.

**موج بهار / موج بهاريون:** بهار جي موسم جو لطف، مثال:

جنهن ۾ قرب ڪچهريون پياريون،

جنهن ۾ ميلا موج بـهـاريـون،



www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

**مور ڀور:** (مورجڻ: ٽئين سر ڦٽڻ / ٽئين سر اُپرڻ- ڀورجڻ: انگورجڻ/ ڳونچ جهلڻ): ڦوٽهڙو / نئون اوير / ڳونچ.

**مورُ لاڏو:** ڪهوٽ راجا / ٻَنو / سهڻو/مور جهڙو/ لاڏلو/ شهزور/ شاهي زور رکندڙ يعني ڪهوٽ. مثال:

(۱) هت تا اچن خان، منهنجا مور لاڏا (ڳيچ)
(۲) منهنجا مور لاڏا، شهر شهزور لاڏا!
ڪلي ويهه ڪٽ تي (ڳيچ)
(۳) هن اڱڻ تي ڪهمين مور لاڏا!
منهن جا مور لاڏا، شهزور لاڏا! (ڳيچ)

**مور شهزور:** ڻاهوڪو / بهادر / سُورهيه / جوان/ جوڀ.

**مور ملوڪڙو:** (مور: مور جهڙو سهڻو): ڻاهوڪو/ دلربا / محبوب/ من موهڻو.

**مورُ مُنڍ:** مُور: (بنيادي رقم/ مُوڙي جنهن تي فائدو يا نقصان ٿي سگهي ٿو):مورهين منڍ ڪان/ماڳهين (ماڳ ڪان/منڍ ڪان)

**مورُ موڙي:** اصل رقم / ڏنڌي ۾ لڳايل شروعاتي رقم / سرمايو.

**مورڪ موڳو:** بي عقل/بي وقوف/ نادان/احمق/ ٻوڪ/ اناڙي/چسو.

**موڙَ مُڪٽ:** سِهرو / ڪلنگي / ڪُلاهه / ڇَٽُ / مُنگهٽ.

**موڙَ مَروڙ:** (موڙڻ مروڙڻ): وڪڙ / وراڪو / آڪيڙو / وڙُ / وٽُ.

**موڙ موشو:** موڙ- منهن موڙي ڇڏڻ: پردو ڪرڻ): حجاب / شرم/ لڄ / پردو/ ستر پوشي.

**موڙو مائو:** (موڙو: جهڪو، مثال: ڏندو موڙو آهي): اگهن جو گهٽجڻ يا گهٽ وڪرو ٿيڻ.

**موڙو موڳو:** منجهيل / موڳاٽيل / وات پٽيو.

**مُوڙيون مُونڙيون:** ملاڪڙي ۾ ملهه وڙهڻ جون اٽڪلون. ملهه هڪٻئي کي ڪيرائڻ لاءِ جاٽا هٽندا آهن ۽ مونڙيون ڏيندا آهن

**موڙهل سُوڙهل:** مُنجهل / مُنڌل / اُجهيل / وائڙو / ڪِڪو وِڪو/ گهٻرايل / وِسوڙل / ڀِٽڪيل.


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**ميرو ڳچيرو:** (ڳچيرو: ڳچ / مٽيءَ هاٿو)، ڳدلو / ميرانجهڙو.
**ميرو ڳدلو:** ڪِنو / ڪوجهو.
**ميرو مٺو:** اندر پليت / اندرجو ڪارو / مُنافق.
**ميرو مدو:** اندر جو پليت / مدخواهه / منافق / بد خواهه
**ميرو مندو:** گناهه / پاپ / قصور، مثال:

صدقي صحابن جي ڪج تون معاف سڀ ميرو مندو،
در اوهان جي دادلا! هي پيو اچي بيچڙو بندو.
(عبدالحڪيم "واجف")

**ميرو ميرانجهڙو:** ڳنڊو / مٽيءَ هاٿو / غليظ / ڳدلو / ڪنو.
**ميري سيري:** ادلي / ڳدلي / ڪوجهي / ڪِني، مثال:

(١) ميري سيري جي پنهون پرت اوس پرکيندو،
ڪر اچي دل تي صفا (محمد صديق مسافر)

**ميري مدي:** (ميرڙي مدڙي): ڪني/ڪوجهي / اندر پليت.
**ميري مندي:** ادلي / ڳدلي / ڪني / ڪوجهي، مثال:

(١) هي ٠ جاڳندي آسروندي،
ميري توڙي آهي مندي (هادي بخش شاهه مسڪين)
(٢) ڏڪيندا اچي ڏول منهنجي ڏلائي،
ڪندا معاف ميري ٠ منديءَ جي مندائي. (موتي پرڪاش)

**ميرڙي مندي/ مندڙي:** ادلي ڳدلي/ ڪِني ڪوجهي/ڪِنڙي ڪوجهڙي، مثال:

(١) جيڪس هيس ميري مندي ويڙا ڇڏي جيڪس بندي،
ڪوتي ڪري سائين سندي (آخوند صاحب ڏنو)
(٢) آءٌ بنديائي ميري مندڙي
جيهي تيهي سائِن سندڙي (نانڪ يوسف)
(٣) تنهنجي باب جي بيشڪ بندي، آهيان توڙي ميري مندي
ڪوتي ڪري سائِن سندي، ٻانهي ٻدل، ڳڻ ڳنيل
(پير رشدالله شاهه)



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

**ميوا قُل:** ميوات / ثمر / لاپ. مثال:

ميوا قُل مان ڇـا ڳٽيان، ڪـن سـجدا سـڀ شجر.
(ڀيڙو فقير ڪنيار)

**مـَـهي ڪير:** ڏهي/ ڪتو ڪير. مثال:

مهي ڪير ڏنئرو مــڪڻ ڪــي ولـــوڙي (تاجل بيوس)

**مهي مکڻ:** ڏهي/ ڏؤنرو. مثال:

مـهـي مـکـڻ ۾ مـانـڙي،
جيـڪـو نـانـو جـيـئـن جـا.
آءُ تنين جي ٻـانـهـڙي (تاجل بيوس: ٽيڙو)

**مهي ولوڙ مانداڻُ:** (مهي ولوڙ: مهيءَ کي ولوڙڻ واري ڪاروائي): لوڇ پوڇ / آنڌمانڌ / مصيبت / بيقراري / تڪليف / اهنج /ايذاءُ.

**مَهلي مِهري:** (مهلا: عورت): ناري / نار/ زال / سهڻي عورت/ خوبصورت زال / سهڻي من موهڻي عورت.

**مهينو ماسو:** ماهہ / ماسُ / مهيني جا ۴ هفتا/ گهٽ وڌ ۳۰ ڏينهن.

**مهيني ماسي:** ڪڏهن ڪڏهن / ورلي / ڇتيءَ ڇهہ ماهيءَ.

RARELY / ONCE IN A BLUE MOON

**مٿتُ مُڙهہ:** لاش / جنازو / ميت/لوڙهہ/مُڙهو.

**مٿپ ماپ:** ڪَچَ (ڪچڻ) / ماپو / پئمانو / ماڻُ / تور.

**مٿل مري ويل:** بي جان / مُردو / مَرهيات (جنهن کي رب مرهي)/ مرحوم/ لاڏاڻو ڪري ويل.

**ميگهہ ملار:** ساوڻ جي موسم / جهڙ / آگر / ڪکرن جو پرجي اچڻ / جهڙالو. مثال:

(۱) اکيون ميگهہ ملار، صورت تهجي سڀ جـڳ موهيو
(شاهہ: سُر سارنگ)

(۲) ڪنجن پريا ڪيهہ انهيءَ جا، ڍرگهہ سارنگ ميگهہ ملار
(الهداد ڪرمتي)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣) ڪڪر جنهن کي ڇانو ڪري، مٿئون ميگهه ملار
(جلال ڪتي)

**ميل ميلا:** (ملڻ ميلڻ: گڏجڻ): ثقافتي گڏجاڻيون / ڪنهن اولياء جي درگاهه تي ٿيندڙ عرس جي موقعن جي لڳندڙ ميلا. مثال:

ناچ ناٽڪ، ميل ميلا، ڏينهن ڏون،
شهر يا شاديون ڏسي شادان نہ ٿي. (پير شاهنواز عارف المولي)

**ميل ملڻ:** ميلاپ / گڏجاڻي / ملاقات. مثال:

وري ميل ملڻ ٿئي، محشر ۾ موچار (صالح سنڌي)
- مسلمانن جي عقيدي مطابق، مرڻ ڪانپوء وري ميلاپ / گڏجاڻي روز محشر / قيامت جي ڏينهن ٿيندي.

**ميلُ موريانڻ:** (ميل: ميرُ- موريانڻ: ڪَٽَ/ دل جو ميل/ اندر جو ميرُ. مثال:

اڄ آڪڙيا آئيا، سائوَڪي سَجاڻ
لاهيندا موريانڻ، رُڪَ ڪريندا پڌرو (شاهه: سر يمن ڪلياڻ): اندر جي ميرائي / ڪنڌائي / ٻيائي / ڪوٽُ.

**ميلُ ميلاپ:** ملاقات / گڏجاڻي / ڳانڍاپو / تعلق / لاڳاپو.

**ميلا محبت:** پيار / سِنڌُ / اڪرنج. مثال:

ميلا محبت مينگهه ملهار تيا،
برسات برهه برسائڻ ڪاڻ (فقير غمدل سائين)

**ميلو مُلاڪڙو:** ميڙ / انبوهه / هجوم / هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ واري حالت/ سنڌ ۾ اوليائن جي درگاهن جي عرس جي موقعي تي ميلو لڳندو آهي جنهن ۾ ملاڪڙو (ملهه جو مقابلو) لازمي آئٽم هوندو آهي / ميڙاڪو / ميڙو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ميندي موڙ:** گهوٽ جي هٿن پيرن کي لائڻ لاءِ ميندي ۽ منهن تي ٻڌڻ لاءِ موڙ. مثال:

تنهن جي مينديءَ موڙن رنگ لايو. سائن سوٽن رنگ لايو (گيچ)

**ميگهه ملار:** آڳر/ ککر/برسات جو پرجي اچڻ/مينهن جي مند. مثال:

(۱) ساز سنبا هيا سهيسن سارنگ، اج اتر ڏهون آيا آڙنگ
موٽي ميگهه ملار مچائي، صاحب ساوا ڪج تون تر بر.
(مجهول)

(۲) پنيا پرون پوٽر جان، اکيون ميـنـگهه مــلار
(جلال ڪتي)

(۳) "لطف" ازل جي سندر روپا، لاتو مــيـنـگهه ملار،
منجـي ويـو انـڌ ڪار. (لطف الله "لطف" بدوي)

(۴) وڄڙيون چمڪن، بادل آيا، تيئڙا ميـنگهه مـــلار
(پير شاهنواز عارف المولي)

(۵) جُهــڙ ڦڙ اکـيـون مـيـنـگهه مـلار،
نينهن جي آهي ريـت نـرالي. (پير شاهنواز عارف المولي)

(۶) ڪڪر سڀ ڪڪوريا، ڪري ميـنـگهه ملار.
(مُلا الله وسايو ڪفش دوز)

**ميگهه ملهار:** جهڙ/ آڳر/ مينهن جي مُند/ ڪڪر ڪارونيار. مثال:

(۱) وڄي تي وينا. ٿهي تي سٺا. وسي تو مينگهه ملهارُ
(شيخ عبدالرزاق "راز")

(۲) "مصري" هليا. موسم آئي، ڳايون مينگهه ملهار
- هـلـيـا : هـلـي آءُ - (محمد سومار شيخ)

(۳) جهڙا ڪجلا نيڻ ڪڪوريل، تهڙا مينگهه ملهار
(تاجل بيوس)

(۴) پسي مينگهه ملهار-مارُن مال آتاريا (تاجل بيوس، سرمارئي)

(۵) هُن پر مست موالي، هُن پر اکڙيون مينگهه ملهار
(تاجل بيوس)

(۶) رم جهم مينگهه ملهار نـه هــا
ڦـتـا لال لـيـار نـه هــا (تاجل بيوس)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧) وسندا مينهن ملير تي، سانگين لهي سار،
ڪرڳل ڪندا ڪيترا، ڪڪر ڪارونيار،
جهڙ ڦڙ مينگهہ ملهار، سدا هوندا سنڌ تي (خاڪي جويو)
(٨) ساوڻ آيو سوڀ تي، موٽي مينگهہ ملهار (خاڪي جويو)
(٩) سدا وسن منهنجا سيڻ سنگهار
مارن تي وٺا مينگهہ ملهار ("لاڙاين جون لاتيون")
(١٠) جهڙ لايا جنسار، آئي مُند مينهن،
بنيا بادل بِرهہ جا، متئون مينگهہ ملهار
(حافظ عبدالله ڪلهوڙو)
(١١) پور وٺن جو نور نظارا مينگهہ ملهار
ساوڻ جا هي سارا جلوا تنهنجي لاءِ (شبير سيتائي)
(١٢) روح اسان جو رڇجي، ڏسي مينگهہ ملهار (صالح سنڌي)
(١٣) اکيون لاڏل جون سهٽيون چمڪن،ڪجل مينگهہ ملهار (ڳيچ)
(١٤) اسان جي بينسرو واري لعل ڪنوار،
جنهن جون اکڙيون مينگهہ ملهار (ڳيچ)
(١٤) الا اوسر لاهين، ٿين مينگهہ ملهار،
الا او الا! هادي الا الله (ڳيچ)
(١٥) جاڳيو تو مرڪي، مرڪي مينگهہ ملهار
جاڳي گل گيلاني، وو پيرا (ڳيچ)

**مينگهہ ملهاري:** جهڙ جي موسم/ ساوڻ/ برسات جي موسم. مثال:

(١) هتين پيرن ڪي حورن ميندي لائي آهہ،
متان مينگهہ ملهاري آهِ (ڳيچ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ميو متارو:** جانئو/ قوي / سگهارو / جوپ/جوان / سگهو / تندرست.

**مِيون مِيين:** آقا / والي/ وارث / مولوي / عالم بزرگ جو لقب / ميان / ميانجي.

**ميهر ميهار:** مينهن وارو / مينهون چارينڌڙ/ مينهون پاليندڙ/ سهڻيءَ وارو ميهار. مثال:

كاهي پيئي كنن ۾، كري ميهر ميهار. (راضي فقير رند)

**ميهڻو مهڻو:** عيب / عتاب / طعنو.

**ميڻي مهاڻي:** ملاح عورت/ مُهاڻي / گندري، مثال:

(١) تون سمو سردار، آءٌ ميڻي مهاڻي آهيان،
(سچل سرمست)

(٢) تون سمو سائين، آءٌ ميڻي مهاڻي آهيان
مون لچ رهائين، جوپلءِ لڳس تانهن جي (سچل سرمست)

**ميون /ميئون مهاڻيون:** ملاحعورتون/ گندريون، مثال:

ميون مهاڻيون اهيراڻيون دمڙيون جن جو دام
(هادي بخش شاهه مسكين)


www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

# ن

## (لفظن جا جوڙا: 322_ڪل لفظ: 644)

**نااميد نِراس:** بي آس/محروم/مايوس/ناڪام.

**ناانصافي بي انصافي:** ظلم/انڌير/انياءُ/ڏاڍ/ڏمر.

**نااهل نالائق:** ڪميڻو/ڪُڌو/ناقابل/بدتميز/اڏنگو.

**نابالغ ڪمسن:** اڻساماڻل/اڻ آزمودگار/صغير/وات ڳاڙهو.

**نابري ناڪار:** انڪار/مخالفت/وِروڌ/ٺپ انڪار.

**نابُود معدوم:** برباد/ختم/ويران.

**نابُودي پائمالي:** تباهي/بربادي/گهاٽ/نيستي.

**ناتِر ٻانهي:** غلام عورت/داسِي/گولي/نوڪرياڻي/ڪنيزڪِ.

**ناتر نِماڻي:** ٻانهي/گولي/ٻَڌي ٻانهي/پورهيت، مثال:

آهيان اصل اياڻي، تنهنجي ناتَر نِماڻي (ڳيچ)

**ناتاريون نِجُهرا:** (ناتاريون: - نِجُهرا: جهوپا) ڇنا/منهن، مثال:

ناتاريون ۽ نِجُهرا، ويو لٽي واءُ (تاجل بيوس)

**ناتاريون نڙا:** (نڙا: توٽا): توٽيون/ٻَجَر، مثال:

ناتاريون نڙا، ويٺا واءُ لٽي ويو (تاجل بيوس: سر سهڻي)

ويٽو: ٻيڙيءَ جو سُڪان.

**ناتجربيڪار اڻ ڄاڻ:** ناواقف/ڪچو/اناڙي.

**ناتوڳانڍاپو:** رِشتو/تعلق/لاڳاپو/مائٽي/سنبنڌ.

**ناتوان بي بس:** هيڻو/اڳهو/اَبَلُ/ضعيف، مثال:

ناتوانن بي بسن، هيڻن سنڌي امداد ڪر (غلام احمد نظامي)



www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

**ناچُو نُوچو:** ناچو ناپو/ڳائڻ وارا/ڇيرين جا ڇمڪار ڪرائيندڙ. مثال:

(۱) تن وٽ ناچن نوچن ناچ ڪئي، ٻڌي ڇيرين جا ڇمڪار

( مخدوم غلام محمد ڀڳائي)

**ناخلف نافرمان:** نالائق/ ٻي ڇيو/ ڪپُوت.

**ناخوش ناراض:** رنج/ بيزار/ ڏمريل/ ڪاوڙيل.

**نادار مفلس:** ڪنگال/ سُڃو/ پينگيو/ محتاج/ عاجز.

**ناد نفليون:** جوڳي فقيرن/ڪاپڙين جا وات سان وڄائڻ وارا ساز. مثال:

(۱) ناد نفليون نِسنگ وڄائي، ٿيو انالحق منصوري آ مجبوري

(مير علي نواز "ناز")

(۲) نادنفليون سُنگ سُرت جا، سانڍ الک اورين،

تن جي تسبيح تن جو ڏاڳو، من جو مڻيو ڦيرين

(قطب علي شاهه "قطب")

(۳) ووا ناد نفليون، سُنگ، سرليون،

هوءِ وير وڄائڻ هار (منٺار فقير راڄڙ)

**نارا ندیون:** درياهه/ واهڙ/واهه. مثال:

مينهن جي موسم اندر پَل وهن نارا نديون،

پر لڙڪ پياس لڙي، نيڻن جا نارا ٻي طرح

(الهه بچايو جوڻيجو)

**ناروا ناواجب:** نا مناسب/ بيجا/ اجايو/ناجائز.

**ناري نارِ:** عورت/ زال/ ضائفان/ ضعيف

**ناڙِ نس:** نبض/ رڳ PULSE

**ناز انداز:** نخرا/ غمزا/ ٽال/ لاڏ/ ڪوڏ/ ماٺو/ چاڳ، مثال:

ناز اندازن نينهن، نهوڙيا، نه ته حسن لک هزار هئا.

(محمد صادق ٿهيم)



www.sindhsalamat.com                                          books.sindhsalamat.com

**نالائق نامراد:** (نامـراد: جيڪـو مُـراد مـاڻـي نـه سـگهي): اڻ لائق/ ناشائستہ/ نِڪار/ نِڪمو/ ڪسيرڪ/ ڪميڻو.

**نالو نام:** نانءُ/ اسم/ لقب/ خطاب. مثال:

ڪانگل چئج قـريـب ڪـي نـالي نـام خـدا
هٿ ٻڌي تون حاضر ٿي هي نيئي عـرض سُـڻاءِ (حمل فقير)

**نالونامـوسَ:** هاڪ/شاراهہ/ نيڪي/مشهوري/ ڏاڪو/ ناما چار.

**نالو نانءُ / نانوُ:** اسم / لقب/ خطاب. مثال:

ٿـيا گـمنام نـالـي نـانوُ وارا.
ٿيـا مشـهور تـوري نـانوُ وارا ( احمد خان آصف مصراڻي)

**نالو ناءُ:** نـانءُ/ اسـم. مـثال:

(۱) "غـمـدل" نـالـو نـاءُ سـڏائـي،
سڳڙو اوهان جو سـڏايون (فـقيـر غمـدل سـائين)

(۲) "غمـدل" نـالـو نـاءُ ڏرائـي ڦـري فـقيـر گـدائي
(فقير غمدل سائين)

(۳) نالو ناءُ "غمدل" ڏرِ ڪان ڏريائون (فقير غمدل سائين)

**نالیارو نانءُ چڙهيو:** (نانءُ چڙهيو: جنهن جو نالو مشهور ٿي ويو هجي.
مثال: نانءُ چڙهيو واپاري ڪتيو ڪائي
نانءُ چڙهيو چور ڦاهي چڙهي): مشهور/ معروف.

**نالي جو نالي ماتر:** معمولي/اِسمي/فرضي/ نالي خاطر/ چاٽائڻ واسطي/ تـمام ٿورو/ تـمام گهٽ.

**نالي چڱو ناميارو:** هاڪارو/مشهور/معروف/ نامي/ ناميو/ مکيہ.

**نالیارو نامڪئيو:** معروف/ناميارو/ مکيہ/ مشهور/ نامي.

**نامر نِشان:** نـشـان پـتـو/ اهـڃـاڻ/ سـڃاڻـپ. مثال:

(۱) سـنـدن نـاخـلـف پـويـن پـوٽـو ڪونہ پاريو ۽ وڏن
جـو نـان نـشـان گـم ٿـي ويـو.
(شمس العلماءُ عمر بن محمد دائود پوٽو: سرهاگل)

(۲)ديس اُنهي ڏي آهي امارو. نامر نشان جت نہ نظارو
(فقير غمدل سائين)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نامر ننگ:** نيڪ نامي/ نالو/ مشهوري/ تعريف. مثال:

اهو پيءُ پيالو چڙهي نامر ننگ،
جو نيڪي بدي ٻئي اچن يڪ نظر (مصري شاهه)

**نامر نيڪي:** نالو/ نامو/ مشهوري/ ڌاڪو/ هاڪَ. مثال:

عشق عابد تو ڀلائي، سڻ قصو صنعان جو
دين دنيا نامر نيڪي تو وڃائي دربدر ( ثنائي)

**ناماچار ناموس:** نالو/ تعريف/ نيڪي.

**نامُراد ندورو:** بي نصيب/ چؤنڪ چندو/ تَرڙ نياڳو.

**ناموافق ناگوار:** اڻ ٺهندڙ/ بي جوڙ/ اڻميل.

**ناموس ننگ:** هاڪ/ ساراهه/ ڌاڪو/ ناماچار/ شُهرت/ ساکَ. مثال:

(١) ناموس ننگ وٺڙو ۽ نانگا ٿيا ننگي، (حيات شاهه حافظ)

(٢) نہ زاهد ٿئي شاهد، انهي راز رنگ جو
انديشو اسان کي نہ ناموس ننگ جو،
يڳا باغ مان زاغ، عاقل اڏاريو (مصري شاهه)

(٣) نينهنَ تُنهنجي ۾ چڙيو تارڪ" سيو ناموس ننگ،
وجهه نہ گهاري مهر واري ڪر ستاري اي صنم!
(هدايت علي نجفي" تارڪ")

**نامور نامڪٽيو:** معروف شخصيت/ هاڪارو/ مانوارو ماڻهو/ ناميارو.

**نامي گرامي:** (نامي: نامر/ نالي وارو): ناميارو/ نالي وارو/ نانءُ چڙهيو/ هاڪارو/ (هاڪ وارو)

**نامي نَرُ:** (نر: مڙس/ غيرت وارو/ ساک پت وارو): ناميارو/ نالي وارو/ نانءُ چڙهيو/ معروف/ هاڪارو/ سکر/ ماناٽتو.

**ناميو نامڪٽيو:** مشهور/معروف/ناميارو/هاڪارو/سکر/ماناٽتو.



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

**نانجهو چُنجهو:** جهڪي نظر وارو/ گهٽ ڏسندڙ.

**نانڪڙي نينگري:** ڇوڪريءَ/ نينگر/ نينگراٽِ.

**نانگ بلا:** زهريلا جيت/ ڪاريهر/ ڳڏو/ سرٽو/ سَپُ.

**نانگ سَپُ:** ڪاريهر/ ڳڏو/ سرٽو.

**نانگو نپٽو:** اولاد کان سواءِ/ بي اولاد.

**نانگو نروار:** (نانگو: اگهاڙو): لانگوٽيو/ فقيرن جو هڪ فرقو/ جوڳي/ آديسي. مثال:

وحدت ۾ ٽــي غرق، ســدائين نانــگو ٽي نروار

(هيمن داس: روپ پيلو)

**نانگو نِسنگ:** اگهاڙو/ ظاهر.

**نانگڻ جوڳڻ:** نانگڻ: نانگ مـادي يعني بلاڙي يا بلا پاليندڙ- جوڳڻ: بلائون پاليندڙ. مثال:

نــانــگڻ جــوڳڻ، خيــران، ڪُتي، ٻُتي ڇتي! (ٻاراڻا ٻول)

**نـانُ نِمڪ:** (نان: ماني/لولو جنهن ۾ نمڪ لازمي طرح ملايو ويندو آهي).

**نانءُ نامــوس:** نــالو/ اســم/ لقب/ هـاڪ/ نـامـاچار/ مـشـهـوري/ سـاراهه/ سـاک.

**نانءُ نيسڻ:** نالو/ اسم/ لقب. مثال:

مون کـو تنهن جو نـانءُ نيسڻ ورتو. جو وڙهيو تو اڇين!

**نانءُ نيشان:** ٻارپتا/ سُڃاڻپ/ اهڃاڻ. مثال:

(١) ويــچاري جــو نــانءُ نيــشان ئــي ميسارجــي ويــو!

(٢) بــڪ بيــماري جهالــت جو ڪــري بــس خــاتــمو،

نانءُ نــيــشــان غــم ۽ ڪـلـفـت جو مٽائيـندا هلـو

(برڪت علي آزاد)

**نانءُ نيڪي:** ناموس/ نـاماچاري/ مـشهوري/ شُـهرت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نچڻ ڪڏڻ:** نپڻ/ ٽپا ڏيڻ/ ناچ ڪرڻ. مثال:

(۱) نچيندي ڪڏندي، لڏندي لمندي،
تنهن جو چوليون ڏيندم لوليون،
لهر لهر مان گيت اٿاري ساگر ڏي هل تون هاڪاري!
(هري درياني دلگير: سنڌو نديءَ کي خطاب)

(۲) ڏيل وانگر نچندي ڪڏندي محب تو منهنجو اچي
سو دفعا صدقي وڃان سهڻي سندي رفتار تان
(امين محمد امين)

**نچوڻ نپوڙڻ:** ڏمڻ/ نپوڙڻ/ چٽڻ/ چپوڙڻ.

**نڇ چڪ:** نڪ مان زور سان نڪتل آواز/ "آڇو" جو آواز.

**نِچالدو نروار:** ظاهر/ پڌرو/ صاف.

**نِچيڙو نِبيرو:** (نچيڙڻ نِبيرڻ: ڳالهه کي ڇنڻ ڇنڊڻ/ فيصلو ڪرڻ):

فيصلو/ ناهه/ پڄاڻي/ اڪلاءُ DISPOSAL OF MATTER/ CASE

ڇيهه/ معاملي جي انتها/ DEFINITE CONCLUSION

**نَحو صرف:** گِرامر/ وياڪرڻ/ علم تلفظ

GRAMMAR AND ETYMOLOGY

**نحيف نازڪ:** ڏٻرو/ پَتلو/ سَنهڙو/ ڪمزور.

**نخريلو نازِيَريو:** ناز انداز وارو/ دادلو/ چاڪلو/ چلولو/ لاڏلو.

**نحس نامُراد:** نياڳو/ ڇنڊو/ بدبخت/ بدقسمت/ اياڳو.

**نِدا صدا:** آواز/ پڙلاءُ/ سڏ/ دانهن/ رڙ/ ڪُوڪ/ پُڪار.

**ندامت خجالت:** شرمندگي/ پيشماني.

**نِدورو نادان:** نياڳو/ بدنصيب. مثال:

بي جو هاٿي سُٺو بيان نفس، ندورو آهي نادان
(مولوي شفيع محمد "هاتف")

**نڌر نادار:** بي وسيلي/ بي زور/ بي وس/ بي پهچ/ لاچار/ بيواهه. مثال:

ســال ســڪــنــدي ٿــيــام تو لئــه هوت هاڻ
ڪر نہ ماٺا مون نڌر نادار سان (ميان عبدالواحد "سائل" - هفتوار"سنڌسڌار" ڪراچي-٣٠سيپٽمبر ١٨٧٨ع)

**نِڌر نِستو:** (نِستو: نہ+ ستو: سگهہ وارو): نِٻل/ ڪمزور/ ناتوان/ اڀالو/ بي زور.

**نِڌر نِڪار:** ڪنهن نہ ڪم جي بيڪار. مثال:

(١) نــنــگ ســڄــاڻــج پــاهــنــجــو پــاڻــهــيــن،
نِــڌر آهہ نِــڪــار، پــانــهــي پــاروچــن جــي (بيدل)

(٢) اٿون پير پوٺا نڌٽڪا نِڪار
ملي آهہ جڻ موچڙن واري مار (شمس الدين بلبل)

**نِڌر نماڻو:** بي سهارو/ بي واهو/ هيڻو/ بيوس.

**نِڌر نِماڻي:** بيوس/ ناقص/ نادار/ لاچار/ ناتوان. مثال:

(١) نــڌر نــمــاڻــي پــاســي پــاس
ڪڏهن پڇندا ڪڏهن پڇندا ڏينهن اياس
(مولوي نبي بخش نحيف)

(٢) نِــڌر نِــمــاڻــي ڪــي ويــنــو ساري ..... (محمود ڪتياڻ)

(٣) قادر ڪرم ڪندو مارو مون وٽ ايندا.
نيٺ "نصيرا" پنهنجي نِڌر نماڻي نيندا
هي ڇوري ڇني ڇير ڪين ڇڏيندا ڇاهون (شاهہ نصير)

(٤) ناڪس نِڌر نِماڻي دامن لڳڙي تو آرياڻي (نانڪ يوسف)

(٥) اگڻ اوتاري آري شل ايندو،
نڌر نماڻي وٺي نال ويندو (پير ڪمال سائين: سُر پهاڙي)

(٦) نڌر نماڻي جهڙي تهڙي تن جي (پير ڪمال سائين: سي حرفي)

**ڌِنڌڪُ نِڌڙڪو:** بي واهو/بي وسيلو/ لاچار/ ويچارو/ هنيل ماريل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نڌ ڌِڪو بي پهچ:** بي واهو/ عاجز/ لاچار/ ڏتڙيل/ بيوس/ ويچارو.

**نذر نياز:** ڏن/ پِينا/ خيرات/ نذرانو/ گهورَ (گهورڻ/ گهوري گهمائڻ/ سِر جو صدقو ڏيڻ)

**نذر نيازيون:** پيتا/ لاڳ/ پاڳر/ سُکا/ باسَ/ ڏن/ ڏالي/ نذرانو. مثال:

سؤ سؤ باسيان نذر نيازيون
هٿڙا پڌي مان ڪريان آزيون (غلام احمد نظامي)

**نرالو نيارو:** انوکو/ نئون/ عجيب/ عجب جهڙو.

**نِربلُ دُربلُ:** هيڻو/ ضعيف/ ڪمزور/ بي طاقتو/ نِستو.

**نِربو نِرڏرُ:** (ڀؤ/ ڏرُ: ڊَپُ): بي ڊپو/ بي پرواهه/ همت ڀريو/ بانڪو/ دلير.

**نرت نظر:** بصارت/ جوت/ ديد/ اکين جي روشني.

**نِرت نگاهه:** نگاهه/ اکين جو نور/ جوتِ/ ديد. مثال:

رزق نه روڪي ڪنهن جو توڙي غافل منجهه گناهه
يا نظر ڪان نابين، سي بنا نِرت نگاهه (صالح سنڌي)

**نِرت نياءُ:** (نياءُ: انصاف- نِرت: (انصاف جي اک): انصاف. مثال:

(١) ميت مداين، موٽ تون، ڪري نِرت نياءُ (شاهه)

(٢) نِرت نياءُ جي ڳالهه ڪر!

**نِرجو نلڄُ:** نرجو/ بي حيا/ بي لڄو/ بي چيو/ نافرمان/ هٺيلو/ ضدي.

**نَرَسُ نندو:** (نَرسَ: نه+ رس: جيڪو رسي نه سگهي يعني بيوس- نندو: جيڪو ڪنهن معاملي کي پهچي نه سگهي): لاڻيرو/ اڻ پورو/ بي پهچ. مثال:

هڪ سَرس هو ٻيو نَرسُ نندو هو، مِڙن ڪان سو مُنو
(سيد خير شاهه)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نرم نازڪ:** ڪومل/ ڪَنئرو/ مُلائم/ لچڪيدار/ سِپَڪ/ شفاف/ ڏڄا وارو/ پوتر. مثال:

بدن نرم نازڪ ہَريلو ہريلو!
صفا مرمرين ريشمي ڄڻ ڳاديلو (عبدالڪريم گدائي)

**نِرمل چام:** (نرمل: پاڪ): حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم. مثال:

نيلون نِرمل چام جون جن تي نور وسي نروار (راضي فقير رند)
- پاڻ ڪريمن جي روضي مبارڪ جون نيلون.

**نِرمل نجيب:** محبوب/ پاڻ ڪريمن جي باري ۾ چيل. مثال:

سڳورو سچو سيد المرسلين
نبي نور نِروار نِرمل نجيب (خليفو محمد قاسم)

**نِرمل نماڻيون:** نماڻيون اکيون. مثال:

تيون روچ راڙي ۾ نِرمل نماڻيون ...
(سيد ميران محمد شاهہ مير /مهجور)

**نِروار نِسنگ:** ظاهر / کُليو/ پڌرو. مثال:

للڪار لڳي نِروار نِسنگ هِلڪار چپر منجهہ چولي.
(محمود ڪتياڻ)

**نِرهہ نِراس:** مايوس/ناامِيد/ بي آسرو.

**نڙ بوڙيندا:** وات سان وڄائڻ جا سنڌي ساز. مثال:

نڙ بوڙيندا بيت ۾ وايون وات وڄن (خاڪي جويو)

**نڙ گوءِ:** حقي/ چلم جا ٻہ اهم حصا. مثال:

هي تازگي آ تن ۾ نِڙ گوءِ نبض جاري،
”بلبل“ سندو بي گو باگفتار آ حُقو (شمس الدين بلبل)

**نزاڪت نفاست:** ڪوملتا/ ناز انداز/ سُونهن سوڀيا/ڏيک ويک/ سينگار/ خوبصورتي.

**نزلو زُڪام:** ليس/ سردي/ تَڏ/ ريش.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نَس ناڙ:** نبض/ رڳ/ رت جي نلي.

**نَسبُ حسبُ:** خاندان/شجرو/اصل نسل/ بُڻ بنياد/ ڪُل/ خاندان.

**نِستَ نِبَرُ:** (نِست: بناسَتَ سگهہ جي- نِبر: نِبل: بنا بل/ سگهہ جي): ڪمزور / ناتوان/ ضعيف/ بي طاقت. مثال:

سنڌڙي جي اٿي سيدا! نماڻي نِستِ نِبَر (پير شاهنواز عارف المولائي)

**نِستائي نِستپائي:** ڪمزوري/ هيڻائي/ لانجهہ/ ضعيفائي/ ضعيفي/ ڏيجڙو (ڪمزوري سبب ڏپ محسوس ڪرڻ).

**نِس پِسُ:** هو بهو/ساڳيو/ نيٽ/ بلڪل/ سراسر.

**نَسُن - وڏيو نَسُنِ نُٽو:** (جنهن جون نسون وڏيل/ ٽٽل هجن): هَڏَرَڪُ/ ڪم ڪوسُ/ ڪم جو ڀَرو/ سُنڌن سُڪَل/ سنڌن سڙيو/ هڏ حرام.

**نِسنگ نِروار:** ( نِسنگ: نہ ڏجندڙ/ ظاهر ثي ميدان ۾ ايندڙ): لڪ لڪاءُ نہ ڪندڙ/ظاهر/کليو کلايو/لاپرواهہ/بي ڊپو. مثال:

(۱) نوڪ نيڻن جيئن شهباز شاهي،
جنگ جهپي جهونجهار، نِسنگ نِروار ڪيا،

(سيد حاجي محمد حافظ شاهہ تڪڙائي)

(۲) اهو ئي احدي، اهو ئي مهدي، اهو ئي احمد،
ڏڪي اولي سندو چولو، نِسنگ نِروار بنجي ويو

(رئيس امام بخش جتوئي" صابر")

(۲) ڪري حملو حسن آيو، نِسنگ نِروار وهہ وهہ

(قائم فقير شر)

(۴) نچي نينهن نِسنگ نِروار ڪيو،
تنهن جو عشق عجب اظهار ڪيو

(پيرشاهنواز عارف المولائي)



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

(٣) نماڻي نڌر نينهن ناتو نباهي،
نهوڙيو نظر "نياز" نازن نِوايو (نواز علي "نياز" جعفري)
(٤) لِڱل لَنو پر لوري اباڻن جي "احسن"
نہ ويڙهيچا وسرن نِماڻي نڌر کان (حافظ محمد احسن)
(٥) نِماڻي نڌر جو نِکو هيو وسيلو،
سدا رنگ پريو تون، رانول رسيلو،
ملائڪ مولي در ڏيندا هيءَ آگاهي (حاجي خانڻ چنجڻي)
(٦) هيءَ نِماڻي نڌر، ڪانهي ڪنڌيءَ پر (ڳيچ)

**نِماڻي نِڌري:** بيوس/ لاچار/ پاڻوهيٺي.

**نِماڻُ نِوڙائڻُ:** (نوڙائڻ: جهڪائڻ. مثال:
چئج حال حبيب کي نمي نوڙائي ڪند (شاهہ سُر: ڪنيات)؛
نوڙت ڪرڻ/ جُهڪي سلام ڪرڻ/ نمسڪار ڪرڻ/ نمڻ.

**نِمَت نياز:** (نِمت: نِمڻ: نوڙڻ): نوڙت/ نياز مندي/ آزي/ عاجزي/ نيزاري/ هيڻاهين/ پانهنُ پَد (پانهون پدڻ: آزاي نيازي ڪرڻ). مثال:
خدا کي وٽي تو نِمت نياز فقيرن جو.
سي ذڪر ذاتي ڪن مِنو اهو آواز فقيرن جو (منٺار فقير راڄڙ)

**نِمڻ ڪمڻ:** (نمي ڪمي: جُهڪي): نوڙڻ/ نياز ڪرڻ/ هيڻاهون هلڻ. مثال:
نمي ڪمي نِهار تون، ڏمر وڏو ڏک (شاهہ)

**نِمڻ نِوڙڻ:** (نَمي نوڙي: جُهڪي): جُهڪڻ/ نياز ڪرڻ/ هيڻاهون هلڻ. مثال:
نِمي نوڙي سي نيزاريون ڳچي منجهہ پاند پائيندو
(منٺار فقير راڄڙ)

**نِندُ نِنُرُ:** (نند: نِنر/ ضدي. مثال:
هڪل ڪري ماريئون" نوازيو" نِند (مل محمود پلي)؛
نياڳو/ پٽيل/ بدبخت/ هوڏي/ هٺيلو.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

**ننڊ آرام:** سُڪون/ فرحت/ وِسرام. مثال؛

ويا ننڊ آرام، اصلئون اڏامي (پيرشاهنواز عارف المولائي)

**ننڊائو ننڊاڪڙو:** ننڊارو/ ننڊ ۾ پريل/ننڊ جا جهوٽا کائيندڙ.

**ننڍو نينگر:** نوجوان/ ڦوهه جواني وارو/ نئين جواني رسيل/ لاسڙاٽ/ لاسيار/ جوان.

**ننڍي نينگري:** نوجوان/ ٻور ڀهاڻ/ ڦوهه جواني واري. مثال؛

گڏي ويچاري، ننڍي نينگري،

وار سونهري رنگ سليٽي (ادل سومرو)

**ننڍيرڙ و لانيرو:** ڳڀرو/ لاسيار/ لاسڙاٽ/ ننڍي عمر جو.

**ننگ نام:** عزت/ مان شان/ حيا/ خوبي/ وقار.

**ننگ ناموس:** عزت / وقار/ شان شوڪت/ ڏيک ويک/خوبي. مثال؛

(۱) ننگ ناموس کان نڪري نِسنگ ٿيا نانگا نظار

( هادي بخش شاه مسڪين)

(۲) ننگ ناموس انهيءَ عشق چڏايو مون کي

ڪفر اسلام کان هِن هيج هٽايو مون کي

(زمان شاهه نثائي)

**ننگ نانءُ:** عزت/شان/شُهرت/ مان/ وقار.

**ننگ نمود:** (نمود: شآن شوڪت): خوبي/ ٺاٺ/ نٺ ٺانگر/ لحاظ/ لَڄ/ عزت/ حياءُ/ ساک پت. مثال؛

سر، سر واهه سجڻ لئہ سارو ننگ نمود وڃايان ٿي

(سڪندر خان کوسو)

**ننگ وڙ:** مُهابو/مهرباني/ لحاظ/ لَڄ/ حياءُ/ شرم/ساک پت. مثال؛

مان آهيان پيڻ تون منهنجو پاءُ ننگ وَڙ جي ڪري نگاهه

(عبدالله سومرو)



www.sindhsalamat.com                books.sindhsalamat.com

**ننگيلا ننگپال:** ننگن جي سار جهليندڙ/ ننگ اجاريندڙ/ ننگ مٿان سِر قربان ڪندڙ/ ننگ پرور.

**ننگي ننگ پرور:** ننگن جي سار جهليندڙ / ننگپال/سار جهليندڙ. مثال:

جهانگيڙا جهنگلن ۾ ننگي ننگ پرور،
سَرُ سنگهارن لويون ۽ لِپر،
پائن پوشاڪون پنهور ليران ڪتيران (فقير غمدل سائين)

ليرَ ڪتير : اڱڙي/ ٽِڱڙي/ ليڙ/ ڦاٽل ڪپڙو/ ليهہ جمع: ليران ڪتيران (اترادي لهجو)/ ليرون ڪتيرون.

**نوان نِڪورا:** اوپرا/انوکا/اڻ آزمايل/ بلڪل نوان/ اڻ هنڊايل. مثال:

نوان نِڪورا نينهن سِر جي پوندا ساهہ ۾ (خاڪي جويو)

**نور نِرمل:** (نور: روشني- نِرمل: شفاف/ پاڪ): چمڪندڙ. مثال:

آءُ شــل مِــلان مــحــمــد ﷺ جــام کــي،
ســيــد ســرور کــي نــور نِــرمــل کــي (ڳيچ)

**نورا گهنگهرو:** نورا- نورو: پيرن ۾ پائڻ جو ڪڙو): پازيب/ پايل/ جهانجهر/ مثال:

نورا گهنگهروُ سونا زيور جيڪي چم چم ڪن چمڪار
(عارف ڪلهوڙو)

**نِــوڙت نــماڻائي:** هيٺاهين/ آزي نيازي / نياز /تواضع.

**نوڙت نهڻائي:** نـماڻائي / نياز / تواضع / هيٺياهين. مثال:

راضي ڪجانءِ تون رئيسن کي ڪري نوڙت نهڻائي. (حامد)

**نِـوڙت نـياز:** هيٺاهين/ تواضع/ نيزاري/ حليمائي. مثال:

(١) نفس کي پنهنجي ڪري قابو، سِکو نوڙت نياز،
جي رکو روزا تہ دل سان پڙهو هر دم نــماز ،
اٿو روزي اندر بــرڪــت، اٿــو جاڳو مسـلمانو
(غلام احمد نظامي)



www.sindhsalamat.com                                                    books.sindhsalamat.com

(٢) خود پسـنـدي ڪر نہ ايندي، ڪر ادا! نوڙت نياز،
فاني جڳ هي" شير محمد" ! ڪر نہ تنهن ٿي ڪوئي ناز
(شير محمد لغاري)

**نِوڙت نيازي:** عاجزي/ نيزاري/ منت ميڙ. مثال:

(١) ڪـانـہ هلي ٿي ڪنهـن جي نِـوڙت نـيازي
(فقير غمدل سائين)

**نِـوڙت نيچائي:** هيڻاهين/ تواضح/ انڪساري، مثال:

جي تنهن جي پيار ۾ منـزل مـلي وڃـي،
تـہ نِـوڙت ۽ نـيچائـي پـيا ڪنـداسين (ناظر منگي)

**نوڪر چاڪر:** ٻـانـهو/ غلام/ ٽهـليو/ (ٽهل/ خدمت ڪندڙ)/ خادم/ گولو. مثال:

تخت دليءَ قيد ڪيائين، ۽ نوڪر چاڪر ساڻ نيائين
سـاٿـس شريـڪ نہ مـطـلــب ٻـيڙو (منٺار فقير راڄڙ)

**نوڪر غلام:** ٻانهو/ خادم/ گولو. مثال:

مون ڏنو ٻيڻي ڪي هر ڪـو ٿـو ڪـريٰ سـئو سئو سلام
مـون ڏنـو ڪِريـئي ڪـي سـمجهن ٿا سيئي نوڪر غلام
(غلام احمد نظامي)

**نولُو نوريٽڙو:** لـوڪـڙو/ ڳـالهـڙ/ گلوري.

**نويلو نِويلڪو:** اڪيلو/ هيڪلو/ اڪيلي سِر/ جدا/ نويڪلو.

**نويلي نيڪلي:** اڪيلي/ نئين نندي/ نئين ڪنوار/ حسين زال/ وني/ ونُل.

**نُوڏ نِڏڪ:** (نـوڏ: بيـوقوف. مثال :

نصيحت نـوڏ ڪي، اهـڙي ڪـريـن ڇـا لاءِ "سـودائـي"؟
(سومرو غلام رسول سودائي):

مــورک/ نــادان/ نــٺر/ هــوڏي INCORRIGIBLE

**نئون نِمرو:** تازه/ تـازو/ توانو/ جوان تـوان، مثال:

اُس سـاڙِئي کي، تـدي پاڻي ۾ وهنجاري، آمـري ۽ کند جو
شربت پيارين تہ ماٺهو نئون نُمرو.

(الله بچايو سمون: سير کوهستان)

**نئون نئڊو:** نوجوان/ جواني رسيل/ جُوانُ جُماڻ.

**نئون نَوَلُ:** نوجوان/ انوکو/ اٺمايل.

**نئون نويلو:** نئون نئڊو/ نوجوان/ قـوم جواني کي پهتل.

**نيات نسل:** ذات/ قوم/ فرقو/ قبيلو/ گهراڻو/ نسل/ پِنچائت.

**نياپو سنهيو/ نياپا سنيها:** پيغام، مثال:

مُـکـا تـوڏي قـاصـد، نيـاپا سنـهيا،
وچـوڙي آ تنهن جي اندر باھ ڀـاري ("سراج" شمس بلبل)

**نياپو نڙو/ نياپا نڙا:** پيغام سنيها.

**نيارو نرالو/ نيار نرالا:** انوکو/ نئون- انوکا/ نوان.

**نيارو نروار:** نرالو/ نئون/ عجيب/ ڌار/ الڳ/ انوکو.

**نياز سلام:** نياز مندي/ التجا/ منٿ/ زاري.

**نياز نِوڙت:** هيٺاهين/ التجا/ منٿ/ زاري/ نياز مندي/ عرض، مثال: (١)

نـاز غمزو يار تنهنجو نياز نِوڙت مون سندي،
هر گهٽي هر شهر ۾ ماٺهو کندا مذکور پئـي.

(پير آقا حاجي عبدالستار جان "پير")

(٢) حبيبن سان حيلو، هلي کـانہ حُجت،
عجيبن اِگيان کـر ادا! نيـاز نوڙت،
هلي نينهن ۾ کانہ کنهن جي نوابي

(پيرشاهنواز عارف المولي)

(٣) نيــاز نـوڙت عيـن ثـواب .... (محمد شاھ)

(۴) آهيان اداسي سکـايل اوهان جو
سـاڻ نـياز نـوڙت غـلام در جـو
"غـمدل" مـلڻ لئـہ انتـظـار آهـي (فقير غمدل سائين)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نِياز نئڙت:** هيٺاهين/ حليمت/ نماڻائي، مثال:

(١) وجي تون نياز نئڙت سان دلبر دلدار ڏي تون.

(رئيس امام بخش جتوئي "صابر")

(٢) گهٽو ئي نياز نئڙت سان اوهان جي پيش آيا سين،

ويتر تو شوخيائي ڪئي، اوهان وٽ ڪوحذر ڪونهي

(رئيس امام بخش جتوئي" صابر")

**نياڻي نِڌر:** نينگر/ ڌيءَ/ ڪنيا/ نينگري.

**نياڻي سياڻي/ نياڻيون سياڻيون:** (سياڻي: سياڻپ کي پهتل): عاقل/ بالغ/ ساماڻل ڇوڪريون.

**نياڻي نماڻي/ نياڻيون نماڻيون:** نينگريون/ ڌيريون/ ڇايون/ ڌيرج واريون / شرم حيا واريون، مثال:

(١) سنڌ سنڌي نياڻي نِماڻي جي (خاڪي جويو)

(٢) سار لهوڪا سنيال، نياڻيءَنماڻي جي (ڳيچ)

(٣) سوين تي سُڪائوڻ، باسيان تي باسون،
نياڻي نِماڻي وٺي نيٺ نيندا.. (ڳيچ)

(۴) نياڻي نماڻي، ڇڏيائين در اباڻو،
ڇڏيائين در اباڻو، پٽس تيو ويڳاڻو (ڳيچ)

(۵) نياڻي نِماڻي! تنهنجو پيءُ ويڳاڻو،
اباڻو در ڇڏي هتان هاڻ هلبو (ڳيچ)

(٦) سوين مان سُڪائون، باسيان تي باسُون،
نياڻي نِماڻي، وٺي نال ويندا ( ڳيچ)

**نياءِ داد:** نئاءُ/ انصاف/ عدل/ آچار/ سچائي.



www.sindhsalamat.com                                        books.sindhsalamat.com

**نيت پَتِ:** وهنوار/ رواج/ دستور/ ريت.

**نيڙ ندين:** (نيڙ: ننڍي نهر/ ڪسي): واهه واهيون/ ڍوريون/ ڍنڍون ڍورا/ واهڙ. مثال:

ناهه ۾ ڏس نيڙ نديون، تيون وهن نارا ڪري،

(محمد خان جتوئي)

**نيست نابود:** تباهه/ برباد/ هائيءَ مَچيل/ هنيل ماريل. مثال:

(۱) نِڪمن جوُ نالو دنيا کان مٽائي،

ڪري نيست نابود جا ڪاهلن کي (عبدالڪريم گدائي)

**نيڪ نمازي:** پرهيز گار/ پاڪ دامن/ پارسا/ ڀلارو/ عابد. مثال:

(۱) جان تيان مومن نيڪ نمازي،

جنهن ۾ جانب تون تئين راضي،

جامع جوڙايان، ڪين سرڙو نمايان

ڪيئن ريجهايان توکي (سليمان شاهه)

(۲) نوري نيڪ نمازي هئا، جوڙ ڀليءَ جنسار،

(رب رکيو جتَ جيئنداڻي)

(۳) نياٽيون گهرائي اسان جو نيڪ نمازي

محبتي سان ميڙ هلبو (ڳيچ)

(۴) گناهن جو ادا فرض ڪيو آهي مون قاضي

"غمدل" شفا جي ڪاڻ ٻٽيو نيڪ نمازي

(فقير غمدل سائين)

**نيڪ نِمازڻ:** پاڪ دامن/ پرهيز گار/ پاڪ صاف. مثال:

ليلي اسان جي آهي پاڪ نمازڻ،

ليلي اسان جي آهي نيڪ نمازڻ، (ڳيچ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نيل گگن:** نيرو آسمان/ آڀ/ امبر. مثال:

تنهنجي نيرن نيڻن کان نيل گگن ۾ ٿي نيراڻ

(پير شاهنوار عارف المولي)

**نيلون مُنارا:** قبي جون نيلون ۽ منارا/ گنبذ. مثال:

حَسن رضہ حُسين رضہ زيارت ڪار،

نيلون مَنارا مون ڏيکار (محمد يعقوب دائود پوٽو)

**نينهن موهہ:** پيار/ چاهَہ/ الفت/ محبت/ پريت/ حُب/ تانگهہ.

**نيٺات نهٺائي:** صبر/ بردباري/ نماڻائي.

**نيون لنڊيون:** نوجوان/ نو- ورنيون/ ڦوهہ جواني واريون/ تاپر ڇوڪريون.

**نَيون نَويليون:** نوجوان/ نو ورنيون/ تاپر ڇوڪريون/ جواني جي ڦوهہ ڪي پهتل.

**نيون نو ورنيون:** (نو ورنيون: نوجوان. مثال:

نئين رَتَ ساڻ نو ورنيون، سيئي گلنار ٿي ويندِيون

(عبدالڪريم گدائي): ننڍيون نيون/ ڦوهہ جواني واريون/ نوجوان.

**نَيون نِيانڻ:** (نئن (جمع: نيون): ندي/ ڌارا- نيانڻ: ڪڍ/ ڍورو/ حوض): تڙ/ چشما/ ڪسيون/ واهڙ/ (نونڌ/ هيٺاهين زمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# و

## (لفظن جا جوڙا: 382_ ڪل لفظ: 764 )

**وات پَٽيو واڇڙ:** (وات پٽيو: جنهن جو وات هر وقت پٽيو پيو هجي يعني وائڙو- واڇرو: جنهن جون واڇون هر وقت ٽڙيل هجن: بيوقوف/ نادان / آلڙ/ بي عقل.

**وات پَٽي واڇان:** (واڇان: وقت پٽي/ بيوقوف عورت، مثال:

(۱) ڇريون ڏيئي چار واڇان ونجي هڪڙي (پهاڪو)

(۲) "سڻ واڇان جا پار، نوڙي ڪٽي ڇيٽن کي هلي: جي ٻجهو تہ ٻجهو، نہ تہ مور نہ ٻُجهوا" ڇريءَ جا ڪم ڏسو جو جهنگ مان ڇيٽن ميڙڻ لاءِ نوڙي/ رسي ڪٽي هلي آهي جڏهن تہ ڇيٽا کنهن پوتي/ چادر يا اجرڪ/ ڪپڙي ۾ ٻڌي سگهجن ٿا): نادان / ڪم عقل/ بي سمجهہ.

**واتِــرُ واتَراڏو:** (واتر: گهڻو وات هڻندڙ/بڪبڪيو - وات راڏو: جيڪو گهڻو وات هڻي/ گهڻو ءِ اڏنگو ڳالهائيندڙ): بڪ بڪ ڪندڙ/ تيز ڳالهائيندڙ / گارگند ڪندڙ.

**واتارو واتِڙيو:** (واتارو: وات+ وارو: گهڻو ڳالهائيندڙ - واتڙيو: اجايو/ غير ضروري ڳالهائيندڙ): بڪبڪيو/ بڪواتي.

**واترو وات راڏو:** بڪبڪيو/ گهڻو ڳالهائيندڙ/ گاريال/ تيزڳالهائيندڙ.

**وات ڏارو وات راڏو:** گهڻو ڳالهائيندڙ/ واتوريندڙ/ (وات سان گند ڏريندڙ/ گندي زبان استعمال ڪندڙ.

**واتِرو وات ڏارو:** گهڻ ڳالهائو/اجايو ڳالهائيندڙ/ بڪواس ڪندڙ/ گوڙ مچائيندڙ / وات ڪندڙ.



www.sindhsalamat.com          books.sindhsalamat.com

**واٽون وراڪا:** وَر وَڪڙ واٽون / ڏکيا پيچرا / اٽانگا پنڌ. مثال:
وِنگيون واٽون وراڪا وَرَ، ڏمر ڏونگر ڪري ڏاڍا.
(حسيني اسد الله شاهه ٽڪڙائي)

**واٽِي واٽهڙُو:** (واٽي: واٽ وٺي ويندڙ. مثال:
اتــم اُلــڪــو اباڻــن جــو ۽ پــاڙيــچــون پُڇان پٽي،
ڏسان ٿي ڏيــهه ڪــان ايـنـدو، ورايــان ٿــي اهــو واٽــي
(فضل صـديقي): واٽــاڙو / پانـڌيئڙو/ مـسـافر/ راهگير/
لانگـاهُـو / واٽ واهـو.

**واٽُو ڪُتو:** (واٽو: وٺندڙ / مِرون ۽ کي وٺندڙ/ وڙهڻ لاءِ چنبڙندڙ يعني
ڪـتـو): ويڙهـو ڪتو.

**واپار وَٽو:** (واپار- واپارڻ: سـودو ڪرڻ: سـودو- وٽو: حـساب جو
ڦـير/ واپار جي شئي SHOPPING ITEM /وياج هَنڊيءَ جي
لاٽ): وٽــج/سوداگري/تــجــارت/ ڏنــڌو/ دڪــانداري /
وهــنــوار. مــثــال:
ڪوري ڪـپڙي اُٺــڻ ســان گڏ واپــار وٽو پڻ ڪندا آهن.

**واپارَ وَڙو:** (وڙو: خريداري ۽ وڪري جو "وڙ" SHOPPING ITEM
/ وٽج/ تجارت / ڏنڌو / دڪانداري / وهنوار.

**واپار وَهنوار:** وٽج/سوداگري/ ڏنڌو/ تجارت/دڪانداري.

**واپاري وٽجارو:** ڏنڌي وارو/ تاجر/دڪاندار/ سوداگر.BUSINESS MAN

**واپاري وِهائو:** وهائو(وکر وهائڻ: مــال جـــو سودو ڪندڙ): مال جي
خريد فروخت ڪندڙ. مثال:
سـودو ڪـن نـہ سـون جو، وڏا وهائو (شاهه: سر ساموندي)
نوٽ: هيـرن جواهرن جو واپار ڪندڙ. وڏا واپاري ليکيـا
ويندا آهن. جڏهن تہ اهڙا واپاري، "سون" کي بہ معمولي
شيءِ سمجهندا آهن): تاجر/ سوداگر/ دڪاندار/ ڏنڌي وارا.



www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

**وارڪائي واند ڪائي:** فرصت / آجائي (آجو هئڻ)/ ڇوٽڪي/ موڪل / وِٿي / ساهي.

**وارڏ پارڏ:** ڪارائڻ پيارڻ.

**وارِڻ وَرڻ:** موٽي اچڻ / واپس اچڻ / موٽ ڪائڻ. مثال:

جي ڪنهن چڙهن ڳالهه تي، واريا ڪين ورن
(محمد شريف راٺيپوري)

**وارو ڦيرو:** موٽَ / وراڻ / موقعو /وَجُهه.

**وارَوَ واهر:** (وارو: واهر لاءِ ورڻ/ مدد لاءِ پهچڻ): مدد/ واهار.

**وارو وَٽي:** (واري تي/ هڪ ٻئي پٺيان/نمبروار/ واري واري سان): گهمرو/ پيرو. TURN BY TURN

**وارو وراڪو:** (وراڪو: وڪڙ): آڪيڙو / وٽ ست / موڙ / مروٽ/ ستَ / ڦيرو / گهُمتاري / گردش / ڦيراٽي / وراٽو.

**واري ورائي:** وارڻ: موٽائڻ. مثال: وڃڙين واري، ڪٿي ڪعبي تي ڪر نائيا! (شاهه: سُر سارنگ)- وارڻ ورائڻ : واپس گهرائڻ / موٽائڻ / واپس آڻڻ / موٽائي اچڻ / لاڙڻ.

**واسَ ڌوپ:** واس- واسِڻ: خوشبو ڪرڻ/ سُرهو دونهون ڪرڻ- ڌوپ: ڌوُپڻ: خوشبودار دُونهون ڪرڻ): ماحول کي خوشبودار بنائڻ لاءِ سُرهاڻ جو دونهون/ اگر بتين(جيڪي خوشبودار هونديون آهن) کي جلائي دونهون ڪرڻ - غير مسلم خاص ڪري هندو ڪنهن مورتي اڳيان لوبان/ سُرهاڻ ساڙي ڌوپ ڪري، پوڄا ڪندا آهن.

مسلمان پڻ درگاهن تي سُرهو دونهون/ ڌوپ واس ڪندا آهن. هندستان جي شهر آگري ۾ مغل شهنشاهه شاهه جهان جي پياري بيگم "ممتاز" جي قبر مٿان "تاج محل" اڏيل آهي جيڪو عمارت سازي جو شاهڪار آهي، سير تفريح لاءِ ايندڙ ڪيترائي ماڻهو، روزانو، قبر مٿان گلن



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

جي ورڪا ۾ واس ڏوپ ڪندا آهن جنهن جو ذڪر ڪتابن ۾ آيل آهي، مثال:

”ممتاز جي تربت تي روز گلاب ۾ گونتن جا هار چڙهن ٿا ۽ واس ڏوپ ٿئي ٿو. (گلزار نثر)

**واساموو وِسرام:** آرام/ ساهي /راحت/ قرار/ سُک/فرحت/ آسائش/ سانت/ ٿانهر / سامت / ڌيرج.

**واسطو وجهه:** سبب/ ڪارڻ / غرض / مقصد.

**واسنا پاونا:** واشنا / خواهش / مرضي / اڇا / منشا / سڌ / ڪامنا/ چاهُ / آرزو / اِرادو / نيت / تمنا.

**واسي رهواسي:** واسي: وسندڙ / ڪنهن وسي يا وسَنهن يا ڳوٺ ۾ وسندڙ. مثال:

لاڳا لوڪن جا لنگهي ٿيا. واسي پورب پار جا (فقير غمدل سائين):

رهندڙ/ رهاڪو/ ساڪن/ سَڪونَت پذير.

**واسنگَ وسيهر:** ڪارا نانگ/ شيش نانگ/ ڪارهير/ الهير/ تليهر / سَپ. مثال:

(١) زلف تنهنجا واسينگ وسيهر ڪار ڪيس تحقيق تليهر
سارو بدن تنهنجولعل سراسر تون حق نور خدا نوراني
(منٺار فقير راڄڙ)

(٢) جنهن جون ڪجليون ڪتاريون ٻچيون پالا،
پؤنريرون آهن ڪُنڊيڙا ڪالا،
ڪاڪل واسينگ وسيهر وار (منٺار فقير راڄڙ)

(٣) ڪاڪل واسينگ و سيهر وار (منٺار فقير راڄڙ)

(٤) وَر وَر تي واسينگ وسيهر تاڙي بيٺا تاڪ، الا
تر ۾ جن جا تاڪ، الا! (تاجل بيوس)

**واڪَ داڪَ:** (واڪڻ داڪڻ: بڪواس ڪرڻ/ لباڙ هڻڻ/ بي ڍنگو ڳالهائڻ / بدفضيلتو ڳالهائڻ): بڪواس/ لاڙ لباڙ/ بي ڍنگي گفتگو/ بدفضيلتو ڳالهاءِ.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**واقف وڙو:** واقفڪار/سُڃاڻو/سُڄَهِرو.

**واڪڻ وائڻ:** واڪڻ: واڪو ڪرڻ. مثال:

مٿي تيرٿ "تمر" چي: اوءِ واڪيندا ويا (تمر فقير):

واڦڻ/ دانهون ڪرڻ/ وِڦلڻ/ رڙيون ڪرڻ.

**واڪو واڪ:** دانهن/ ڪُوڪ/ رڙ/ هوڪو/هونڪارو.

**واڪو واڪاڻ:** ريهه/ رڙ/ ڪيهه/ريهاڙ/ واويلا/ دانهن/ ڪوڪَ/ گوڙ/ هَلَ.

**واڪارو واتراڏو:** واترو/واتڙيو/ گهٽو وات هٺندر/ بڪ شڪ ڪندڙ/ گهڻ ڳالهٽو/ بُڪبڪيو/ زبان دراز/ گوڙيلو/ گوڙائتو.

**واڳ مهار:** (واڳ: وهٽ/ اٺ ڪي واڳڻ جي رسي. مثال:

هونگارين تہ هلان بيهارين تہ بس،

واڳ ڌڻين وس آءُ ڪا پاٺوهيٽي (شاهہ)- مَهار: وهٽ/ اٺ ڪي مهارڻ (واڳڻ) جي رسي: اٺ جي مهار/ نوڙي/ لغام.

**واڳجڻ ڳنڍجڻ:** رسي (نوڙي/ واڳ) سان ٻڌجڻ TO BE ONE/UNITED

ڳنڍجڻ/ هڪ ٿي وڃڻ/ لاڳاپجڻ/ ڳانڍاپجڻ.

**واڳجڻ ونگجڻ:** واڳجڻ: سلهاڙجڻ/ ٻڌجڻ. مثال:

پوءِ موج ڏس مسڪين هيءَ جي ورهہ سان واڳيل ٿئين (مسڪين): ٻڌجڻ/ سلهاڙجڻ/ سوڳهو ٿيڻ.

**والار سالار:** (والارڻ سالارڻ: قبضو ڪرڻ/ هٿ ۾ هئڻ/ پنهنجي نالي ڪرڻ): قبضو/ مالڪي POSSESSION

**والي وارث:** مالڪ/ ڌڻي/سنڀاليندڙ/ گهرَ ڌڻي/ مُحافظ/ نِگهبان.

**وامِٽو ٻِندرو:** قد جو ڇوٽو/ ٺينگٽو/ ٺينگو/ گُهٽڪو/ ڊِمي.

**وانٽڻ ونڊڻ:** (وانٽڻ: واٽڻ: واٽا ڪرڻ): حصن ۾ ورهائڻ/ ورڇڻ/ پٽيون ڪرڻ/ حصا ڪرڻ/ ڀاڱا ڪرڻ.

**وانجيو وريو/ واريو:** وانجڻ/وانجهڻ: موٽائي ڇڏڻ/ خالي موٽائڻ - واريو: ورائڻ: ورائي واپس ڪرڻ. مثال:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**واهـ نهرون:** واهـ واهـڙ / ڪسيون / ڪڙيا /شاخون.
SYSTEM OF IRRI GATION مثال:

پڪيون صاف سڙڪون، ڪٿي ڪوهـ جاري،
ڪٿي واهـ نهرون، ڪندا آبياري (عبدالڪريم گدائي)

**واهـ وانگي:** (واهـ: مدد/ مدد لاءِ ڪو ماڻهو- وانگي: ڪو/ ڪو ماڻهو مدد لاءِ): آسرو/ اجهو/ پروسو/ پر جهلو. مثال:

وات اٿانگي واهـ نہ وانگي،
متان پوي برسات مسافر... (تاجل بيوس)

**واهـ واهر:** واهـ: مدد. مثال:

(١) ڏاڍو ڏينهن قيام جو، جا تي هوندي واهـ نہ ور
شافع "شاهـ محمد" چوي، ڪج هيلو منجهہ محشر
(شاهـ محمد ديدڙ)

(٢) نڪا واهـ واهر، نہ ڪا واهـ آهي (فتح علي "حليم" لغاري)،
/ آسرو / آٿت / اجهو / آڌار/ اوٽ

**واهـ واهڙ:** واهڙ: ننڍو واهـ. مثال:

واهـ واهڙ ۾ آبُ اهو ئي، چول اهو ڏس چولي، (نانڪ يوسف)

**واهـ واهيون:** (واهيون- واهي: ننڍو واهـ): واٽر ڪورس/ ڪسيون.
مثال: روهڙي ڪئنال مان ڪيترائي واهـ واهيون نڪرن ٿيون.

**واهـ وسيلو:** مدد/ معاونت / آٿت / اجهو / آڌار / اوٽ. مثال:

(١) رتن جو رتن ۾ واهـ وسيلو تي (سچل سرمست)
(٢) عاشق متس رب آهـ، محمد صہ!
واهـ وسيلو، واهـ محمد! (گمنام شاعر)
(٣) جتي ناهي واهـ وسيلو، اتي واحد تيندئي واهي وي
(منٺار فقير راڄڙ)

(٤) اڻ سونهن جو واهـ وسيلو،
بد بختن جو نيڪ نصيب (شاهـ محمد ديدڙ)
(٥) ڪونهي واهـ وسيلو ڪو رب ڪان سواءِ
(حاجي عبدالله واقف ٺارو شاهي)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امـــر نـــواهـــي کــان آزادي
ناصح! ڪر ڪا نيڪ نگاهه- لا الهٰ الا الله

(سيد سردار علي شاهه "ذاڪر)

**وائي سَوائي:** سني ڳالهه / سُهائيندڙ گفتو.

**وائي ڳائي:** (وائڻ ڳائڻ: چوڻ/ ڳالهه ڪرڻ/ ڍنگ واري ڳالهه ڪرڻ): چيو چايو / ڳالهه ٻولهه.

**وائي واڪا:** (وائڻ واڪڻ: رڙيون ڪرڻ/ چوڻ ڳالهه ڪرڻ): دانهن ڪوڪ / رڙيون / ڪوڪون.

**وائي واڪو/وايون واڪا:** رڙ/ دانهن / ڪُوڪ / آواز / سڏ - دانهون ڪوڪون / سڏ / ڪارون / پُڪارون. مثال:

ڪو نه ٻڌي ٿو وايون واڪا (رشيد احمد لاشاري)

**وايون ڪافيون:** سنڌي ڪلاسيڪل شاعري جا نمونا. مثال:

وايون ڪافيون بيت ڪٿا ساز ڪٿا سنگيت ڪٿا (خاڪي جويو)

**وِتَ ستُ:** طاقت / سگهه / ٻَلُ / جيپرُ.

**وِتَ واڪُ:** (واڪڻ: واڪ ٿيڻ: سَتُ سارڻ): ستُ / سگهه / قوت.

**وِتي وارَ:** فرق/ گهاري/ساهِي/ ويري، مثال:

اي يار وفادار هجئي عيد مبارڪ
منٺار مِٺا يار هجئي عيد مبارڪ
هڪ ٻي کان ڪٿي دور بظاهر ٿا گذاريون
پر ڪانهي وِتي وار هجئي عيد مبارڪ (مخدوم محمد امين فهيم)

**وِتي ويڇو:** ڳِتو / فرق / ويِري / گهارِي.

**وٽ رِٽ:** (وٽڻ رٽڻ: وٽي سوٽ ڪرڻ/ ڏوڙو ڪرڻ): وڪڙ/ ڀِڪ/ وٽيل سٽيل هئڻ واري حالت.

**وٽَ وراڻ:** وٽڻ وراڻڻ : ڳالهه کي ٽيڪو ڏيڻ/ ڏيارڻ): تائيد/ مدد ٽيڪو/ ٽيڪ/ پَراءُ / جهل. مثال:

(١) ڪج ڪا منهنجي وٽ وراڻ، تا ٽٽي منهنجي روح رهاڻ

(شاهه محمد ديدڙ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**وَچار ولهار:** (وچار: وچون/ مينهون چاريندڙ - ولهار: چراگاهه/ مارن جي مال چارڻ جي جوءِ): مارو ۽ ميدان، مثال:

جيئي شال سانگين سنگهارن جي ٻولي،
وچارن ولهارن ڳنوارن جي ٻولي (تاجل بيوس)

**وچڙو واتڙيو:** وات جو ويڪرو/ وات جو گندو/ واتراڏو/ هلڪو/ ٽرڙو/ ڪميڻو/ واهيات/ بد فضيلتو/ بڪبڪيو.

**ويچوٽي وٿي:** مفاصلو/ ويڇو/ ساهي/ ناغو.

**وڇوڙو ڦوڙائو:** جُدائي/ دوري/ فراق/ بِرهه/ اُڇاٽ.

**وڇوڙو وِرهه:** جدائي/ فراق/ ڦوڙائو، مثال:

ڪٿ وڇوڙو وِرهه ۽ ڪٿ موت آهي
ڪٿ وڄن ٿا دهل دس بارات جا (پيرشاهنواز عارف المولي):

**وِدوان وِديا وان:** وديا (علم) وارو/ عالم/ ڄاڻو/ ماهر عاقل/ فاضل/ پڙهيل/ تعليم يافته/ پنڊت (پڙهيل) گياني (گيان/ علم وارو).

**وڌاءُ اُڌاءُ:** مبالغو/ وڌائي ڪيل ڳالهه/ زٽ/ ٽِٽ/ نسورو ڪوڙ.

**وڌندي وڌڻي:** هِڏڪي/ هِڏڪوئي.

**وَڏَڻ اَڏَڻ:** (وڏيل اڏل: اڏل ساماٽل: بالغ): اُسرڻ/ نِسرڻ/ جهجهو ٿيڻ/ گهڻو ٿيڻ/ ويجهڻ/ مٺو ٿيڻ/ ڪشادو ٿيڻ.

**وڏيرو وڏيرڙو:** (وڏيرو: ڪجهه وڏو/ سرس- وڏيرڙو: وڏيڪ وڏو): ڪجهه وڏو/ زيادهه/ سنوالو/ سجيهه.

**وڏ ويجهه:** (وڏڻ ويجهڻ: وڏو ٿيڻ/ ترقي ڪرڻ/ رتبو ماڻڻ، مثال: شال وڌين ويجهين!): ترقي/ واڌ/ سڌارو/ واڌارو، مثال:

(١) سخي ڀلي تہ وڌي ويجهي اي خداوندا!
مگر ڪنجوس ڪٿي مالدار نہ ٿي پوي (الهه بچايو ميمڻ)

(٢) سلام آهي اوهان تي نوجوانو!
وڌو ويجهو وطن جا پاسبانو! (عبدالڪريم گدائي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣) ور وراڪا، آڏ تراڇا، نيٺ اُلهن مان واٽ ٻه ملندي،
رات اڌيري ڪيسين رهندي نيٺ ته ٿيندو صبح سڪن جو
(خاڪي جويو)

**ور وراڪو:** (جمع: ورَ وراڪا)، وِلڳَ/ وَٽَ/ مروٽ/ چڪر/ گردش/ وڪڙ.

**ور وڪڙ:** واٽ جو ور/ ڏِنگَ ڦِڏَ/ ڏنگا ڦڏا ڦير/ وراڪا. مثال:

(١) ور وڪڙ واٽن کي، ٻيا اوکا گهير گهٽيون (حمل فقير)

(٢) سورن سنڌيون ڳالهيون آهن،
ور وڪڙ ۾ چاڙهيون آهن. (محمد موسيٰ طائر)

(٣) اٿئي ور وڪڙ واٽ اِن ۾ گهڻا،
ڳجها ڳار، دِل ڏار، سَو سينهَن سَپَ (پير شاهنواز عارف المولىٰ)

(۴) ور وڪڙ ۾ تا وڪوڙن لهر جا لوڏا غريب!
هٿ ڏئي هيٺي نه هٿ ڪو، ڪين ڪي اوڏا قريب.
(لطف بدينوي)

(۵) نانگ جان سي ور وڪڙ، پُر پيچ چارا ياد ڪن (اياز قادري)

(٦) سوين سڱَ سياپا، مورک نه پائي مَٽُ
وجهي ورواهه جي واٽ تي، ور وڪڙ وٽ
نڪتي ڪوئي ڇٽ، پڇي شرط پوريءَ جو.
(هڪ ڪهاڻي/ قصو: "ڪپوريءَ ڪارايل" - قصا ڪوجهين جا: رضيه جان) ڪپوري شرط وڌو ته جيڪو سورهيه مان چار تماچي جون هڪ سو مينهون ڪاهي ايندو، سوئي ساڻس شادي ڪري سگهندو - ڪارايل سمون جنهن کي "ڪيهر" شينهن سڏيندا هئا.

(٧) "سلميٰ" واٽ وٺي، شل سچ جي،
پٽڪي پٽڪي ور وڪڙن مان (سلميٰ سومرو)

**ورَ ونگَ:** وڪڙَ/ ڏنگا ڦڏا ڦيرا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) "عارف موليٰ" عشق عــــجائب،
ورد وظائف ٿيا ســبي غـــائب.

(پير شاهنواز عارف الموليٰ)

**وِرد وَظيفو:** خدا جو ذڪر / عبادت الاهي جا طريقا. مثال:

(١) سمجهه "ثنائي" ساز مـحـمـد صہ
ورد وظـــيـــفـــو ڊار محـمـــد صہ (ثناالله ثنائي)

(٢) هــردم پــڙهہ تــون بــســم الله،
ورد وظـــــــيـــــفــــــو الاالله (منٺار فقير راڄڙ)

**وَرسارا وَسڪارا:** ورسڻ: وسڻ - ورسارا: مينهن وسائيندڙ ڪکر / ڪکـرن جو وسڻ): برسـات / مـينهن / بارش / ڇوهُو/ مـينهـن / وَسَ، مـثال:

نہ ٿـيـو ملـڻ مـنـد مـلار ۾، واہ واہ ورسـارا وجـن ٿـا
(منٺار فقير راڄڙ):

مـينهن جا وسـڪـارا / سـانوڻ جا مـينهن / مَند مـلار /
ڪکر ڪارونيار / ورکا / بونداں بونَد / اوهيرا / اوهيڙا.

**وِرڪ وِسيهر:** اليهر / ٽلهيرَ / ڪاريهرَ/واسينگ، مثال:

ڪِٽُ ڪَهوُ نِر نيٽ نڙ، جت ورڪ وسيهر ويڙ

**ورنـَهَـ وير:** (وَرنَهہ: بهادر / سورهيہ، مثال:

ورنهہ وهي واٽ ٿيا، رمي راهہ ٿيا. (مخدوم محمد هاشم ثنائي)،
بهادر / جوڌو / جوان / وريام / گهوٽ راجا.

(١) ٻُيڙن مـثال عورتون ڪم آڻ هر جــــڳهہ،
واقف وجود پنهنجي جو، ورنهہ تون ويرُ ٿي.
(محمد صديق "مسافر")

(٢) سچو يار صديـق، هـــو ســـاڻ رفـــيق،
تنهن ورنهہ وير وريام کي ساري ڏج سلام،
(حاجي خاڻ چنجڻي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**وسارڻ وِساري ڇڏڻ:** دل تان لاهي ڇڏڻ / ذهن مان ڪڍي ڇڏڻ.
**وسائل وِسوڙل:** مُنجهيل / هيسيل / ڊِنل / وياڪل / پريشان.
**وسامڻ ويهي رهڻ:** ڍُرڪندو وڃڻ / دل هارجي وڃڻ / مايوس ٿيڻ.
**وساوَ وسڪارا:** مينهن جا وسڪارا / زوردار بارش / ڇوهو مينهن / ٻائڙ - ٻوڙ برسات DOWN POUR.
**وستي واهڻ:** ڳوٺڙو / وَسندي / آبادي / وَسي / وانڍ. مثال:
"هر وستي واهڻ ۾ هٿيارن ٺاهڻ جا ڪاريگر موجود هوندا هئا (ڊاڪٽر نواز علي شوق: مقدمو - "سنڌ جا هنر")
وستي وَسنهَن: ڳوٺڙو / وسندي / آبادي / وسي / وانڍ.
**وَسَنهنَ وانڍ:** آبادي / وستي / وسي / ڳوٺ.
**وَسڻ رَسڻ:** رهاڪو هئڻ / رهڻ ڪرڻ. مثال: ڪٿي پيو وسين رسين؟ (ڪهڙي ڳوٺ / شهر ۾ رهين ٿو؟)
**وسڻ وڌڻ:** (وسڻ: آباد ٿيڻ - وڌڻ: ويجهڻ): ترقي ڪرڻ / مان متاهون ٿيڻ. مثال:
منهن جا وسن اباڻا شال! منهنجا وڌن اباڻا! (ڳيچ)
**وِسوڙل وياڪل:** هيٺيل / ڊنل / وسانپل / ملول / پريشان.
**وسوڙو ويسلو:** مُنجهيل / وائڙو / پريشان / ملول / وِسائل.
**وسي واهڻ:** ننڍو ڳوٺ / ويڙهه / وانڍ / ٽورڙا گهر.
**وسي وسندي:** وسي: آبادي. مثال: واٺڪي وسي (ڳوٺ جو نالو): وَسايل/ آباد ٿيل هنڌ / ماڻهن جي آبادي وارو هنڌ / ڳوٺ.
**وسَي وَسنهَن:** ڳوٺ / وسندي / وانڍ. مثال:
ويجهي چڪ ۾ (اوسي پاسي) ڀرڪا وسي وسَنهَن نظر نه ٿي اچي! (سچ لڳي پيئي آهي!)
**وسيلا واهون:** واٽون / رستا / رهگذر. مثال:
وڏي ويچارن وڃايا. وسيلا واهون (مصري شاهه)



www.sindhsalamat.com                                    books.sindhsalamat.com

**وسيلو وارث:** سنڀاليندڙ/ راکو / ڌڻي / مالڪ.

**وسيلو واهه:** اوٽ / آسرو / اجهو / پروسو. مثال:

توريءَ ڪنڌي منهنجي ڪانـہ ڪا.
تـــوريءَ نـہ وســـيـلو واهـہ (منٺار فقير راڄڙ)

**وسيلو واهر:** (وسيلو: مدد جو سبب): مدد / اوٽ / اجهو/ آسرو. مثال:

وسيلو تون ولهين واهر، حامي همراهہ تي حضرت
(پير ڪمال سائين: مولود)

**وسيلو واهرو:** مدد ڪندڙ / ڪرلاهُو / آسرو / آڌت. مثال:

(۱) ور وسيلا واهرو! فرياد رس بهر خدا. (علي محمد قادري)
(۲) ور وسيلا واهرو! درسن سندو درڪار م
(شاهہ محمد ديڊڙ)

(۳) تـہ اجهو ۽ آسرو غمناڪ جو.
ور وســيـلـو واهرو مشتاق جـــو. (حاجي خانڻ چنجڻي)

**وَسيهر واسينگ:** ڪارو نانگ / اصيل نانگ/ زهر قاتل وارو نانگ/ هڻ ڪڻ.

**وصي وارث:** ڌڻي / سنڀاليندڙ / ريڪڪ.

**وظيفو وردُ / وظيفا وردَ:** ذڪر الاهي / عبادت / بندگي. مثال:

(۱) ٻـيا وظيـفـا ورد سڀـي واري وسار
نـام - احمد ورد صبح و شام رک.
(پير شاهنواز عارف المولي)

(۲) نام هن محبوب جو آهي رهيو بس بر زبـــان،
ويا وظيفا ورد وسري ناهہ ڪو ڪم ڪار ياد.
(حافظ محمد احسن)

**وَفا ولا:** وفائي/ وفاداري / سچائي / صداقت. مثال:

سکن م ڪئين سلامي پر نہ سورن م ٿين ساٿي،
برائي م بهادر ڪئين، وفا ۽ ولا ڪــونـــهـــي.

(سيد ميران محمد شاهہ مير / مهجور)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٠) وي، ولهارن ۾ وِهان، وڻ ٽڻ وليون وٽندا رهن
(حاجي احمد ملاح)

(٢١) وس جني جي تي وٺا، وڻ ٽـڻ وِلاتون واديون،
ٿيو وري تن جو وطن، ويران سڀ ويا خاڪ ٿي
(حاجي احمد ملاح)

(٢٢) وڻ ٽـڻ ڏسجـن ٿـا سڀ سُهڻا،
بـاغ لـڳـن ٿــا مـن کي مُهڻا (محمد صديق مسافر)

(٢٣) وڻ ٽـڻ وڏا ڏسان ٿـو ٽـنـهـن جـي مٿان هزارين
جن سـان نـهـين ٿـو سـهـڻـو ٿـي زيبدار سنڌو
(سومرو قادر بخش بشير)

(٢٤) وڻ ٽــڻ پـوٽــا گـل ڦــل گــاهه - لاالــهالاالله
(سيد سردار علي شاهه "ذاڪر")

(٢٥) وڻ ٽــڻ ســاوا ســاوا ٿـي ويـا
ٿــڌڙا ٿــڌڙا ٿــي پـيا سـايـا (آفتاب "نثار" جوڻيجو)

(٢٦) وار هـي واسـيـنـگ ڪولي، بيهه نـه برسي اِي سجڻ
واسجي وڻ ٽڻ هي ويندا، مُشڪ عنبر ڪان وڌيڪ
(شير محمد شيرل)

(٢٧) جُهڙ ڦڙ، ڪنوٽيون ۽ وسڪارا،
وڻ ٽــڻ خــوب لڳن ٿا پيارا،
ڌرتـي پـيـهـر چـادر سـائي (ڊاڪٽر نواز علي "شوق")

(٢٨) باڪ ڦٽيءَ جو وڻ ٽڻ واسي، هن جي موتين جهڙي ماڪ
(ابراهيم منشي)

(٢٩) هــر وڻ ٽــڻ وائـــي وات پـڌر،
ڪـنـهـن رهــنــمــا مــنهن مـوڙيـو آ (خاڪي جويو)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٠) ترڙ سُکي جي وڻ ٽڻ ويا هن ـ
تن کي بخشون رنگ رسيلا. (مير محمد پيرزادو)

(٣١) آسري تنهن عربيءَ جي، نشانيون آيون،
مليون تن سڪندن کي وڻ ٽڻ واڏايون
(راضي فقير رند)

(٣٢) وڻ ٽڻ وايون واڍائن جوَن، هر جا هَل هپڪار،
قُرب ڪامل جي بات آکيهي! (شاهہ محمد ثاقب منگي)

(٣٣) وڻ تڻ واسيا، واسي ڪل وٽڪار
(فقير علي بخش جمالي)

(٣٤) وڻن ٽڻن تيو آسرو سُلوڪ جو سارو (صالح سنڌي)

**وڻ واهيرا:** پکي وڻن ۾ آکيرا ناهي، سج لٿي مهل اوڏانهن موٽندا آهن ۽ آکيرن ۾ گڏجي رهندا آهن جنهن کي ”واهيرا ڪرڻ“ چوندا آهن. چوڻي آهي: وڻ بہ ويا تہ واهيرا بہ ويا! (هر شي تباهہ ٿي ويئي/ جُهڳو جَهڙ ٿي ويو): آرام جون جايون/ آکيرا/ اجها/ آرمگاهہ.

**وڻج واپار:** (وڻجڻ واپارڻ: سودو ڪرڻ/ مال خريد ڪرڻ. مثال:
وڻج ”ابراهيم سان تون. وصل جا واپار ڪي (الحاج مولانا ابراهيم جان ”خليل“): ڪاروبار. مثال:

(١) نور ۾، ناز ۾، هر خشڪ ۾ تر ۾ گرمي،
وڻج واپار ۾، هر ڪار ۾، ڪم ۾ گرمي.
(شمس الدين بلبل)

(٢) نہ چڏ ”اسحاق“ تون الفت. سدائين صاف رک صحبت
مٺو ماڳهين ڪنا محبت. وڻج واپار ڪونهي ڪو (اسحاق)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣) وچوڙي جي وکر سان کُل، پريو دل جو دُکان آهي
دُکن سان بس وٽج واپار ۽ وهنوار ٿيو آهي
(فتح علي "حليم" لغاري)

**وٽجارَ واپاري:** وٽجارو/ دڪاندار/ سوداگر/ تاجر BUSINESS MEN مثال:
يتيمن جي ٿئي ياري، سندن ڪو غور غمخواري،
اهي وٽجار واپاري، ڪي بازگان پيدا ڪر.(شمس الدين بلبل)

**وٽجارو واپاري:** دڪاندار/سوداگر/تاجر/سوديباز/ خريدار/ وچات.

**وٽنديون وٽيتيون:** من پسند شيون/ وٽندڙ ڳالهيُون.

**ووڙَ وڙولَ:** ووڙڻ وڙولڻ: ڳولڻ / ولاڙڻ / ڳولا ڦولها ڪرڻ):
ولاڙ/ ڳولا ڦولها/ تلاش.

**ووڙڻ وڙولڻ:** وڙولڻ: ڳولڻ، مثال:
پَل نہ وسرن وطن جا واڙا، مون لئي مانجهي ڏين وڙولي
منو! پيجري اندر کهڙا ٻول ٻولين ... (ڳيچ): ووڙ ڏيڻ/
وڙول ڏيڻ/ تلاش ڪرڻ.

**ووء ووء وائي:** ذڪر/ تات تاري/ تات تنوار، مثال:
ووءِ ووءِ وائي وات، هوت وچايم هنج ۾ان
(شمس العلماء مرزا قليچ بيگ)

**وَهہ تک:** وهہ: (وهڻ: پاڻيءَ جو وهڻ): وهڪرو - تِک : تکائي/ تيزي):
پاڻيءَ جو وهڪرو/ وهڪري جي تيزي.

**وَهہ واٽَ:** وهہ-وهڻ: رستي تي ماڻهن جي اچ وڃ، مثال طور چوندا آهن:
(١) ڏينهن رات پيو رستو وهي يعني رستي تي اٺ ئي پهر/
چوويهہ ڪلاڪ آمدرفت جاري آهي.
(٢) ڪهڙي وهہ ويو؟ (ڪهڙو رستو وٺي ويو): رستو/
چارو/ راهہ/ پيچرو.


www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

**وَهلو وهلَور:** تڪڙو/ نهه پهه/ تُرت/ سِگهو / جهو/ تڙتڪڙ ۾.

**وهم گمان:** شڪ/ وِسوسو/ وِس وِس/ ڀرم/ سنسو/ انديشو. مثال:

اچي عشق امـاڙيون لاتيون،
ويون وهم گمان جون باتيون (عبدالڪريم گدائي)

**وَهم وِس وِس:** وسوسو/ شڪ/ گمان/ ڀرم. مثال:

نينهن وڃايو نر هو ناد،
وهم وِس وِس جو ٿيو ويسارو (هادي بخش شاهه مسڪين)

**وهم وِسواس:** شڪ/ گمان/ ڀرم/ وسوسو.

**وهم وِسوسو:** شڪ/ گمان/ ڀرم/ سنَسو. مثال:

تڏهن فرمايو فضل سان، مٺي مصطفيٰ؛
متان ڪريو ڪو دل ۾، وهم وسوسا،
آهي الله پاڻ سان، حامي همراها (پانڌي آريسر)

**وهم / ويچار:** خيال / شڪ / گمان / ريچڪ.

**وهنجڻ سهنجڻ:** بدن جي سُنائي صفائي رکڻ/ تڙ پاٽي ڪرڻ / جسم جي ٺاهه ٺوهه ڪرڻ / هار سينگار ڪرڻ. مثال:

وهنجي سهنجي، تيار ٿي ونو ته هلون!

**وهنوار واپار:** (وهنوارڻ واپارڻ: وڻجارڻ/ سودو ڪرڻ): وڻج واپار/ سودو سلف. مثال:

(۱) ملڪ جي ترقي جو دارومدار وهنوار واپار تي پڻ آهي.

(۲) تون پاڻ نباهيندو اچجان، هو پنهنجي رضا جو مالڪ آهي.

تون هار ۽ جيت جو اُن سان ڪڏهن وهنوار نه ڪر، واپار نه ڪر.

(مخدوم محمد امين "فهيم")

**وهنوار وڙو:** (وهنوارڻ وڙائڻ: سودو ڪرڻ/ مال سودائڻ): واپار/ سودو/ ڏيتي ليتي/ ڪاروبار/ شين جي خريد فروخت/ وکر جي وڙن (ITEMS) جي خريداري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**وَهڻ وڳڻ:** (وهڻ: ڪم ڪندو رهڻ - وڳڻ: ڪجهه نه ڪجهه ڪندو رهڻ. مثال:
ويٺي ڪان وڳندي ڀلي!): پورهيو ڪرڻ/ ڪم ڪار ڪرڻ/ محنت ڪرڻ (چوندا آهن: بيڪار ڪان بيگار ڀلي! ڪجهه نه ڪرڻ ڪان، ڪجهه ڪندو رهڻ بهتر آهي)

**وِهڻ ويسلو ٿيڻ:** (وِهڻ: بيڪار ويهي رهڻ- ويسلو ٿيڻ: غافل/ بي خبر ٿيڻ - بَيڪار ماڻهو هميشه ويسلو رهندو آهي): واندو بيڪار وهڻ/ ويهي سُستيءَ ۾ وقت ضايع ڪرڻ.

**وَهونَ واٽونَ:** رستا/ پيچرا/ راهون/ لنگهه/ لانگها.

**وهي واٽ:** رستو/ پيچرو/ راهه.

**وهڻ واپرڻ:** ٿيڻ/ واقع ٿيڻ/ ٿي پوڻ/ ٿيندو رهڻ. مثال:
(١) جيڪي ڪجهه وهي واپري، ان تي نظر رکو!
(٢) جڳ ڪي خبر نه پوي وهي واپري ٿو چا،
ور ور سو پيءَ" مسافر" عشق جو شراب.
(محمد صديق "مسافر")

**وهڻ ويلا ڪرڻ:** ويهي آرام ڪرڻ ۽ پيٽ ڀري کائڻ. مثال:
وهين ۽ ويلا ڪرين، اي نه اَڪنڊ آهه (شاهه: سُر حسيني)

**وهي وستار:** (وهي: جواني: وستار: ظاهر ٿيڻ يا وڌي پوڻ واري حالت): جواني جو ماندڻ/ ڦوهه جواني/ ڀرپور جواني/ وهيءَ چڙهڻ يا بالغ ٿيڻ واري حالت.

**وهٽيا سڳٽيا:** (وهٽيا: وس ۾/ اختيار ۾ يعني مائٽ مٽ): ويجها مائٽ / عزيز. مثال:
سسئي پُڇي سات جا، اوطاقون اوتارا
مون نه وهيٽا، پنهونءَ سڳيٽا. (شاهه: سر سسئي آبري)

**وهيان ويڙهيچا:** وَهيان: وَنهيا: آسودا / ڀاڳيا - ويڙهيچا: جهانگي/ مارو): مالوند/ سائو/ سبر/ خوشحال/ سانگيئڙا / ڏوٽيئڙا. مثال:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڇڻ وڪڻڻ، ويڇڻ، وڪڻڻ. مثال:
ويڇهندي ولات ۾، ڏرو ٿئي نہ ڪاه (شاھ: سُر سريراڳ):
سودو ڪرڻ / وڪڻي ڇڏڻ / اُڪو مڪو ڏيئي ڇڏڻ.
ويڇا واڻا: (ويڇڻ، ڇنڻ / ٽڪر ڪرڻ - واڻڻ: حصا ڪرڻ/ حلال جانور جي گوشت جون پتيون ڪرڻ/ وڏي ويڇا ويڇون ڪرڻ): ڀاڱا / حصا / پتيون.
ويڇا وٿيون: سنڌا / ويڇوٽيون / ڪهاريون / فرق / دوريون.
ويڇا وڇوٽيون: سنڌا / ڪهاريون / ويريون (ويري: وڇوٽي)/ وٿيون / دوري / فرق.
ويڇو وار: وار: آرسي ۾ پيل وار جهڙو ڏارُ / ناڪئين شي يا ڪانچ جي ڏري پوڻ جي سنهي وٿي / ڪهاري/ ويري. مثال:
سوئي "عارف" سوئي "طالب"، سوئي طالب. سوئي عارف.
مليوسيون محب ڪان هڪڙو نہ ويڇو وار هالن ۾
(پير شاهنواز عارف المولي)
ويڇو وٿي: فرق / ڪهاري / وڇوٽي. مثال:
هڪجيڏا ٻئي هئاسين ويڇو وٿي نہ هئي
پر ويٺي ويٺي هو سرڪار تي پيو (الله بخش "قل")
ويڇون وٿون: ويڇون: ذريون ذريون. مثال:
حوصلو حيرت ۾ وڃي ٿئو ويڇون.
محبت جون ميڇون، ڪور پروڙي ڪين ڪي (شاھ: سُر آسا):
ڇيهون ڇيهون/ ذرا ذرا / پُرزا پُرزا.
ويڇو ويرُ: (وڇوٽي: دوُري/ ويڇي مان غلط فهمي سبب وير يا دُشمني پيدا ٿي پوندي آهي): فرق/ تفرقو/ ڦوٽِ/ نِفاق. مثال:
ماڻهن جو ماڻهن سان آخر،
ڇا جو ويڇو وير؟ (عبدالڪريم گدائي)
ويڌَ ويڌن: خرابي/ قهر. مثال:
سا تان سڌ نہ ڏين، جتي وهہَ ويڌ ڪري (شاھ: سر سريراڳ): خلل / ڇيهو/ نقصان / زيان / هاڃو / ظالم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ويرَ وِڍ:** (ويــر: دشــمني- وِڍ: دشـمنـي جـا وِڍ/ زخـم): ســاڙ (سـڙڻ)/ پـچ (پـچڻ).

**ويرَ وانڍا:** (وانـڍو: زباني جهـيڙو): اينـگـهـايـل جهيڙو/ دُشمني/ سـاڙ/ بدخواهي.

**ويرَ وريامَ:** بانڪا/ بهادر/ جنگ جوان/ سُورهيه، مثال:

(١) توڙي وير هُجن وريام ميان،
وجهي دام زلف ڪن دست دليون. (خوش خير محمد هيسباڻي)

(٢) وونـڪا وارث وک تي جنهن،
ويـر وڏا وريـام، صـديـن کـان! (ابراهيم منشي)

(٣) ڪونڌ هر ڪوٽ تي ڪوڏيا ڪاهه جا،
ويـر وريـام ويـڙهـا تـيا واهه جـا! (خاڪي جويو)

**ويرَ وروڌ:** ساڙ/ دشمني/ بدخواهي، مثال:

وير وروڌ ۽ جهيڙا جهڳڙا، ڪريون نہ اهڙي ڪُريت،
پـنهـنـجـو مذهـب، مـاڻهـو محبت (ابراهيم منشي)

**ويرَ وِڻاءُ:** (وِڻاءُ: دشمني/ اڻبڻت): دشمني/ جهڳڙو/ لڙائي، مثال:

مـاڻـهـن جـو مـاڻهـن سان ڏسجي،
جـــت ڪـــت ويـــرُ وِڻـــاءُ (عبدالڪريم گدائي)

**ويڙهـَ وٿاڻَ:** (ويڙهـ: ويڙهو): مليل گڏيل گهر/ پاڙو، مثال:

(١) وجي ويڙهه وٿاڻ، ڏوري ڏوتيئڙن ڪيا (مصري شاهه)

(٢) پـنـهـنجي ويـڙهه وٿـاڻـن هوندي،
ويـــا ڪـل ۽ ويـچـارا ماڻـهـو (لکانو ڪلال)

**ويڙهـَ واڙيون:** (ويڙهـ: ويڙها - واڙيون: ٻاڇين واري زمين): ڏوتيئڙن جا مـاڳ مـڪـان، مثال:

وطن ويــڙهه واڙيـون ۽ ولـهار ڪـيئن ها،
وجـــن وار چـوڙيـا تہ وسڪار ڪيئن هـا. (تاجل بيوس)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ويڙهه جهيڙ:** (وڙهڻ جهيڙڻ: جهيڙو جهڳڙو ڪرڻ): جهيڙو/ جهيڙو/ معاملو.

**ويڙها وستيون:** پاڙا/ ڳوٺ/ وانديون. مثال:

ڪلن تا ڳوٺ ويڙها وستيون مارن ملوڪن جون.
پڪا پنهوار ڀڪن تا. سنگهارن ۾ آ سرهائي
(عبدالڪريم گدائي)

**ويڙهو وڳر:** پاڙو/ اها جاءِ جتي ڳپل گهر هجن/ اهو هنڌ جتي ولر ماڻهن جا گڏجي رهن.

**ويڙهيل سيڙهيل:** (ويڙهجڻ سيڙهجڻ: وڪوڙجڻ): سميٽيل/ ڍڪيل/ لپيٽيل/ لڪل.

**ويڙهي سيڙهي:** سميٽي/ ڍڪي/ لپيٽي/ لڪائي. مثال:

(١) ٽيلها پنهنجا جهٽ پٽ ڀڏندا،
ويڙهي سيڙهي، هٿ ۾ ڪٽندا. (ڊاڪٽر نواز علي شوق)
(٢) رات ڪٽي ويئي ويڙهي سيڙهي،
ڪرڻ جو وئي چار پڪيڙي! (تنوير عباسي)

**ويڙهيو سيڙهيو:** ويڙهيل سيڙهيل/ سميٽيل/ لپيٽيل/ لڪل. مثال:

سيءَ کان ڪتيءَ ۾ ويڙهيو سيڙهيو پيو آهي.

**ويڙهيون ولهار:** (ويڙهه: ويڙهو- جمع: ويڙهيون - ولهار: چراگاهه/ جوءِ. مثال:

مال، جوءِ چري آيو آهي! جمع جويون): ويڙها/ جويون/ پاڙا/ ڳوٺ/ پڊر. مثال:

جيم ٿون جان ۾ آ پاڙيچن پچار،
پون ياد ويڙهيون ويڙهيچا ولهار. (عبدالمجيد "ماجد" اهروي)

**ويس ورن:** ڪپڙا/ لباس/ پوشاڪ/ لٽا/ رنگ ڍنگ/رنگارنگي لباس. مثال:

مومل واري ويس ورن ۾ گهوٽ هزارين گهائيان
(قادر بخش بيدل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ويسُ لبيس:** (لبيس، لباس)خوش پوشاڪي/ پوشاڪ/ ڪپڙو لٽو/ ويس وڳو. مثال:

(۱) وهہ وهہ ويس لبيس لڳن تي، عجب رنگ اسرار هٺا

(سگهڙ محمد صادق ٿهيم)

(۲) ڪڪر ڪيس لبيس، بادل جان بسيار

(وريام شيخ "فقير")

**ويس وڳا:** سبيل ڪپڙن جا جوڙا/ پٽ ريشم جا ڪپڙا/ پهر (پهرڻ جا ڪپڙا) / پوشاڪون. مثال:

(۱) ويسن وڳا مون نہ وٽڻ، بخمل ڪي باهہ ڪانيان

(پير ڪمال سائين: سر آسا)

(۲) ڪر ويس وڳا واسينگ ڪيا بادل ۾ برسات

(ڪبير شاهہ)

(۳) معراج هليو، سرتاج نبي ڪري ويس وڳا، وهہ واهہ بنو!
جبريل تو صدقي صدقي چئي، اچ صلي علي، وهہ واهہ بنو!

(شمس الدين بلبل)

(۴) سڀ ويس وڳا، هار ۽ سينگار سُجهن ٿا،
متجي نہ وجن، حسن جا معيار سُجهن ٿا.

(وفا ناٿن شاهہ)

(۵) موهَر ۾ "محمود" چئي، ڪن چوڙيليون چڱا،
ڪتيليون "ڪتياڻ" چئي، ڪن تيون ويس وڳا

(محمود ڪتياڻ)

(٦) سرتيون ويس وڳا تيون پائن،
تيل مساڳ ۽ سرخيون لائن،
ساجن پنهنجا تيون سرچائڻ،
مان ڪنهن کي پرچايان، پينر!
ڪنهن لئہ ديپ جلايان؟ (عبدالڪريم گدائي)

(۷) طرح طرح تنَ متي ماڻهن ويس وڳا ڪيا،
مون ڪئي آهي ڪلهن ۾ پوشاڪ ڪاري رات اڄ.

(پير محمد مست)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ويڳر وڪر:** سودو سلف / سامان / سامان جا وڙ ITEMS، مثال:
”واهڻ ۾ گهٽو ڪري واڻيو جو هٽ هڪڙو رهي،
تنهنڪري سيڌو پاڌو، ويڳر وڪر، مهانگو وڪڻي، تہ بہ
گراڪ بيوس ٿي وٺي. (ڪتاب ”گل شڪر“ تان ورتل)
**ويڳو ليڳو:** جيڪو سَڪو/ سڳو REAL سڳيٽو نہ هجي، مثال:
اها ساڃاهہ، ويڳن جي سڳن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي
(شمس الدين بلبل):

ڏاريو/ جيڪو هڏَ رَتَ ۾ نہ هجي/ پرانهون مائٽ.
**ويلو وڳڙو:** (ويلو: ويلَ: گهڙي/ وقت - وڳڙو: وڳو: وڳل وقت/ گذريل
وقت: تصغيري صورت وڳڙو. ٽائيم پڇڻ لاءِ چئبو آهي:
گهڻا وڳا آهن؟ (ٽائيم ڇا ٿيو آهي؟). مثال: رات جو وڳڙو،
رات جو ٽائيم): وقت / ٽائيم.
**ويلهہ َلنگهڻ:** ويلهہَ/ ويل وهڻ، لنگهڻ ڪيڻ / بک ڪيڻ/ بُک مرڻ/
بک جون پاتون ڪاٽڻ): فاقہ ڪشي/ لس لنگهڻ.
**وينتي واڪو:** (وينتيون واڪا) عرض / ايلاز / منٿون / آزيون.
**وينگس وَني:** (وينگس: خوبصورت عورت/ ڪنوار جهڙي سُهٽي- وني:
ڪنوار): نازنين/ مهري/ ڏج مڄ واري/ لال ڪنوار، مثال:
وينگس وني ڪي، ويندو سوهندو،
لعلن آهي رنگ لايو
سائن سوٽن رنگ لايو (ڳيچ)
**ويهوڙا ولر:** (ويهوڙا: ويهن ويهن جا ولر/ ڪوڙي همراهن جي - ولر :
گهڻا سارا گڏ): تمام گهڻا هڪ جاءِ / وڳ / جٿا / ٽولا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ھ

(لفظن جا جوڙا: 374 - ڪل لفظ: 748 )

**هابو/ هابوڙو هـُل:** (هابو: گوڙ- اسم تڪبير: هابوڙو - هل: گوڙ)؛ گوڙ شوڙ / ہڙدوڪ / گهمسان / ڌمچر /هنگامو.

**هاپا هـُلَ:** راڙ و راڙ / غوغاء / شور / ڌمچر. مثال:

راڙون رڇن جون ٿيون، هاپا هـُل حشر،
ڪيهر ٻيلائي ڪيترا، ڪن گروڙيون گينور.
گينور: هاٿي - 　　　　(حفيظ: مومل راڻو)

**هاٻَڙِ هٻَڙِ:** اُبهرائي / تڪڙ / جلدبازي / هٻڙِ ڏٻڙِ.

**هات تاتِ:** تات تاري / يادگيري / ذڪر / تات تنوار.

**هاتڪ هوشيار:** (هاتڪ: "حاذق" جي بگڙيل صورت. مثال:

ٻڌندي ٻوڙن ۾ ڪي هاتڪ هٿ وجهن (شاهه): فهيم / ڏاهو / عقلمند / دانا / قابل.

**هاٿر پاٿر:** هٿرپٿر / ٻناٽيڪ / هٿن جي ٽيڪ ڪانسواءِ/ هٿڙ پٽڙ

**هاٿي گهوڙا:** قيمتي جانور / سواريءَ جا جانور / لشڪر ۾ ڪم ايندڙ جانور. مثال:

عقل چوي وٺو هاٿي گهوڙا، تن تي چڙهي ڪيون سير ميان
عشق چوي هلون پير پيادا، دم نہ ڪريون هڪ دير ميان.
عـشـق عـقـل جـي لـڳـي آ لـڙائـي! (وريام فقير)

**هاٽيلو هلڪو:** (هـاٽـيـلـو: اڳـواٽ تـيـار ڪـري هٽ/ دڪان تي رکيل READY MADE - هلڪو: هـلـڪي ٻهـا وارو): هالو چالو/ هلڪو مال / غيرمعياري مـال / بـازاري مال .

**هاٺَ هـَٺَ:** ضد / هوڏ / تڪبر.

**هاٽِ گاٽ:** بربادي / زيان / تباهي (هاٽ گاٽ ڪرڻ: برباد ڪرڻ / ناس ڪرڻ / ضايع ڪرڻ)



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

(۲) ڪريو هار سينگار، دِلڙيون خوب کسن (محمود ڪتياڻ)
(۳) هـار سينگار ڪرين ٿو ٻندا، تون پنهنجو پاڻ سُجاڻ
سُـرمـوپـائڇ سـڪ جو، اک ادب جي ڏار (اميد علي)
(۴) شاديءَ جا ڪم قادر نـاميا، حورن هار سينگار سنباهـيا،
ڏيهه ڏٺي ڏاتار سندو، هـلي حسن ڏسو سردار سندو
(حاجي عبدالله)
(۵) منهن جو تون ئي سجڻ، تولئي پيون پـ گهٽيون،
ڇا ڇا هار سينگار، ڇا تيل ڦٽيون (مخدوم محمد امين "فهيم")
(٦) بِـن يـار جي هـار سينگار ڪيها (فقير غمدل سائين)
(۷) ڪري هار سيـنگار، جنسـار جيڏيون،
سـهـرا سـجـڻ جـا نـچ جيءُ ڳايو (شائق: ڳيچ)

**هار ڏهري:** زنانا زيور، مثال
مـعـيـار حـسن جو اچ ڪـنـمـال، هارُ ڏهري،
پازيب چوڙيون" رنگ خط و خال (حيات شاهه حافظ)

**هار هُبڪار:** (هار: گلن جو هار جنهن مـان هبـڪـار/ خوشبـو اچي-
هبڪار: خوشبو): گلن جي سرهاڻ / سڳند/ هُڳاءَ، مثال:
سـڪـن نيڻ تـــولاءِ ســـائـيـــن! ســـدا،
ڪري ها هبڪار، سينگار اچ (پير شاهنواز عارف المولي)

**هارَ ويٽَ:** هارڻ ويٽڻ: پاڻي هارڻ): /وت پوت/ لاهه پاهه/ زيان/ هاروير.

**هارِ وير:** (هارڻ ويرڻ: پاڻيءَ جو اجايو زيان ڪرن ): اجايو زيـــان
هار ويٽ، مثال: هار وير ۾ سارو کير ختم ٿي ويو.

**هارَ هَس:** زنانا زيور، مثال:
هار هس، پنڙا ڪنن ۾ ڪيوٽيون ٻندڙا وٽن (تاجل بيوس)

**هار هور:** (هارڻ هورڻ: هار وير ڪرڻ / اجايو ضايع ڪرڻ): پاڻي جو
اجايو زيان.

**هارِي مارِي:** (هاري: هاريل - ماري: ماريل / مار کاڌل): شـڪـسـت



www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

ڪاڏل / هارايل / هَنيل ماريل.

**هاري ناري:** (هاري: هر هلائيندڙ - ناري: نارَ وهائيندڙ): ڪڙمي / ڪيڙيندڙ / ڪمڙيو / ڪامڙيو / ڪاشتڪار / پورهيت / ڪاسبي. مثال:

(١) تنهن وٽ هاري ناري، بُڻ بيڪاري ڪمي ڪاري...
(مخدوم غلام محمد "بگائي")

(٢) اڄ زماني ۾ ٿيو آهي عجب نروار ووٽ،
هاري ناري ڪاسبي، مزدور پڻ حقدار ووٽ
(محمد صديق مسافر)

(٣) سرها سرها هاري ناري،
مهر جا مالڪ مينهن وسايا (آفتاب "نثار" جوٽيجو)

(۴) هڪڙو هاري ناري آهي،
غربت جنهن کي پياري آهي (عابد ميمڻ)

(۵) ٻڪ ۾ پاهه نہ رهندو هاڻي ڪوئي هاري ناري،
ڪين ڳهتي ۾ هٿ ڦهلائي گهرندو بيک بکاري،
ڪين اسان جي ديس جي عورت گذر ڪندي بي مانو
جاڳو! جاڳو، جاڳو جوانو! (موتي پرڪاش)

(٦) هوشوءِ وارو پلئہ وٺڻ، هر هاري ناري آيو آ
(تاجل بيوس: سُر ڪيڏارو)

(٧) سنڌو واري تج پيڻ، هر هاري ناري آيو آ
روز مرڻ ۽ روز جمڻ، هر هاري ناري آيو آ
(تاجل بيوس: سُر ڪيڏارو)

(٨) ڏينهن رات: سهَمٽيءَ جو نماز پڙهي وڏيرو بنگلي ۾ آيو. هارين نارين ۽ ٻين ماڻهن کان خبرن چارن ڏيڻ وٺڻ ۽ خوش خير عافيت ڪانپوءِ مولوي محمد رهيل ڳالهہ شروع ڪئي. (حاجي حقير ابن مگڻ: ليلة صد)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**هٿَ ڪَسَ زوري:** (زوري هٿ مان ڪسي وٺڻ ، ڦر ڪرڻ): ڦـرُ/ ڌاڙِ / لَٽَ (لٽڻ) /ڌاڙو.

**هٿ ناٽي چالباز:** (هٿ جي ناٽ سان ڦـري ويندڙ): ٺڳ / اٽڪل باز/ چالاڪ/ عيار/ حِرفتي / هٿ جي صفائي ڏيکاريندڙ.

**هَٿَڙِ پَٽَڙِ:** (هـٿـن ڪـي ڪـر آٽـڻ ڪـانـسـواءِ): بي حجاب/ اڊنگو / واهيات/ بي باڪ.

**هٿن جي صفائي هٿ چوهائي:** حـرفت/ هٿن جي ڪـيـڏَ/ اٽڪل / چالاڪي/ ڦُـڙتـائي/ عياري/ ٺـڳـي.

**هَٿَڻُ بَدَرُ:** (بَدَرُ: بَدَلَ- بدلي ۾/ عيوض ۾): سڳَ تي سڳَ واري مائٽي/ ڏي - وٺ جو ڳانڍاپو/ بدي جو رشتو (بدو: عيوض)

**هٿڙيون هٿ ڪڙيون:** هـٿـڙيـون: هـٿ ڪـڙول، مـثـال:

هـٿـــــڙيون هٿن، جنـگـهـــــون پـاهـون ڪـاٺ ۾،
(شاهه: سـر مارئي): هٿڪڙا / هـٿـڪـڙول/ زنـجـيـرون.

**هَٿيار پنوهار:** (هٿيار: هٿن جا يار جن جي مدد سان وڙهي سگهجي): اسلح/ لڙائي لاءِ ساز سامان / جهيڙي لاءِ گهربل شيون جهـڙوڪ لـٺـيـون/ ڏنڊا / لوڙهـيـون/ تـــلـوارون / ڪاتيون/ ڪُـهـاڙيون / بندوقـون / رائفلون وغيره / جنگ جو ضروري سامان. ARMS AND AMMUNITIONS

**هَٿيڪو وَسيڪو:** هـٿ ۾ / وس ۾ / سـوگـهـو / سُـڪ / قابو.

**هٿئين پيرين:** هٿن پيرن سان / ڪم ڪرڻ ۽ هلڻ چلڻ جا عضوا، مثال:

(١) هٿئين پيرين آگرين، ٻانهن ڇڏيو ٻُر (شاهه: سُر سهڻي)
- ٻُـر: ٻـل / سـگـهـه / طـاقـت -

(٢) هٿين پيرين پيڪڙا،
هـَٿ نـه مـيـان هـيـئـن،
اسـيـن مـارو پـاڻ م (تاجل بيوس: سُر مارئي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاوڙ يا غصي جو اظهار / اولڏي ورندي.

**هَر پَر:** تَڙ / تڪڙِ / جلدي / جلد بازي / اُبهرائي.

**هَرَ پَنجُر:** هر ۽ هر سان کيڙيل زمين جو پنجهو.

**هَرَ ڦارُ:** (هر: جنهن سان ٻني کيڙجي - ڦار: لوهه جي تيز ڌار Blade جيڪا ڪاٺ جي هر ۾ لڳائي ويندي آهي): زمين کي هر ڏيڻ / کيڙڻ جا اوزار. مثال:

(١) ڪنهين تي سواري ڪئي ڏوئين بار.
ڪنهين ڳهل ڳاڏي ڪو هر ڦار، نار (شمس الدين بلبل)

(٢) ڳذر ٿيو ايم - اي مان پي نہ پنهنجو
وتم ساجهر وجي هر ڦار هي ڇا هي؟

(پروفيسر ڪانءُ از ڪراچي: محمود خادم لاڙڪائوي)

(٣) اتم ڪيتي اڳ ۾ هئي دوستو پر،
هينئر نيچ ڏنڌو تہ هر ڦار ٿيندو.

(پروفيسر ڪانءُ از ڪراچي: محمود خادم لاڙڪائوي)

(٤) سوين هاري هلي آيا، ڇڏي هر ڦار جلسي ۾.

(عبدالڪريم گدائي)

(٦) هارين جا هر ڦار، کيڙيندا کهہ ڪيت جي (خاڪي جويو)

**هُرکر:** (هَرڻ ڪرڻ: ياد پوڻ / هر هر ياد اچڻ): يادگيرو / ڳڻتي / الڪو / چنتا / چورا ڪورا. مثال:

(١) هر ڪر اوهان جي لهندي، کهڙي طرح سان هاڻي!
سو سوچيو تمارو، هاڻي ڇنڊيو جُتيءَ کي

(خواجہ قلب علي تڪلو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) ڀيرن چلڙا، چلڙن ڏورون،
هينڊڙي هُرڪُر اڏرڻ هورون (ابراهيم منشي)
(٣) دل ۾ ديس جي هُرڪر آهي،
پنهنجي ڳٽتي ناهي مون کي (منٺار سولنگي)
(۴) گرب اڪيلائيءَ جو ڀريل
من ۾ هرڪر هانبارا،
توکي تاسارين، توکي تا سارين (سارنگ ميمڻ)

**هرَتالو گُهڻ تالو:** هر تالُ يا گهڻيون تالون ڄاڻندڙ/ تالِرُ/ حرفت باز/ چالاڪ/ فريبي/ ٺڳ.

**هُرِتڙو هَٺيلو:** خود سر/ هوڏي/ ضدي/ ڪج بحث.

**هر جاءِ هر هنڌ:** جِت ڪِٿ/ هرطرف/ جتي ڪٿي.

**هرگهڙي هردم:** هرويلي/ هميشہ/ هر وقت، مثال:
(١) تيز رشوت جو تيو ملڪ ۾ واپار ڏس،
هر گهڙي هردم هلي ٿي، يار اڄ ڦُرمار ڏس.
(سومرو غلام رسول سودائي)

**هرگهڙي هرهر:** هر وقت / هردم/ هر ويلي، مثال:
(١) ڇا ٻڌايان حال دلبر يار دادو زور آ،
هر گهڙي هر هر نئون ديدار دادو زور آ
(سومرو غلام رسول سودائي)

**هرَج حرام:** نقصان / هاڃو، مثال:
جي تون سامين سان صحبت پائين.
تہ دنيا درڙي اٿئي هرج حرام (منٺار فقير راڄڙ)

**هرج هاڃو:** ڇيهو/ ٽوٽو/ نقصان.

**هردو هنيانءُ** دل/ من / قلب/ ضمير/ جگر.

**هرڏو ارڏو:** ضدي/ ٻٺشيرو/ اڙنگ/ هٺيلو.

**هرِڪرو هور:** هُرڪُر/ ڳڻتي/ ڳاراٽو/الڪو/چنتا.

**هرهنڌ هرجاءِ:** چوطرف/ چوڌاري/ جتي ڪٿي، مثال:
مخفي طور منادي ماهيت، هر هنڌ هر هر جاءِ حڪايت
(مصري شاهہ)

**هَري ڀَري:** (هرڻ ڀرن: سائو ٽيڻ/ سر سبز آباد ٽيڻ)/ آباد / سائو ستابو، مثال:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪل هڙيا حرص هستيءَ جا. ڏي جهرڪين کي جواب
تـان سـلا سـاوا ٿين، پي اسم وارو پاڪ آب (ثناالله ثنائي)

**هڪّل هور:** چئو پچئو / افــواهه / هاواٺا. مثال:

بجلي تنهنجي ناهه برابر، هنڌين ماڳئين هڪل هور
(هدايت علي رِڏ)

**هڪل هُوڙهَه:** (هُوڙهَه: هوڙهائي ۾ نڪتل آواز / دانهن): سڏ / آواز / ڪُوڪ / رڙ / واڪو/ دانهن/ سڏوڙ (سندن متان سڏ).

**هڪل هــُوڪَ:** (هوڪ / هُوڪڻ: هوڪارڻ / ســڏڻ): آواز / رڙ / دانهن / ڪوڪ / گـــجگوڙ/ پکين کي تڙڻ جو آواز.

**هڪل هُوڪرو:** (ٻــوڙي جهــارِ / پکل فـضل کي نقصان پهچائيندڙ پکي جيکي هڪل تـوڙي ڪانياٺي سان اڇلايل ڳوڙهن لڳڻ سـان ٻه مس تڙجن ٿا): پکين کي تڙڻ جو آواز. مثال:
”آري“ هــڪـل هـوڪرو نه ڪو سڏ سڻن. (سگهڙ آري)

**هڪل هونگ:** هونگ: هونگار. مثال:

هڪل هونگ ”حمل“ چوي، ڏوڏو ۾ ڏڏڪار (حمل فقير)

**هڪل هونگار:** (هڪلڻ هونڪارڻ: تڙڻ): تڙڻ جو آواز / ”هون“ جو آواز / هونگارو.

**هڪل هوءِ:** لڱو لڱ آواز / آواز / /رڙ/ هونگار/ هَل/ غوغاءَ. مثال:

اُتران تـي آئـيون ڪـري هـڪل هوءِ! (شاهه: سر سارنگ)

**هڪلون هونگارون:** سڏ / رڙيون / هل / دانهون. مثال:

ٻـڌم تـي جبـل ۾ کـي هلڪـون هـونگارون،
ڏکــي ڏاج آيــو، پــنــڌن جـون پـچـارون،
(هادي بخش شاهه مسڪين)

**هِـڪو ٻِڪو:** لڇي / وائڙو / ششدر / وِسُوڙل / ڪِـڪـو وِڪو.

**هِـڪي لـَـڪي:** ڳچي / نڙي / نرگهٽ / گلو (لکي ۾ ساهه: پوين دمن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**هَل حادثو:** گوڙ / گمسان/ هنگامو/ گوڙگمسان. مثال:

يڪا در ۽ ڪريا ڪنگرا، ٿيو هَل حادثو هيئت

(محمد موسيٰ "راز")

**هَل حَشر:** هَنبس / لڙ / گوڙ / ڏمچر / مانڌاڻ / پائيتال. مثال:

(١) ريهون ڪير "رستر" چئي، وڏا هَل حشر. (سگهڙ رستم)

(٢) محبت ۽ مروت ويئي ويچاري،
هٽي هٽ هاڻ هي هي، هل حشر ڪر

(پير شاهنوار عارف المولي)

(٣) ڏاڍو ڏينهن قيام جو، ٿيندو هَل حشر (سومر)

(۴) چِٽا شينهن چنجن مان، ڪن هيئت هل حشر (رب رکيو)

**هــل هاپا:** راڙو راڙ / شور / غوغاء / ڏمچر.

**هل هاسا:** (هاسو: گوڙ): گهمسان / فساد / ڏمچر / شور. مثال:

لنگهائيندا لطف سان. هيئت هل هاسا! (شاهه محمد ديڏڙ)

**هَل هاڪو:** (هاڪو: هاڪ/ دٻدٻو): ڌاڪو / دهشت. مثال:

ماڙيچن تنهن مير جو، هل ٻڏو هاڪو. (شاهه محمد ديڏڙ)

**هَلَ هاواٿا:** اڇڻ جا افواهه / پهچڻ جون ڳالهيون.

**هــل هجوم:** (هجوم: گهڻ ماڻهن جو ميڙ ۽ انهن جو چوٻول) گوڙ. مثال:

هيڏي ڏرتي، هيڏا ماڻهو، هيڏا هَل هجوم،
پوءِ پي آئون اڪيلو آهيان، ڪنهن کي چا معلوم

(شمشير الحيدري)

**هل هڳاءُ:** (هڳاءُ: آواز / شور): گوڙ / غوغاءُ / رڙيڙو. مثال:

لڪ لڳي ٿي هيڪلي آهيان، ٻڌان ٿي هل هڳاءُ

(رشيد احمد لاشاري)

**هــلُهلاچو:** گوڙ / بکيڙو / شور / غوغاءُ / ڏمچر / لڙ / ٻائيال. مثال:

هيبتن جو هل هلاچو، بي ڊپا، چُپ چاپ سُڻ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شـادمـانـن ۾ ٻـ تـون ڏيري ڏيري آ لاپ سڻ!
(گورڌن محبوباڻي)

**هَل هلچو:** گوڙ گهمسان / چوٻول، مثال:
جتي هل، گل جو تو هَلچو هلي- اتي نفس منهنجو ٻلي ڙي ٻلي
(شاعر: پلي)

**هَـل هَـنبـس:** گوڙ / ڌمچر / مانداڻ، مثال:
(١) آئي آگ عشـق جي، ٻڌا هل هنبس (حسن بخش شاهه)
(٢) جيءُ ۾ جوش جتن جي، تيڙم هل هنبس (رمضان واڍو)

**هل هنبوهه:** گوڙ / شور / واويلا / روڄ راڙو، مثال:
هائي ڪنديس هوت لاءِ، هيَ هيَ هَل هنبوهه
(پير ڪمال سائين: سرڪوهياري)

**هَل هنگام:** گـوڙ/ هـنگـامـو / شـور / گهمـــسان / هاچو، مثال:
(١) شوق اوهان جي شور مچايو ڪياسين هَل هنگام
(سچل سرمست)
(٢) هي جو ٿم هل هـنگـام، حـــال وجايم روز رڙي.
(مولي نبي بخش "نحيف")
(٣) عشق آيو ڪري هَل هنگام، جيءَ اندر ۾ جوش جڳايا.
(دريا خان زنگيجو: سَر روپ بلا ولي)
(۴) نڪري جڏهن ناز مان ڪريَ هل هنگام،
تـاب تـجليءَ جو پسي، سجَ ٿئي سِرسام (شاهه محمد ديدڙ)
(۵) حُسن تنهنجي جا حبيبا! هر طرف هَل هنگام.
(پير شاهنواز عارف المولي)

**هَل هنگاما:** گوڙ گهمسان/ ڦڏا فساد/غوغاءُ/ڌمچر/ ٻاٽنال ، مثال:
(١) هَل هـنـگـامـا مـون تـي ڇو؟ خان! ڪڙا ڪيا آهن تو.
(مولي نبي بخش "نحيف")
(٢) ڦـوڪ ڦـلاريـا بـاغ بـهـاريـا سـاوا ٿـيـا گـلزار.
هـڪـجيڏيـون، ڪـن هَل هنگاما، نايون ڏوٿرن ڏار.
(پير شاهنواز عارف المولي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِلا، باالله، الله جو قسم- مرن ماڪوڙين ۾ پکين جو هل نہ سمجهو وڃي، خدا جو قسم! اهو هل ملاچو دوست جو آهي (شاهہ)
(٢) هو ملاچو هَل، باالله سندو سڄڻين.

**هلاڻ مڪَل:** (ملان ڪرڻ، مڪل ڪري وڃڻ/ للڪارڻ): حملو/للڪار.

**هَلاڻو/ هالاڻو چالاڻو:** (هلاڻو، هالاڻو: هلڻ، وفات ڪرڻ، دنيا ڇڏي وڃڻ): موت/ وفات جو وقت / سڪرات.

**هَلاءِ چَلاءِ:** وِڪرو/رواج/چلتو/شين جو استعمال.

**هَلت چلَت:** آتـي وڃـي/ راهہ رسم/ هالـوچـالـو/ رويـو/ ورتـاءُ / چـال. مثال:

هلت چلت حبيب جي، هاڻي هنجهہ هنيا. (واحد بخش جوڻيجو)

**هَلَٽ سَلَٽ:** (هلٽ: نار هُرلي جو سارو سامان/ - سلٽ : هارپ جي ڪم جو مڪمل سامان. مثال:

سـي لاڳاپا لـوڪ جا سـاڙيان سي سلٽ (غلام محمد شاهہ متعلوي): ڳانـڍاپـا/ واسـطـا/ گهر جـو سـارو سـامـان / لـڳ لاڳـاپـا.

**هَلچارو هُلچو:** هُل /هنگامو/ گوڙ/ شور/غوغاءُ/ ڌڇو/ ڌمچر.

**هلَڪار هونڪار:** هـڪـل/ آواز/ هـوڪـر/ هـوڪِـرو/ رڙ/ هـوڪـو.

**هلـڪـو تـرڙو:** هـلـڪـي طـبـيعتوارو/ تـُـوٽ/ تـَـرو/ بيهودو. LIGHT-HEARTED

**هلڪو/ هلڪڙو هورڙو:** هورڙو: هلڪي مزاح وارو/ ترڙو/ توٽ.

**هلڪائي هورڙائي:** هلڪائي: ترڙائي، مثال:

هـلـڪـائي ڇڏ هـورڙا، تـي ڳـورو مـنـجـهـہ ڳـڻـن (شاهہ محمد ديدڙ): ترڙائپ / هلڪڙائپ.

**هَـلندي پـڄندي:** رَهائي/رسائي/ اثر/ رسوخ/ مانُ مرتبو. مثال:



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

وڏي هلنديءَ پچنديءَ وارو آهي.

**هلڻ ٽلڻ/ ٽلڪڻ:** سهڻي نموني هلڻ/ موهيندڙ انداز ۾ هلڻ/ ڍنگ سان پنڌ ڪرڻ/ مور وانگر ٽلڻ/ خوش رفتاري.

**هَلڻ چَلڻُ:** ڪُهمڻ/ ڦرڻ/ دلڪش انداز ۾ هلڻ. مثال:

(١) هلڻ چلڻ حبيب جو، ڪرِ ڍُرڪڻ ڍيلن ڍار

(موسو مُنڌير لاشاري)

(٢) بيماريءَ کان پوءِ مس مس وڃي هلڻ چلڻ جهڙي ٿي آهي.

**هلو هلان:** ڪاهه/ جُلهه/ حملو.

**هلهڙو ڦهلڙو:** ڦلهو/ لِلهو/ ڍرو/ لِڳڙو.

**هلي چلي:** (هلڻ چلڻ: پيش اچڻ/ ورتاءُ ڪرڻ): چال/ چالو/ هالو چالو/ هلت چلت.

**هلي ملهي:** شاباش مجيس! هلندو رهي! ڳاهه ڳاهڻ وقت ڏاندن کي هلڪڻ جو آواز (هلڻ ملهڻ: پاڻ ملهائڻ).

**هر هور/ هوري:** (هر: ڏک - هور: ڳڻتي): غم گوندر/ ڳاراٽو (ڳرڻ: وڃهلڻ) هُرڪُر/ اوسيڙو/ فڪر/ انديشو. مثال:

(١) ڇڏئو جن ينيور ڇپر تن کي چاڙهي
هر غم لٿس هور، وڃي ڪيچ قراريون

(سلطان الاولياءِ خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو)

(٢) مليو منارا اچ مون کي لٿا هر هور سڀ "حامد"
فسادي ڦتني فاسق سو، جاهل چوڪري جُهڻ جُهڻ
(حافظ حامد)

**هَرُ هولُ:** (هر: ڳڻتي - هول: خوف/ ڊپ): هراس/ ڌهڪاءُ/ دهشت / خطرو/ ڀُوت. مثال:

تنين هر نه هول، هنهين هن جهان ۾. (مين عيسي)

**هماڙ/ همهاڙ هڙئي:** سڀ/ ڪُل/ هڙيئي/ سڀ جا سڀ/ جملي/ ڪل ئي.

**همت مردانگي:** جرئت/ دليري/ بهادري/ توفيق/ مڙسي/ سورهيائي.

**همت وارا هوشوءِ پارا:** (جرنيل هوش محمد شيدي عرف هوشو شيدي، سنڌي لشڪر جو سپهه سالار جيڪو سنڌ کي بچائڻ خاطر انگريزن خلاف جنگ لڙندي شهيد ٿيو هو):



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو شوءِ جهڙا بهادر/ سورهيه/ سرويچ، مثال،

همت وارا هوشوءِ پارا جوڌا ۽ جهولجهار. (تاجل بيوس)

**همدل همرغم:** (همر دل: ساڳي دل رکندڙ - همرغم: ساڳيو غم رکندڙ)؛ رازدان/ دوست/ پيارو/ دل وارو/ ڏولڻ / سڄڻ.

**همدم همڪلام:** (همر دم : همر : ساڳيو + دم: دوست)؛ ساٿي/ ساٿوڙي / يار، مثال؛

الوداع اي دوستان، همراز، همدم همڪلام

ڪيو اسان جي سير بُستان جي زماني اختتام

(غلام احمد نظامي)

**همراز همدم:** رازدان / دِلي دوست / ساٿي / يار. مثال؛

شل "نظامي" سان ملين همراز همدم، همر خيال،

• عشق الفت سوئهن ۽ سينگار جون ڳالهيون هجن!

(غلام احمد نظامي)

**همسفر همعصر:** (همسر: ساڳيو سر رکندڙ - همعصر ساڳي زماني جو يعني ساٿوڙي)؛ جيڏو/ هڪجيڏو/ سرتو / جوڙ جيس / ساٿي / هڪ جيڏو.

**هنبت / هنبس ڦوسڙو هلڪڙو :** ٽرڙو / ٽَرُو / ٽِرٽِريو / هلڪي مزاج جو / ڪِرڪِريو (ڪِرڪِر ڪندڙ)/ ڪِهپيرو /ڪهپي ڪندڙ).

**هنبوچي هنبوشي:** (هنبوچي: ناچ جو هڪ قسم - هنبو: گوڙ/ ڌمچر / نچڻ ڪڏڻ جو آواز)؛ دهل جي تار تي نچڻ جو هڪ نمونو / تاڙيون وڄائي، هٿ چڻدي نچڻ جو قسم / نچڪارو.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**هنڌين ماڳين / ماڳئين:** هر هنڌ / هرجاء / جتي ڪٿي / هر جڳهه / جاڏي ڪاڏي، مثال:

(۱) سندس هاڪ هنڌين ماڳئين پيئي هلي،

(۲) هنڌين ماڳئين منهنجو ڦري ٿو فرمان!
(وقت چوي: آءٌ بادشاهه)

(۳) سما تنهنجي سونهن جي، آهي هنڌين ماڳئين هوءَ:
(مصري شاهه)

(۴) هنڌين ماڳئين هوڪ آ، محبن جي مقال
(پير شاهنواز عارف المولئي)

(۵) ڪُلي ويا خوشبوءِ جا هنڌين ماڳئين هٽ
(پيرشاهنوار عارف المولئي)

(٦) مُنهن موتين چانئيا، ڳاديءَ ڳاڙها گل،
هنڌن ماڳين هليا، هو هو سندا هل،
احمد چار امل، عالم کي اُجاريو
(پيرشاهنوازعارفالمولئي)

(۷) هنڌين ماڳين هاڪ، وهه واهه منهن جي ملڪ جي
(رحيم بخش قمر)

(۸) ڪو زمانو هو جڏهن شيخ اياز جي قومي گيتن جا هنڌين ماڳين هل هوندا هئا. (تاجل بيوس: جڏهن ڀوَن ٻٽي)

(۹) زباني يارءِ ناني، هنڌين ماڳين گهٽا گهاتا.
”بيراڳي“ ڪين ڇڏ جاني، منو منٺار ڪو ڏسجي (بيراڳي)

(۱۰) پنهنجا هيل پون، هنڌين ماڳين هوڪرا (خاڪي جويو)

(۱۱) بجلي تنهنجي ناهه برابر، هنڌين ماڳ هڪل،
(هدايت علي فقير رِڏ)

**هِنڊڙو بندرو:** ڊِمي / ڊينب/ ڊينبڙو/ رِگهتو/ گُڪو / چامڙو / بندرو.

**هنڊائتو سَيبائتو:** هنڊائڻ جهڙو / سيبائيندڙ / ڀهرڻ جهڙو.

**هُنراٿو هنريلو:** هنر وارو / هنرمند / ڪاريگر.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

(٢) هيڏو هھڙو هيترو، قادر ڪيمَ چون،
(مخدوم عبدالرحيم گرھوڙي)

**هيڏيون ساريون:** وڏيون/گھٽيون ساريون/اڪيچار/ ڪوڙ ساريون. مثال:
توکان ويون ڇو وسري، مون کان نٿيون سي وِسرن،
هيڏيون ساريون هي سھڻا آهن پنھنجون آڪاٽيون (علي گل سانگي)

**هيرَ دلِـڏير:** (هيـر: ٺـڏڙي هوا - دلڏير: دل کي ڏير (يا فـرحت ڏيندڙ): ٺڏري مٺڙي هوا / ڏکڻ طرف جي ٺڏڙي هوا / هانو کي هيريندڙ هوا ، مثال:
واهه واهه ڏکـڻا! تـنـهـنـجـي هـيـر لـڳـي آ
هـيـر لـڳـي آ، دلـڏيـر لـڳـي آ (ڳيچ)

**هيرا جواهر:** موتـي /لعلون. مثال:
(١) مھر پريو مهراڻ جنھن ۾ هيرا جواهر جام صدين کان!
(ابراهيم منشي)
(٢) ٻنسر منھنجي گھڙي آهي، هيري جواهر سان جڙي آهي (ڳيچ)

**هيرا جوهر:** جواهر / موتي / ماڻڪ / قيمتي پٿر / لعلون. مثال:
هـيـرا جـوهـر مـُـنـهـن ۾، لبين لال لڳاس (بلوچ پيلائي)

**هيرا ڦوٽاٽا:** (ڦوٽاٽا: ڦـٽڙ / ڦوٽ پوڻ): گـھاريون / ٽڙار/ ڪنوارتن پاران گـھوٽين تي خوشي وچان ڪيل ڪچا چرچا / چرچي جا گيت / سـوهـلا / سـٺـا.

**هيرا ڦيرا:** (هيرڻ ڦيرڻ): گردش/ دؤرو/ هير ڦير.

**هيرا لعل:** ماڻڪ / موتـي / جـواهر / قيمتي مٽيا. مثال:
ويـاسـي ويـنـجـهـار، هيرو لعل وِنڌين جي (شاهه)

**هيرا موتي:** لعل / جواهر /ماڻڪ. مثال:
(١) مـورک گند جـي ڍير منجهان تون
هـيـرا مـوتـي مـور نـہ ڳـول (کيمچند شرما)
(٢) هـيـرا مـوتـي هنر هزارين چولي تي چمڪار هئا.
(سکھڙ محمد صادق ٺهيم)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣) هيـــرا مـــوتي جو پـــلا شـــرمـــايا؟
ڪو ڦڙو ماڪ جو چمڪيو هـوندو (هري درياني دلگير)
(۴) سوچي لهج سمنڊ ۾، هيرا موتي لال (راضي فقير رند)

**هِيرا هارِ:** (هار: هيرن جا هار): موتي / ماڻڪ / لعلون/جواهر. مثال:
مـوتـي اسان کي ميـهـڻو. هـيرا هار حرام (مصري شاهہ)

**هيرا هُدرا:** زبـاني جهيڙو / آڏيون / ابتيون ورنديون / بحث / تڪرار.

**هيرائڻ هرڪائڻ:** لاڇائڻ / ڏتارڻ / دولاب ڏيڻ / هير يا عادت وجهڻ.

**هيرايل هيراڪ:** عادت پيل/ ڪنهن علت ۾ ڦاٿل. مثال:
هيڪ هيڪاندا همدم هـوءِ جي، هِتڙا سي هيرايل هيراڪ
(مصري شاهہ)

**هيرو لعل:** مـوتـي / مـاڻـڪ / قـيـمـتـي مٿيو. مثال:
هـيرو لــعــل جـواهــري، قـبـي تـي جـڙيـل آ
قـبـو تــہ ســيــد جـو هزاري، مون کي وڻيل آ (ڳيچ)

**هيڙوهيڙو هُوڪريا:** (هيڙڻ هوڪرڻ: چيڙائي ڇتو ڪرڻ): چيڙائڻ جا لفظ / نفـرت جا لفظ/ ڪنهن کي ڪنڊم CONDEMN ڪرڻ جا لفظ. IN SULTING EXCLAMATION

**هيسَ ريسَ:** (هيسڻ ريسڻ: ساڙ ڪُرڻ): حسد/ ســاڙ/ جَل (جلڻ) پچ (پچڻ).

**هيسڻ هيسائڻ:** ڊپ ڏيڻ / ڪنبائڻ/ ڊيڄارڻ. مثال:
.... هارين کي هيسي اڃا وينو وڏيرو.
سيد سويرو لهہ ڪا سار سنڌين جي
(پير شاهنواز عارف المولي) : حسـد ڪرڻ / حسد وچان
ڊيڄـارڻ / ڊپ ڏيـڻ / ڊيڄاري ساڙ پـاڙڻ.

**هيڪ هيڪاندا:** ڳڏ / ساڻ / پاڻ سان. مثال:
هيڪ هيڪاندا همدم هوءِ جي، هِتڙا سي هيرايل هيراڪ
(مصري شاهہ)



www.sindhsalamat.com                                                    books.sindhsalamat.com

**هيڪل هڪڙو:** اڪيلو / اڪيلي سر / پاڻ وهيٽو / اڪيلو ڇٽو.

جـــڳ ۾ آهـــي جـــوڙ وجـــوڙو،
هـــيـــڪـــل هـــڪـــڙو هـــاري آهـــي (تاجل بيوس)

**هيڪل وسورو هيڪلو:** اڪيلو / اڪيلو ڇٽو / اڪيلي سر / پنهنجي سر / سِر جي بلا سِرَ سان.

**هِيلو ٻَهانو:** (هيلو: سڏ / آواز - ٻهاني سان ٿي ڪنهن کي سڏبو آهي، مثال:
هيلي رزق ٻهاني موت!: وس / ڪوشش.

**هيِلو وسَيلو:** ذريعو / واسطو / ڪوشش / وس/ سبب.

**هينئا هينئر:** هاڻ / هاڻي / هاڻي جو هاڻي / هن وقت / هن دفعي.

**هِيٽو ڏِڪي وهيٽو:** ڪمزور / پيرسن / ٿوري ٿي ڏڪي سان ڪري پوندڙ / ضعيف / نبلُ.

**هيارهيرَ:** هِنئر / هن وقت. مثال:

ويـئـــــو پُڇين پر، ڪر ڪا هيـــــار هـلڻ جي،
اڄ آديـــسـيءَ مَـرُ، صـبـاح مـرنـدو سـيـڪـو
(شاهه: سُر رامڪلي):

هينئـر / هاڻ / هاڻي / هن مهل / هيـئار / هاڻي جو هاڻي.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

# ي

## (لفظن جا جوڙا : 35 – ڪل لفظ: 70 )

**ياجُوج ماجُوج:** يافت بن نوح جي ٻن پٽن جا نالا. اصطلاح ۾ معنيٰ: بدمعاش / فسادي / واهيات / لُـڦنگا / شودن جو جوڙو.

**يادگيري ياد آوري:** ساروڻي / سانير / حافظو / سنڀار.

**يار ٻيلي:** (ٻيلي: ٻيل / ٻيلهه / گڏ هوندڙ): دوست / ساٿي / مددگار / هـٿ ونـڊائـيـنـدڙ.

**يار پيارو:** دوست / ساٿي / ساٿوڙي / هٿ ونڊائيندڙ. مثال:

ڪيئن پيرا محبت جو پرم يارن پڳو آهي –
مـگـر پـوءِ پي وڌو ويساهه آ يارن پيارن ۾
(محمور ميرانپوري)

**يار دمساز:** دمـسـاز: مـوافـق FONCORDAND دوست / مـددگـار / سـنـگـتـي / رفـيـق مـثـال:

جو ٻـــ مليـو سو مطلب جوئي مليو.
نـــ مِـلـيـو ڪـو حقيقي يار دمساز (حيات شاهه حافظ)

**يار دوست:** ساٿي / حامي / مددگار / سنگتي / ساٿي / حمايتي.

**يار دوستار:** همراهه / ساٿي / مددڪندڙ / آشنا / پيارو.

**يارغمتار:** (غمتار: غم ٽاريندڙ): هڏڏوکي / ساٿي / سنگتي / دوست / غم غلط ڪندڙ.

**يار غمگسار:** (غم گـسـار: غم ٽار): ســاٿي / سنگتي / دوست / رفيق / مددگار / ساٿوڙي.



www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

**يار مددگار:** ٻيلي / ساٿي / حامي / حمايتي / سنگتي.

**يار ياور:** (ياور: معاون / مددگار)؛ دوست / ساٿي / معاون / ٻانهن ٻيلي / سنگتي / ساٿوڙي. مثال:

اڄ امان منهنجي ابي جا يار ياور سڀ هليا،
يائر يائيا ياٿج دوست دلبر سڀ هليا (ثابت علي شاهه)

**يارل پيارل:** (يار: تصغيري صورت: يارل-پيارو: تصغيري صورت: پيارل)؛ پيارو / دوست / سنگتي / ساٿي / دلربا / محبوب.

**يارو ناٿو:** معمولي حيثيت وارا / رواجي ماڻهو / خسيس ماڻهو / غير اهم / معمولي حوصلي وارو ماڻهو. مثال:

(١) يارُو ناٿو ٻه ٽاچور وٺن؟ (چورن کي پڪڙڻ ڪنهن همت واري جو ڪم آهي.

(٢) يارو ناٿو سمجهي کين نظرنداز ڪري ڇڏيائون.

**ياري باشي:** دوستي / سَنبنڌ / لاڳاپو / ڄاڻ سُڃاڻ. مثال:

ياري باشيءَ ۾ اهو ڪم ٿي ويندو!

**ياري دلداري:** دوستي / سات / لاڳاپو / سنبنڌ / آشنائي / ياراڻي.

**ياري دوستي:** سنگت / لاڳاپو / ياراڻي / آشنائي / تعلق.

**ياري غمگساري:** دوستي / آشنائي / سنگت / ياراڻي / لاڳاپو.

**ياس حسرت:** (ياس: نااميدي) نراسائي / مايوسي / ڳڻتي / ارمان. مثال:

(١) الم غم ياس حسرت ۾ ستائجي ۽ جلائجي،
اها دلدار جي ناز وادا ناهي ته ٻيو ڇاهي؟
(هزار خان مجاهد)



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

(٢) ويو اُجهامي آ عجب اڄڪلهه محبت جو چراغ،
روز ٿو روشن ڏسان مان ياس حسرت جو چراغ
(حافظ بجاراڻي)

**ياڪي باغي:** ڦِريل / لاغرض / بي پرواهه / بغاوتي / ڦڏائي / بيپرواهه.

**ياڪڙيو واڪڙيو:** (ياڪڙيو: يڪڙ/بڪواتي - واڪڙيو: واڪڙ واڪڙ ڪري ڳالهائيندڙ / واترو): وات راڍو/ بڪواسي/ جهيڙاڪ/ يخور هٺندڙ / گهٽو ڳالهائيندڙ.

**ياور يار:** دوست / سنگتي / مددگار/همراهه/ساٿي/حمايتي، مثال:
(١) ياور يار يتيم جو آ مير محمد ڄام (نانڪ يوسف)
(٢) "طالب مولا" تنهنجو آهي، ياقي ياور يار يگانو يڪدل
(مخدوم محمد زمان طالب المولٰي)

**ياوَر ياڪِي/ ياقي:** (ياقي: ياڪي: باغي / ڦِريل): لاغرض (دوستَ)/ لاپرواهه (سنگتي)ساٿي/ دوست/ بيپرواهه. مثال:
پل سهسين سڪن سنسار ۾ پر،
هڪ ياور ياقي يار ڪبو. (پير شاهنواز عارف المولٰي)

**ياوَر يگانا:** (يگانو: نرالو / علحدو): دوست / مددگار / ساٿي/ سنگتي/ حمايتي / حامي، مثال:
ياور يگانا يڪدل، پنجتن نور نظارو ٿي، (نانڪ يوسف)

**يتيم ڇورو / يتيم ڇورا:** ڇورا ڇنا / لاوارث / جن جو پيءُ ماءُ مري ويا هجن / سنڀاليندڙ ڪانسواءِ، مثال:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـنـي مير مرسل جو ٻيو مٽ ڪير آهي؟
يـتـيـمـن ڇورن کي تو پيغمبر پرچائي؟
امـانــت الله کـان اوهـان کـي مـلـي (راضي فقير رند)

**يٽ زَٽ:** ڪُوڙ/ ڊاڙ / ٻٽاڪ/ مبالغي آميز ڪوڙ / وڏائي ڪيل ڳالهه/ لٻاڙ.

**يَٽَ شَٽَ:** ڊاڙو ڊشو / ڇرچو پوڳ / ڊاڙ ٻٽاڪ / ڪلائيندڙ ڪوڙ / گپ شپ / ڪل مسخري.

**يٽائي زٽائي:** زٽر / ڪوڙ هڻندڙ / ڊاڙي / ٻٽـاڪي / گـوڏا ڪـوڙي ڪوڙ هڻندڙ / يٽلي / زٽلي / زٽ هڻندڙ / لغڙباز.

**يڪدم هڪدم:** يڪايڪ / تهه پهه / جهٽ پٽ.

**يڙقول يقوڙ:** (يق: تمام پوڙهو - يقوڙ: تڪبيري صورت): جهور / ٻُڍو/ ڪُراڙو/ تمام پوڙهو / ضعيف / ڏٻرو / جهونو.

**يڪو باشو:** يڪو: تاس جو تيرهيون پتو جنهن کي هڪ ٽِبڪو هجي. هي پتو، پتن جي راند ۾ سيني-پتن تي حاوي هوندو آهي.

**يڪو سارو:** سڄو سارو / سمورو / سرسبتو / سڄي جو سڄو

**يڪڙ بڪواتي:** (يڪڙ: يکي / يخي هڻندڙ: بڪواتي): گهڻو ڳالهائيندڙ / يخي هڻندڙ /يخور هڻندڙ

**يلان قلان:** يڪوڙ / يڪڙ هڻندڙ / بڪواس ڪندڙ

**يهودي عبراني:** عيسائي / مسيحي / عبران جو اولاد / نُصراني / حضرت عيسيٰ جا پوئـلـڳ.

**يهودي نصراني:** عيسائي/مسيحي/ حضرت عيسيٰ جو پوئلڳ / عبراني.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# BIBLIOGRAPHY ببليوگرافي

**FEROZ SONS:**

(1) ENGLISH - URDU DICTIONARY FEROZSONS LTD: LAHORE, 8TH EDITION, 1964

**PARMANAND MEWRAM:**

(2) A NEW ENGLISH - SINDHI DICTIONARY. INSTITUTE OF SINDHOLOGY, SINDH UNIVERSITY, JAMSHORO. FIRST EDITION: 1933 - SECOND EDITION.

(3) SINDHI - ENGLISH DICTIONARY. INSTITUTE OF SINDHOLOGY SINDH UNIVERSITY. FISRT EDITION: 1910 - SECOND EDITION. 1976.

**ROCHIRAM GAJUMAL:**

(4) A HAND BOOK OF SINDHI PROVERBS. HINDOSTAN PRINTING WORKS, NICOL ROAD, KARACHI 1935.

**SHAHANEY, ANANDRAM, T:**

(5) THE SINDHI - ENGLISH DICTIONARY, SCHOOL & COLLEGE BOOK STALL, GIRGAUN ROAD, BOMBAY - 2. 5TH EDITION.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**SUNDRA RAJAN:**

(6) ENGLISH THE BASICS ... A VOCABULARY HAND BOOK. PAN PACIFIC PUBLICATIONS LTD: 488. TANGLIN HALTROAD SINGAPORE 0314. ISBN 9971 - 63 - 852.

**THE CONCISE OXFORD DICTIONARY OF CURRENT ENGLISH:**

(7) EDITED BY J.S. SYKES. OXFORD; AT THE CLARENDON PRESS. SEVENTH EDITION. 1982.

**THE ENCYCLOPEDIA AMERICANA:**

(8) INTERNATIONAL EDITION COMPILED IN THIRTY VOLUMES, FIRST PUBLISHED IN 1829. GROLIER INCORPORATED INTERNATIONAL HEAD QUARTERS. DANBURY CONNETICUT 06816.

**THE NEW BOOK OF KNOWLEDGE,VOLUME17:**

(9) GROLIER INCORPORATED, DANBURY, CONNECTICUT.

**VOCTORIA FROM KIN/ROMA ROBERT:**

(10) AN INTRODUCTION TO LANGUAGE HOLT - SAUNDERS INTERNATIONAL EDITION THIRD EDITION PRINTED IN JAPAN, 1983.

**WE BSTERS NEW WORLD DICTIONARY OF THE AMERICAN LANGUAGE:**

(11) WARNER BOOKS - P. O. BOX: 620, NEWYORK. SECOND EDITION 1984.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**آڏواڻي، پيرومل مهرچند:**

(١٢) تيار ڪندڙ: "گلزار نثر" ڇاپو پهريون ١٩٢٩

(١٣) "گلقند": (ٻاگو پهريون ۽ ٻيو) ١٩٢٤-١٩٤٠ع

**آڏواڻي، ڪلياڻ:**

(١٤) مهتمم: "شاهه جو رسالو" - هندستان ڪتاب گهر، بمبئي، ڇاپو پهريون، ١٩٥٨ع

**آڏواڻي، ڪيولرام سلامتراءِ:**

(١٥) "گل شڪر" - سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ڇاپو ستون. ١٩٧٨ع.

**"اجمل" اجمل بيگ-ق، مرزا:**

(١٦) مرتب "ڪليات حيدري" ڇپائيندڙ: رئيس مرزا ذاڪر حسين بيگ، ٽنڊو ٺوڙهو، قليلي، حيدرآباد، دفعو پهريون ١٩٨٤ع.

**"احسن" حافظ محمد:**

(١٧) "ديوان احسن سنڌي" ڇپايل: ويڙهو مل ڪتڻ مل، پبلشر - بڪ سيلر، لاڙڪاڻه سنڌ ١٩٣٣ع.

**"اسد"، اسد الله شاهه ٽکڙائي:**

(١٨) "تذڪره شعراء ٽکڙ" - سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي - حيدرآباد، ڇاپو پهريون ١٩٥٩ع.

**الانا، غلام علي، ڊاڪٽر:**

(١٩) "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي - انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ١٩٧٩ع.

**"انصاري"، عثمان علي:**

(٢٠) مرتب: "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" ناشر: سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، ڳاڏي کاتو، حيدرآباد ١٩٨٠ع.

**اياز، شيخ:**

(٢١) "ٽڪر وليون" (شاعري) - نيو فيلڊس پبليڪيشن ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ پهريون ايڊيشن ١٩٩٢ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ايبر، امين آڏيرائي:**

(٢٢) چونڊيندڙ: "غزلن جو انتخاب" - داتا بڪ سينٽر، ريشم بازار حيدرآباد.

(٢٣) چونڊيندڙ: "شعرن جو گلدستو" (سنڌي بيت بازي) - داتا بڪ سينٽر، ريشم بازار، دفعو پهريون.

**بدوي، لطف الله:**

(٢٤) مرتب: "ڪنڊڙي وارن جو ڪلام" سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو حيدرآباد ڇاپو ٻيو ١٩٨٣.

**"بلبل"، شمس الدين:**

(٢٥) "ڪلام بلبل" (مرتب: غلام محمد گرامي)- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٩ع.

**بلوچ، زنگيجو، عنايت الله:**

(٢٦) "لاڙائين جون لاتيون" - ڪنڙي، ترپارڪر.

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر:**

(٢٧) مرتب: "ٻيلاين جا ٻول" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(٢٨) مرتب: "مَنيهه اکريون"، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي / حيدرآباد سنڌ، ڇاپو: پهريون ١٩٦١ع.

(٢٩) مرتب: "جامع سنڌي لغات" جلد اول (ا-ٻ) سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي / حيدرآباد، ڇاپو پهريون ١٩٦٠ع/١٣٧٩هه

(٣٠) مرتب: "جامع سنڌي لغات" جلد ٻيو (ٻ-ڇ) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد / ڄامشورو. ڇاپو پهريون، ١٩٨٠ع / ١٤٠١هه.

(٣١) مرتب: "جامع سنڌي لغات" جلد ٽيون (ڇ-ز)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو / حيدرآباد. ١٩٨٤ع/ ١٤٠٤هه.

(٣٢) مرتب: "جامع سنڌي لغات" جلد چوٿون (س-ڪ) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو / حيدرآباد، ڇاپو پهريون ١٩٨٥ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳۳) مـرتــب: "جامع سنڌي لغات" جلد پنجون (ک-ي)
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد ڇاپو پهريون
۱۹۸۸ع/۱۴۰۸هه.
(۳۴) تحقيق و تصحيح: "خليفي صاحب جو رسالو" سنڌي
ادبي بورڊ، حيدرآباد. دفعو پهريون ۱۹۶۶ع.
(۳۵) تـحـقـيـق ۽ تـصـنـيـف: "سنڌي سيـنـگار شاعري"
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامسورو/حيدرآباد. ڇاپو پهريون،
۱۹۸۶ع/ ۱۴۰۶هه.
(۳۶) تصحيح: "شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام" انسٽيٽيوٽ
آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ،
ڇاپو پهريون ۱۹۶۸ع.
(۳۷) مرتب: "ڪافيون" جلد پهريون - سنڌي ادبي بورڊ،
حيدرآباد. ڇاپو پهريون. ۱۹۸۵ع
(۳۸) مرتب: "ڪليات حمل"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد
سنڌ. پهريون ايڊيشن.
(۳۹) مرتب: ڳيچ" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ڇاپو
پهريون ۱۹۶۳ع.
(۴۰) مؤلف: "مداحون ۽ مناجاتون." سنڌي ادبي بورڊ
ڪراچي / حيدرآباد، ڇاپو پهريون ۱۹۵۹ع
(۴۱) مرتب: "معجزا" سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي / حيدرآباد.
ڇاپوپهريون ۱۹۶۱ع.
(۴۲)تحقيق و تصحيح: "مبين شاهه عنات جوڪلام" - سنڌي
ادبي بورڊ، حيدرآباد دفعو پهريون ۱۹۶۳ع.
(۴۳) مؤلف: "واقعاتي بيت" - سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي /
حيدرآباد، ڇاپو پهريون ۱۹۶۱ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴۴) مرتب، "هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا" سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي / حيدرآباد سنه ۱۹٦۱ع.

**"بيدار"، عمرالدين:**

(۴۵ )"ماحول جي مهرباني" - تحريڪ تعمير ادب، حيدرآباد ۱۹٦٦ع.

**"بيوس"، تاجل:**

(۴٦) "جڏهن پُونءِ بٽي" - سنگم پبليڪيشن ڪراچي / حيدرآباد ڇاپو پهريون ۱۹۸۲ع

(۴۷) "سنڌ منهنجي امان" سنگم پبليڪيشن، ڪراچي- ۸ پوسٽ باڪس نمبر ۱۲۰۷۱ ڇاپو پهريون ۱۹۷۹ع.

**"بيوس"، ڪشنچند:**

(۴۸) "شيرين شعر" سندر ساهتيہ آفيس ڪراچي، سندر پريس، گاڏي کاتو، ڪراچي ۱۹۴۷ع.

**ڀاٽيہ، جهامنداس، پروفيسر:**

(۴۹) "سائين قطب شاهہ" - ڇپائيندڙ: ميسرس خوبچند اينڊ سنس، بڪ سيلرس اينڊ پبلشرس، شڪارپور سنڌ ڇاپو پهريُون - ۴۷-۱۹۴٦ع.

**ڀٽي، مقبول احمد:**

(۵۰) مرتب: "ڪليات مصري شاهہ" - ناشر: مصري شاهہ ميموريل ڪوآپريٽو ڪائونسل، نصرپور، ۱۹٦۱ع.

**ٻيگت، هرداراماڻي، گهنشامداس رامنداس ويٺل پڌ عيدن جو:**

(۵۱) "سنڌي ٻوليءَ جي سونهن" - ۱۹۱۰ع.

**تاج محمد، آغا، خان صاحب:**

(۵۲) مرتب: "سنڌي نصاب" (مئٽرڪيوليشن لاءِ) آر - ايچ - احمد اينڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد سنڌ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ٽالپور، الهہ بخش:**

(٥٣) "ڀھاڪن جي ڀيڙهہ" آر - ايچ - احمد برادرس، حيدرآباد، دفعو ڀهريون ١٩٦٩ع.

(٥٤) "راضيءَ جو رمزون" فردوس پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، دفعو ٻيو. ١٩٦٣ع.

**"ٽڪڙائي" حامد، حافظ، حاجي:**

(٥٥) "ارمغان حامد" -

**ٺاروشاهي "واقف"، عبدالله، حاجي:**

(٥٦) ڪليات واقف" (قلمي)

**"ثنائي"، ثناالله، مولانا:**

(٥٧) "ملو ۽ موالي": مولوي عظيم ائنڊ سَنس، شڪارپور

**جڳتياڻي، لعلچند امرڏنومل:**

(٥٨) "مسافري جومزو ۽ سير جو رنگ" ٽيون ماهوار رسالو ١٩١٥ع.

**جوڻيجو، عبدالجبار:**

(٥٩) "لاڙ جي لغات" - زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ڀهريون ١٩٧٥ع

**جويو "خاڪي"**

(٦٠) آزاد گهرجي وطن" (طويل نظم) ١٩٧٣.

(٦١) "آسڻ جن اريج "(ڊگهو نظم)- سرس سنگت، لاڙڪاڻو، ڇاپو ٻيو ١٩٨٥ع.

(٦٢) "ايءُ خاڪي جو خيال" مارئي اڪيڊمي، سڪرنڊ سنڌ- ڀهريون دفعو، ١٩٨٢ع

**چنڻاڻي، نهالچند ريواچند ۽ ٻمپاڻي، نارائڻداس ميوارام:**

(٦٣) "ادبي گلشن" (ٻاگو ٽيون) ايل- دوارڪاداس ۽ بردرس، بڪ سيلرس ۽ پبلشرس بندر روڊ ڪراچي، ڇاپو ڀهريون ١٩٤٥ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**حافظ شاهه، سيد:**

(٦٤) "ديوان حافظ" - دفعو ٻيو ١٩٥٠ع

**"حامي" عطامحمد، ڊاڪٽر، پروفيسر:**

(٦٥) "نينهن جا نعرا" - ڪافي پبليڪيشن، ٧٩- سي، اسٽاف ٽائون، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي سنڌ، ڇاپو پهريون ١٩٨٣ع.

**"حقير"، ابن مگڻ، حاجي:**

(٦٦) "صد ليلة عُرف هڪ سؤ راتيون" (هڪ سؤ راتين مان ايڪنيهن راتين جو احوال) ايڇ- احمد انڊسنس، پبلشرس بڪ سيلرس شاهي بازار حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پهريون.

**خاصخيلي، "مومن، "جمالدين:**

(٦٧) مرتب "سخن صابر" - مومن پبليڪيشن، جتوئي نوان، دفعو پهريون ١٩٨٧ع.

**دائود پوٽو، عمر بن محمد، شمس العلماء:**

(٦٨) "ابيات سنڌي" (سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو) - سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي دفعو پهريون ١٩٥٦ع.

(٦٩) سوڏيندڙ ۽ سنواريندڙ: "شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" - ناشر: شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪميٽي، ڀٽ شاهه، دفعو ٻيو. ١٩٧٧ع

(٧٠) مؤلف: "ڪلام عبدالرحيم گرهوڙي" - پاران: سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي دفعو پهريون. ١٩٥٦ع.

(٧١) "منهن جي آتم ڪهاڻي" - ايضاً.

**دائود پوٽو، "منصور" محمد اشرف:**

(٧٢) "دارو رسن" - ڪاشانہ منصور، ٽلٽي، تعلقو سيوهڻ، ضلعو دادو، دفعو پهريون - ١٩٧١ع.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڏيارام گدومل:**

(٧٣) "سچي جيوت" مهاڳ، "ساميءَ جا سلوڪ".

**.سانگي "عبدالحسين خان، مير:**

(٧٤) "ديوان سانگي" (حصہ اول)- ناشر: مسلم ادبي پريس حيدرآباد - ١٩٥٢ع.

**سپيو، محمد صالح، ماستر:**

(٧٥) مؤلف: "ڪلام محمود فقير ڪتياڻ" سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي / حيدرآباد، ايڊيشن پهريون- ١٩٥٩ع.

**سروري، "محبوب":**

(٧٦) مرتب "يار خاطر" - سلسلۂ اشاعت "محفل سروري" هوسڙي (سال ١٩٥٩ع جو تحفو).

**سمون، الهہ بچايو يار محمد:**

(٧٧) "سير ڪوهستان" سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو / حيدراباد سنڌ. ڇهون ايڊيشن ١٩٨٢ع.

**سمون، محمد قاسم:**

(٧٨) "راضي فقير رند جو رسالو" (حصو پيو) ناشر: ماستر محمد قاسم سمون، پرفيڪٽ پرنٽرس، صدر، حيدرآباد ١٩٨٣.

**سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر:**

(٧٩) "تحقيق لغات سنڌي" ڇاپائيندڙ: اسلم ميان، اسلم منزل، نزد پاور هائوس، لاڙڪاڻو سنڌ، ڇاپو پيو ١٩٥٧ع.

(٨٠) سهيڙيندڙ: "ڪليات شاهہ محمد ديدڙ" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. پهريون ڇاپو ١٩٧٧ع.

(٨١) "ڪليات حاجي خانڻ چنجڻي"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد / ڄامشورو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سومرو، "راهي"، اسحاق:**

(۹۴) مرتب: "وڻجارا" - اداره بزم اڪبر. ميهڙ ۱۹۸۰ع.

**سومرو، "منشي"، محمدابراهيم:**

(۹۵) "وِڳهہ جا وريام" - دفعو پهريون.

**شاهواڻي، غلام محمد:**

(۹٦) مرتب: "رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو عرف شاهہ جو رسالو" - ناشر: آر-ايچ - احمد اينڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد پاڪ ٦۱-۱۹٦۰ع.

**"شوق"، نوازعلي، ڊاڪٽر:**

(۹۷) مرتب: سنڌ جا هنر" - ڇپائيندڙ: سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو. ڪراچي، دفعو پهريون، ۱۹۹۰ع.

(۹۸) "گيتن جي گلزاري" (ٻاراڻي شاعري): ڪافي پبليڪيشن ڪراچي، سنڌ ۱۹۹۰ع.

**شيخ، محمد سومار، الله بچايو:**

(۹۹) "تاريخ شعراء لاڙ" - جيلاني پبليڪيشن، بدين سنڌ، ٻيو ڇاپو. ۱۹٦۰ع.

(۱۰۰) "دوها ۽ دونهان"، لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين.

(۱۰۱) (مرتب): "ڪچين جا قول" - سنڌ ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ. ڇاپو پهريون ۱۹۷۷ع.

**ضياءالدين-ايس بلبل، رئيس:**

(۱۰۲) مضمون "جيايي جي چاشني" - سماهي مهراڻ جلد: ۱۱- نمبر- ٦ - جون ۹۱۵۱ع.

**طالب المولى، محمد زمان، مخدوم:**

(۱۰۳) "ڇپر ۾ ڇڙيون" - مرڪزي بزم طالب المولى جو اشاعتي سلسلو، ۳. سول لائينس حيدرآباد. ڇاپو پهريون ۱۹۷۱ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**عارف المولي، شاهنواز، پير:**

(١٠۴) "ڪِشتي، منجهہ ڪٿا - ڪلام عارف المولي" - (ترتيب: ڊاڪٽر اڪبر علي لغاري)- زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ١٩٩۴ع.

**عباسي، الطاف:**

(١٠۵) "جاڙا چنڊ" (شاعري): سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي، لميٽيڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٧٩ع.

**عباسي، تنوير، ڊاڪٽر:**

(١٠٦) مرتب: "ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي" - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد دفعو پهريون ١٩٨٢ع.

**عبدالرزاق عبدالسلام:**

(١٠٧) "جهان آرا" (ناول) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد، ٽئين ڇاپي جو ١١ ايڊيشن، ١٩٩١ع.

**غلام اصغر:**

(١٠٨) "سنڌي ڪنمنڙا عرف اصطلاحات اصغر: آر - ايچ - احمد اينڊ برادرس، بڪ سيلرز شاهي بازار، حيدرآباد، دفعو پهريون ١٩٥٦ع.

**"غمدل" دايو، عبدالخالق، فقير:**

(١٠٩)"گلزار غمدل"حصو پهريون، ڇپائيندڙ: مخدوم غوث محمد عرف فقير منظور علي، طالب گل فقير. پاران: پريم نگر درٻيلو، دفعو پهريون ١٩٨٧ع

**"فاني"، سويراج نرمل داس:**

(١١٠) "خيالي جهلڪا" - ايڊيوڪيشنل پرنٽنگ ورڪس ڪراچي، ١٩۴١ع.

**فقير، چَنَ، جان محمد عرف جاڻڻ:**

(١١١) فقير جان محمد عرف جاڻڻ چن جو ڪلام" ١٩٩۴ع/ ١۴١۴هه.

**فقير، راجڙ، منٺار:**

(۱۱۲) رسالو خدائي" (۱)- سجاده نشين، درگاه منٺار فقير راجڙ - ڪاٺي راجڙ، تعلقو ڪپرو، ضلع سانگهڙ سنڌ پاڪستان ۱۹۸۷ع.

**"فهيم، محمد امين، مخدوم:**

(۱۱۳) "پيغام" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد / ڄامشورو ڇاپو پهيون ۱۹۹۰ع / ۱۴۱۱هه.

**"قادري، "اياز":**

(۱۱۴) "سنڌي غزل جي اوسر" (ڀاڱو پهريون) - انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي

**"قاسمي"، غلام مصطفيٰ:**

(۱۱۵) "شاهه جو رسالو" (ٻن ڀاڱن ۾) - ناشر: بشير ائنڊ سنس، جهونا مارڪيٽ، ڪراچي، ۱۹۵۱ع.

**"قاضي"، علي اڪبر:**

(۱۱٦)"دولهه درازي" - سچل ڪواپريٽو اڪيڊمي لميٽيڊ خيرپور، دفعو پهريون ۱۹٦۱ع.

**"قريشي"، الهجڙيو، پير:**

(۱۱۷) "عشقيه تحفو" - نويد بڪ ڊپو، گاڏي کاتو، حيدرآباد ۱۹۳۳ع.

**"قلبي"، گل محمد:**

(۱۱۸) "واس وٺن وينجهار": ايچ - احمد ائنڊ سنس، پبلشرس ائنڊ اسٽيشنرس، شاهي بازار، حيدرآباد، دفعو پهريون ۱۹۷۷ع.

**"قليچ بيگ"، مرزا، شمس العلماء:**

(۱۱۹) "سنڌي ويا ڪرڻ" (ڀاڱو ٻيو) - سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو ٻيو. ۱۹۷۱ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**"قمر"، رحيم بخش، الحاج:**

(١٢٠) "ديوان قمر" - امين ڪتاب گهر، حيدرآباد دفعو پهريون، ١٩٧٦ع.

**"گدائي"، عبدالڪريم:**

(١٢١) "پڪڙا ۽ پنهوار" - ضلع ترقياتي ائسوسيئيشن جيڪب آباد، ڇاپو پهرين ١٩٧٥ع.

(١٢٢) "پٽماني تي پٽمانو" - سورٺ اشاعت گهر، جيڪب آباد. ١٩٧٤ع.

(١٢٣) "ساٿيهہ جا سوُر" - ضلع ترقياتي ائسوسيئيشن جيڪب آباد، ڇاپو پهريون ١٩٦٥.

**"گربخشاڻي"، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر:**

(١٢٤) مهتمم: "شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) ناشر: شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي. حيدآباد. ڇاپو ٻيو ١٩٧٩ع.

**"گل"، گل محمد، خليفو:**

(١٢٥) "ديوان گل" (بمع معنيٰ): سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد سال ١٩٣٣ جو ڪتاب: ٦- ايڊيشن ١.

**گيلاني "اظهر":**

(١٢٦) مرتب: "ڪليات ڪمال" - سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو ١٩٧٩ع.

**"لاشاري"، رشيد احمد:**

(١٢٧) "لطيف باغ جو سير": آر - ايچ - احمد ائنڊ برادرس، پبلشرس بڪ سيلرس، شاهي بازار حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٽيون. ١٩٦٥ع.

**لطف الله، آخوند:**

(١٢٨) "گل خندان"

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book